فلسفي جو ابتدائي ڪورس

جارج پوليزر

محمد ابراهيم جويو

فلسفي جو ابتدائي ڪورس

[اصل فرينچ ٻوليءَ ۾]

www.sindhsalamat.com

فلسفي جو ابتدائي ڪورس

(اصل فرينچ ٻوليءَ ۾)

از

جارج پوليزر

[انگريزيءَ تان ترجمو از محمد ابراهيم جويو]

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

1985ع

www.sindhsalamat.com

Falsafey jo Ibtdai Course - 1st print, 1985
A Sindhi Translation by Mohammed Ibrahim Joyo
of
"An Elementary Course in Philosophy", June 1950,
Sydney, Australia,
(Originally in French)
By Georges Politzer;
English translation
By
Dr. G. P. O'Day, Melbourne, Australia.

Price Rs. [redacted] 40/-

Printed at **Ahmad Brothers Printers Karachi.**
Hyderabad, Sind.
Published by ALI NAWAZ GANGHRO for
ROSHNI PUBLICATIONS, Kandiaro, Sind.

www.sindhsalamat.com

مهاڳ

هيءَ هڪ فلسفي جو ڪتاب آهي، ۽ ترجمي جو ترجمو آهي: ڪٿي ڏاڍو سادو ۽ سولو ۽ ڪٿي ڪٿي ڪافي ڏکيو ۽ ڳُوڙهو: بهرحال، سڄو پوري ڌيان سان پڙهڻ لائق آهي: ان سڄي کي مڃڻُ يا ان سان پورو اتفاقُ به لازمي نه آهي — ڇو ته فلسفو علم ئي ان قسم جو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي نيٺ به پنهنجي تجربي ۽ پنهنجي عقل تي ڀاڙڻو پوي ٿو، ۽ نه ڪتابن ڪنهن مليل يا نصيب ٿيل خبر يا چمتڪار تي. فلسفي جي ٻولي، ٻيءَ هر سائنسي ٻوليءَ وانگر، گهڙيل ڍهيل، تڪيل ۽ تُز هجي ٿي: اُن جو اڳ پيڳ هر لفظ، اُن جي جملن جي ترڪيب ۽ اُن جا دم ۽ وقفا سڀ اهم ۽ بامعنيٰ هجن ٿا. ائين به ڪونهي ته اُن ۾ لفظ لفظ يا جملي جملي تي ٻيهي معنائن جا موتي تلاش ڪجن يا لهجن: بلڪ ٿيڻ ائين کپي ته ڪٿي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته منجهي، نه ٻيهجي، — يا پوئتي وڃي ڳالهه جو پَڙُ آتان ڪٿجي جتان کڄي سگهي، يا اڳتي وڌي وڃجي، ڇو ته ممڪن آهي ته اڳتي وڌڻ سان آها ڳالهه پاڻ ئي کُلي پوي ۽ واضح ٿي وڃي. فلسفي ۾ البت هڪ شيءِ دائما آڏو هجڻ گهرجي ته، جيئن مٿي چيو ويو، انسان لاءِ ڄاڻ جا ۽ ڄاڻ جي سَنَد يا يا صداقت جا وسيلا فقط انسان جو پنهنجو تجربو ۽ انسان جو پنهنجو عقل آهن، ۽ هُن لاءِ ڄاڻ جا سرچشما به فقط ٻه ئي آهن، يعني فطرت ۽ تاريخ، جن جو مشاهدو، مطالعو ۽ ڇڪاس ئي سندس سچو تجربو ۽ جن تي تنقيدي ويچارُ ئي سندس سچي عقل جو عمل شمار ٿين ٿا.

لفظ 'فلسفو' (Philosophy) اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن جو مرڪب آهي: 'فلو' (= ذوق، پسند) ۽ 'سوفيا' (= ڏاهپ)، يعني 'ڏاهپ جو ذوق' يا 'ڏاهپ پسندي'. چيو وڃي ٿو ته لفظ 'ڏاهپ پسند' يا 'فيلسوف' پهريون ڀيرو پائٿاگورس (ق.م 580–500) پاڻ لاءِ ڪم آندو هو، ۽ هڪ خاص علم جي نالي طور، 'فلسفو'، تقريباً ڏيڍ سؤ سال پوءِ، استاد افلاطون (ق.م 347-428) استعمال ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com

اوائلي يونانين جو سچو سماجي شعور (فطرت ۽ تاريخ جو) ديو وارتائي قسم جو (Mythological) هو. مثلاً ڪهڪشان (جنهن کي اسين اڄ به 'آڪاس ندي' يا آن تان تري ويندڙ 'نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو ليڪو' چئون ٿا) آن لاءِ هُنن جي 'چاڻ' هئي ته آهو سندن سورج ديوتا، اپالو، جي پٽ، زيئس، جي ساهيڙيءَ، هيرا ديويءَ، جي ٿڻ مان آدمجي وهيل ٿڃ' جو پٽو هو (جنهن تان ئي، شايد، انگريزيءَ ۾ آن جو عام نالو اڃا تائين به The milky way — کير جو پٽو — هليو اچي ٿو). نيٺ جڏهن ڊيموڪريٽس (ق. م 37-460) ڪين ٻڌايو ته آهو ته رکو تارن جو هڪڙو آننت ميڙ هو، ته ماڻهن وٽي گوڙ ڪيو ته 'ائين چوڻ ته ڪفر هو!' ۽ آنهن جي هڪ ٻئي فيلسوف، اناڪساگورس (ق. م 428-500) جڏهن سچ لاءِ ڪين چيو ته آهو سندن 'خالق ۽ مالڪ' اپالو ديوتا نه پر باهه ۾ وڙهيل پٿر جي اننت چڀ هو، ته ماڻهو هن تي مچرجي پيا ۽ طرحين طرحين هن کي عذاب ڏناڻون — ڇو ته 'ماڻهوءَ' جي ڳالهه 'خدا' جي ڳالهه کان مٿي ڪيئن ٿي!

انهن ئي ڳالهين سبب، ۽ آنهن قديم يونانين يا آهڙن ٻين قديم ماڻهن کي خيال ۾ رکندي، جيڪي اڃا 'انساني' ڳالهه يا 'انساني' ڏاهپ کي ڪجهه نه سمجهندا هئا ۽ 'فوق انساني' ڳالهه يا ڏاهپ ئي آنهن لاءِ سڀڪجهه هئي، نامور انگريز فيلسوف ۽ مضمون نويس، فرئنسز بيڪن (1561-1620 A. D.) کي چوڻو پيو هو ته "اوائلي ماڻهو سچ پچ ته ٻار هئا: اسين نئين دور جا ماڻهو آهيون ۽ بلوغت ۾ قدم رکي رهيا آهيون ...." پر سچ پچ ڳالهه ڪجهه ائين به نه آهي — ڇو ته انساني تجربي ۽ عقل جي سلسلي ۾، بلوغت جو رتبو خاص ڪنهن دور جي انساني نسل لاءِ مخصوص هجي، اهو سوال اڃا جواب طلب آهي — ڇو ته 'انساني' ڏاهپ لاءِ، جيڪا 'فوق انساني' ڏاهپ جي تنقيد بلڪ انڪار جهڙي حق جي دعوا ڪري سگهي ٿي، "انسان لاءِ سڀڪجهه اڃا اڳتي، هُن جي آڪٽ مستقبل ۾ آهي."

www.sindhsalamat.com

جڏهن پائٿاگورس اول اول پاڻ کي ’فيلسوف‘ سڏيو هو، تڏهن چون ٿا ته ڪانئس اُن جو سبب پڇيو ويو هو. هن جو جواب هو ته ”هيءُ دنيا ائين آهي جيئن اولمپيائي راندين جو ميدان، جتي آيل ماڻهو ٽن قسمن جا هجن ٿا ـــ هڪڙا رانديگر، ٻيا تاجر ۽ ٽيان، جيڪي ڏاها آهن، مشاهدي سان پنهنجو من شانت ڪن ٿا: زندگي به ائين آهي ـــ اُن ۾ ڪي شهرت لاءِ ڄاوا آهن ۽ ڪي دولت جي هوس لاءِ، ۽ ٻيا، جيڪي ڏاها آهن، سي سچ جي تلاش ڪن ٿا.“ ته هِن پهرئين ’فيلسوف‘، پائٿاگورس، جي نظر ۾، سچ جي تلاش ئي هئي، جيڪو ’انساني‘ ڏاهپ جو، يعني فلسفي جو، اصل ڪم هو.

سچ لاءِ مچيل آهي ته اُهو روشني آهي، ۽ روشنيءَ جي اچڻ سان اونده، گم ٿي وڃي ٿي ـــ جيئن قرآن شريف ۾ به آيل آهي: جاءَ الحق و زهق الباطل اِن الباطل ڪان زهوقا؛ ’سچ جي آمد سان باطل گم ٿي وڃي ٿو، تحقيق باطل گم ٿي وڃڻ لاءِ آهي.‘ هاڻي، مثبت (Positive) ۽ ٺيٺ (Exact) سائنسن ۾ ته واقعي ائين ٿيندو آيو آهي ته اُنهن جو سچ تاريخ جي رکيو هڪ وقفي جي گذرڻ لاءِ ترسيل هجي ٿو ـــ جو موقوف به اُن ئي سچ تي هوندو آهي ـــ ۽ جيئن ئي اُهو دريافت ٿئي ٿو، قبولجي ٿو، چڪاسجي ٿو، ثابت ٿئي ٿو، تيئن اُهو، جو سائنسي اڻ-سچ هو، فوراً ئي ختم ٿيو وڃي. پر فلسفي جو سچ ـــ جيڪو سائنسن جي اُنهيءَ روه پڌر پونڊڙ سچ تي ئي آڌاري هجڻ گهرجي ـــ فلسفي جي ڪوڙ تي اِن طرح هڪدم حاوي نٿو ٿئي، بلڪ صدين گذرڻ ڪان پوءِ به ويسهه ۽ تعصب جي لوهي تهن مان اُن جي روشنيءَ جو گذرُ نٿو ٿئي. ۽ اُهو اِنهيءَ ڪري، جو سماجي-اقتصادي نظام آهن، جن جا نظرياتي بنياد آهي فلسفي اڻ-سچ بنيل هجن ٿا، ۽ آهي نظام اُنهن کي ’فوق انساني‘ ڏاهپ جون پاڪرون (= زرهون) پيرن سوڏيون پهرائي، ايڏو ته بانورائي ٻهن ٿا، جو ’انساني‘ ڏاهپ جو ڪانُ اُنهن تي اثر ئي نٿو ڪري. اِنهيءَ طرح، فلسفي جي سچ کي پنهنجي تسليميءَ لاءِ سائنسي سچ وانگر

رکو پنهنجي اظهار لاءِ، پنهنجي وجودجي لاءِ، ئي ترسئو ڪونه ٿو پوي، پر اُن ڪان پوءِ به طويل مدت اُن دؤر لاءِ ترسئو پوي ٿو، جيڪو اُن جي سامهُوڻي سماجي-اقتصادي نظام جي زير تنقيد اچي، بلڪ اُن جي ڏهن ۾ بدلجڻ جو دؤر هجي.“— ماڻهو ڪي خيال بيهي پيش ڪري، اِها پنهنجي سِر ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي ۽ نه ڪنهن شمار ۾ اچي ٿي، اُن لاءِ ضروري آهي ته آهي خيال سمجهي به سگهجن ۽ سمجهيا به وڃن؛ اِنهيءَ طرح، خيالن جي قبول ڪرڻ ۽ پڻ خيالن جي مرتب ڪرڻ جا به خاص دؤر هوندا آهن.“ (هِن ڪتاب جو صفحو ٢٢٩)

جيڪڏهن سچ جي تلاش ئي انساني ڏاهپ جو اصل ڪم آهي ته هِي به واجب آهي ته ڏسجي ته انساني ڏاهپ ڇا آهي ۽ انساني زندگيءَ ۾ اُن جو اظهار ۽ اثر ڪيئن ٿو ٿئي ۽ ڪهڙو ٿو ٿئي. ڊيموڪريٽس، جيڪو افلاطون جو همعصر هو، ۽ جنهن ڪهڪشان بابت ماڻهن جو قبوليل ’ديو-وارتائي‘ شعور رد ڪندي ڪين پنهنجي ’انساني‘ مشاهدي ۽ ويچار جي ڳالهه ڀڌائي هئي ته آهو ديوي هيرا جي ٿڻ مان وهيل کير نه پر تارن جو هڪ اننت ميڙ هو، تنهن جي چوڻ موجب: ”ڏاهپ مان ٽي صلاحيتون ايرن ٿيون — بهترين فيصلن جي صلاحيت، اُنهن جي صحيح بيان جي صلاحيت ۽ جو ضروري هجي آئين ڪرڻ جي صلاحيت.“ ڏاهپ جي ڳالهه اٿڻ سان اٿين به عام چيو ويندو آهي ته ماڻهو ’هرڪو ڏاهو آهي — پاڻ اتي جو سيڪو ڪاٺي تِوا‘ يعني پنهنجي پاڻ اتي لاءِ، پنهنجي ذات لاءِ، هرڪو ڏاهو آهي. جي ڏاهپ اِها آهي، يعني پنهنجي پاڻ لاءِ هرڪو ڏاهو آهي، ته اِها حيواني ڏاهپ ٿي، انساني ڏاهپ نه ٿي — ايتري تائين ته حيوانَ به ڏاها آهن. ڏاهپ جي اِنهيءَ عام قسم کي ننديندي، فرئنسز بيڪن پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته ”ڏاهپ، پنهنجي ذات لاءِ — اڪثر صورتن ۾، هڪ ذليل شيءِ آهي: آها ڪوئن واري ڏاهپ آهي، جيڪي جڏهن گهرُ ڪِرڻ وارو هوندو آهي، سڀ ڪان اڳ پڪ ئي پڪ اُتان پڇي ويندا آهن؛ آها لومڙ

واري ڏاهپ آهي، جيڪا پاڻان هيٺي جانور جي ڪوٺيل ڌر ۾ ڪهڙي، مالڪ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي؛ آها واڳونءَ واري ڏاهپ آهي، جيڪو ڪنهن کي ڳڙڪائيندو آهي ته ڳوڙها به پيو ڳاڙيندو آهي.“ ڏاهپ اِها ناهي، اُن کان وڌيڪ ٻي به ڏاهپ آهي، جيڪا انساني ڏاهپ آهي. صحيح فيصلو، اُن جو صحيح بيان ۽ اُن تي آهڙو ئي صحيح عمل — پنهنجي ذات جي ڀاءُ اتي لاءِ نه، انسانَ حيوان لاءِ نه، پر حيوانَ انسان لاءِ، اَنَ انسانَ لاءِ جيڪو سماج ۾ رهي ٿو، ’انساني زندگيءَ جي ڪُڏيل ڀلائيءَ لاءِ سهڪار‘ چاتي ٿو، ۽ اُنهيءَ ڪري انسان سڏجي ٿو، ۽ انسان‘ آهي — انساني ڏاهپ اِها آهي، جنهن کي ٻيڪن، اُنهيءَ ’ٻي اجتماع انسان‘ جي حوالي سان، ”فطري فلسفو“ سڏي ٿو.

فلسفي جي دنيا ۾ ماديت ۽ تصوريت جي ٻوٽي موجود آهي، جيتوڻيڪ اڄ اُنهن جي نظري بنيادن جي ٻوٽي، يعني مادي (Matter) ۽ ذهن (Mind) جيي، سائنس جي جديد ترقيءَ ۽ اُن سان لاڳاپيل فلسفيانه فڪر جي اُڀتي وڌيل روشنيءَ جي آڏو باقي نه رهي آهي — ڪم از ڪم اُنهيءَ ڪنهن سطح تي، جن تي آها شروع جي جاهلي دوُر، يورپ جي وچ واري ’اونداهي‘ دوُر ۽ ماضي قريب جي ’سُلجهيل‘ دوُرن ۾ موجود هئي. سماجي - اقتصادي نظام سڀ دنيا ۾ آئين آهن، جيڪي، وقت گذرڻ سبب، پنهنجي عام انساني خير ۽ منفعت کي ڪُلي طور ضايع ڪري، پنهنجن فائده گير گروهن / طبقن (Exploiting groups/classes) جي برتريءَ ۽ پيٽ ڀرائيءَ خاطر، پنهنجي بقا چاهين ٿا — ۽ اُن لاءِ آهي هِن نظرياتي ٻوٽيءَ کي نه رڳو قائم رکڻ‘ پر وڌائي شديد کان شديد تر ڪرڻ‘ چاهين ٿا. ۽ چاڪاڻ ته اُن ڪوشش ۾ هنن جي آڏو عام انساني ڀلائي نه، پر خاص گروهي ڀلائي آهي، ڪين جنهن ڏاهپ کان ڪم ورتو پوي ٿو، سا انساني ڏاهپ نه آهي بلڪ حيواني ڏاهپ آهي — ڏاهپ، سندن ذات لاءِ — ۽ اُنهيءَ ڪري هو غلط فيصلا ڪن ٿا، اُنهن فيصلن جا غلط بيان ڪن ٿا ۽ سندن

www.sindhsalamat.com

سڀ عمل به اهڙا ئي غلط ھجن ٿا — ۽ اُن سڀ جي پرده پوشيءَ ۽ رنگ آميزيءَ خاطر، ھو ڪوڙ ۽ منافقت کان ڪم وٺن ٿا — (فرئنسز بيڪن جي لفظن ۾) واڳونءَ وانگر ڳوڙ ڪاڙھين به ٿا ۽ ڳوڙھا به ڳاڙين ٿا.

ھيءَ ڪتاب، جيئن اُن جي نالي مان ظاهر آھي، فلسفي جي ابتدائي ڪورس جو ڪتاب آھي — فلسفو، جنھن کي فرئنسز بيڪن فطري فلسفو ("Natural Philosophy") تي سڏيو — فلسفو، انساني ۽ انسان لاءِ، ڏاھپ پسندي، انسان جيءَ ۽ انسان لاءِ؛ جنھن کي ڪنھن به ڳالھ جي لڪائڻ ۾، وڌائڻ ۾ يا ناھڻ ۾ ڪابه دلچسپي ڪانھي؛ جنھن کي نه ڪنھن سائنسيءَ سچ کان ۽ نه ڪنھن فلسفيءَ سچ کان ڪو ڊپ آھي؛ ۽ جيڪو ھر ڳالھ کي کولڻ ۽ سمجھڻ گھري ٿو — انساني عقل جي مدد سان، جيڪو انسان وٽ فطرت جيءَ سدا روشن شمع آھي.

ھيءَ ڪتاب اصل فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل ھو، جنھن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو، ١٩٥٠ع ۾، سڊني، آسٽريليا، مان شايع ٿيو. جنھن تان اُن جو ھيءَ سنڌي ترجمو ڪيو ويو آھي. اِن جو اصلي روي سخن فرينچ پڙھندڙ ڏانھن آھي — جنھن جا آثار، ڪن جاين تي، ھن سنڌي ترجمي جي پڙھندڙن جي ڌيان تي به ضرور ايندا. پر اميد ته ترجمي جي اھا ۽ ٻيون اھڙيون ننڍيون حدبنديون، جن کان ڪُلي طور بچڻ مشڪل ٿئي ٿو، پڙھندڙن لاءِ ڪتاب جي اصل ڳالھ جي سمجھڻ ۾ رڪاوٽ ثابت نه ٿينديون.

گھڻي ڌيان کان پوءِ به ڪتاب ۾ ڇپائيءَ جون ڪي چڪون رھجي ويل آھن. لائق پڙھندڙن کان معافي گھرندي، ڪين گذارش ڪرڻ لازم آھي ته پڇاڙيءَ ۾ ڏنل پلنامي تان تي سگھي ته آھي درست ڪري، پوءِ ڪتاب پڙھڻ شروع ڪن — اھا سندن عين نوازش ٿيندي.

حيدرآباد، سنڌ

ڊسمبر ٢٧، ١٩٨٣ع — محمد ابراھيم جويو

www.sindhsalamat.com

انگريزي ترجمي لاءِ پيش لفظ

(از: جي. ڊي. بليڪ)

هن ڪتاب جي موضوع جي سيني عوام دوست، حق شناس، سرگرم ڪارڪنن لاءِ وڏي اهميت آهي.

جڏهن "فلسفي" جو لفظ ونجي ٿو ته ڪارڪن، مزدور ۽ پورهيت اڪثر سوچين ٿا ته هيءُ موضوع خيالي آهي، مٿانهين قسم جو آهي ۽ سندن مغز ۾ وهڻ جهڙو نه آهي: ۽ بهرحال اهڙو هڪ ڏکيو موضوع آهي، جو هو اُن ۾ ماهر ٿي ئي نٿا سگهن.

هن ڪتاب ۾ آيل فلسفي جو هيءُ ابتدائي ڪورس، جنهن لاءِ اسين فرانس جي ساٿين جا احسانمند آهيون، اسان جي آسٽريليائي اڳواڻ ڪارڪنن لاءِ هڪ ثابتي آهي ته جيتوڻيڪ مشڪلاتون آهن، پر آهي ڪنهن ڪارڪن ڪي فلسفي جي علمي اصولن جي سمجهڻ کان ۽ انهن ۾ قابل ٿيڻ کان هرويرو روڪي نٿيون سگهن.

خاص طرح توجهه لائق ڳالهه هيءُ آهي ته جدلياتي ۽ تاريخي ماديت مارڪسي فلسفي جا ترڪيبي عنصر آهن.

اسان جا پيشقدم پورهيت، مزدور ۽ ڪارڪن جيتري قدر هنن علمي اصولن ڪي سمجهندا ۽ سکندا ۽ جيتري قدر هنن اصولن ڪي هو پنهنجي روزمره جي جدوجهد ۾ ڪم آڻيندا، اوتري قدر ئي هو پنهنجي سامهون جدوجهد جو رستو ڪليل ڏسندا ۽ حائل مسئلن جي حل لاءِ هو پنهنجي ڪامياب جاکوڙ جاري رکي سگهندا ـــ جيستائين اسان جي سماج ۾، هتي به پورهيت طبقي جو اقتدار پنهنجين سيني سعادتن ۽ نعمتن سان قائم ٿي سگهي.

هيءَ ته واقعي پڪري ڳالهه ٿي آهي ته هيءُ ابتدائي ڪورس فقط هڪ ابتدا ئي آهي، پر بيشڪ هيءُ هڪ تمام سٺي ابتدا آهي.

———

www.sindhsalamat.com

مصنف جو تعارف

موسيو پوليزر (M. Politzer) فرينچ پورهيتن جو هڪ نامور، ذهين اڳواڻ ۽ مارڪسزم ـ لينزم جو هڪ لائق ۽ فائق استاد هو. فرانس تي قابض جرمن فاشي وحشين هٿان هو شهيد ٿيو. هيءَ ڪتاب جنگ کان اڳ سندس ڏنل ليڪچرن جي يادداشتن مان سندس شاگردن جو تيار ڪيل آهي.

گئبريل پيريءَ (Gabriel Peri) جو پنهنجي حياتيءَ جي پوين گهڙين ۾ لکيل هيٺيون خط استادُ پولزر جي نظربي حيات جو شاندار اظهار آهي — جنهن جو موتُ پڻ آهڙو ئي آمر ۽ عظيم هو:

”بنديخاني جي پادريءَ هينئر مون کي ٻڌايو آهي ته ڪجهه گهڙين کان پوءِ مون کي، منهنجن ساٿين جي عيوض ۾، گولي هڻي ماريو ويندو. دوست، منهنجي تو کي منٿ آهي ته چرچِيءِ ـ ميڊيءَ [مرِڊ ديول] جي اختياريءَ وارن کان منهنجو سامان وٺي پنهنجي حوالي ڪج. اُن ۾ پنهنجا ڪي ڪاغذ آهن، جيڪي شايد منهنجي ساروڻيءَ لاءِ ڪارائتا ٿين.

”منهنجي دوستن کي خبر هجي ته آءٌ سڄيءَ پنهنجيءَ زندگيءَ جي آدرش سان وفادار رهيو آهيان. منهنجن ديسواسين کي خبر هجي ته آءٌ مران ٿو انهيءَ لاءِ ته فرانس جيئي.

”مون آخري پيرو پنهنجي ضمير جي چڪاس ورتي آهي. مون کي ڪوبه افسوس ڪونهي. آءٌ چاهيان ٿو ته اِها منهنجي ڳالهه هرڪنهن کي ٻڌائي وڃي: جيڪڏهن منهنجي زندگي مون کي ٻيهر ملهي، ته آءٌ هوند هيءَ ساڳي راهه وٺي جيئان.

”اڄ رات آءٌ پوري يقين سان مڃان ٿو ته منهنجو پيارو ساٿي، پال ويلانت ـ ڪوتوريئر (Paul Vaillant-Couturier)، صحيح هو جڏهن هُن چيو هو ته ڪميونزم دنيا جي نئين جنم جو ساڪي آهي ۽ آهو ئي اُن جي روشن صبح لاءِ راهه تيار ڪندو. بيشڪ، چاڪاڻ ته منهنجو نيڪ استاد مارسيل ڪئچِن (Marcel Cachin) هو، انهيءَ ڪري اڄ آءٌ پنهنجي موت کي هِن دليريءَ سان ملڻ لاءِ ڪِتي وڃان ٿو.

”موڪلائي! سدا اسان جو فرانس جيئي! گئبريل“

www.sindhsalamat.com

مضمونن جي فهرست

مهاڳ (سنڌي ترجمي لاءِ) ۵

پيش لفظ (انگريزي ترجمي لاءِ) ۱۱

مصنف جو تعارف ۱۲

پاڱو پهريون ـ فلسفي جا مسئلا

تعارف ۱۵

باب پهريون ـ فلسفي جو مسئلو ۲۸

باب ٻيو ـ تصوريت (مايا واد) ۳۵

باب ٽيون ـ ماديت (جڙ واد) ۵۰

باب چوٿون ـ ڪير صحيح آهي، تصوري يا ماديّ فيلسوف؟ ۵۵

باب پنجون ـ ڇا، هڪ ٽيون فلسفو به آهي ـ اگنان واد جو فلسفو؟ ۶۵

پاڱو ٻيو ـ فيلسوفي ماديت

باب پهريون ـ مادو ۽ ماديّ فيلسوف ۸۱

باب ٻيو ـ ماديت جي، فلسفي ۾ معنيٰ جو مطلب ڇا آهي؟ ۸۹

باب ٽيون ـ ماديت جي تاريخ ۱۰۰

پاڱو ٽيون ـ مابعدطبيعات جو مطالعو

باب پهريون ـ مابعدطبيعي طريقي ۾ ڇا ڇا آهي؟ ۱۲۹

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو چوٿون - جدليات جو مطالعو

باب پهريون - جدليات جي مطالعي جو تعارف ١٥٩

باب ٻيو - جدليات جا قاعدا:

پهريون قاعدو: جدلياتي تبديل ١٦٣

باب ٽيون - ٻيو قاعدو: ڌي-وٺ جو عمل ١٨٣

باب چوٿون - ٽيون قاعدو: تضاد ١٩٥

باب پنجون - چوٿون قاعدو: مقدار جي تبديل معيار ۾

يا ڇلانگن واريءَ ترقيءَ جو قاعدو ٢١٨

ڀاڱو پنجون - تاريخي ماديت

باب پهريون - تاريخ جون محرڪ قوتون ٢٣٣

باب ٻيو - طبقا ۽ اقتصادي حالتون ڪٿان آيون؟ ٢۴٣

ڀاڱو ڇهون - جدلياتي ماديت ۽ نظريا

باب پهريون - نظرين جو مطالعو - جدلياتي طريقي جي

روشنيءَ ۾ ٢٥٥

www.sindhsalamat.com

فلسفي جو ابتدائي ڪورس

ٻيو پورشن

فلسفي جا مسئلا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

تعارف

۱. اسين فلسفي جو مطالعو ڇو ڪريون؟
۲. فلسفي جو مطالعو ڏکيو آهي ڇا؟
۳. فلسفو ڇا آهي؟
۴. ماديت جو فلسفو ڇا آهي؟
۵. ماديت ۽ مارڪسزم (مارڪس واد) جا پاڻ ۾ ڪهڙا لاڳاپا آهن؟
۶. مارڪسزم خلاف سرمايه پسندن جا اعتراض ۽ حملا

۱. اسين فلسفي جو مطالعو ڇو ڪريون؟

هن ڪتاب ۾ اسين ماديت جي فلسفي جا ابتدائي اصول ڏيڻ ۽ سمجهائڻ گهرون ٿا. ڇو؟ انهيءَ لاءِ، جو مارڪسزم جو هڪ فلسفي سان ۽ هڪ طريقي سان، زندگيءَ جي هڪ ڍنگ سان، ويجهو لاڳاپو آهي — جن کي گڏجي ”جدلياتي (يا جدلائي) ماديت جو فلسفو ۽ طريقو“ چئجي ٿو. انهيءَ ڪري، مارڪسزم کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ۽ اُن جي خلاف سرمايه پسند نظرين جي دليلن کي ٽوڙڻ لاءِ — ته جيئن هڪ بامراد ۽ اثرائتو سياسي جدوجهد هلائي سگهجي — هن فلسفي ۽ هن طريقي جو مطالعو ضروري آهي. لينن (Lenin: 1870-1924) جو چوڻ آهي ته ”انقلابي نظريي کان سواءِ ڪابه انقلابي تحريڪ ممڪن نٿي ٿي

سکھي،" اِن جو، سڀ کان اول، مطلب آهي ته علم جو، اصول جو، نظريي جو، عمل سان گڏ هجڻ ـــ مَتر جو ڪم سان گڏ هجڻ ـــ ضروري آهي.

عمل ڇا آهي؟ عملُ ڪاميابيءَ يا حاصلات جو آنڪڙو يا ڪم آهي. مثال طور، صنعت ۽ زراعت ڪن علمن، جيئن ته ڪيميائي، طبيعي يا حياتياتي علمن جي ڪاميابيءَ يا حاصلات جا ڪم آهن ۽ اُهي اُنهن علمن کي حقيقت جو روپ ڏين ٿا.

علم ڇا آهي؟ علم اُنهن شين جي ڄاڻ آهي، جيڪي اسين حاصل ڪرڻ گهرون ٿا. ماڻهو رڳو عملي به ٿي سگهي ٿو، پر حاصلات وري به تجربي يا مشق جي ڄاڻ سان ٿئي ٿي. ماڻهو رڳو علمي يا نظرياتي به ٿي سگهي ٿو، پر اُن حالت ۾ جو ڪجهه هو خيال ۾ آڻي ٿو سو ڪڏهن يا اڪثر ناقابل عمل يا حاصل نه ٿيڻ جهڙو به هجي ٿو. اِنهيءَ ڪري علم ۽ عمل جي وچ ۾ ڳانڍاپو ضروري آهي. سچو سوال اِنهيءَ ڄاڻ جو آهي ته آهو علم، اُهو نظريو، ڪهڙو هجڻ کپي ۽ عمل سان اُن جو ڪهڙو لاڳاپو هجڻ ضروري آهي.

عمل جي ميدان ۾ سرگرم، فعال، ڪارڪن لاءِ ضروري آهي ته هو چنڊڇاڻ ۽ تورتڪ جو ۽ صحيح سوچ ويچار جو هڪ طريقو، هڪ ڍنگ، ڄاڻندو هجي، ته جيئن هو ڪنهن صحيح انقلابي ڳالهه يا ڪم جي پوئواري ڪري سگهي. هُن لاءِ اهڙي طريقي جي ڄاڻ ضروري آهي، جيڪو ڪو ٻيڄان عقيدو يا ڪو چميل ۽ بيٺل متو نه هجي جنهن ۾ ٺهيل ٺڪيل حلُ يا رستا هڪيا موجود رکيا هجن، پر اهڙو هجي جيڪو حقيقتن ۽ حالتن جو خيال رکي، جيڪي ڪڏهن به هڪجهڙيون يا ساڳيون نه هونديون آهن؛ هڪ اهڙو طريقو، جيڪو علم کي عمل کان، سوچ ويچار ۽ عقل کي زندگيءَ کان، ڪڏهن به الڳ نه ڪري. اهڙو طريقو فلسفي ۾ ـــ جدلياتي فلسفي ۾ ـــ موجود آهي، ۽ آهو هيٺ اسين سمجهائڻ گهرون ٿا.

www.sindhsalamat.com

٢. فلسفي جو مطالعو ڇڪيو آهي ڇا؟

اڪثر ائين سمجهيو وڃي ٿو ته ڪارڪنن ۽ پورهيتن لاءِ فلسفي جو مطالعو ڏکيو آهي ۽ اُن لاءِ ڇاڻ جي ضرورت آهي. اِئين برابر آهي ته سرمايه پسند ڪتاب جنهن نموني جا لکيل آهن، اُهي پورهيتن جي من ۾ اهڙي خيال جي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ عين مناسب به، ۽ آهي پورهيتن کي ڊيڄاري ۽ ڪڪ ڪري هين ڪم کان دور ڌي رکي سگهن ٿا.

اسين عام طور به پڙهائيءَ يا اڀياس جي مشڪلاتن جو هرگز انڪار نٿا ڪري سگهون، ۽ فلسفي جي حالت ۾ ته خاص مشڪلاتون به آهن. پر هينن مشڪلاتن کي منهن ڏيئي سگهجي ٿو ۽ اُنهن تي غالب به پئجي سگهجي ٿو: اِهي گهڻي قدر اِنهيءَ حقيقت جو نتيجو آهن، جو اسان کي اهڙين ڳالهين کي سمجهڻو پوي ٿو، جيڪي اسان جي گهڻن پڙهندڙن لاءِ نيون آهن.

شروع شروع ۾، ڳالهه جي صاف ڪرڻ خاطر، اسين لفظن جون ڪي معنائون ۽ وصفون نئين سر سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، جيڪي لفظ رواج ۾ آيل عام استعمال ۾ اڪثر منجهايا ۽ بگاڙيا ويا آهن.

٣. فلسفو ڇا آهي؟

عام طور، هڪ فيلسوف لاءِ ائين سمجهيو وڃي ٿو ته هو خوابن ۾ گذاري ٿو ۽ ڪڪرن وانگر آسمان ۾ اڏامي ٿو، يا رڳو شين جي نيڪ ۽ روشن پاسي کي ڏسي ٿو ۽ ڪابه گڙٻڙ ڪانه ٿو ڪري ۽ ڪوبه گوڙ گهمسان ڪونه ٿو اُٿاري. پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي، بلڪ حقيقت اُن جي ابتڙ آهي. فيلسوف اُهو آهي، جيڪو ڪن سوالن جا صاف ۽ تڪ جواب ڏيڻ گهري ٿو، ۽ جيڪڏهن اسين اِها ڳالهه خيال ۾ رکون ته فلسفو ڪائنات جي مسئلن جي سمجهاڻي ڏيڻ چاهي ٿو ـــ مثلاً، دنيا ڪٿان آئي

www.sindhsalamat.com

آهي؟ اسين ڪيڏانهن پيا وڃون؟ وغيره — ته اهڙن ڏسي سگهنداسين ته فيلسوف، اُن لاءِ پاڻ کي گهڻين ڳالهين ۾ اَلجهائي ٿو ۽ مصروف رکي ٿو، ۽ عام خيال جي ابتڙ، هو اِن سلسلي ۾ ڪافي ’گڙٻڙ‘ ڪري ٿو ۽ تمام گهڻو ’گوڙ گهمسان‘ اثاري ٿو.

فلسفي جي وصف طور، اِنهيءَ ڪري، اسين ائين چوندا‌سين ته فلسفو انسان کي فطرت جي، ڪائنات جي، سمجهاڻي ڏيڻ گهري ٿو؛ فلسفو، جيڪي سڀ کان وڌ عام (پر مُجمّل ۽ مبهم) مسئلا آهن، اُنهن جو مطالعو آهي، ايياس آهي. جيڪي گهٽ عام، يعني ڪجهه خاص، يا محدود، مسئلا آهن اُنهن جو مطالعو سائنس ڪري ٿي. اِنهيءَ طرح فلسفو سائنس جو ئي هڪ وستار يا وڌاءُ آهي.

هيٺي اسين في‌الحال ائين چئي اٽڪي ٿا وڃون ته مارڪسي فلسفو سڀني مسئلن جو هڪڙو حل پيش ڪري ٿو، ۽ اهو حل اُنهيءَ فڪر ۾ فڪري طريقي مان اُپري ٿو، جنهن کي اسين ”ماديت“ سڏيون ٿا.

٤. ماديت جو فلسفو ڇا آهي؟

هيٺي وري به هڪ مونجهارو آهي، جيڪو انسان کي هڪدم بيان ڪرڻ گهرجي؛ عام طرح ماده‌پسند يا مادّي فڪر جو اهو ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو سواءِ مادّي خوشين ماڻڻ جي بي ڪا ڳالهه ڪانه ٿو سوچي.

لفظ ”ماديت“ تي بيجا زور ڏيندي، جنهن ۾ لفظ ”مادو“ موجود آهي، ماڻهن اُن کي بلڪل هڪ غلط معنيٰ ڏيئي ڇڏي آهي. لفظ ”ماديت“ جو، اُن جي علمي مفهوم جي روشنيءَ ۾، مطالعو ڪندي، اسين اُن جي صحيح معنيٰ نروار ڪنداسين، ۽ ڏسنداسين ته ماده‌پسند هجڻ ڪنهن کي به ڪنهن آدرش يا نصب‌العين جي اختيار ڪرڻ ۽ اُن جي ڪاميابيءَ لاءِ وڙهڻ يا جدوجهد ڪرڻ کان ڪونه ٿو روڪي.

www.sindhsalamat.com

اسين مٿي اکي ڏي چڪي آيا آهيون ته فلسفو دنيا جا جيڪي سڀ کان وڌ عام مسئلا آهن انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ گهري ٿو. پر تاريخ جي دؤرن ۾، هي سمجهاڻيون هميشه ساڳيون نه رهيون آهن.

اوائلي انسانن به، تحقيق، فطرت کي سمجهڻ جي، سمجهائڻ جي، ڪوشش ڪئي، پر هو ڪامياب نه ٿي سگهيا. حقيقت ۾، دنيا ۽ هيءَ سچو ماڻڊاڻ جيڪو اسان جي چوڌس موجود آهي اُن کي جيڪا ڳالهه سمجهڻ جهڙو بڻائي ٿي، اُها آهي سائنس بلڪ سائنس جي جامع يا ڪُلي چاڻ — يعني سائنسون يا علمَ: پر جن دريافتن يا ڪوجنائن سائنسن (يعني علمن) کي وڌايو آهي، اُهي سڀ بنهه ويجهي دؤر جون ۽ تازيون حاصلاتون آهن.

اِنهيءَ ڪري، اوائلي انسانن جي اڻڄاڻائي انهن جي اِنهيءَ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوششن جي اَڏو رڪاوٽ هئي. اِهوئي سبب آهي، جو تاريخ جي دؤرن ۾، اِنهيءَ اڻڄاڻائيءَ جي ڪري، اسين 'مذهبن' کي اڀرندي ڏسون ٿا جن پڻ دنيا کي سمجهائڻ گهريو، پر پاڻ کان مٿيرين، مافوق‌الفطري يعني فطرت کان اوچين قوتن جي وسيلي سان. ۽ اُئين اسان کي هڪ سائنس-مخالف سمجهاڻي يا سائنس-مخالف سمجهاڻيءَ جو سلسلو به مليو. پر وري به، جيئن جيئن، صديون گذرنديون، سائنس ڪجهه ڪجهه وڌندي رهي، تيئن تيئن سائنسي تجربن سان اڀرندڙ مادّي حقيقتن جي وسيلي سان انسانن دنيا کي سمجهائڻ جي ڪوشش جاري رکي، ۽ اُئين شين کي سائنسن يعني علمن وسيلي سمجهائڻ جي اِنهيءَ خواهش مان ئي ماديت جي فلسفي جنم ورتو.

ايندڙ صفحن ۾، اسين هيءَ سوال جو مطالعو ڪنداسين ته "ماديت ڇا آهي؟" پر هيٺان کان اڳتي اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته ماديت ڪائنات جي سائنسي (علمي) سمجهاڻيءَ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ڪانهي.

www.sindhsalamat.com

ماديت جي فلسفي جي تاريخ جو مطالعو ڪندي، اسين ڏسنداسين ته جهالت، يا اڻ ڄاڻائيءَ جي خلاف جدوجهد ڪيڏي نه مشڪل ۽ المناڪ جدوجهد هئي. تنهن کان سواءِ، هيءَ به ڏسڻ ضروري آهي ته اسان جي پنهنجي دور ۾ هن جدوجهد جو اڃا خاتمو نه ٿيو آهي — ڄاڻ ته ماديت ۽ جهالت اڃا تائين ڏوبڏو موجود آهن.

هن جنگ هلندي، مارڪس (Marx: 1818-83) ۽ اينگلس (Engles: 1820-95) اڀري ميدان ۾ آيا. اوڻيهين صديءَ جي تمام وڏين کوجنائن جي اهميت کي سمجهندي، هنن ماديت جي فلسفي کي ڪائنات جي سائنسي سمجهاڻيءَ طور ڏاڍي وڏي ۽ بي مثل ترقي ڏني. ۽ ائين "جدلياتي ماديت" جو جنم ٿيو. پيو ته هو پهريان شخص هئا، جن اها ڳالهه سمجهي ته جيڪي قاعدا ۽ 'دستور' دنيا تي حاوي آهن ۽ آنهن تي دنيا هلندي رهي ٿي، آهي ئي سماج جي واڌاري ۽ پيشقدميءَ جي سمجهاڻي پڻ مهيا ڪن ٿا، ائين هنن پهريون ڀيرو **تاريخي ماديت** جو مشهور نظريو پيش ڪيو.

هن ڪتاب ۾ اسين پهريائين ماديت جو، پوءِ جدلياتي ماديت جو، ۽، آخر ۾، تاريخي ماديت جو مطالعو پيش ڪرڻ گهرون ٿا. في الحال، اسين ماديت ۽ مارڪسزم جي وچ ۾ جيڪي لاڳاپا آهن، آهي سمجهائڻ ٿا چاهيون.

۵. ماديت ۽ مارڪسزم جا پاڻ ۾ ڪهڙا لاڳاپا آهن؟

آهي، ٿورن لفظن ۾، اسين هيئينءَ طرح بيان ڪري سگهون ٿا:-

(۱) ماديت جو فلسفو، مارڪسزم جو بنياد آهي.

(۲) هيءَ ماديت جو فلسفو، جيڪو دنيا جي مسئلن جي سائنسي سمجهاڻي ڏيڻ گهري ٿو، تاريخ جي دورن ۾، سائنسن

www.sindhsalamat.com

(عالمن) جي وڏن سان گڏ وڏي ٿو؛ انهيءَ ڪري مارڪسزم سائنسن (علمن) مان اپريو آهي، انهن جي بنياد تي بيٺل آهي ۽ انهن سان گڏ آسري ٿو ۽ وڏي ٿو.

(٣) مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ، ڪافي منزلن تي ۽ مختلف صورتن ۾ ماديت جا فلسفا موجود هوندا هئا. اوڻيهين صديءَ ۾، بهرحال، سائنسن يعني علمن وڏيون پرانگهون پيون، نهايت تيز پيشقدمي ڪئي، ۽ مارڪس ۽ اينگلس، انهن جديد سائنسي ڳالهين تي پنهنجي مطالعي جو بنياد رکي، ماديت جي فلسفي کي نئين سر ترتيب ڏنو، ۽ ائين هنن کان اسان کي **جديد** ماديت جو فلسفو مليو، جنهن کي **جدلياتي ماديت** سڏجي ٿو — جيڪو مارڪسزم جو بنياد آهي.

ائين اسين ڏسي سگهون ٿا ته، جيئن ماڻهو عام چون ٿا ان جي ابتڙ، ماديت جي فلسفي جي هڪ تاريخ آهي. اها تاريخ جو سائنسن جي تاريخ سان قريبي واسطو آهي. ماديت جي بنياد تي بيٺل مارڪسزم فقط هڪ ماڻهوءَ جي دماغ مان نڪتل نه آهي. اهو قديم ماديت جي توسيع ۽ تڪميل آهي، جيڪا ان جي هڪ پڪي حاميءَ، فرينچ عالم ۽ فيلسوف، ڊڊرٽ (Diderot: 1713-84) تائين پهچندي پهچندي به ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. ۽ مارڪسزم ارڙهين صديءَ جي فرينچ عالمن جي تاتيل آن ماديت جي وڻ جو ميوو آهي، جنهن وڻ جي وڏيڪ آبياري، آن وچ ۾، اوڻيهين صديءَ جي ڪوجنائن وسيلي پوءِ عمل ۾ آئل هئي. مارڪسزم هڪ زنده نظريو آهي. اهو مسئلن جو ڪيئن ٿو جائزو وٺي، ان جو فوري هڪڙو مثال وٺون ٿا، جنهن کان هرڪو واقف آهي، يعني طبقاتي جدوجهد جو مسئلو.

ماڻهو هن سوال کي ڪيئن ٿا سمجهن؟ ڪي سمجهن ٿا ته سندن روزگار جي بچاءَ جي ذميداري ڪين سياسي جدوجهد جي ضرورت کان آجو ڪري ٿي ڇڏي. ٻيا سمجهن ٿا ته ٻاهر رستن تي نڪري وڙهڻ ئي ڪافي آهي ۽ ضروري آهي، ۽ هو آن لاءِ

www.sindhsalamat.com

ڪنهن وڏيڪ تنظيم جي ضرورت جو انڪار ڪن ٿا، ۽ ٻيا وري اڻين به سمجهن ٿا ته فقط ۽ فقط سياسي جدوجهد سان ئي هي سوال جو حل ٿي سگهي ٿو.

پر هڪ مارڪسسٽ (مارڪس واديءَ) لاءِ، طبقاتي جدوجهد ۾ هي ٽالهيون شامل آهن:

(الف) اقتصادي جدوجهد.
(ب) سياسي جدوجهد.
(ج) نظرياتي جدوجهد.

انهيءَ ڪري هن مسئلي کي هڪ ئي وقت هنن ٽن ميدانن تي ڏسڻو ۽ سمجهڻو آهي.

(الف) امن لاءِ وڙهڻ (سياسي جدوجهد) کان سواءِ، ۽ اختيار ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهڻ (نظرياتي جدوجهد) کان سواءِ، روزگار لاءِ ماڻهو ويڙهه (اقتصادي جدوجهد) هلائي ئي نٿو سگهي.

(ب) ساڳي ڳالهه سياسي جدوجهد سان به لاڳو آهي، جيڪو مارڪس کان پوءِ هڪ سچو پچو علم (سائنس) ٿي پيو آهي. جنهن لاءِ اقتصادي صورتحال ۽ نظرياتي رجحان، يا لاڙن کي لازمي طرح حساب ۾ آڻڻو پوي ٿو.

(ج) نظرياتي جدوجهد لاءِ، جيڪو پروپيگنڊا يا تبليغ جي صورت ئي وٺي ٿو، ماڻهوءَ تي لازم ٿو ٿئي ته جيڪڏهن اُن کي اثرائتو ٿيڻو آهي، ته اقتصادي ۽ سياسي صورتحال کي هر صورت ۾ هو پنهنجي ڌيان ۾ رکي.

اڻين، اسين ڏسون ٿا ته هي مسئلا پاڻ ۾ ڳتيل ۽ تمام ويجها ڳنڍيل آهن، ۽ اِنهيءَ ڪري طبقاتي جدوجهد جي هِن وڏي مسئلي جي ڪنهن به پهلوءَ بابت ڪو فيصلو تي ئي نٿو سگهي، سواءِ اِن جي ته مسئلي جي هر پهلوءَ تي، ۽ سڄي ميٽيلي تي، پوريءَ طرح ويچار ڪيو وڃي.

اِنهيءَ ڪري جيڪو هِن جدوجهد جي ٽنهي ميدانن تي جنگ لڙي سگهي ٿو، اهو ئي نجات جي هِن تحريڪ کي بهترين اڳواڻي مهيا ڪري سگهندو.

www.sindhsalamat.com

هڪ مارڪسسٽ طبقاتي مسئلي کي اجهو ائين سمجهي ٿو.

هاڻي، نظرياتي جدوجهد، جيڪو هرروز اسان کي هلائڻو پوي ٿو، آن ۾ اسين ڏسون ٿا ته اهڙا مسئلا اسان جي آڏو اچن ٿا، جيڪي حل ڪرڻ ڏکيا آهن، مثلاً روح جو، آتما جو، لافاني هجڻ، خدا جو وجود، دنيا جي ابتدا، وغيره وغيره.

جدلياتي ماديت اسان کي سوچ جو، عقل جي استعمال جو، هڪڙو طريقو ڏئي ٿي، جيڪو هنن سڀني مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ اسان جي رهبري ڪري ٿو، ۽ مارڪسزم کي بگيڙڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪينديون رهن ٿيون، جن مان ڪي ته بظاهر آن کي سڌارڻ يا نئين سر ترتيب ڏيڻ جي به دعوا ڪن ٿيون، تن کي ڪولي، آنهن جي اصليت کي سڃاڻڻ ۾ اسان جي مدد ڪري ٿو.

٦. مارڪسزم جي خلاف سرمايه پسندن جا اعتراض ۽ حملا.

مارڪسزم کي بگيڙڻ جون هي ڪوششون جدا جدا بنيادن تي بيٺل هونديون آهن. ڪي مخالف، مارڪسي دور کان اڳ (مارڪس کان اڳ) جي سوشلسٽ مصنفن کي مارڪسزم جي مقابل صف ۾ آڻي بيهارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ائين، اڪثر 'يوٽوپيائي' (خيالي بهشت جي سوچ وارا) اديب ۽ مصنف مارڪس جي خلاف استعمال ڪيندي ڏسبا آهن. پيا پروڌان (Proudhon: 1809-65) کي آن مقصد لاءِ ڪم آڻيندا آهن. پيا وري ١٩١٤ع کان اڳ جي "اصلاحين" (سڌارڪن) جي ڳالهين تي پنهنجا دليل بيهاريندا آهن، جن جي پوري ۽ ڪامياب ترديد اڳي ئي لينن پيش ڪري ڇڏي آهي. پر اِنهن سڀني کان وڌيڪ جيڪا ڏيان جوڳي ۽ نقصانڪار حرڪت آهي سا آها خاموشيءَ جي مهم آهي- جيڪا سرمايه پسند دنيا مارڪسزم جي خلاف هلائي،

www.sindhsalamat.com

ٿي. سرمايہ پسند دنيا جا علمي حلقا هر ممڪن نموني خاص طرح اِها ڪوشش ڪن ٿا تہ ماديت جي فلسفي جو مارڪسي بيان مرڳو ڪٿي پڙهو ئي نہ ٿئي. اِن سلسلي ۾، [هرهنڌ وٽن،] خاص طور فرانس ۾ سچي جيڪا فيلسوفي سکيا ڏني وڃي ٿي، آها پنهنجي چٽڪمي ۽ لِڪ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

ثانوي اسڪولن ۾ فلسفو پاڙهيو وڃي ٿو. پر تعليم جا سڀ نصابي ڪورس پڙهي ڪو پورا ڪري ڇڏي، پر هُن کي آخر تائين اِها ڪُڙڪ ڪانہ پوندي تہ اهڙو ڪو ماديت جو فلسفو بہ موجود آهي، جيڪو مارڪس ۽ اينگلس پيش ڪيو آهي. جڏهن بہ فلسفي جي ڪتابن ۾ ماديت جو ذڪر اچي ٿو (چاڪاڻ تہ اُن جو ذڪر تہ ڪرڻو ئي آهي)، تہ اُتي مارڪسزم ۽ ماديت اِئين ڏيکاريا وڃن ٿا ڄڻ آهي هڪٻئي کان الڳ آهن ۽ انهن جو پاڻ ۾ ڪو سبنڌ يا لاڳاپو ڪونهي. مارڪسزم کي عمومي طور خالص هڪ سياسي عقيدي طور پيش ڪيو وڃي ٿو، ۽ جڏهن ”تاريخي ماديت“ جو ذڪر اچي ٿو، تہ اُن سان وابستہ ماديت جي فلسفي جو بيان نٿو ٿئي؛ ۽ آخر ۾ ”جدلياتي ماديت“ جو تہ بنهہ نالو ئي ڪونہ ٿو ڪنيو وڃي.

هيءَ حالت رڳو اسڪولن ۽ ڪاليجن سان ئي ناهي، پر يونيورسٽين ۾ بہ صورتحال ساڳي آهي. سڀ کان وڏيڪ خاص قسم جي حقيقت هيءَ آهي تہ فرانس ۾ ڪو ماڻهو فلسفي جو خاص ماهر بہ ڪٿي هجي ۽ فرينچ يونيورسٽين جون هن کي اعليٰ ۾ اعليٰ سَنَدون بہ حاصل هجن، تہ بہ عين ممڪن آهي تہ هن کي اِها ڄاڻ ئي نہ هجي تہ مارڪسزم جو بہ هڪ فلسفو آهي، جنهن کي ماديت چئجي ٿو، ۽ روايتي ماديت جي جديد صورت بہ آهي جنهن کي مارڪسزم يعني جدلي ماديت سڏجي ٿو!

اِنهيءَ ڪري، اسين هيٺي اِهو ڏيکاريندا سون تہ مارڪسزم نہ فقط سماج جو پر خود ڪائنات جو بہ هڪ جامع خيال يا تصور رکي ٿو. اِن ڪري اِهو بيهي ارمان ڪرڻ، جيئن کي کي

www.sindhsalamat.com

ماڻهو ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته مارڪسزم جي وڏي اوڻائي هيءَ آهي، جو اُن وٽ ڪو فلسفو ڪونهي، يا جيئن 'ليبر تحريڪ' جا ڪي عالم مارڪسزم لاءِ ڪنهن دلپسند فلسفي جي ويهي تلاش ڪندا آهن — اِهي ڳالهيون بيڪار آهن ۽ اُنهن جي ڪا حقيقت ڪانهي.

بهرحال، هن ايڏيءَ منظم خاموشيءَ جي مهم هوندي به، ۽ حڪمران طبقن طرفان ايڏن تدارڪن ۽ ايڏي سوچ ويچار هوندي به، مارڪسزم ۽ اُن جو فلسفو دنيا ۾ چوڌاري جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ماڻهن تائين پهچندو رهي ٿو ۽ ڪين وڌ ڪان وڌ معلوم ٿيندو وڃي ٿو.

---

www.sindhsalamat.com

باب پهريون

فلسفي جو بنيادي مسئلو

۱. فلسفي جو مطالعو اسان کي ڪيئن شروع ڪرڻ گهرجي؟
۲. دنيا کي سمجهڻ جا، سمجهائڻ جا ٻه طريقا.
۳. مادو (جڙ) ۽ روح (آتما).
۴. مادو ڇا آهي؟ روح ڇا آهي؟
۵. فلسفي جو اصل سوال يا بنيادي مسئلو.
۶. تصوريت (مايا واد) يا ماديت (جڙ واد).

۱. فلسفي جو مطالعو اسان کي ڪيئن شروع ڪرڻ گهرجي؟

تعارف ۾ اسان ڪيئي ڀيرا ائين چيو ته جدلياتي ماديت جو فلسفو مارڪسزم جو بنياد آهي.

اسان جو مقصد هين فلسفي جو مطالعو ڪرڻ ۽ اُن کي سمجهڻ آهي؛ اِئين ڪرڻ لاءِ، بهرحال، اسان کي قدم بقدم اڳتي وڌڻو پوندو. جڏهن اسين جدلياتي ماديت جي ڳالهه ڪريون ته اسان جي آڏو ٻه لفظ اچن ٿا: ماديت ۽ جدليات، جنهن جو

www.sindhsalamat.com

مطلب ٿيو ته مادیت جدلياتي آهي*. اسان کي خبر آهي ته
مادیت جو فلسفو مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ به موجود هو، پر
مارڪس ۽ اينگلس اوڻيهين صديءَ جي سائنسي کوجنائن جي مدد
سان اُن کي وڌائي، سڌاري ۽ بدلائي، جدلياتي ماديت جي فلسفي
جي صورت ڏني.

اڳتي هلي، اسين لفظ ”جدليات“ جي معنيٰ تي ويچار
ڪنداسين، جيڪو ماديت جي جديد صورت جي سڃاڻپ ڪرائي
ٿو. بهرحال، جيئن ته مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ به ماديت جا
فيلسوف موجود هوندا هئا (مثال طور، ارڙهين صديءَ جو ٻيرٽ)،
۽ جيئن ته ڪي اهڙيون ڳالهيون يا نڪتا آهن جيڪي ماديت
جي سڀني فيلسوفن وٽ ساڳيا آهن، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته
اسين جدلياتي ماديت تي بحث ڪرڻ کان اڳ ماديت جي تاريخ
جو مطالعو ڪيون. اِئين، اسان کي آهي خيال يا ويچار به سمجهڻ
گهرجن، جيڪي عام توڙي خاص ماڻهو ماديت جي خلاف پنهنجي
ذهن ۾ رکن ٿا.

٢. دنيا کي سمجهڻ جا، سمجهائڻ جا ٻه طريقا

اسين مٿي چئي آيا آهيون ته فلسفو ”جيڪي سڀ کان
وڌ عام مسئلا آهن، انهن جو مطالعو آهي“، ۽ اُن جو مقصد
دنيا جو، فطرت جو ۽ ماڻهوءَ جو سمجهڻُ ۽ سمجهائڻُ آهي.

---

* ’ماده‘ لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ ’جڙ‘، ’ماديت‘ لاءِ ’جڙ واد‘ ۽ فلسفي
ماديت کي مڃيندڙ لاءِ ’جڙ وادِي‘: ’جَدَل‘ لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ
’تڪر‘ يا ’تڪراءُ‘: ’جدلياتيءَ‘ لاءِ ’تڪراءَ جو‘ يا ’تڪرائتو‘
لفظ آهن: انهيءَ ڪري ”جدلياتي ماديت“ لاءِ سنڌيءَ ۾ ’تڪراءَ
جي جڙ واد‘ يا ’تڪرائتي جڙ واد‘ جو اصطلاح به ڪم آڻي سگهجي
ٿو. (مترجم)

www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اسين سرمايہ پسند فلسفي جو ڪو ڪتاب هٿ ۾ کڻون ٿا تہ اُن ۾ ڪيترن ئي مختلف فلسفن جا بيان ڏسي حيران ٿي وڃون ٿا. اُنهن سڀني فلسفن جي نالن ۾ ساڳئي قسم جون پڇڙيون مثلاً 'يت' — جيئن تنقيديت، ارتقائيت، ادراڪيت وغيره — ڪم آندل ڏسون ٿا. ۽ هيءَ اُنهن جي ڪثرت يا گهڻائي اسان کي هيسائي ۽ ڊيڄاري ڇڏي ٿي. تنهن کان سواءِ هيتري ڳالهہ جي بغاغي سان بہ، سرمايہ پسند فيلسوفن ڳالهہ کي صاف ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪيو تہ ڏسجي؛ بلڪ، اُن جي ابتڙ، ڳالهہ کي پيچ در پيچ مشڪل ئي بڻايو آهي. اسان کي، بهرحال، هيتي شروع ۾ ئي، هنن سڀني [فڪري] نظامن کي اٹلائي پٹلائي رٽا ۾ رکٹو آهي، ۽ ائين ڪرڻ سان اُنهن کي اسين بہ وڏين ويچار- ڌارائن ۾ ورهايل ڏسي سگهون ٿا، جيڪي ٻيئي ڌارائون هڪٻئي جي ابتڙ ۽ شديد مخالفت ۾ آهن:

(الف) دنيا بابت سائنسي (علمي) ويچار ڌارا.

(ب) دنيا بابت غيرسائنسي (غيرعلمي) ويچار ڌارا.

٣. مادو (جڙ) ۽ روح (آتما).

جڏهن فيلسوف" دنيا کي، فطرت کي ۽ ماڻهوءَ کي — هڪ لفظ ۾، سڀني شيون جيڪي اسان جي چوڌير موجود آهن، تن کي — سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، تہ هڪدم آهي پاڻ کي اهڙيءَ ضرورت ۾ ورتل' ڏسن ٿا، جتي ڪين "فرق" ڪان، "الڳتا" کان، ڪم وٺڻو پوي ٿو. خود اسين پاڻ بہ ڏسي سگهون ٿا تہ ڪي آهي شيون يا وَستُو آهن، جيڪي مادي، جسماني يا جڙ' (Material) آهن، جن کي اسين ڏسون ٿا ۽ ڇهون ٿا. ٻيون شيون اهڙيون آهن جيڪي اسين ڏسي نٿا سگهون ۽ نہ ڇهي ٿا سگهون، نہ ماپي يا توري ٿا سگهون — مثلاً اسان جا پنهنجا خيال" يا ويچار".

www.sindhsalamat.com

اُئين، پوءِ، اسين شين کي هيٺين ٽولن ۾ ورهايون ٿا ـــ هڪ پاسي آهي شيون جيڪي مادّي آهن ۽ ٻئي پاسي آهي جيڪي مادّي نہ آهن، جيئن عقل جي، فڪر جي ۽ خيالن يا ويچارن جي دائرن جون آهن.

اِجهو اُئين فيلسوفن پاڻ کي دوراهي تي، يعني جسم (ماده) ۽ خيال (روح يا آتما) جي موجودگيءَ ۾ بيٺل ڏٺو.

٤. مادو ڇا آهي؟ روح ڇا آهي؟

اُئين، اسان هاڻي ڏٺو تہ ماڻهو، عام طور، ڪيئن شين کي ورهائي، ٻن قسمن ۾ جدا ڪري، رکڻ تي آماده ٿيا ـــ اِنهيءَ خيال يا ’مشاهدي‘ پٺاندر تہ آهي جسم آهن يا خيال، مادو آهن يا روح! پر اسان کي پوءِ بہ هڪدم ڏيءَ، هتي واضح ڪرڻ کپي تہ هيءَ فرق جدا جدا نمونن ۽ جدا جدا لفظن ۾ روا رکيو ۽ بيان ڪيو وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح، ’روح‘ جي ڳالهہ ڪرڻ بدران اسين ’خيال‘ جي، پنهنجن ’تصورن‘ جي، پنهنجي ’شعور‘ جي، ’ساهہ‘ جي ڳالهہ بہ ٿا ڪريون، جيئن اسين جڏهن ’فطرت‘ بابت، ’دنيا‘ بابت، ’ڌرتيءَ‘ بابت، ’هستيءَ‘ يا ’وجود‘ بابت ڳالهايون ٿا تڏهن آن سڀ مان اسان جي مراد ’مادو‘ ئي هوندو آهي.

اينگلس پنهنجي ڪتاب ”لڊوِڪ فيُور باخ“ ۾ هستيءَ (وجود) جي خيال بابت ڳالهہ ڪئي آهي. هستي يا وجود **مادو** آهي. خيال **روح** آهي.

خيالَ يا روحَ، ۽ هستيءَ يا ماديءَ جي هيٺين ڇڏي اسين وصف ڪنداسين تہ ’خيال‘ شين جو تصور آهي جيڪو اسين پنهنجي لاءِ ٺاهيون يا گهڙيون ٿا: اسان جا ڪي تصور رواجي طرح اسان جي حِس ظاهريءَ يا اِندري گيانَ مان اسان کي ملن ٿا ۽ لاڳاپيل مادي شين سان ٺهڪندڙ هجن ٿا: ٻيا تصور، جيئن خدا جا، فلسفي جا، انجد جا، ۽ خود خيالَ، وغيره، جا، مادي شين سان ٺهڪيل نہ هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com

پر، خاص ۽ اهم ڳالهه جيڪا هتي اسان کي پوريءَ طرح سمجهڻ ۽ ياد رکڻ کپي، سا هيءَ آهي ته اسان جا تصور، خيال ۽ ڪلپنائون انهيءَ ڪري آهن جو اسين ڏسون ٿا، ٻڌون ٿا، وغيره، انهيءَ ڪري آهن جو اسان جا اوسان (حواسَ) ڪم ڪن ٿا.

مادو يا هستي آها ئي آهي، جيڪا اسان جا اوسانَ ۽ اسان جون سُوجهيون (Perceptions) اسان کي ڏيکارين ٿيون ۽ ڏين ٿيون — جيئن، عمومي ۽ مجموعي طور، اهو سڀڪجهه جنهن ۾ اسين گهيريل آهيون ۽ جنهن کي ”ٻاهرين دنيا“ سڏجي ٿو. مثلاً، منهنجو پني ٽڪر، جنهن تي لکي رهيو آهيان، اڇو آهي. اهو ڄاڻُ ته اهو اڇو آهي، هڪ تصور آهي، ۽ آهي منهنجا حواس آهن، اوسانَ آهن، جيڪي مون کي اهو تصور ڏين ٿا. خود ڪاغذ يا پنو مادو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن فيلسوفَ خيال ۽ هستيءَ جي وچ ۾، يا روح ۽ مادي جي وچ ۾، يا شعور ۽ مغز، وغيره، جي وچ ۾ لاڳاپن بابت ڳالهه ڪن ٿا، تڏهن سوال هر ڀيري اهو ئي ساڳيو رهي ٿو — يعني هيءُ ته ”سڀ کان وڌ اهم ڇا آهي، سڀ کان وڌ برک يا مٿانهون ڇا آهي، ۽ نيٺ به ڀنهي مان اول يا پهريون ڇا هو؟ مادو يا روح، هستي (وجود) يا خيال؟ اهو ئي سوال آهي، جنهن کي ڇيو ويندو آهي —

۵. فلسفي جو اصل سوال يا بنيادي مسئلو

اسان مان هرهڪ عجب کائيندو آهي ته موت کان پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو، دنيا ڪٿان آئي، ڌرتي ڪيئن ٺهي.... ۽ اسان لاءِ ائين مڃڻ مشڪل آهي ته ”ڪجهه نه ڪجهه“ سدائين موجود رهيو آهي. بلڪ ائين سمجهڻ جو لاڙو عام رهيو آهي ته هڪڙي ڪنهن وقت ”ڪجهه به نه“ هو. اِن خيال ڪري،

www.sindhsalamat.com

جيڪي مذهب چوي ٿو، آهو وسهڻُ وڏيڪ آسان ٿئي ٿو ته، مثلاً، روح اونداهيءَ تي لامارا ڏيندو رهيو.... پوءِ مادو آيو" (بائيبل). ساڳيءَ ريت اسين عجب ڪائيندا آهيون ته اسان جا خيال ڪٿي رهن ٿا! ۽ ائين مادي، ۽ روح جي وچ ۾، مغز ۽ خيالن جي وچ ۾، لاڳاپن جو مسئلو اٿندو آهي. ان ڪان علاوه، هِن سوال اڀارڻ جا ڪيترا ٻيا نمونا آهن: مثال طور، ارادي ۽ قدرت (سگهه) جي وچ ۾ ڪهڙا تعلقات آهن؟ ارادي مان هتي مراد خيال، روح، شعور، آهي؛ ۽ قدرت يا سگهه آها آهي جيڪا مادّي خيال کان ممڪن آهي — يعني آها جيڪا موجود آهي، جيڪا هستي آهي، مادو آهي. ساڳيءَ طرح، اسان جي آڏو اڪثر "سماجي شعور" ۽ "سماجي وجود" جي لاڳاپن جو سوال به اٿندو آهي.

مطلب ته فلسفي جو هيءُ بنيادي سوال مختلف صورتن ۾ پيش ٿئي ٿو، ۽ ائين ڏسي سگهجي ٿو ته جنهن طريقي يا نموني هيءُ مادي ۽ روح جو سوال اٿارجي ٿو، هميشه اُن ذهوني کي پهريائين سمجهڻ ڪيتري نه اهم ڳالهه آهي، چاڪاڻ ته اسان کي خبر آهي ته هن سوال جا جواب هوندا به فقط ٻه ڏي تي سگهن ٿا:

هڪڙو سائنسي يا علمي جواب،

۽ ٻيو غيرسائنسي يا غيرعلمي جواب.

٦. تصوريت (مايا واد) يا ماديت (جڙ واد).

انهيءَ ڪري ٻي ائين آهي، جو فيلسوف هِن اهم سوال تي پنهنجو مضبوط موقف وٺي بيٺا آهن.

قديم ماڻهو، جيڪي بلڪل ٻي اڻڄاڻ هئا، جن کي نه دنيا جو ۽ نه پنهنجو ڪو سچو علم هو، هر ڳالهه، جيڪا ڪين حيرت ۾ وجهندي هئي، پاڻ کان مٿي، فطرت کان اوچين (مافوق الفطرت) هستين وٽان پائڻيندا هئا. هو پنهنجي خيال ۾، ڪلپنا ۾،

www.sindhsalamat.com

جنهن کي سندن خواب ۾ جاڳائيندا ۽ گرمائيندا هئا، جن ۾ هو پنهنجن ساٿين کي ۽ پاڻ کي جيئرن جاڳندن جيان هلندي چلندي ڏسندا هئا، اُنهن سمجهڻ لڳا ته هرڪنهن کي هڪڙو ٻيٽو وجود (پاڇَ ۽ همزاد) هو. هين ’همزاد‘ جي تصور (’جان‘) ۾ گهُومائتجي، هو سمجهڻ لڳا ته سندن اوسانَ ۽ خيالَ سندن ”جسم جا نه پر هڪ جدا ’ساهه‘ (روح) جا ڪم هئا، جيڪو اُن ۾ رهيو ٿي ۽ موت وقت اُتان نڪري ٿي ويو“ (اينگلس، ”لُڊوگ فيور باخ“). اِنهيءَ طرح روح (= دم، ساهه، هوا) جي غيرفاني هجڻ جو ۽ مادي، کان جدا يا ٻاهر اُن جي ممڪن زندگيءَ جو تصور سرجيو ۽ پيدا ٿيو.

مسئلي کي اِنهيءَ رخ سان ڏسڻ يا سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ماڻهن کي ڪيئي صديون لڳي ويون.! حقيقت ۾، يونان جي فلسفي جي دور کان (۽ خاص طور، اٽڪل ۲۵ صديون اڳ، افلاطون کان) پوءِ ئي واضح طور! هُنن روح کي، ماديءَ جي ڀيٽ ۾، ۽ اُن کان الڳ، ڪا شيءِ سمجهيو.

ڪيئي جُڳ اُن کان اڳ، بيشڪ هو ائين سمجهندا ٿي رهيا ته ماڻهو مرڻ کان پوءِ ”ساهه“ يا ”روح“ جي صورت ۾ جيئرو رهيو ٿي، پر هو ذهن ۾ اُن ”ساهه“ جي تصوير خالص هڪڙي ڪنهن خيال طور نه پر ائين رکندا هئا جڻ آها هڪ قسم جو ڪو هلڪو ۽ شفاف، اُوجل، جسمُ يا بت ئي هو.

اِنهيءَ طرح هو ماڻهوءَ کان وڌ طاقتور هستين کي، خدا کي يا خدائن کي ٻه، مڃيندا هئا، پر اُنهن کي هو شين، جانورن يا ماڻهن جي صورتن ۾ پنهنجي سامهون رکندا هئا ـــ يعني مادّي جسمن طور. گهڻي گهڻي زماني گذرڻ کان پوءِ ئي ”ساهه“ يا روح ۽ خدائون (۽ پوءِ خدائن جي جاءِ تي هڪ خدا) ائين تصور ۾ آندا ويا، جڻ آهي رڳو خيالي هستيون هيون ۽ اُنهن جو مادي، سان ڳانڍاپو يا اُن جو جسماني ڪوئي پيرو يا ڍانچو ڪونه هو.

ائين، ٿيندي ٿيندي، هيءُ تصور اڀريو ۽ پختو ٿيو ته سچ پچ روحَ آهن، جن کي برابر هڪ خاص جيوتِ آهي، جسماني زندگيءَ کان بلڪل آجي، ۽ جن کي پنهنجي 'وجود' لاءِ جسم يا بت جي ڪا ڪاڻ يا ضرورت ڪانهي.

نتيجي طور، هيءُ سوال مذهب جي تعلق سان هڪ وڌيڪ تز ۽ خاص انداز ۾ هيئن اٿيو:

" "ڇا، هيءَ دنيا خدائن يا خدا پيدا ڪئي، يا آها هميشه کان وجود ۾ هئي؟" ۽ فيلسوفن جيڪي هن سوال جا جواب ڏنا، تن پٽاندر آهي ٻن وڏن ٽولن ۾ ورهائجي ويا".
(اينگلس، "لڊوگ فيور باخ".)

هڪڙا آهي، جن سوُلي ۽ غيرسائنسي شرح يا سمجهاڻي پسند ڪندي، قبوليو ته دنيا ڪنهن نه ڪنهن ناهي، يعني آنهن اِها دعوا ڪئي ته روحَ مادو ڏاهيو، خيال يا تصورَ هستي ٺاهي؛ ۽ ائين آهي "تصوريت" يا "مايا واد" جا مڃيندڙ ٿيا ۽ آنهن جي ٽولي يا جماعت جي الڳ سڃاڻپ ٿي.

ٻيا، آهي، جن دنيا لاءِ سائنسي سمجهاڻي پيش ڪرڻ چاهي ۽ جن جو ويچار هو ته فطرت، مادو، بنياد هو، پاڙ هئي، مکيه تت يا عنصر هو. آهي "ماديت" يا "جڙ واد" جي مختلف سلسلن کي مڃيندڙ هئا. شروع ۾ هينئن ٻن فلسفن، تصوريت ۽ ماديت، (مايا واد ۽ جڙ واد)، جي اِن کان وڌ ٻي ڪا معني ڪانه هئي.

تصوريت ۽ ماديت، ائين فلسفي جي بنيادي سوال جا ٻه مخالف ۽ متضاد جواب آهن. تصوريت يا مايا واد غيرسائنسي خيال آرائي آهي. ماديت يا جڙ واد دنيا بابت سائنسي سوچ يا خيال آهي.

هيٺ اکيٺي پڙهندي، اوهين اِنهيءَ بيان جون ثابتيون ڏسندا، پر فوراً هن جاءِ تي اسين چٽي سگهون ٿا ته سچي پچي ٻه اسين تجربي مان اِهو ڏسي سگهون ٿا ته اهڙا جسم برابر آهن،

جيڪي خيال کان خالي آهن، مثلاً پٿرَ، ڌاتو، زمين، وغيره، پر جسم کان خالي خيالَ جو وجود ڪڏهن به ڏٺو نه ويو آهي.

هيءُ باب پورو ڪندي، اسين هڪڙو نتيجو بيان ڪنداسين، جنهن ۾ ڪابه لِڪ يا پرده پوشي ڪانهي، جنهن جون ڪي به ٻه معنائون نه آهن: ته اسين اهو ڏسي سگهون ٿا ته هن سوال جا جواب ته ”ائين آخر ڪيئن آهي، جو ماڻهو سوچي ٿو؟“ فقط ٻه فقط ٻه ٿي سگهن ٿا ـــ ٻه آنهن مان هڪڙو ٻئي کان ڪُلي جدا ٻه آن جي ابتڙ آهي ـــ ٻه آهي به جواب هي آهن:

(١) پهريون جواب: ماڻهو سوچي ٿو ڇاڪاڻ ته هن جو روح ڪم ڪري ٿو.

(٢) ٻيو جواب: ماڻهو سوچي ٿو ڇاڪاڻ ته هن جو ميجالو ڪم ڪري ٿو.

ٻنهي جوابن مان جيڪو جواب اسين ڏينداسين، بلڪل آن پٽاندر اِن سوال مان اُتندڙ ٻين مسئلن جا حل به آهڙا ئي مختلف هوندا.

ٻ ٻنهي مان جيڪو به هڪڙو اسين جواب ڏينداسين، آن موجب اسين ماديت جا مڃيندڙ يا جڙ وادي سڏباسين، يا تصوريت جا مڃيندڙ يا مايا وادي سڏباسين.

www.sindhsalamat.com

باب ٻيو

تصوريت (مايا واد)

١. اخلاقي تصوريت ۽ فيلسوفي تصوريت.
٢. اسان کي برڪلي (Berkeley 1685-1753) جي تصوريت جو ڇو مطالعو ڪرڻ گهرجي؟
٣. برڪلي جي تصوريت.
٤. تصوري (مايا وادي) سوچ جا نتيجا.
٥. تصوري دليل ــ
(١) روحُ مادو جوڙي/رچي ٿو.
(٢) اسان جي خيال کان الڳ دنيا موجود ڪانهي.
(٣) اسان جا تصور آهن، جي شيون ٺاهين ٿا/رچين ٿا.

١. اخلاقي تصوريت ۽ فيلسوفي تصوريت.

اسين مٿي (تعارف ــ ٤. هيٺ) اِهو مونجهارو ڏسي سگهياسين، جيڪوماديت متعلق چالو ٻوليءَ پيدا ڪيو آهي. تصوريت متعلق به ساڳيو مونجهارو اسين ڏسي سگهون ٿا.

حقيقت ۾ اخلاقي تصوريت ۽ فيلسوفي تصوريت کي هڪٻئي سان ڪڏهن به ملائڻ يا منجهائڻ نه گهرجي.

www.sindhsalamat.com

ا خلاقي تصوريت ڪنهن ڪارڻ سان، ڪنهن آدرش سان، واسطو رکي ٿي. بين‌الاقوامي پورهيت طبقي جي تحريڪ جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته بيشمار انقلابين، مارڪسوادين، اخلاقي آدرش لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي — ايستائين جو هنن پنهنجون جانيون به اُن لاءِ قربان ڪري ڇڏيون، ۽ پوءِ به هو اُن ئيءَ تصوريت جا مخالف رهيا، جنهن کي ”فيلاسوفي تصوريت“ ٿو چئجي.

فيلاسوفي تصوريت :

فيلاسوفي تصوريت هڪڙو عقيدو يا سِڌانت آهي، جنهن جو بنياد هن ڳالهه تي بيٺل آهي ته ’مادي، کي روح جي وسيلي، جڙ کي آتما وسيلي، سمجهيو وڃي!‘

اِها هڪ ويچار ڌارا آهي، جنهن ۾ فلسفي جي بنيادي سوال جو جواب هيءُ ڏنو ٿو وڃي ته ”خيال مکيه تت يا عنصر آهي، سڀ کان وڌ اهم ۽ اوائلي، ابتدائي.“ ۽ تصوريت ائين خيال جي اوائلي اهميت جو اعلان ڪندي، دعوا ڪري ٿي ته ”خيال هستيءَ (وجود) کي پيدا ڪري ٿو“، يا، ٻين لفظن ۾، ”روح آهي جيڪو مادو ناهي ٿو يا رچي ٿو.“

تصوريت جي ابتدائي صورت اِها آهي. اُن جي پوري اوسر يا واڌ مذهبن جي گود ۾ ٿي، جيڪي چون ٿا ته ”خالص“ روح، ”نج“ آتما، پرم‌آتما، مادي، جو ڏاهيندڙ آهي.

مذهب، جنهن دعوا ڪئي، ۽ اڃا به دعوا ڪري ٿو، ته اهو فلسفي جي دليلبازين ۽ بحثن مباحثن کان بالاتر آهي، اِن پنهنجي دعوا جي ابتڙ ۽ حقيقت ۾، تصوريت جي فلسفي جو ئي منطقي ۽ سڌو ترجمان آهي.

جڏهن سائنس طويل صدين جي دؤرن مان گذرندي، آيري مٿي آئي ۽ وچ ۾ پوندي، ڳالهه ۾ دخل ڏنو، تڏهن اِهو ضروري ٿيو ته مادي جيءَ، دنيا جيءَ، شين جيءَ تشريح يا سمجهاڻي رکيو

www.sindhsalamat.com

تصوري ڳالهه ڪان پوءِ طرح به ڏيڻ ڪپي. ۽ ائين، سورهين صديءَ کان وٺي، سائنس فطرت جي رنگ روپ ۽ ڏيکاءَ جي سمجهاڻي، روح ڪي، آتما ڪي، پرم آتما ڪي، وچ ۾ آڻڻ کان سواءِ، ۽ تخليق (رچنا) جي مفروضي يا اندازي کي ڪم آڻڻ کان سواءِ ڏيڻ شروع ڪئي.

هنن سائنسي، ماديّ ۽ دهريائي (فطرتي) سمجهاڻين کي وڌيڪ بهتر نموني ۽ پوريءَ ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻي سگهجي، ان لاءِ ضروري ٿيو ته تصوريت کي ڪجهه وڌيڪ اڳتي ڇڪجي، ۽ **مادي جي هستيءَ جوئي انڪار ڪري ڇڏجي.**

ارڙهين صديءَ جي شروع ۾، ائين ڪرڻ جو ڀار هڪ انگريز بشپ، برڪلي، جنهن کي "تصوريت جو پيءُ" سڏيو ويو آهي، پنهنجن ڪلهن تي کنيو.

٣. اسان کي برڪلي جي تصوريت جو ڇو مطالعو ڪرڻ گهرجي؟

برڪلي جي فلسفيائي سلسلي جو صاف مقصدماديت کي ختم ڪرڻ جو هو، ائين ثابت ڪري ڏيکارڻ جو ته مادو پنهنجي مايي يا ذات ۾ موجود ئي ڪونهي. هو پنهنجي ڪتاب Dialogues of HYLAS & PHILONOUS جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"جيڪڏهن هي اصول مڃيا وڃن ۽ سچا سمجهيا وڃن، ته ان جو نتيجو هيءُ نڪرندو ته دهريءَ ۽ شڪ جا ڪوڙيا هڪ ئي ڌڪ سان پوري جا پورا منهن ڀر وڃي ڪرندا، منجهيل مسئلا صاف ٿي ويندا، لڳ ڀڳ ناقابل حل مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ماڻهو، جيڪي اڻٽيون ڳالهيون ڪندي خوش پيا ٿيندا آهن، موٽي پنهنجي پوري هوش ۾ اچي ويندا."

مطلب ته ائين برڪلي جي نظر ۾ سچ اهو آهي ته مادو موجود ئي ڪونهي، ۽ ان جي ابتڙ ڪجهه چوڻ اٻتي ڳالهه ڪرڻ

www.sindhsalamat.com

آهي. اسين اڳتي ڏسنداسون ته اهڙا دعوا هو ڪيئن ٿو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. بهرحال، منهنجي خيال ۾، ان ڳالهه تي زور ڏيڻ فائدي کان خالي نه ٿيندو ته آهي جيڪي فلسفي جو مطالعو ڪرڻ گهرن ٿا، انهن کي ضرور برڪلي جي نظريي جو اونهو اڀياس ڪرڻ گهرجي.

مون کي پوري خبر آهي ته برڪلي جي ڳالهين تي ماڻهن کي کِل به ايندي، پر اِهو؟ هرگز وسارڻ نه کپي ته اسين سڀ ويهين صديءَ ۾ رهون ٿا، ۽ گذريل زمانن جي سمورن سوچ ويچارن ۽ مطالعن جو فائدو اسان وٽ ماڻهن لاءِ موجود آهي. تنهن کان سواءِ اسين سڀ جڏهن ماديت ۽ ان جي تاريخ جو اڀياس ڪنداسين، تڏهن ڏسنداسين ته اڳين دورن جي خود مادّي فيلسوفن جون به ڪيتري ڳالهيون کل جهڙيون هونديون هيون.

هيتي هي پڌائي چئڻ به ضروري آهي ته ڊدرٽ، جيڪو مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ ماديت جي فلسفي جو وڏي ۾ وڏو مفڪر ليکيو هو، ان برڪلي کي ڪافي اهميت ڏني ٿي، ۽ ان جي 'فڪري' سلسلي کي هُن هڪ اهڙو سلسلو سڏيو آهي—

”جيڪو انساني عقل ۽ فلسفي جي شانَ لاءِ هڪ چنٽ ڏي سهي، پر جنهن سان مقابلو ڏاڍو مشڪل ڪم هو، جيتوڻيڪ آهو هڪ بيحد کل جهڙو ٺي سلسلو هو.“

خود لينن به پنهنجي ڪتاب Materialism & Empirio Criticism ۾ ڪيترا ئي صفحا برڪلي تي صرف ڪيا آهن، ۽ لکيو آهي ته

”جديد کان جديد تصوري فيلسوفن، ماديت جي فيلسوفن جي خلاف ڪو هڪ دليل به اهڙو پيش نه ڪيو آهي، جيڪو بشپ برڪلي وٽان اڳ ئي ملي نه سگهيو هجي.“

آخر ۾، برڪلي جي 'عدم ماديت' جي اهميت ان بابت ڪم آيل هيٺين لفظن مان پڌري آهي، جيڪي فلسفي جي تقريباً هر ٻوسي ڪتاب ۾ ڏنل هوندا آهن:

www.sindhsalamat.com

”... هيءُ نظريو جيڪو بيشڪ اجا اڻپورو آهي، پر تہ بہ قابل صدتحسين آهي، ۽ فيلسوفي ذهنن ۾ ’مادي، جو پنهنجي سايي يا ذات ۾ موجود هئڻ‘ جي عقيدي کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي.“

برڪلي جي ايپلس ۽ دليلبازيءَ جي اهميت اِنهيءَ مٿينءَ دعوا مان محسوس ڪري سگهو ٿا.

٣. برڪلي جي تصوريت

برڪلي جي سڄي فڪري سلسلي جو مقصد اِهو ئي ڏيکارڻ آهي تہ مادي، جو ڪو وجود ئي ڪونهي. هُن جو چوڻ آهي تہ

”مادو آهو نہ آهي جيئن اسين مڃون ٿا تہ آهي جڏهن سمجهون ٿا تہ آهو اسان جي ذهنن (Minds) کان ٻاهر موجود آهي. اسين سمجهون ٿا تہ شيون موجود آهن ڇاڪاڻ تہ اسين اُنهن کي ڏسون ٿا، اُنهن کي ڇُهون ٿا، وغيره؛ ۽ ڇاڪاڻ تہ اُنهن جرن اسان کي اِهي حِسي سُوجهيون ملن ٿيون، انهيءَ ڪري اسين انهن جي وجود تي ويسهہ ٿا ڪريون.

”پر اسان جون سُوجهيون فقط اسان جا تصور آهن، جيڪي اسان جي ذهنن ۾ آهن. اِنهيءَ ڪري، شيون جيڪي اسين پنهنجن حواسن سان سهي ڪريون ٿا، سي اسان جي تصورن کان وڌيڪ ڪجهہ نہ آهن، ۽ تصورُ ذهنن کان ٻاهر ڪو وجود نٿا رکن.“

برڪلي مطابق، شيون موجود آهن؛ هو اُنهن جي خصلت ۽ اُنهن جي وجود کان انڪار ڪونہ ٿو ڪري، پر هن جي دعوا آهي تہ آهي فقط سُوجهين جي صورت ۾ موجود آهن جيڪي اسان کي اُنهن جي خبر ڏين ٿيون؛ ۽ هيءَ نتيجو ڪڍي ٿو تہ اسان جون سُوجهيون ۽ شيون ٻيئي هڪُ آهن ۽ ساڳي ڳالهہ آهن.

www.sindhsalamat.com

يعني، هيءَ ڳالهه ته شيون موجود آهن اِها حقيقت آهي، پر هو چوي ٿو ته آهي اسان جي اندر آهن، اسان جي ذهن (من) ۾ آهن، ۽ اسان جي ذهن کان ٻاهر انهن جو ڪو مايو يا ڪا ذات ڪانهي.

اسين شين کي اکين جي سوجهري جي مدد سان تصور (خيال) ۾ آڻيون ٿا؛ اسين انهن کي ڇهڻ جي مدد سان سُوجهيون (پروڙيون) ٿا؛ سونگهڻ جو حواس اسان کي انهن جي بوءِ جي خبر ڏئي ٿو؛ چپ يا تارون اسان کي انهن جي سواد جي ڄاڻ ڏئي ٿو؛ ۽ ٻڌڻ سان انهن جو آواز اسين سڃاڻون ٿا. اِهي الڳ الڳ سُوجهيون اسان کي تصور ڏين ٿيون، جيڪي گڏجي اسان کي آماده ڪن ٿا ته انهن کي هڪڙو گڏيل نالو ڏيون ۽ انهن کي ’شيون‘ سمجهون.

”اِئين، مثال طور، هڪڙو ڪو رنگ، سواد، بوءِ، شڪل ۽ انهن جي موافقت يا ميل، جيڪي تقريباً سدائين هڪ هنڌ ڏسجن ٿا، سڀ هڪ خاص شيءِ جو ڏَس ڏين ٿا، جيڪا صوف جي نالي سان آهڃاڻجي (سڏجي) ٿي.... اِئين تصورن جي ٻئي ميل سان هڪ پٿر، هڪ وڻ، هڪ ڪتاب ۽ ائين ٻيون اوَساڻيل ياسُوجهيل شيون آهڃاڻجن ٿيون.“ (برڪلي).

مطلب ته اسين رڳو پنهنجي تصور جا، مايا جا، وهم جا، شڪار آهيون، جڏهن اسين سمجهون ٿا ته اسين دنيا کي ۽ شين کي ائين ٿا ڄاڻون ڄڻ آهي اسان کان ٻاهر آئين آهن — ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ هي سڀڪجهه اسان جي ذهن (من) ۾ موجود آهي.

پنهنجي ڪتاب DIALOGUES OF HYLAS & PHILONOUS ۾ برڪلي هيءَ پنهنجي سوچ هين نموني پيش ٿو ڪري:

”ڇا، اِها هڪ ڪل جهڙي ۽ نامعقول ڳالهه نه آهي، جو ائين مڃجي ته ساڳي شيءِ ساڳئي وقت مختلف هُجي

www.sindhsalamat.com

سگهي ٿي؟ مثال طور، هڪ ئي گهڙيءَ آهه گرم به هجي ۽ سرد به هجي؟ چڱو، سمجهو ته هڪ اوهان جو هٿ گرم آهي، ٻيو هٿ سرد، ۽ پوءِ ٻيئي هٿ ساڳيءَ گهڙيءَ موافق ڪوسي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ ٽانءَ ۾ وجهو ته: ڇا، اهو پاڻي هڪ هٿ کي گرم ۽ ٻئي کي سرد نه لڳندو؟“

پر ڇاڪاڻ ته اِئين مڃڻ هڪ نامعقول ڳالهه آهي ته هڪ شيءِ ساڳيءَ گهڙيءَ پنهنجي ذات ۾ جدا جدا هجي سگهي ٿي، اِنهيءَ ڪري اسان کي اِن مان اِهو ئي نتيجو ڪڍڻو پوندو ته هيءَ شيءِ فقط اسان جي ذهن ۾ موجود آهي.

اِنهيءَ طرح، نيٺ به، برڪلي هِن پنهنجي دليلبازيءَ ۽ بحث ۾ ڇا ٿو ڪري؟ هو هيئن ٿو ڪري ته هو شين کان، وستوئن کان، اُنهن جون سڀئي خاصيتون ڦُري، ڇانگي، ڇني ٿو وٺي.

اوهين چئو ٿا ته شيون موجود آهن ڇاڪاڻ ته اُنهن کي رنگ آهي، بوءِ آهي، سواد آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته آهي وڏيون يا ننڍيون آهن، هلڪيون يا ڳريون آهن؟ مان اوهان کي ثابت ڪري ڏيندس ته اِها ڳالهه شين ۾ نه، پر اسان جي ذهن ۾ موجود آهي.

هي ڪپڙي جو ٽڪر ڏٺو: اوهين چئو ٿا ته اِهو ڳاڙهو آهي. ڇا، سچ پچ اِهو ائين آهي؟ اوهين سمجهو ٿا ته ’ڳاڙهو‘ خود ڪپڙي ۾ آهي. ڇا، واقعي ائين آهي؟ اوهان کي خبر آهي ته اهڙا به ڪي جانور آهن جن جون اکيون اسان جي اکين کان مختلف آهن ۽ اُهي اِن ڪپڙي کي ڳاڙهو ڪين ڏسندا: ساڳيءَ طرح هڪڙو ماڻهوءَ جنهن کي سائي آهي، سو اُن کي پيلو ڏسندو! ته پوءِ اِهو ڪهڙي رنگ جو آهي؟ ڇا، اوهين ائين نه چوندا ته ’اِن جو مدار آهي.... تي‘؟ تنهن جي معنيٰ ته ’ڳاڙهو‘ ڪپڙي ۾ نه آهي، پر اک ۾ آهي، اسان ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com

اوهين چئو ٿا ته هيءُ ڪپڙو هلڪو آهي؟ چڱو، چڏيو ته آهو ڪنهن ڪيوڙليءَ تي ڪِري! آها ته آن کي پڪ ٿي پڪ ڳرو محسوس ڪندي. ته پنهي مان صحيح ڪير چئبو؟ اوهين سمجهو ٿا ته هيءَ يا هوءَ شيءَ ڪوسي آهي؟ پر اوهين، جي تپيل آهيو، ته آها اوهان کي ٿڌي لڳندي! ته پوءِ، اها ڪوسي آهي يا ٿڌي؟

هڪ اکر ۾، جيڪڏهن ساڳيون شيون هڪ ئي وقت ڪن لاءِ ڳاڙهيون، ڳريون، ڪوسيون آهن، ۽ ٻين لاءِ آن جي بلڪل ابتڙ آهن، ته پوءِ حقيقت ته اها ٿي ته اسين مايا جا، وهم جا، شڪار آهيون، ۽ شيون رڳيون اسان جي ذهنن ۾ موجود آهن.

شين کي آنهن جي خاصيتن کان پالهو ڪري، ماڻهو اِنهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو ۽ چوي ٿو ته آهي فقط اسان جي خيال ۾ موجود آهن، يعني هو چوي ٿو ته مادو فقط هڪ خيال آهي، تصور آهي، مايا آهي.

برڪلي کان اڳ، يوناني فيلسوفن اڳي ئي چيو هو، ۽ صحيح چيو هو، ته ڪي خاصيتون، جيئن سوادَ ۽ آوازَ جون، خود شين ۾ نه هيون پر اسان ۾ هيون.

بهرحال، برڪلي جي قياسي اصول ۾ جيڪا شيءِ* نئين آهي سا خصوصاً هيءَ آهي ته هو اِها ڳالهه شين جي سڀني خاصيتن سان لاڳو ڪري ٿو، ۽ سچي ٿو سمجهي.

يوناني فيلسوفن شين جي خاصيتن جي وچ ۾ هيٺيون فرق ثابت ڪيو هو: هڪ پاسي، اصل يا عنصري خاصيتون، يعني آهي جيڪي شين ۾ هيون، مثلاً وزن، قدبت، جُهلَ يا مزاحمت، وغيره؛ ٻئي پاسي، ثانوي خاصيتون، يعني آهي جيڪي اسان ۾ آهن، مثلاً بوءِ، سواد، گرماڻ، وغيره.

هاڻي، برڪلي چا ٿو ڪري، جو اصل يا عنصري خاصيتن سان ساڳيو دليل لاڳو ڪري ٿو جيڪو ثانوي خاصيتن سان

www.sindhsalamat.com

واسطو رکندڙ آهي، مثلاً اِهو ته **سڀ وصفون، سڀ خاصيتون، شين ۾ نه پر اسان ۾ آهن.**

اسين جڏهن سج ڏانهن نهاريون ٿا ته اَن کي گول، تراکڙو ۽ ڳاڙهو ڏسون ٿا. سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي ته اِن ۾ اسين ڀليل آهيون ـــ حقيقت ۾ سج تراکڙو نه آهي، ڳاڙهو نه آهي. پوءِ اسين، سائنس جي مدد سان کن غلط خاصيتن کي جيڪي لاعلميءَ ۾ سج ڏانهن منسوب ٿا ڪريون، ڪٽي ٿا ڇڏيون، پر اَن مان اِهو نتيجو ڪونه ٿا ڪڍون ته سج ئي موجود ڪونهي! پر برڪلي جي آخري دريافت يا حاصلات اِها آهي ته هو اِن مان اِهڙو ئي نتيجو ڪڍي ٿو.

برابر، برڪلي اِن ۾ غلط هو ته قديم فيلسوفن جيڪو فرق ڏيکاريو هو، اُهو سائنسي ڇنڊڇاڻ جي سَٽَ جهلي ڪونه ٿي سگهيو، پر هُن هڪُ استدلالي ڪوٺُ، واڪَ ڇَلُ، ٿي ڪيو جڏهن هُن اُنهن ڳالهين مان اهي نتيجا ٿي ڪڍيا، جي منطقي طور اُنهن مان هرگز نڪرڻا نه هئا. حقيقت ۾، هُن رڳو اِهو ڏيکاريو هو ته شين جون خاصيتون اُئين نه هيون جيئن اسان جي حواسن اسان کي ٻڌايون ٿي؛ اِن جي معنيٰ ته اسان جي حواسن اسان کي ٺڳيو ٿي ۽ مادّي حقيقت کي بگيڙيو ٿي، جنهن مان امالڪ هو ڪيئن ٿي اِهو نتيجو ڪڍي سگهيو ته مادّي حقيقت موجود ئي ڪانه هئي!

۴. تصوري (ماياوادي) سوچ جا نتيجا

اِن ڳالهه مان ته ”هر شيءِ فقط اسان جي ذهن (من) ۾ موجود آهي“، ماڻهو هيءُ ئي نتيجو ڪڍي سگهي ٿو ته ٻاهرين دنيا موجود ئي ڪانهي.

جيڪڏهن اسين هِن دليل بازيءَ کي اَن جي لازمي خاتمي تي پهچايون، ته اُئين چوندا سين ته ”فقط آءٌ موجود آهيان، ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com

تہ پيا ماڻهو مون لاءِ مادّي شين وانگر ٿي آهن — يعني، فقط تصورن جا ميلَ يا ڳُنڍَڪا." هيءَ ڳالهہ آها آهي، جنهن کي فلسفي ۾ "اهم واد" (Solipsism) چئبو آهي، (جنهن مان مراد آهي تہ رڳو آءٌ آهيان).

لينن پنهنجي مٿي ٻڌايل ڪتاب ۾ چوي ٿو تہ برڪلي اِنهيءَ محض قيامي اصول جي حمايت جي الزام کان پاڻ کي پاڻ ٿي بچائڻ گهريو ٿي. اسان کي معلوم آهي تہ 'اهم واد' جو، جيڪو مايا واد يا تصوريت جي هڪ انتهائي صورت آهي، ڪو بہ فيلسوف دفاع نہ ڪري سگهيو آهي.

اِهيءَ ڪري، جڏهن مايا وادين (تصوري فيلسوفن) سان بحث جي صورت پيدا ٿئي، تہ ڪوشش ڪري اُنهن جي آڏو هيءَ ڳالهہ پڌري ڪري بيهارڻ کپي تہ آهي سندن متفق نتيجا جيڪي واقعي مادي، يا جڙ جي وجود کان انڪار ڪن ٿا، منطقي ۽ سندن پختي ايماني انداز سان اڳتي وڌي لازمي طور 'اهم واد' جي غيرمعقول انتها تي ٿي رسن ٿا.

٥. تصوري (مايا وادي) دليل

اسان برڪلي جي نظريي جو مغز يا تت، جيترو سادن لفظن ۾ ممڪن ٿي، سگهيو، مٿي اِنهيءَ ڪري پيش ڪيو آهي، جو فيلسوفي تصوريت يا مايا واد چا آهي، اُن کي هُن وقت ۾ وڌ صاف گوئيءَ سان بيان ڪيو آهي. اِهو تمام ضروري آهي تہ اِنهن دليلن جي وٽ ڪٽڻ لاءِ، جيڪي اسان لاءِ نوان آهن، اسين اِنهن کي بيحد سنجيدگيءَ سان آڏو رکون ۽ پوريءَ ديانتداريءَ ۽ هوشمنديءَ سان اُنهن جي توڙ ڪريون.

اڳتي هلي، اسين ڏسنداسين تہ جيڪڏهن تصوريت کي وڌيڪ چنبڙي ڦوڪي ۽ ٻنهي نون لفظن ۽ اصطلاحن ۾ ڍڪي پيش ٿو ڪيو وڃي، تہ بہ سڀ تصوري فيلسوف وري وري بہ

سواءِ ”جهوني برڪلي“ جي دليلن کي اڳتي آڻڻ جي، ٻي ڪن لاءِ ڪا هڪ به نئين ڳالهه پڌائي نٿا سگهن (لينن).

اسين هي پڻ ڏسنداسين ته ڪيئن تصوري فلسفو (مايا واد) جيڪو فلسفي جي ’سرڪاري‘ تاريخ تي ڇانيل رهيو آهي، ۽ اڃا به ڇانيل آهي، فڪر جو هڪ اهڙو طريقو پاڻ وٽ رکي ٿو، جنهن سان اسين ٻئي رڳيا پيا آهيون، جو سچيءَ اسان جي ارضي يا دنيائي (Secular) تعليم جي باوجود به اهو اڄ به اسان جي سچي وجود کي وڪوڙيو ويٺو آهي. بهرحال، سڀني تصوري فيلسوفن جي دليلن جو بنياد، اِن طرح، مهاپادري برڪلي جي عقلي نظام تي ٻڌي بيٺل آهي، اِن ڪري، هاڻي اسين، هِن باب جي اختصار طور، ڪوشش ڪري، سندن، مکيه دليلن جو سَتُ هيٺ پيش ڪنداسين، ۽ اِهو به ڏيکارينداسين ته آهي نيٺ به ڇا ثابت ڪرڻ ٿا چاهين.

(۱) روح مادو ناهي ٿو/رچي ٿو

جيئن اسين ڄاڻون ٿا، هيءَ تصوّري جواب آهي فلسفي جي بنيادي سوال جو: هيءَ تصوريت جي اصلي يا مُول صورت آهي، جنهن جو عڪس جدا جدا مذهبن ۾ موجود ڏسجي ٿو، جن ۾ اِها دعوا ڪيل آهي ته روحَ يا آتما سرشتيءَ کي ناهيو.

هِن دعوا جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون ـــ

يا هيءَ ته ’روح ڪُل‘ دنيا ناهي آهي ۽ اُها، حقيقتاً، اسان کان جدا موجود آهي. هيءَ مذهبي تعليمات جي عام تصوريت آهي.

يا هيءَ ته ’روح ڪُل‘ اسان کي تصورَ ڏيئي، جيڪي ڪنهن شيءِ سان به نهڪيل نه آهن، دنيا جو مايا روپ ناهيو آهي. هيءَ بشپ برڪلي جي ”غيرمادي تصوريت“ آهي، جيڪو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته روح ئي واحد حقيقت آهي ۽ مادو اسان جي روح جي هڪ جڙتو ناهيل پيداوار آهي.

www.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري، تصوري (مايا وادي) چوندا آهن تہ

(٢) دنيا اسان جي خيال کان الڳ موجود ڪانهي

۽ اِها ئي ڳالهہ برڪلي ڊيڪارٽ چاهي ٿي ـــ اِئين چئي تہ جڏهن اسين صفتون ۽ خاصيتون شين سان لاڳو ڪيون ٿا تڏهن غلطي ڪريون ٿا، چو تہ آهي فقط اسان جي ذهن ۾ موجود هجن ٿيون. تصوّرين لاءِ، بينچون ۽ ميزون موجود ئي نہ هونديون آهن، جيئن تہ آهي اسان کانِ الڳ نہ پر فقط اسان جي خيال ۾ هونديون آهن ـــ چو تہ

(٣) اسان جا تصور (خيال) ئي آهن، جي شيون ناهين ٿا/رچين ٿا

ٻين لفظن ۾، شيون اسان جي خيالن جا عڪس آهن. عملاً، چاڪاڻ تہ ذهن ئي آهي جيڪو مادي، جو ڀرم يا وهم رچي ٿو، چاڪاڻ تہ ذهن ئي آهي، جيڪو اسان جي خيال کي مادي، جو فهم ڏئي ٿو، چاڪاڻ تہ سُوجهيون جيڪي شين وٽان اسين محسوس ڪريون ٿا سي خود شين مان نڪتيون اپرن پر محض خيال مان اپرن ٿيون، انهيءَ ڪري دنيا جي ۽ شين جي حقيقت جو سبب اسان جو خيال آهي، ۽ نتيجي طور جو ڪجهہ اسان جي چوڌاري بيٺل آهي، آن جو اسان جي ذهن کان الڳ ڪو وجود ڪونهي، ۽، آهو سڀڪجهہ اسان جي فقط خيال جو ئي عڪس ٿي سگهي ٿو. پر جيئن نہ برڪلي مطابق، اسان جو ذهن پنهنجي سر هنن تصورن کي رچڻ جي سگهہ رکي نٿو سگهي ۽، تنهن کان سواءِ، جيئن تہ آهو، جو تصور چاهي سو بہ نٿو رچي سگهي (جيئن آهو واقعي ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن آهي هو پاڻ رچيندو هجي)، انهيءَ ڪري قبول ڪرڻو پوندو تہ هڪڙو ٻيو وڌيڪ طاقتور اصلي ذهن آهي، جيڪو آنهن تصورن جو ناعيندڙ آهي، رچيندڙ آهي، جيڪو اسان جو ذهن ناهي ٿو ۽

www.sindhsalamat.com

۽ اسان سڀني جي ذهن تي دنيا جا تصور مڙهي ٿو، اهي جيڪي سڀ اسان کي هيٺين مٿيان پوٿا آهن!

اهي آهن مکيه ۽ وڏيون ڳالهيون، مکيه ۽ وڏا ويچار، جن تي تصوري (مايا وادي) عقيدا ٻيٺل هجن ٿا، ۽ اهي ئي آهن، جيڪي فلسفي جي بنيادي سوال جا جواب مهيا ڪن ٿا.

هاڻي وقت آهي ته ڏسون ته، ان سوال ۽ مٿين ڳالهين جيڪي مسئلا آپاريا آهن، تن جو ماديت جي فلسفي وٽ ڪهڙو جواب آهي.

www.sindhsalamat.com

باب ٽيون

ماديت

۱. اسان کي ماديت جو ڇو مطالعو ڪرڻ گهرجي؟
۲. ماديت جو فلسفو ڪٿان نڪتو آهي؟
۳. ماديت جو فلسفو ڪيئن ۽ ڇو وڌيو آهي؟
۴. مادي فيلسوفن جا اصول ۽ دليل ڪهڙا آهن؟
(۱) مادو ئي آهي جيڪو ذهن اپائي ٿو.
(۲) مادو ذهن کان الڳ موجود آهي.
(۳) سائنس، تجربي وسيلي، اسان کي شين جي ڄاڻ جو موقعو ڏئي ٿي.

۱. اسان کي ماديت جو ڇو مطالعو ڪرڻ گهرجي؟

”وجود ۽ خيال جي وچ ۾ ڪهڙا لاڳاپا آهن؟“ اِن سوال جا فقط ٻه ئي جواب ٿي سگهن ٿا، ۽ اسين ڏسي آيا آهيون ته اهي هڪٻئي جي مخالف ۽ ابتڙ آهن.

اڳئين باب ۾ اسان تصوري فلسفي جي پيرائيءَ جون تصوري سمجهاڻيون ۽ دليل پڙهيا. هاڻي اسان کي فلسفي جي بنيادي سوال جي ٻئي جواب کي جانچڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي ته آن بابت ماديت جو فلسفو ڪهڙا دليل پيش ٿو ڪري. (اسين

www.sindhsalamat.com

هيءَ ڳالهه وري هتي دهرايون ٿا ته مذڪور سوال هر فلسفي جو اصل آهي، بنياد آهي.) ۽ اها جانچ اسان لاءِ وڌيڪ ضروري به آهي، ڇاڪاڻ جو ماديت جو فلسفو اسان لاءِ هڪ تمام اهم ڳالهه آهي — سڄي مارڪسي فڪر جو بنياد اِن فلسفي تي بيٺل آهي.

اسان لاءِ ماديت کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ بيحد ضروري آهي — بيحد ضروري، خاص طرح انهيءَ لاءِ، جو هِن فلسفي جا اصول تمام گهٽ ۽ اڻ-چِٽا ڄاتل آهن ۽ اُنهن کي گهڻو بگيڙيو به ويو آهي. اِنهن جي ڄاڻ بيحد ضروري اِنهيءَ لاءِ به آهي، جو اسان جي سڄي تعليم، اسان جي سڄي تربيت، جيڪا اسان کي ابتدائي توڙي اعليٰ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ملي ٿي، توڙي اسان جي سڄي رهت سهت ۽ سوچ جو رخ ۽ طريقو — اهي سڀ، تصوري اصولن ۽ ڳالهين سان ٺيٺيل آهن، ۽ اسان کي سڀڪنهن ڳالهه تي رهي ته کو ائين آهي. (اڳتي وارن بابن ۾ وڌيڪ اسين هِن صورتحال جا مثال ڏسنداسين، ۽ معلوم ڪنداسين ته ائين ڇو آهي.)

مطلب ته جيڪي مارڪسزم جو مطالعو ڪرڻ چاهين ٿا، تن لاءِ اُن جي بنياد کي، يعني ماديت جي فلسفي کي، سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ تمام ضروري آهي.

٣. ماديت جو فلسفو ڪٿان نڪتو آهي؟

اسان، فلسفي جي عمومي طور وصف ڪندي، ڏٺو آهي ته فلسفو دنيا جي ۽ ڪائنات جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي هڪ ڪوشش آهي. پر اسان کي خبر آهي ته انساني علم جي صورتحال مطابق هي سمجهاڻيون بدلبيون رهيون آهن. ۽ تاريخ جي دَورن ۾ جن به دنيا جي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُنهن اِن ڳالهه ۾ ٻه رخ ورتا آهن. هڪڙو، غيرسائنسي بلڪ سائنس دشمن، جنهن ۾ هڪ يا گهڻن ڪن اعليٰ روحن، فطرت کان اوچين طاقتن، کي وچ ۾ آندو ٿي ويو؛ ٻيو، سائنسي، جنهن ڳالهه کي حقيقتن سان ۽ تجربي سان ٿي پرکڻ ٿي ڪيو.

www.sindhsalamat.com

اِنهن مان هڪڙي رخ جو بچاءُ تصوري يا مايا وادي فيلسوفن ٿي ڪيو، ۽ ٻئي رخ جو ماديت يا جڙ واد جي فيلسوفن.

اِنهيءَ ڪري، هِن ڪتاب جي شروع ڪان وٺي، اسين ائين چوندا پئي آيا آهيون ته ماديت بابت جيڪا پهرين ۽ اصل ڳالهه، اسان کي ياد رکڻ گهرجي، سا اِها آهي ته هيءُ فلسفو "ڪائنات جي سائنسي سمجهاڻيءَ" جو ترجمان آهي.

جيڪڏهن تصوريت ماڻهن جي اڻ ڄاڻائيءَ مان ڄائي ۽ آسري آهي ـــ ۽ اسين هي ڏسنداسين ته ڪيئن آهي طاقتون جن تصوري خيال پئي رکيا آهن، اُنهن، سماج جي تاريخ ۾، سدائين اڻ ڄاڻائيءَ ۽ جهالت کي پئي پاليو ۽ نپايو آهي ـــ ته ماديت اِن جهالت ۽ تاريڪ خياليءَ جي خلاف سائنس جي جدوجهد ۽ ڪشمڪش مان ڄائي ۽ آسري آهي.

اِنهيءَ ڪري انساني دنيا ۾ هِن فلسفي جي خلاف سدائين هڪ سخت جنگ جاري رهي آهي، ۽ اڄ اسان جي پنهنجي دور ۾ به اِها جنگ ماديت جي جديد شڪل، جدلياتي ماديت، سان ائين ئي جاري آهي ـــ اُن کي اڄ به سرڪاري تعليمي دنيا ۾ جيڪڏهن ناليءَ ماتر ڄاتو به وڃي ٿو، ته، بنهه وساريو نه به ٿو وڃي، ته به اُن کي رڳو بگيڙيو ۽ بدزيبو بڻائي پيش ڪيو پيو وڃي ـــ ته جيئن ماڻهو اُن جي ويجهو به نه وڃن.

۳. ماديت جو فلسفو ڪيئن ۽ ڇو وڌيو آهي؟

هِن فلسفي جا مخالف جيڪي دعوائون ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته گذريل ويهه صديون هيءُ فلسفو ڪجهه به اڳتي نه وڌيو آهي، اُن جي ابتڙ ماديت جي تاريخ اُن ۾ اسان کي هڪ طرح جي فعال زندگيءَ جو ڏس ڏئي ٿي ۽ ٻڌائي ٿي ته فڪر جو هيءُ سلسلو هميشه تحرڪ ۾ ئي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com

صديون جي دؤرن ۾، ماڻهوءَ جي سائنسي ڄاڻ وڌندي پئي رهي آهي. فڪر جي تاريخ جي شروع ۾، يوناني قديم دؤر ۾، سائنسي ڄاڻ تمام ٿوري هئي، ۽ پهريان سائنسدان فيلسوف به هئا، ڇاڪاڻ ته اُن دور ۾ فلسفو ۽ نيون ڄاول سائنسون ساڳي شيءِ هيون — فلسفو سائنسن جو رڳو هڪ وستار يا واڌارو هو.

اڳتي هلي، جيئن سائنسن دنيا جي ماڻدانڻ جون وڌيڪ پوريون ۽ تز سمجهاڻيون پيش ڪيون — اهڙيون سمجهاڻيون، جن تصوري فيلسوفن جي پاران پيش ٿيندڙ سمجهاڻين کي ڏوڏيو ۽ ڪمزور ڪيو، ۽ مرڳو رد به ڪيو — ته فلسفي ۽ سائنس جي وچ ۾ هڪ طرح جو تصادم يا ٽڪر پيدا ٿي پيو.

۽ اُئين سائنسون، جو اُن دور جي 'سرڪاري' فلسفي جي رد ۾ اُڀري رهيون هيون، اِهو ضروري ٿيو ته آهي، يعني فلسفو ۽ سائنسون، هڪٻئي کان الڳ ٿي ويهن. اهڙيءَ طرح، "سائنس لاءِ اِن کان وڌيڪ ضروري ۽ فوراً ڪم واري ٻي ڪا ڳالهه نه هئي جهڙي هيءَ ته جيسين فيلسوف پاڻ کي پنهنجيءَ فيلسوفي ڪتنيڊ کان آزاد ڪرائين، تيسين اُنهن کي سنڌن وسيع مفروضن جي رڃ ۾ ڀٽڪندي ڇڏي، پاڻ سائنسدان ڪن اهڙن محدود ۽ خاص مسئلن کي هٿ ۾ کڻن، جن جي حل جي دريافت جو امڪان جي دائري ۾ پنهنجي سامهون ڏسي ٿي سگهيا." (آر. مابلانڪ R. Maublanc).

پر ماديت، جيڪا سائنسن سان گڏ ڄائي، اُنهن سان قريبي واسطي ۾ ۽ اُنهن تي آڌرِڻ' رهي، اُها سڄو وقت اُنهن سان ڏي گڏ اڳتي وڌي آهي ۽ اُسري نسري آهي، ۽ ٿيندي ٿيندي، اڄ جيِي جديد ماديت، مارڪس ۽ اينگلس جيِي ماديت، جدلياتي ماديت، تائين اُها پڇي پختي ٿيي ۽ ڦتلِيي ڦُولِيي آهي، ۽ اِئين نئين سر اُن جي ذات ۾ سائنس ۽ فلسفي جو سنگم عمل ۾ آيو آهي.

اڳتي هلي، اسين اُن جي هِن تاريخ ۽ ارتقا جو وڌيڪ مطالعو ڪنداسين، جيڪا تاريخ ۽ ارتقا مڪمل طرح انساني

www.sindhsalamat.com

تهذيب (سڀيتا) جي ترقيءَ سان ڳنڍيل آهي. بهرحال، هيٺين ڏي اسين، وري به، هيءَ ڳالهه دهرايون ٿا — ۽ اها پنهنجي ذهن ۾ هر طرح موجود رکڻ اسان لاءِ تمام ضروري ۽ بيحد مفيد ۽ اهم آهي — ته ماديت ۽ سائنسون پاڻ ۾ اٽوٽ ڳنڍيل ۽ ڳنڍيل آهن، جيئن بت ۽ ساهه، ۽ ماديت جو، ڪنهن طرح سائنسن سان اهوئي سبند آهي ۽ انهن تي اهڙو ئي مدار آهي.

هاڻي اسان لاءِ ماديت جي بنيادن جو سمجهڻ ۽ ثابت ڪرڻ ضروري آهي — بنياد، جيڪي سڀني فلسفن لاءِ ساڳيا آهن — آهي فلسفا جيڪي مختلف نمونن سان پاڻ لاءِ ماديت جي دائري ۾ بيهڻ هجڻ جي دعوا ڪن ٿا.

۴. مادي فيلسوفن جا اصول ۽ دليل ڪهڙا آهن؟

هن سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ، اسان لاءِ فلسفي جي بنيادي سوال ڏانهن وري موٽڻ ضروري آهي — وجود ۽ خيال جي لاڳاپن جي سوال ڏانهن: انهن مان ڪهڙو مُکيه يا مُول آهي؟

ماديت وارا هڪدم جواب ڏين ٿا ته وجود ۽ خيال جي وچ ۾، مادي ۽ روح جي وچ ۾، هڪڙو مخصوص تعلق آهي، هنن لاءِ، وجود (مادو) آدي عنصر آهي، مُول شيءِ، آهي، ۽ روح (ذهن يا من) ثانوي شيءِ آهي جيڪا مادي، کان پوءِ ۽ ان تي آڌرُ آهي.

مطلب ته ماديت وارن لاءِ دنيا کي، مادي، کي، ذهن يا روح نه جوڙيو آهي، پر روح کي، ذهن کي، مادي، (دنيا، فطرت) جوڙيو آهي.

ذهنُ مادي، جي هڪ اوچي ڪان اوچي اُپت آهي (اينگلس، "فيور باخ"). انهيءَ طرح اسين هتي جيڪڏهن اهو سوال وري پڇون جيڪو اسان هيٺي باب ۾ پڇيو هو، ته "ماڻهو ڪيئن تو سوچي؟" ته مادي فيلسوف جواب ڏيندا ته "ماڻهو سوچي ٿو

هِن طرح، جو هن کي مغز آهي، ميڄالو آهي، ۽ انهين چوندا ته خيال مغز جي پيداوار آهي. هُنن لاءِ مادي، کان سواءِ، جسم کان سواءِ، سوچڻ ٿيي ئي نٿو سگهي.

”اسان جو شعور ۽ اسان جي سوچ، ڪيتري قدر به آهي حواسن کان اوچا ۽ اُجرا ڏسجن، پر آهي هڪ مادّي، جسماني عضوي يعني مغز جي پيداوار آهن“ (اينگلس، ايضاً).

اِنهيءَ ڪري، مادّي فيلسوفن لاءِ مادو، وجود، حقيقي شيون آهن، جيڪي اسان جي تصور يا خيال کان الڳ ۽ ٻاهر موجود آهن، ۽ پنهنجي هجڻ لاءِ اُنهن کي اسان جي ذهن يا خيال جي گهرج ڪانهي. ساڳيءَ طرح، ذهن جو مادي، کان سواءِ وجود ٿيي نٿو سگهي، ۽ اهڙي ڪا شيءِ موجود ڪانهي، جيڪا غيرفاني ۽ جسم جي آڌار کان آجي هجي، جهڙي ڪي روح (ذهن، من) تو چئجي.

تصوري فيلسوفن جي چوڻ جي برخلاف، جيڪي شيون اسان جي چوڌاري ڀيڙل آهن، آهي اسان کان الڳ، ٻاڻ-مهاڙيون، موجود آهن؛ آهي اسان کي اسان جا خيال ڏين ٿيون؛ اسان جا تصور اُنهن شين جا رڳو عڪس آهن جيڪي اسان جي مغز ۾ آهن.

انهيءَ ڪري، وجود ۽ خيال جي لاڳاپن واري سوال جي ٻئي پهلوءَ يا نقطي جي سلسلي ۾:-

”اسان جي چوڌاري ڀيڙل دنيا بابت اسان جي خيالن جي خود اِن دنيا سان ڪهڙي نسبت آهي، ڪهڙو تعلق آهي؟ ڇا، اسان جي سوچ کي ٻاهرينءَ، سچيءَ پچيءَ، دنيا کي ڄاڻڻ جي سگهه آهي؟ ڇا، اسين اِن دنيا بابت پنهنجن تصورن ۽ خيالن ۾ حقيقت جو صحيح عڪس پيدا ڪري سگهون ٿا؟ فيلسوفي ٻوليءَ ۾ هِن سوال کي خيال ۽ وجود جي ساڳيائپ يا همآهنگيءَ جو سوال سڏيو ويندو آهي“ (اينگلس، ايضاً).

مادي فيلسوف چون ٿا: هائو، اسين دنيا کي ڄاڻي سگهون ٿا، ۽ دنيا جا تصور جيڪي اسين قائم ڪريون ٿا، آهي جيئن

www.sindhsalamat.com

پوءِ تيئن وڌيڪ صحيح ۽ واضح ٿيندا وڃن ٿا، ڇاڪاڻ ته اسين سائنسن جي مدد سان دنيا جو مطالعو ڪري سگهون ٿا، جيڪي تجربي سان اسان ڪي لاڳيتو ثابت ڪري ڏيکاريندڙيون رهن ٿيون ته اسان جي چوڌاري جيڪي شيون موجود آهن تن ڪي تحقيق هڪ زندگي يا هستي آهي جيڪا اسان کان الڳ ۽ اسان کان سواءِ، مخصوصاً انهن جي آهي، ۽ ماڻهو ڪنهن قدر هي شيون جيئن جون تيئن آپائي به سگهي ٿو، ناهي به سگهي ٿو.

ڳالهه جي تاتپرج طور هيئن چئبو ته مادي فيلسوفن جو فلسفي جي بنيادي مسئلي بابت چوڻ آهي ته

(١) مادو ئي آهي، جيڪو ذهن آپائي ٿو، ۽ سائنسي طور، ذهن ڪڏهن به مادي، کان سواءِ مشاهدي ۾ آيل نه آهي.

(٢) مادو ڪُلي طور ذهن کان الڳ وجود رکي ٿو، ۽ اُن کي يا اُن جي موجود هجڻ لاءِ ذهن جي ڪا ضرورت ڪانهي— ڇاڪاڻ ته اُن کي وجود آهي جيڪو مخصوصاً اُن جو آهي، ۽، اِنهيءَ ڪري، تصوري فيلسوفن جي چوڻ جي برعڪس، اسان جا تصور شيون ڪون، ٿا ناهين يا پيدا ڪن پر شيون اسان کي اسان جا تصور ڏين ٿيون.

(٣) اسين دنيا کي ڄاڻڻ لائق آهيون ۽ ڄاڻي سگهون ٿا، ۽ مادي، ۽ دنيا بابت جيڪي خيال اسين قائم ڪريون ٿا آهي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ صحيح ۽ صاف ٿيندا رهن ٿا، ڇاڪاڻ ته سائنس جي مدد سان، جو ڪجهه اسين اڳي ئي ڄاڻون ٿا اُن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح ڪريون ٿا ۽ جو ڪجهه اجا نٿا ڄاڻون اُهو ڳولي لهون ٿا ۽ معلوم ڪريون ٿا.

www.sindhsalamat.com

بـاب چـوٿـون

ڪير صحيح آهي، تصوري يا مادّي ـــ فيلسوف؟

١. مسئلي ڪي ڪيئن پيش ڪيو وڃي؟
٢. ڇا، اهو سچ آهي ته دنيا فقط اسان جي سوچ ۾ موجود آهي؟
٣. ڇا، اهو سچ آهي ته اسان جا تصور ئي شيون پيدا ڪن ٿا/ وجود ۾ آڻين ٿا.
٤. ڇا، اهو سچ آهي ته ذهن (= Mind) ئي مادو (= Matter) پيدا ڪري ٿو؟
٥. مادي فيلسوف صحيح آهن، ۽ سائنس انهن جون ڳالهيون ثابت ڪري ٿي...

١. مسئلي ڪي ڪيئن پيش ڪيو وڃي؟

هاڻي، جيئن ته تصوري ۽ مادّي فيلسوفن جون ڳالهيون ۽ موقف اسين ڄاڻون ٿا، اسين ڪوشش ڪنداسين ته ڏسون ته ٻنهي ۾ صحيح ڪير آهي. اَن لاءِ فوراً اسان کي ڏسڻو پوي ٿو ته هڪ ته اهي سندن ڳالهيون پاڻ ۾ مختلف ۽ مخالف آهن؛ ۽ ٻيو ته جيئن ٿي اسين انهن مان هڪڙو يا ٻيو موقف مڃون ٿا،

www.sindhsalamat.com

ته آن مان اهڙا سڌانت نڪري بيهن ٿا، اهڙيون ڳالهيون نروار ٿي بيهن ٿيون، جيڪي پنهنجن نتيجن ۾ بيحد اهم آهن.

انهيءَ چاڻ لاءِ ته پنهي مان ڪير صحيح آهي، اسان کي آنهن ٽن نڪتن کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو، جن تي اسان پنهي مان هرهڪ پاسي جو بحث ختم ڪيو هو.

تصوري فيلسوفن چيو ٿي ته

(١) ذهن ئي مادو اُپائي ٿو.

(٢) اسان جي سوچ کان الڳ يا ٻاهر مادو موجود ڪونهي.

(٣) اسان جا تصور يا خيال ئي آهن، جي شيون اُپائين ٿا.

مادي فيلسوف بلڪل اِنهن جي ابتڙ ڳالهيون ڪن ٿا.

پنهنجي ڪم کي آسان ڪرڻ لاءِ، اسان کي پهرين آهي ڳالهيون جانچڻ گهرجن، جي عام سمجهه ۾ اچي سگهن ٿيون ۽ پڻ ڏاڍيون عجيب ۽ حيرتناڪ لڳن ٿيون.

(١) ڇا، اِهو صحيح آهي ته دنيا فقط اسان جي سوچ يا خيال ۾ ئي موجود آهي؟

(٢) ڇا، اِهو صحيح آهي ته اسان جا تصور ئي شيون اُپائين ٿا؟

اِهي ٻه دليل آهن، جن جو برڪلي جي ”غيرمادي“ تصوريت دفاع ڪيو آهي، جنهن جي نتيجن مان، جيئن سيني مذهبي تعليمات ۾ به آهي، هيٺيون ٽيون سوال اُٿي ٿو:

(٣) ڇا، اِهو صحيح آهي ته ذهن ئي مادو اُپائي ٿو؟

هي تمام اهم سوال آهن، ڇاڪاڻ ته اِهي فلسفي جي بنيادي مسئلي سان لاڳاپيل آهن. ۽ انهيءَ ڪري اِنهن سوالن جي بحث مان ئي اسين جوابُ لهي سگهنداسين ته ڪير صحيح آهي؛ ۽ اِهي سوال مادي فيلسوفن لاءِ خاص طرح دلچسپ آهن، اِن معنيٰ ۾ ته اِنهن سوالن جا جيڪي جواب هو ڏين ٿا، آهي سيني مادي فلسفن ۾ ساڳيا آهن.

www.sindhsalamat.com

٣. ڇا، اهو سچ آهي ته دنيا فقط اسان جي سوچ ۾ موجود آهي؟

هن سوال جي اپياس ڪرڻ اڳ، اسان کي ٻه فيلسوفي اصطلاح سمجهڻ کپن. جيڪي اسان کي ڪم آڻڻا آهن ۽ جيڪي اسين پنهنجي مطالعي ۾ اڳتي ڏسنداسين:

داخلي (اندرين) حقيقت (جنهن جي معنيٰ آهي آها حقيقت جيڪا فقط اسان جي سوچ ۾ موجود آهي).

خارجي (ٻاهرين) حقيقت (جنهن جي معنيٰ آهي آها حقيقت جيڪا اسان جي سوچ کان الڳ موجود آهي).

تصوري فيلسوف چون ٿا ته دنيا هڪ خارجي (ٻاهرين) حقيقت نه آهي، پر هڪ داخلي (اندرين) حقيقت آهي. مادي فيلسوف چون ٿا ته دنيا هڪ خارجي حقيقت آهي.

انهيءَ ثابت ڪرڻ لاءِ ته دنيا ۽ شيون فقط اسان جي سوچ ۾ موجود آهن، بشپ برڪلي اُنهن کي سندن خاصيتن ۾ حل ڪري ٿو يعني جز جز ڪري پيچي ٿو (رنگ، قد، گهاٽائي، وغيره). هو ڏيکاري ٿو ته اِهي خاصيتون، جيڪي الڳ الڳ ڏسندڙ ماڻهن لاءِ الڳ الڳ آهن، خود شين ۾ نه آهن، پر اسان مان هرهڪ جي ذهن ۾ آهن. اِن مان هو نتيجو ڪڍي ٿو ته مادو خاصيتن جو هڪ مُڇو يا ميلُ آهي، جيڪي خاصيتون داخلي حقيقت آهن، خارجي حقيقت نه آهن، ۽ اِنهيءَ ڪري اُهو، يعني خود مادو، موجود ئي ڪونهي.

جيڪڏهن وري اسين ڪيس سچ جو مثال ڏيون ٿا، ته برڪلي اسان کان پڇي ٿو ته ڇا اوهين اُن ڳاڙهيءَ ٽڪيءَ جي خارجي حقيقت کي مڃو ٿا؟ ۽ هو، پنهنجي 'خاصيتن جي بحث جي طريقي' سان، اسان کي ڏيکاري ٿو ته سچ ڳاڙهو نه آهي ۽ ٽڪي يا ٿالهي به نه آهي. اِنهيءَ ڪري اُهو خارجي حقيقت

www.sindhsalamat.com

ڪانهي، چاڪاڻ ته اهو خود موجود ئي ڪونهي؛ پر اهو هڪ داخلي حقيقت آهي، چاڪاڻ ته اهو فقط اسان جي سوچ ۾ موجود آهي!

مادي فيلسوف چون ٿا ته سچ پوءِ به موجود آهي، اِنهيءَ لاءِ نه ته اسين اُن کي هڪ تراڪڙيءَ ڳاڙهيءَ ٽڪيءَ طور ڏسون ٿا — چو ته اِها ته هڪ سادي سودي قسم جي ظاهريت جي ڳالهه آهي، پاراٿيءَ ۽ اچاڻ، اوائلي ماڻهن جي سمجهه ۾ ويهندڙ، جيڪي حقيقت کي جانچڻ لاءِ ئلهن پنهنجن حواسن تي ئي ڀاڙيندا هئا؛ پر هاڻي اسين سائنس کان ڪم وٺون ٿا ۽ پوءِ چئون ٿا ته سچ موجود آهي. سائنس اسان کي موقعو ڏئي ٿي ته پنهنجن حواسن جي ڪري جن غلطين ۾ اسين پئون ٿا، اُنهن کي درست ڪري سگهون.

اِن کان پوءِ به ضروري آهي ته هِن سچ واري مثال ۾، اسين اصل سوال کي وڏيڪ صاف ڪري بيهاريون. برڪلي سان اسين سهمت آهيون ته سچ ٽِڪِيءَ يا ٿالهي نه آهي ۽ اهو ڳاڙهو به نه آهي، پر اِن مان جنهن نتيجي تي هو پهچي ٿو — هڪ خارجي حقيقت طور سچ جو انڪار — سو نتيجو اسين نٿا قبول ڪريون.

اسين شين جي خاصيتن تي نه پر اُنهن جي وجود تي بحث ٿا ڪريون. اسان جا حواس اسان کي ڌوڪو ٿا ڏين ۽ مادي حقيقت کي بگيڙين ٿا، اسان جو بحث اِهو نه آهي؛ پر هيءَ حقيقت اسان جي حواسن کان ٻاهر ۽ اُنهن کان سواءِ موجود آهي، اسان جو بحث اِنهيءَ ڳالهه تي آهي.

مادي فيلسوف اسان کان ٻاهر ۽ اسان کان سواءِ حقيقت جي موجود هجڻ جي دعوا ڪن ٿا، ۽ اُن لاءِ دليل پيش ڪن ٿا — خود سائنس يا سائنسون ئي سندن آهي دليل آهن.

تصوري فيلسوف اِهو ڏيکارڻ لاءِ ته هو صحيح آهن، ڇا ٿا ڪن؟ هو لفظن تي دليل آرايون ۽ بحث مباحثا ڪن ٿا، ڊگهيون تقريرون ڪن ٿا، ۽ صفحن تي صفحا لکي پرين ٿا.

www.sindhsalamat.com

هڪ گهڙيءَ لاءِ اوهين سمجهو ته هو صحيح آهن. جيڪڏهن دنيا فقط اسان جي سوچ ۾ ئي موجود آهي، ته پوءِ ڇنبو ته ماڻهن کان اڳ اُها موجود ڪانه هئي؟ پر اسان کي خبر آهي ته اِها ڳالهه ڪوڙي آهي، ڇاڪاڻ ته سائنس اسان کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڌرتيءَ تي ڪافي گهڻي عرصي کان پوءِ ماڻهو ظاهر ٿيو آهي. ڪي تصوري فيلسوف اسان کي ٻڌائيندا ته ماڻهن کان اڳ ڌرتيءَ تي جانور رهندا هئا ۽ اُنهن ۾ خيالُ موجود رهيو هوندو. پر اسان کي خبر آهي ته ڌرتي، جانورن کان ڪافي گهڻو عرصو اڳ، رهڻ ئي لائق نه هئي، ۽ اُن تي ڪابه جيوَ ڌاري شيءِ ممڪن ڪانه هئي. ٻيا وري اسان کي چوندا ته نظام شمسي ڪٿي اڪيلو ئي موجود هو ۽ ماڻهوءَ جو يا ڪنهن جيوَ جو وجود به نه هو، ته به خيالُ ۽ ذهنَ ته اصل آتما، پرم آتما، روح ڪل ۾ موجود هئا. اهڙيءَ ريت تصوريت يا مايا واد جي پرم روپ يا نهايت تي پهچون ٿا. اصل آتما، پرم آتما، روح ڪل، ابدي شعور، تصوريت کان سواءِ ڪونهي، ۽ تصوريت اُن کان سواءِ رهي نٿي سگهي.

ته تصوريت ۽ ماديت جو جيڪو سوال آهي، سو پنهنجيءَ تز صورت ۾ اِئين تو پيش ٿئي. ڪير صحيح آهي؟ تصوريت (مايا واد) جي نهايت صحيح آهي يا ماديت (جڙ واد) جي نهايت صحيح آهي؟ پرمآتما، روحُ ڪلُ، يا سائنس؟

روح ڪلُ هڪ خالص روح آهي، ماديءَ جو پيدا ڪندڙ، ثابتيءَ کان بالاتر، ثابتيءَ کان سواءِ هڪ دعوا.

سائنس، تجربي ۽ مشق وسيلي اسان جي آڏو ثابت ڪري ڏيکاري ٿي ته دنيا هڪ خارجي حقيقت آهي، ۽ سائنس اسان کي هن سوال جي ...اب ڏيڻ لائق به بڻائي ٿي —

٣. ڇا، اِهو سچ آهي ته اسان جا تصور ئي شيون آپائين ٿا؟

مثال طور هڪ مسافر بس وٺو، جيڪا هڪ هنڌان لنگهي رهي آهي، جڏهن آئان اسين هڪ تصوري فيلسوف سان گڏ گهٽي پار ڪري رهيا آهيون، ۽ آن سان اسين اِن ڳالهه تي بحث ڪري رهيا آهيون ته شين جي خارجي حقيقت آهي يا داخلي، ۽ پيو ته اِهو سچ آهي يا نه ته اسان جا تصور ئي شيون آپائين ٿا! هاڻي، اِها ته بلڪل پڪ آهي ته جيڪڏهن اسين ڇيڇجڻ نٿا گهرون، ته اسان کي ڏيان ڏيڻو ئي ۽ ڏيان ڪرڻو ئي پوندو. اِنهيءَ ڪري، عملاً، تصوري فيلسوف' مسافر بس جي وجود کي تسليم ڪرڻ تي مجبور آهي. هُن لاءِ، عملي طور، اُئين ڇئبو ته خارجي مسافر بس ۽ داخلي مسافر بس ۾ ڪو فرق ڪونهي، ۽ اِها ڳالهه ايتري صحيح آهي، جو عمل اِن جي ثابتي ٿو ڏئي ته سچ پچ جي زندگيءَ ۾ تصوري فيلسوف به مادّي عقيدي جا ئي آهن.

هِن موضوع تي اسين ڪيئي مثال ڏيئي سگهون ٿا، جن ۾ اسين ڏسي سگهنداسين ته تصوري فيلسوف ۽ آنهن جا حامي آنهيءَ حقيقت کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جنهن کي هو داخلي سمجهن ٿا، ڪيترن ئي خارجي ڪوٺن سچن ڪمن ڪرڻ کان ڪونه ٿا هٽن.

۽ انهيءَ ئي ڪري، اج اُئين آهي، جو برڪلي جهڙو اسان کي ڪو مشڪل تو ڏسڻ ۾ اچي، جيڪو ظاهراً اُئين چوندو هجي ته 'دنيا موجود ڪانهي!' آنهن جا دليل اِن ڪانِ گهڻا وڌيڪ نازڪ ۽ پُراسرار آهن. آنهن جي ڇاڻ لاءِ، اوهان کي لينن جي ڪتاب Materialism & Empirio Criticism جو باب "دنيا جي عناصرن جي دريافت" جي عنوان وارو پڙهڻ گهرجي، جنهن ۾ اوهان کي هِنن تصوري فيلسوفن جي دليلن جي طرز ۽ ڍنگ جا ڪيئي مثال ملندا.

www.sindhsalamat.com

مطلب ته، لينن جي اصطلاح ۾، ”عمل جي ڪسوٽي“ ئي آهي، جنهن سان اسين تصوري فيلسوفن کي منهن ڏيڻ لائق ٿي سگهون ٿا، ۽ لاجواب ڪري سگهون ٿا.

هي وري به ائين چئي پاڻ بچائي وڃڻ چاهيندا ته خيال (تصور، نظريو) ۽ عمل ساڳي شيءِ نه آهن، بلڪ آهي بلڪل ئي به مختلف شيون آهن. پر اهو سچ نه آهي. فقط عمل ئي آهي، جيڪو تجربي ذريعي انسان کي ڏيکاري سگهي ٿو ته ڪو خيال (تصور، نظريو) صحيح آهي يا غلط.

ته مسافر بس جو مثال انسان کي ڏيکاري ٿو ته دنيا جي هڪ خارجي حقيقت آهي ۽ آها ڪا مايا يا ڀرم نه آهي، جنهن کي انسان جي ذهن ٺاهيو هجي. هاڻي، جو برڪلي جو غير-ماديت جو نظريو سائنس جي مقابلي ۾ ٽڪي نٿو سگهي ۽ عمل جي ڪسوٽيءَ تي به پورو نٿو ثابت ٿئي، انسان کي باقي اهو ئي ڏسڻو آهي ته، جيئن مذهبن ۽ مذهبي تعليمات جي تصوري فلسفن جا سڀ نتيجا بيان ڪن ٿا ـــ

٤. ڇا، اهو سچ آهي ته ذهن ئي مادو آپائي ٿو؟

جيئن انسان مٿي ڏٺو، تصوري فيلسوفن لاءِ ذهن جي اعليٰ صورت (پرم روپ) اصلي ذهن، آدي شعور، روحُ ڪل آهي. اهو ئي آخري جواب آهي ـــ سندن نظريي جي نهايت؛ ۽ اهو ئي سبب آهي، جو ذهن ۽ مادي جو مسئلو، ٽورجي ٽڪجي، ۽ انهيءَ ڇانڊ لاءِ ته ڪير صحيح آهي ـــ تصوري فيلسوف يا مادي فيلسوف ـــ آخري طور چئبجي ٿو ”اصلي ذهن يا سائنس؟“ جي روپ ۾ نروار ٿئي، اچي سامهون ٿو بيهي.

تصوري فيلسوف دعوا ڪن ٿا ته اصلي ذهن، آدي شعور، روح ڪل، هميشه کان موجود رهيو آهي ۽ آن ۾ ڪابه ڦير گهير ڪانه آئي آهي، انهيءَ ڪري هو آهو ئي ساڳيو رهيو آهي. هو

www.sindhsalamat.com

خالص روح، نياز آتما، آهي، جنهن لاءِ وقت ۽ جاءِ، زمان ۽ مڪان، موجود نہ آهن. هو مادي جو رچندڙ، پيدا ڪندڙ آهي.

هن پنهنجي بيان کي مهاري ڏيڻ لاءِ تصوري فيلسوف وري بہ ڪو دليل ڪونہ ٿا پيش ڪن. مادي جي اُن آپتڪار جي رکيا طور هو ڪيئي پيڌ ۽ راز، ڪيئي رمزون ۽ اسرار، ڪم آڻين ٿا، جيڪي ڪوبہ سائنسي ذهن ڪونہ ٿو مڃي.

جڏهن ماڻهو سائنس جي شروعاتي قدمن کي، جانچي ٿو ۽ ڏسي ٿو تہ اُنهيءَ شروعات جي اپار جهالت جي اونهاين ۾ اڳوڻن ماڻهن پنهنجن ذهنن ۾ روحن جو، روح ڪل جو، تصور ويهاريو هو، تڏهن ماڻهو هي بہ ڏسي ٿو تہ تصوري فيلسوف ويهين صدي عيسويءَ ۾ بہ، اڳوڻن ماڻهن وانگر، اُن سچيءَ دريافت کي جيڪا هيڏيءَ ساريءَ اورچ ۽ صبرائتيءَ طويل محنت سان سائنس ڪئي آهي، ڪُلي طور ريٽي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ اِلٽي پٽي، اڄ بہ، تصوري فيلسوفن مطابق، روحن جي، روح ڪُل جي، سائنسي شرح نٿي ني سگهي ۽ آهي عقيدا هائي بہ آهڙا ئي اڻ ثابت موجود آهن جهڙا اڳ هئا.

جڏهن تصوري فيلسوف دنيا جو پيدا ٿيڻ "ثابت" ڪرڻ چاهين ٿا، اُنين چئي تہ مادو هميشه کان يا ابد کان موجود نٿي ٿي سگهيو ۽ اِنهيءَ ڪري آهو ضرور "جائو" هوندو، پيدا ٿيو هوندو، تہ هو اسان کي آگاهہ ڪن ٿا تہ روحن جي، روح ڪُل جي، پنهنجي ڪابہ شروعات ڪانہ هئي. اِها سندن تشريح وري ڪهڙي حساب سان وڌيڪ صاف ۽ واضح ٿيي؟

اِن جي برعڪس، مادي فيلسوف پنهنجن دليلن جي تقويت ۾ سائنس کان ڪم وٺن ٿا، جيڪا ماڻهوءَ اوتري ئي ڪولپي ۽ وڌائيي آهي جيتري قدر هوءَ "جهالت جون حلون" پري هٽائي سگهيو آهي.

هائي، ڇا، سائنس اسان کي اُنين سمجهڻ جي اجازت ڏئي ٿي تہ ذهن مادو اُپايو آهي؟ نہ. پيدائش جو تصور — مادي کان

www.sindhsalamat.com

سواءِ — نيري ذهن هئان، سمجهه کان ٻاهر آهي، ڇاڪاڻ ته پنهنجي تجربي ۾ اهڙي ڪا شيءِ اسين ڪانه ٿا ڄاڻون. ڇاڪاڻ ته اِها ممڪن هجي ها، تنهن لاءِ، جيئن تصوري فيلسوف چون ٿا، مادي کان اڳ نيري ذهن جو موجود هجڻ ضروري هو، ۽ هيڏانهن سائنس اسان کي ڏيکاريو آهي ۽ ڏيکاري ٿي ته اِها صورتحال ممڪن ڪانهي، جو ذهن مادي کان سواءِ ڪڏهن موجود هجي. اُن جي برعڪس، ذهن هميشه مادي سان شامل يا گڏ رهيو آهي، ۽، خاص طور، اسين ڏسون ٿا ته، ماڻهوءَ جو ذهن مغزي سرشتي سان ٻڌل آهي، جيڪو اسان جي تصورن ۽ اسان جي خيال جو مُهَڙِيُ يا مُنڍُ آهي. سائنس اسان کي اِنهيءَ وسهڻ جي اجازت نٿي ڏئي ته خال ۾ يا سُنَ ۾ تصورُ موجود هجي سگهن ٿا.

ته آتمائون يا پرم آتما، روحُ يا روح ڪُل، موجود هجي سگهن، اُن لاءِ اُنهن جي مغز جو هجڻ ضروري هو. اِنهيءَ ڪري اسين چئي سگهون ٿا ته ذهنُ يا روحُ مادو نه ڏاهيو آهي، پر ماڻهوءَ — ۽ اُهو مادو آهي، انساني مغز جي صورت ۾ — پرم آتما، روح ڪل، اصلي ذهن، شعور ابد، وغيره (جو تصور) پيدا ڪيو آهي.

اڳتي هلي، اسين ڏسنداسين ته ڇا، سائنس اسان لاءِ اهڙو ڪو امڪان ميسر ڪري ٿي، جو روح ڪُل ۾ يا ڪنهن به اهڙيءَ شيءِ ۾ اسين مڃي سگهون، جنهن تي وقت جو ڪو اثر نه هجي ۽ جنهن لاءِ جڳهه، ڇرڀر ۽ ڦيرگهير جو ڪو سوال ئي نه اُٿي. هِن کان پوءِ، في الحال، اسين هن نتيجي کي قبول ڪري سگهون ٿا ته فلسفي جي بنيادي مسئلي جي پنهنجي جواب ۾ —

۵. مادي فيلسوف صحيح آهن ۽ سائنس اُنهن جي ڳالهين کي ثابت ڪري ٿي.

مادي فيلسوف هيٺين ڳالهين ۾ اُڏين چوڻ ۾ صحيح آهن:

(١) برڪلي جي تصوريت جي برعڪس ۽ اُنهن فيلسوفن

www.sindhsalamat.com

جي برعڪس جيڪي آن جي غير -ماديت جي پٺيان لڳن ٿا، هڪ ته، اسان جي سوچ کان الڳ، دنيا ۽ شيون حقيقي طور موجود آهن ۽ آنهن کي موجود هجڻ لاءِ اسان جي سوچ جي ضرورت يا ڪاڻ ڪانهي؛ ۽ ٻيو ته اسان جا خيال يا تصور شيون پيدا ڪونه ٿا ڪن، پر اِهي شيون آهن، جيڪي اسان کي اسان جا خيال ۽ تصور ڏين ٿيون.

(٢) سڀني تصوري فيلسوفن جي برعڪس، جن جا سڀ نتيجا 'ذهن هٿان مادي جي پيدائش' واريءَ ڳالهه تي ختم ٿين ٿا، جنهن جو مطلب ته ڳالهه جي آخري تورتڪ سان هو روح ڪـُل جي وجود جو اعلان ڪن ٿا ۽ فقهي مذهبن يا شاستري ڌرمن جي حمايت ڪن ٿا، مادي فيلسوف وري سائنسن تي سڄيءَ پنهنجيءَ ڳالهه جو مدار رکندي، اعلان ڪن ٿا ۽ آهو ثابت ڪن ٿا ته مادو آهي جيڪو ذهن سرجي ٿو، ۽ هيءَ ته مادي جي پيدائش جي سمجهاڻي لاءِ ڪين 'روح ڪل يا آدي ذهن، وغيره، جي مفروضي' جي ضرورت ڪانهي.

نوٽ - اسان کي آن طرز ۽ طريقي ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن سان تصوري فيلسوف مسئلا اٿارين يا پيش ڪن ٿا. هو دعوا ڪن ٿا ته 'روح ڪـُل' ماڻهو پيدا ڪيا، پر اسان ڏٺو ته ماڻهوءَ 'روح ڪـُل' (جو خيال) پيدا ڪيو آهي. هو وڌيڪ هي به چون ٿا ته ذهن آهي جنهن مادو پيدا ڪيو آهي، پر اسين ڏسون ٿا ته حقيقت ۾ ڳالهه ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اِهو آهي آنهن جو تصوير کي اونڌي ڪرڻ جو طريقو، ۽ اسان کي آنهن جي اِها ڳالهه پڌري ڪرڻ گهرجي.

---

www.sindhsalamat.com

باب پنجون

ڇا، هڪ نئون فلسفو به آهي — اڳئان وارن جو فلسفو؟

۱. نئون فلسفو ڇو؟
۲. هن نئين فلسفي جا دليل.
۳. هيءُ فلسفو ڪٿان ٿو نڪري؟
۴. ان جا نتيجا.
۵. هنن دليلن کي اسين ڪيئن رد ڪريون؟
۶. نتيجو.

۱. نئون فلسفو ڇو؟

گذريل بابن پڙهڻ کان پوءِ، اسان کي شايد هي ڏسڻ ۾ اچي ته جملي فيلسوفي ڳالهين ۽ دليلن جي وچ ۾ اسين ڪافي آسانيءَ سان پنهنجي واٽ لهي سگهون ٿا — ڇو ته فلسفي جا رڳو ٻه مکيه رخ آهن، جن مان هڪ نه ٻئي رخ جا آهي دليل ڏيئي سگهون ٿا، يعني تصوريت جا يا ماديت جا. ۽ ٻيو ته ماديت جي پاسي جا دليل پوريءَ طرح اعتبار جوڳا آهن. ۽ ائين اسان کي معلوم ٿيندو ته ڪجهه، ڇڪاس ۽ ٿورڙ ڪان پوءِ اسان اهڙو رستو ڳولي لڌو آهي، جيڪو عقل جي فلسفي ڏانهن يعني ماديت ڏانهن رهبري ڪري ٿو. پر مسئلا اهڙا سادا نه آهن، جيئن اسان اڳي ڏي اشارتاً

www.sindhsalamat.com

ڊيڪاريو آهي، جديد تصوري فيلسوفن وٽ بشپ برڪلي جي صاف گوئي ڪانهي. هو پنهنجا خيال پيش ڪن ٿا ـــ

”ڪافي ڪجهه وڏيڪ اٽڪل ۽ حرفت واري نموني، ۽ ڪنهن نه ڪنهن نئين اصطلاح جي استعمال سان ڳالهه کي گهڻو ڪجهه منجهائين ٿا، ته جيئن ڀالايولا ۽ سنوان سڌا ماڻهو آنهن خيالن کي بنهه ڪو ’تازو فلسفو‘ سمجهي ويهن“.
(لينن، ساڳيو ڪتاب.)

اسان ڏٺو آهي ته فلسفي جي بنيادي سوال جا به جواب ڏيئي سگهجن ٿا، جيڪي ڪُلي طور پاڻ ۾ آڻ-ٺهڪندڙ، هڪٻئي جي مخالف ۽ ابتڙ آهن. اِهي به جواب تمام صاف آهن ۽ آنهن جي معنيٰ ۽ مراد ۾ ڪوبه مونجهارو ڪونهي.

۽ سچ پچ ته، لڳ ڀڳ ۱۷۱۰ع ۾، ڳالهه ڪي هيئن بيهاريو ويو: هڪ پاسي، آهي هئا، جن مادي جو وجود ماڻهوءَ جي سوچ کان الڳ مڃيو ٿي، آهي مادّي فيلسوف هئا؛ ۽ ٻئي پاسي آهي جن بشپ برڪلي سان گڏ، مادي جي وجود (هستيءَ) کان انڪار ٿي ڪيو ۽ دعوا ٿي ڪئي ته آهو رڳو اسان ۾، اسان جي ذهن ۾، تصور طور، موجود هو ـــ آهي تصوري فيلسوف هئا.

آن کان ٿورو عرصو پوءِ، سائنسن جي ڪجهه ترقي ٿي، ۽ هڪڙا ٻيا فيلسوف نروار ٿيا، جن تصوري ۽ مادّي سوچ رکندڙن جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪرڻ چاهيو ۽ اهڙيءَ هڪ فيلسوفي ڌارا جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ٻنهي نظرين جي وچ ۾ هڪ قسم جي گڙٻڙ ۽ اوائپ مچائي ڏني، ۽ آن اوائپ هڪ نئين فلسفي جي ڳولا کي جنم ڏنو.

٢. هن نئين فلسفي جا دليل.

هِن فلسفي جو بنياد، جيڪو برڪلي کان پوءِ کليو ۽ پڌرو ٿيو، هيءُ هو ته شين جي سچيءَ خصلت يا آد شڪتيءَ کي

www.sindhsalamat.com

چاڻڻ جي ڪوشش بيڪار ڳالهه هئي، اسين اُنهن جو رڳو ٻاهريون ڏيک ڏي چاڻي سگهنداسين. انهيءَ ڪري، هن فلسفي کي ”اگنان واد“* سڏيو ويو.

اگنان وادين مطابق اِهو چاڻي ڏي نٿو سگهجي ته دنيا پنهنجي اندر ۾ ذهن (Mind) آهي يا فطرت، پراڪرت (Nature)، مادو (Matter). اسان لاءِ شين جو ظاهر يا ٻاهريون ڏيک چاڻڻ ممڪن آهي، پر انهن جي حقيقت کي نٿا چاڻي سگهون.

اچو ته سچ جي مثال کي وري سامهون رکون. اسان ڏٺو ته اُهو ائين نه آهي، جيئن اُن کي اوائلي ماڻهن چاتو هو — يعني اِهو تراڪڙو (ٽڪيءَ يا ٿالهيءَ جهڙو) ۽ ڳاڙهو نه آهي. هيءَ اُن جي ڳاڙهاڻ ۽ تراڪڙائپ رڳو هڪ وهم يا ’مايا‘ هئي، هڪ ٻاهريون ڏيک، نِڪِڙو روپ.

انهيءَ ڪري، تصوريت ۽ ماديت جي تڪرار کي ويچاريندي — ته شين جو اصل ذهن هو يا مادو، آهي اسان جي سوچ کان الڳ موجود هيون يا نه، اسان لاءِ اُنهن کي چاڻڻ ممڪن هو يا نه — اگنان وادين جو چوڻ هو ته ماڻهو ظاهر کي يا ٻاهرئين ڏيک کي ته چاڻي سگهيو ٿي پر حقيقت کي نٿي چاڻي سگهيو.

هو چون ٿا ته اسان کي اسان جا حواس شين کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ ڏين ٿا، اُنهن جي ٻاهرين خاصيتن ۽ ظاهري رنگن روپن جي چاڻڻ ۾ سهائتا ڪن ٿا: اِهي ظاهر جا روپ ۽ ڏيک اِنهيءَ طور اسان لاءِ وجود رکن ٿا ۽ موجود آهن؛ آهي ڏي اسان لاءِ، جيئن فيلسوفي ٻوليءَ ۾ چئبو آهي، ”شيون“ آهن. پر اسين شيءِ کي، اسان کان الڳ ۽ اسان جي آثار کان سواءِ، اُن جي پنهنجي حقيقت طور، يعني جيئن اُها ”بذات خود“ آهي، چاڻي نٿا سگهون.

---

* Agnosticism (اگنان واد): a = نه = Gnosticos = چاڻڻ جهڙو = نه چاڻي سگهڻ جهڙي ڳالهه.

www.sindhsalamat.com

صوري ۽ مادي فيلسوف، جيڪي هيئن ڳالهين تي لڳاتار دليلبازي ڪندا رهن ٿا، تن کي ٻن ماڻهن سان ڀيٽي سگهجي ٿو، هڪڙو نيري ۽ عينڪ پاتل ۽ ٻيو ڳاڙهي ۽ عينڪ پاتل؛ جيڪي برف ۾ هلي رهيا هجن ۽ بحث مباحثو ڪندا رهندا هجن ته برف جو اصل رنگ ڪهڙو هو! فرض ٿا ڪريون ته هو پنهنجون عينڪون لاهي نٿا سگهن. ڇا، ان حالت ۾ آهي ڪڏهن به برف جو اصل رنگ معلوم ڪري سگهندا؟ نه. ته، هي تصوري ۽ مادي فيلسوف جيڪي هڪٻئي سان دليلبازي ڪندا ٿا رهن ته ٻنهي مان ڪير صحيح آهي، سي به نيري ۽ ڳاڙهي عينڪ پاتل آهن. آهي حقيقت ڪڏهن به ڄاڻي نه سگهندا. هو برف جو رنگ ڄاڻندا، ”پاڻ پنهنجي لاءِ“، پر منجهانئن هرڪو پنهنجي طور جو رنگ ڄاڻندو؛ بهرحال، هو خود برف کي ان جي ”اصل حقيقت ۾“ هرگز ڄاڻي نه سگهندا. اگنان وادين جو دليل بس ائين ۽ اهو هجي ٿو.

۳. هيءَ فلسفو ڪٿان ٿو ذڪري؟

هن فلسفي جا باني ٻه آهن: هيوم (Hume: 1711-76)، جيڪو انگريز هو، ۽ ڪانٽ (Kant: 1724-1804)، جيڪو جرمن هو. ٻنهي اها ڪوشش تي ڪئي ته تصوريت ۽ ماديت کي پاڻ ۾ ٺاهي ڇڏجي. هيوم طرفان ان سلسلي جو دليل لينن پنهنجي ڪتاب Materialism & Empirio Criticism ۾ خود هيوم جي لفظن ۾ هيئن ڏنو آهي:

”ائين ظاهر پيو ڏسجي ته، ماڻهو پنهنجن حواسن تي اعتبار رکڻ جي فطري عادت يا لاڙهي ۾ لڙهي ٿا وڃن؛ ۽ سواءِ ڪنهن ويچار جي، بلڪ ڪنهن قسم جي ويچار کان اڳ ئي، اسين سدائين هڪ خارجي دنيا کي فرض ڪري ٿا وٺون؛ جيڪا اسان جي سُوجهيءَ (Perception) تي مدار ڪانه ٿي رکي، پر جيڪا ڇڻ هوندئن ئي موجود رهندي — پوءِ اسين ۽ هر ٻيو باشعور جيوُ عدم موجود هجي يا ختم ٿي وڃي....

www.sindhsalamat.com

پر سينني ماڻهن جو هيءُ ڪئليي ۾ بنهه ابتدائي رايو، ٿوري ۾ ٿوري فلسفي جي استعمال سان ٺٺي پوي ٿو، جيڪو [فلسفو] اسان کي ٻڌائي ٿو ته ذهن جي آڏو ڪڏهن به ڪا شيءِ رهي سگهي ٿي ڪانه ٿي سواءِ ڪنهن عڪس يا سُوجهيءَ جي، ۽ ٻيو ته حواس رڳو ڪُرڙڪا آهن جن سان هي عڪس ذهن ۽ شيءِ جي وچ ۾، ڪنهن درمياني واسطي پيدا ڪرڻ ڪان سواءِ ٿي، گذرن ٿا. ميز، جيڪا اسين ڏسون ٿا، آها ڏسي سگهجي ٿو ته جيترا اسين اُن کان پري ٿيندا سين، اوتري آها گهٽجي رهندي آهي: پر حقيقي ميز، جيڪا اسان کان بي آڌاري ۾ آجي موجود آهي، اُن ۾ دراصل ڪا ڦيرگهير ڪانه ٿي اچي. اِنهيءَ ڪري، اِهو رڳو هڪ عڪس هو، ٻيو ڪجهه نه هو، جيڪو اسان جي ذهن جي آڏو ذهي بيٺو هو. هي پڌريون عقل جون تقاضائون ۾ اُن جا احڪام آهن."

اسين ڏسون ٿا ته هيوم اِها ڳالهه سڌي سنئين قبول ڪري ٿو جيڪا عام سمجهه جي آهي: "ٻاهرينءَ دنيا جو وجود"، جيڪو اسان تي مدار نٿو رکي. پر فوراً هو اِن وجود کي هڪ خارجي حقيقت طور قبولڻ کان انڪار ڪري ٿو! هُن لاءِ، هيءُ وجود ڪجهه نه آهي، رڳو هڪ عڪس آهي، ۽ اسان جا حواس جيڪي اُن وجود جو مشاهدو ڪن ٿا، يعني اِن عڪس جو، آهي ذهن ۽ شيءِ جي وچ ۾ ڪنهن به طرح جو ڪو واسطو قائم ڪرڻ کان قاصر آهن.

هڪ لفظ ۾ اُئين چئجي ته اسين شين جي وچ ۾ اُئين رهون ٿا جيئن هڪ سئنيما گهر ۾ جتي اسين پردي تي شين جي عڪس جو، اُنهن جي وجود جو، مشاهدو ڪريون ٿا، پر جتي خود اُنهن عڪسن جي پٺيان يعني پردي جي پٺيان، ڪجهه به نه آهي. ۽ جيڪڏهن اسين ڇاڻ گهرون ٿا ته اسان جو ذهن شين جي ڪيئن ٿو ڇاڻ رکي، ته آهو "خود ذهن جي قوت يا تيزيءَ ڪري، يا ڪنهن اڻ ڇاتل غيبي روح جي اشاري ڪري، يا

www.sindhsalamat.com

ڪنهن اھڙي ٻئي سبب جي ڪري ھوندو جيڪو اڃا اسان کي معلوم ڪونهي.“ (ھيوم.)

۴. اِن جا نتيجا

ته اِھو آھي اوھان جي سامهون ھڪ ريبائتو ۽ پتر-لوڀي، نظريو، جيڪو عام پکڙيل پڻ آھي. تاريخ جي گذريل دورن ۾، اسين اِن جا مختلف روپ ۽ ويس ڏسون ٿا، ۽، خود اڄوڪي پنهنجي دور ۾، اِن جو مشاھدو اسين اُنهن ماڻهن وٽ به ڪري سگهون ٿا جيڪي ”غيرجانبدار ۽ سائنسي طور محتاط“ ھجڻ جي دعوا ڪن ٿا ۽ ڏسڻ ۾ عموماً ڪم سخن به لڳندا آھن.

ھاڻي، اسان کي ھِنن دليلن جي پوري جانچنا ڪرڻ گهرجي ته ڇا، اِھي دليل صحيح آھن، ۽ بيو ته اِنهن مان آخر نتيجا ڪهڙا ٿا نڪرن!

جيڪڏھن اسان لاءِ سچ پچ اِھو ناممڪن آھي، جيئن اگنان وادي چون ٿا، ته اسين شين جي اصل حقيقت ڄاڻي سگهون، ۽ جيڪڏھن اسان جي ڄاڻ اُنهن جي ظاھري ڏيک تائين ئي محدود آھي، ته پوءِ اسين خارجي حقيقت جي وجود جو اعلان نٿا ڪري سگهون ۽ نه اِھو ئي ڄاڻي ٿا سگهون ته شيون پنهنجي ذات ۾ پاڻ موجود آھن. اسان لاءِ، مثال طور، مسافر-بس ھوڻ ھڪ خارجي حقيقت آھي؛ اگناني اسان کي ٻڌائين ٿا ته اِھا پڪي ڳالهه ڪانهي، ۽ چئي نٿو سگهجي، ته اِھا مسافر بس ھڪ تصور آھي يا حقيقت. اِنهيءَ ڪري اسان لاءِ اِھو چوڻ ممڪن ڪونهي ته اسان جو خيال شين جو عڪس آھي. ائين، اسين ڏسون ٿا ته اِھا ھڪ سچي جي سچي تصوري سوچ ئي آھي؛ ڇاڪاڻ ته ائين چوڻ ته شيون موجود نه آھن يا رکو ائين چوڻ ته چئي نٿو سگهجي ته آھي موجود آھن —— گهڻو ڪو فرق ته ٻنهي ڳالهين ۾ ڪونهي!

www.sindhsalamat.com

اسان ڏٺو ته اڳناني "اسان جي نظر ۾ شين" ۽ "بذات خود شين" ۾ فرق ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو ته "اسان جي نظر ۾ شين" جو مطالعو ممڪن آهي: اها سائنس آهي؛ پر "بذات خود شين" جو مطالعو ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه اسان کان ٻاهر يا اسان کان الڳ موجود آهي، اهو اسين ڄاڻي نٿا سگهون!

هن سوچ جو نتيجو هيٺ ريت نڪرندو: اڳناني سائنس کي قبولي ٿو: هو ان کي مڃي ٿو ۽ هو ان کي وڌائڻ ۽ ان تي ڪم ڪرڻ گهري ٿو، ۽ ڇاڪاڻ ته ماڻهو سائنس تي فقط انهيءَ شرط تي ڪم ڪري سگهي ٿو ته هو فطرت جي ڪم مان، نيچر جي ڪم مان، يعني فطرت کان ٻاهر ۽ ان کان اوچين قوتن جي دخل کي نيڪالي ڏيئي ڇڏي، انهيءَ ڪري هو سائنس جي نسبت سان ماديءَ فڪر يا مادي نقطي نگاهه رکندڙ آهي.

پر هو اڳتي ٿي وڌيڪ چوي ٿو ته ڇاڪاڻ ته سائنس اسان کي سواءِ ٻاهرين ڏيکڻ جي ٻيو ڪجهه نٿي ڏئي، انهيءَ ڪري ان مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته حقيقت ۾ مادي، کان سواءِ ٻيو ڪجهه موجود ڪونهي، يا اهو ته خود مادو به موجود آهي! يا اهو ته روح ڪل موجود نه آهي! انساني عقل ان بابت ڪجهه به ڄاڻي نٿو سگهي، ۽ انهيءَ ڪري ماڻهوءَ کي انهن مسئلن ۾ ڦاسڻ يا انهن بابت پريشان ٿيڻ نه کپي. جيڪڏهن "بذات خود شين" جي ڄاڻڻ جا ٻيا وسيلا به آهن، جيئن ته مذهبي ايمان، يا غيب تي عقيدو، ته اڳناني اهو ڪجهه به ڄاڻڻ نٿو چاهي ۽ نه هو ان تي بحث ڪرڻ جو حق پاڻ کي ڏئي ٿو.

اڳنان وادي، انهيءَ طرح زندگيءَ جي ڪارڪرت ۽ سائنس جي ترقيءَ ۽ اوسر جي خيال کان مادي رخ يا طرز فڪر رکي ٿو: پر هو ماديت جو اهو حامي آهي، جنهن کي ڪلئي نموني ماديت جي ڳالهه ڪرڻ جي همت ڪانهي، ۽ جيڪو سڀ کان وڌيڪ چاهي ٿو ته تصوريت وارن کان هو پاڻ بچائيندو هلي

۽ اُنهن سان ڪنهن پَرِ بہ ڪٿي اُلجهي نہ پوي، ۽ نہ مذهبن سان ڪن جهيڙن ۽ اختلافن ۾ ڪٿي پاڻُ ڦاسائي وجهي. هو هڪ ”لچارو ماديّي مفڪر“ آهي. (اينگلس.)

اِن جو نتيجو هيءُ ٿو ٿئي، تہ سائنس جي سچيءَ وٽ ۾ ايمان نہ رکندي ۽ اُن ۾ سواءِ بي‌اعتبار ۽ ’ظاهري‘ خيالن جي ٻيو ڪجهہ نہ ڏسندي، هيءُ ٽيون فلسفو گهري ٿو تہ اسين سائنس کي سچ جي سلسلي ۾ ڪابہ مجرائي نہ ڏيون ۽ اُن ۾ ڪنهن بہ سچ جي تلاش نہ ڪريون، ۽ اِنهيءَ ڪري ڪنهن بہ شيءِ جي ڇاڻ جي ڪوشش کي يا ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪرڻ جي ڪنهن بہ سعيي کي هڪ بيڪار ۽ فضول ڳالهہ سمجهون ۽ وقت جو نرو زيان ئي تصور ڪريون.

اگنان وادي چون ٿا تہ اڳي ماڻهن ڏٺو تہ سج هڪ تراڪڙي ٽِڪي هو ۽ اِهو مڃياڻون تہ آها حقيقت هئي؛ ۽ هو غلط هئا. اڄ سائنس پڌائي ٿي تہ سج اهڙو نہ آهي جهڙو اسين اُن کي ڏسون ٿا ۽ دعوا ڪري ٿي تہ آها اسان کي هر شيءِ سمجهائي سگهندي!

تنهن وچ ۾ اسين ڏسون ٿا تہ سائنس اڪثر غلطيون ڪري ٿي، رات جي وقت اُن جيڪي ڏاهيو اُن کي هوءَ صبح جو ڊاهي ڇڏي ٿي. غلطي ڪالهہ، سچ اڄ، ۽ سڀاڻي وري غلطي! اِنهيءَ طرح اگنان وادي اعلان ڪن ٿا تہ اسين ڇاڪي ئي نٿا سگهون؛ عقل ڪابہ پڪي ڳالهہ، ڪوبہ يقين، ڪونہ ٿو ڏئي. ۽ جيڪڏهن عقل کان سواءِ ٻئي وسيلي، مثلاً ڌرمي ويساهہ، مذهبي ايمان، جي دعوا آهي تہ هو اسان کي جيڪي پڪيون ڳالهيون آهن سي پڌائي سگهي ٿو ۽ حق‌اليقين جي حد تائين رسائي سگهي ٿو، تہ خود سائنس بہ اسان کي اُن مڃتا ۽ ويساهہ کان روڪي نٿي سگهي. اِئين سائنس مان ويساهہ لاهڻ ۽ اُن ۾ اعتبارُ گهٽائڻ سان، اگنان وادـ مذهبن جي موٽ لاءِ ميدان هموار ڪندي رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com

٥. هنن دليلن کي اسين ڪيئن رد ڪريون؟

اسان ڏٺو آهي ته مادي فيلسوف، پنهنجين ڳالهين کي ثابت ڪرڻ لاءِ، نه رڳو سائنس کان ڪم وٺن ٿا پر تجربي کي به ڪم آڻين ٿا، جيڪو سائنس تي قابض هجڻ ۾ سندن سهائتا ڪري ٿو. ”عمل يا استعماليءَ جي ڪسوٽي“ آها هڪ اَن-ڳُس واٽ آهي، جنهن وسيلي ماڻهو ڄاڻي سگهي ٿو، جنهن سان ماڻهو شين مان پوريءَ طرح واقف ٿي سگهي ٿو.

اگناسٽڪ وادي اسان کي ٻڌائين ٿا ته اِهو ناممڪن آهي، جو دعوا سان چئي سگهجي ته ٻاهرين دنيا موجود آهي يا موجود ناهي.

پر، استعماليءَ وسيلي، اسين ڄاڻون ٿا ته دنيا ۽ شيون موجود آهن؛ ۽ هي به ڄاڻون ٿا ته شين جا تصور جيڪي اسين قائم ڪريون ٿا، آهي صحيح آهن، ۽ پنهنجي ۽ شين جي وچ ۾ جيڪي ناتا يا لاڳاپا اسان قائم ڪيا آهن، آهي به واقعي آئين آهن ۽ سچا آهن.

”جنهن گهڙيءَ اسين هنن شين کي آنهن جي صفتن مطابق جيڪي اسان آنهن ۾ ڏٺيون، پنهنجي استعمال ۾ آڻيون ٿا، اُن گهڙيءَ اسين پنهنجين حسي سُوجهين جي ڪوڙ ۽ سچ کي هڪ اڻ ڳُس آزمائش ۾ وجهون ٿا. جيڪڏهن اِهي سُوجهيون ڪوڙيون هونديون، ته پڪ ئي پڪ شيءِ جي استعمال بابت جيڪو اسان اندازو ذهن ۾ رکيو هوندو، آهو به آهڙو ئي غلط ثابت ٿيندو ۽ اسان جي آها ڪوشش ناڪام ٿيندي. پر جيڪڏهن اسين پنهنجن مقصدن ۾ ڪامياب ٿياسين، جيڪڏهن اسان ڏٺو ته شيءِ اسان جي تصور سان ٺهڪندڙ آهي جيڪو اُن جو اسان قائم ڪيو هو ۽ آها آنهيءَ ترتيب يا رٿا ۾ اِئين ئهي ٿي جيئن اُن لاءِ اسان سوچيو هو، ته آها هڪ مثبت ۽ پختي ثابتي آهي ته شين بابت ۽ آنهن جي صفتن

بابت اسان جون سڄاڻيون هڪ اهڙيءَ حقيقت پڌاندر آهن، جيڪا اسان جي ذات کان الڳ ۽ اُن جي ڪاڻ کان بالاتر هڪ حقيقت آهي؛ ۽ هر پيري اسين جيڪڏهن ناڪام ٿيون ٿا ته اسين گهڻو ڪو وقت ڪونه ٿا وٺون، جو پنهنجي ناڪاميءَ جو سبب فوراً دريافت ڪري ٿا وٺون! ۽ اُن صورت ۾ اسين پاڻ ڏسون ٿا ته اسان جي سڄاڻي جنهن تي اسان پنهنجي عمل جو بنياد رکيو هو، سا يا اڻپوري ۽ سطحي هئي، يا بين سڄاڻين جي نتيجن سان اُن جو ائين ٺهي ميل ٿيو، جو اُنهن سان ٺُز ۽ صحيح سوچ جي ضمانت ملي نه سگهي. جيستائين اسان ڪي پنهنجن حواسن جي پوريءَ تربيت ۽ اُنهن کي ٺيڪ طرح ڪم آڻڻ جو خيال رهندو ۽ پنهنجي عمل کي لاڳاپيل سڄاڻين جي گهربل حدن اندر رکنداسين، ته ڏسنداسين ته اسان جي استعماليءَ جو نتيجو سڄاڻيل شيءِ جي خارجي سڀاءَ ۽ اُن بابت اسان جي سوجهين جي عين موافقت کي ثابت ڪندو. بهرحال، ڪنهن به حالت ۾ اڃا ائين نه ڏٺو ويو آهي ته اسان جون سائنسي طور ضابطي ۾ رکيل حسي سڄاڻيون اسان جي ذهن ۾ خارجي دنيا بابت اهڙا تصور پيدا ڪنديون هجن، جيڪي پنهنجي اصليتي نوع ۾ حقيقت سان نهڪندڙ نه هجن، يا هيءَ ته دنيا ۽ اُن بابت اسان جي حسي سڄاڻين جي وچ ۾ ڪا ذاتي يا خِلقي ناسازگاري يا بي جوڙائي موجود هجي." (اينگلس.)

مطلب ته اينگلس جو ٺي ٻئي هنڌ ورتل هڪ مثال ڪم آڻيندي، اسين ائين چونداسين ته "پدِنگ جي ثابتي اُن جي کائڻ ۾ آهي." جيڪڏهن اهو موجود نه هوندو يا اهو رکيو هڪ تصور هوندو، ته اُن جي کائڻ کان پوءِ اسان جي بک اها ساڳي ٿي رهندي! اِنهيءَ طرح اسان لاءِ بلڪل ممڪن آهي ته اسين شين کي ڄاڻي سگهون، يعني هي به ڏسي سگهون ته اسان جا تصور حقيقت سان مطابقت ۾ آهن يا نه. اسان لاءِ اِهو به ممڪن آهي

www.sindhsalamat.com

۽ سائنس جي نتيجن کي اسين تجربي، ڪاريگريءَ ۽ صنعتڪاريءَ وسيلي ضابطي ۾ رکي سگهون ـــ ڪاريگري ۽ صنعت جن سان سائنس جي اصلي يا فطري نتيجن کي عملي طور ڪم ۾ آندو وڃي ٿو، اسين، جو آميزشي يا ترڪيبي ربڙ ٺاهي سگهيا آهيون، اِن جي معنيٰ ته اِها ٿي ته جيڪا شيءِ ربڙ آهي، اُن کي سائنس اُن جي ذات تحت يعني ”بذات هڪ ربڙ“ جي ڄاڻي سگهي ٿي ۽ ڄاڻي ٿي.

اسين، انهيءَ ڪري، چئي سگهون ٿا ته اِها ڳالهه، سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ته صحيح ڪير آهي، يقيناً هڪ ڪارائتي ڳالهه آهي ـــ ڇاڪاڻ ته ڪن فطري غلطين جي باوجود جيڪي سائنس کان سرزد ٿي سگهن ٿيون، اسان جي تجربي هروقت ائين ثابت ڪيو آهي ته تحقيق سائنس ٺي آهي جيڪا صحيح آهي.

٦. نتيجا

ارڙهين صديءَ کان وٺي، ڪافي ڪن مفڪرن جي حالت ۾ اسين ڏسون ٿا، جن گهٽي قدر اگنان واد ۾ پناهه ورتي آهي، ته هيءُ فلسفو ڪڏهن تصوريت جي پاسي کان ۽ ڪڏهن ماديت جي پاسي کان حملي جو نشان پئي رهيو آهي. لينن جو چوڻ آهي ته اگنان وادي نون اصطلاحن جو پوش اختيار ڪن ٿا ۽ پنهنجي دليلن لاءِ سائنسن جي ٽيڪ به وٺن ٿا، پر سواءِ اِن جي ته هو نظرين جي وچ ۾ مونجهارو پيدا ڪن، هو ٻيو ڪجهه به نٿا ڪن، ۽ پوءِ پاڻ کي هڪ قسم جي فڪري آسودگي ڏين ٿا ـــ ائين سمجهي ته هو تصوري نه آهن ڇو ته هو سائنس جي پاسي آهن، جڏهن درحقيقت هو رڳو سائنس کي پنهنجي آڏ پڪي فڪر لاءِ جهڙي طور ڪم آڻين ٿا؛ پر هو ماديت جي پاسي به نه آهن، ڇو ته پنهنجن سائنس-آميز دليلن کي هو توڙ تائين پهچائڻ لاءِ تيار نه آهن ـــ ۽ اهو سڀ اِن ڪري، جو هو ٻه-چتا آهن، ٻڪ خيال ۾ ڪهڙيءَ-ڪرڻيءَ وارا نه آهن.

”اڳون اگنان واد، چا آهي؟“ اينگلس پڇي ٿو، ”سواءِ اِن جي ته اِها مُنهن-ڪُنجِي، لچاري ماديت آهي؟ فطرت بابت اگنان وادي نظريو سڄو مادي نظريو آهي. فطرت جي دنيا، پنهنجي سچي ماندائڻ ۾، قاعدن جي حاڪميت هيٺ آهي، ۽ هر خارجي دخل اندازيءَ کان ڪُلي طور آجي آهي. پر اُن ۾ اگنان واد پنهنجي طرفان هيءَ ڳالهه ملائي ٿي ته اسان وٽ ڄاتل ڪائنات کان مٿي يا پري ڪنهن اعليٰ هستيءَ جي وجود جي مڃڻ يا انڪار ڪرڻ جا ڪي سبب يا سامانَ نه آهن.“

اُهِن هيءُ فلسفو تصوريت جي بازي کيڏي ٿو، ۽ چاڪاڻ ته اگنان وادي پنهنجن دليان ۾ دو-رخا يا ٻه-چتا آهن، اِنهيءَ ڪري، بازيءَ جي آخري وار طور، هو تصوريت جي ئي ساري کيڏن ٿا ۽ نيٺ آهو ئي موقف هو وٺي بيهن ٿا. لينن جو چوڻ آهي ته ”اگنان واديءَ کي کُرڙيو، ته اوهان کي اُن ۾ تصوري ملندو.“

اسين مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته اِهو فيصلو اسين برابر ڪري سگهون ٿا ته ٻنهي مان صحيح ڪير آهي — مادي فيلسوفُ يا تصوري فيلسوفُ، ماديت يا تصوريت!

اسين هاڻي ڏسي سگهون ٿا ته آهي نظريا جيڪي ٻنهي فلسفن کي سرچاڻ جيءَ ۽ پاهر مطابقت ۾ آڻڻ جي دعوا ڪن ٿا، آهي اصل ۾ رڳو تصوريت جي پٺيرائي ٿا ڪن؛ آهي فلسفي جي بنيادي سوال جو ڪو ٽيون جواب ڪونه ٿا مهيا ڪن؛ ۽ انهيءَ ڪري حقيقت ۾ ڏيون فلسفو ڪوئي ڪونهي.

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو ڀيو

فيلسوفي ماديت

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

باب ٻـهـريـون

مادو ۽ مادّي فيلسوف

١. مادو ڇا آهي؟
٢. ماديءَ بابت لاڪيتا نظريا.
٣. مادّي فيلسوفن جي نظر ۾ مادو ڇا آهي؟
٤. ماديءَ جي تصوريت مادّي فيلسوفن جا بيانَ.
٥. نتيجو.

ٻهرئين ڀاڱي ۾، اول اسان سڀني مادّي فيلسوفن جا ڳڏيل ۽ هڪجهڙا خيال بيان ڪيا؛ پوءِ اسان تصوري فيلسوفن جي رد ۾ مادّي فيلسوفن جا دليل پيش ڪيا؛ ۽ آخر ۾ اسان اڳمان واد جي غلطيءَ جو ذڪر ڪيو. هاڻي اسين هن تعليم مان نتيجا اخذ ڪنداسين ۽ پنهنجن مادّي دليلن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ خاص طور هيٺين ٻن سوالن جي جوابن ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين:-

(١) مادو ڇا آهي؟

(٢) ماديت کي مڃڻ يا مادّي خيالن رکڻ مان ڇا مراد آهي؟

١. مادو ڇا آهي؟

سوال جي اهميت: جڏهن ٻه ڪو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ هجي، ته ٻهريائين ضروري آهي ته سوال اُئين آثارجي، جو اهو پوريءَ طرح پڌرو ٿي سامهون بيهي. ۽ هن حالت ۾،

www.sindhsalamat.com

حقيقت آهي ته هونئن به خاطريءَ جهڙو جواب ايڏو سولو ڪونهي. اهڙي جواب ڏيڻ لاءِ اسان کي ماديءَ جو نظريو مرتب ڪرڻو پوندو.

عام طرح، ماڻهو سمجهن ٿا ته مادو اهو آهي، جنهن کي ڇُهي سگهجي ۽ جيڪو سخت هجي ۽ جنهن ۾ ننڍ يا ساموهٽائي هجي. قديم يونان ۾، ماديءَ جي وصف ائين ڪئي ويندي هئي.

اڄ، سائنس جي روشنيءَ ۾، ماديءَ جي هِن وصف کي اڻپورو سمجهيو وڃي ٿو.

۲. مادي بابت لاڳيتا نظريا

هن سلسلي ۾ اسان جو مقصد آهي ته پهرياڻين جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي اوتري قدر سادن لفظن ۾، سائنسي تشريحن کي ڇڏي ڪري، مادي بابت مختلف نظرين کي ڏسي وڃجي.

يونان ۾، ائين سمجهيو ويندو هو ته مادو ڪجهه سخت مواد هو، جيڪو لامحدود ورهائجي نٿي سگهيو، ۽ ورهائجندي ورهائجندي، اهڙيءَ هڪ حد تي رسيو ٿي، جنهن کان پوءِ اُن جا ذرا وڌيڪ ورهائجي نٿي سگهيا؛ اهڙن وڌيڪ ورهائجي نه سگهندڙ ذرن کي هُنن آئٽم (آٽا) ٿي سڏيو. ائين به سمجهيو ٿي ويو ته هي ائٽم هڪٻئي کان مختلف هئا، ڪي ائٽم لسا ۽ گول هئا جيئن تيل جا؛ ۽ پيا کهرا ۽ ڪنڊاوان جيئن سرڪي جا!

هيءُ نظريو قديم دور جي ماديّي فيلسوف، ڊيماڪريٽس (Democritus: c. 460-370 B.c) قائم ڪيو هو؛ هو پهريون ماڻهو هو، جنهن دنيا جي هڪ مادي تشريح يا سمجهاڻي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مثلاً، هن جو خيال هو ته انساني بدن ٿلهن ۽ جاڏن ائٽمن جو ٺهيل هو ۽ روح نازڪ ۽ لسن ائٽمن جي هڪ ڦلن مٽ هئي، ۽ جيئن ته هو خدائن (روحن، فطرت کان اوچين هستين) جي وجود جو قائل هو، پر هر شيءِ جي سمجهاڻي هُن ماديّي نقطي نگاهه کان ڏيڻ چاهي ٿي، هُن

اٿين به چيو ٿي ته خدائون پاڻ انهه ٿي ۽ خاص طرح جي نازڪ ۽ لطيف اڻئمن جا مرڪب هئا.

اٿين قديم زماني ڪان، ماڻهن مادي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وچين دور ۾ يونانين پاران پيش ڪيل اڻئمي نظريي ۾ ڪنهن به خاص نمينءَ ڳالهه، جو ڪو اضافو ڪونه ٿيو. فقط اوڻيهين صديءَ ۾ ئي هن نظريي ۾ ڪي گهڻيون تبديليون آنديون ويون.

هاڻي، اٿين سوچيو ويو ته مادو اڻئمن ۾ نه ورهايل هو، پر آهي تمام سخت ذرا هئا، ۽ آنهن هڪ ٻئي کي ڪشش تي ڪئي. يوناني نظريي کي ڇڏيو ويو، ۽ اڻئمن کي لسو يا ڪُنڊائون نٿي سمجهيو ويو. ماڻهن آنهن کي سخت ۽ ناقابل تقسيم اچا به سمجهيو ٿي، پر اٿين چيو ويو ٿي ته آهي هڪٻئن جي ڪشش هيٺ سدائين چرپر ۾ هئا. آن ڪان پوء، جيڪا علمي (سائنسي) ترقي ٿي آهي، تنهن ڳالهه کي وڌيڪ خصوصي صورت ڏني آهي ۽ مادي جي سمجهاڻيءَ ۾ ڪافي واڌارو ۽ وضاحت آندي آهي. اڄ اٿين ثابت ٿيل آهي ته اڻئم هڪ مرڪز آهي جنهن جي چوڌاري پٽڪڙين برقي چڻنگن سان گهيريل هڪ ننڍڪڙو سرشتو گرهن جو ڦري رهيو آهي. اڻئم جو مرڪزيو يا 'ٻج' خود هڪ منجهيل ڪرڪسو آهي جيڪو جدا جدا نموني ٺڪسانيل آهي. مادو هين اڻئمن جو هڪ مُڇو يا ميل' آهي، ۽ جيڪڏهن اسان جي هٿ کي ميز تي رکجڻ سان ٺڏ يا سامهڻائيءَ جو تجربو ٿئي ٿو، ته اِهو اِن ڪري، جو هٿ کي بيشمار بجليءَ جا ڌڪ يا جهٽڪا لڳن ٿا، جيڪي هنن ننڍڪڙن سرشتن مان اُٺن ٿا، جيڪي اڻئم يا اڻا آهن.

مادي جي سمجهاڻيءَ لاء هيءُ نئون جديد نظريو، جيڪو سائنسي تجربن ثابت ڪيو آهي، آن جي موٽ ۾ تصوري فيلسوفن کان ڪِل ۽ سوپ جي هڪ رڙ نڪريو وڃي، ۽ هو چون ٿا: ”چا، سخت مادو هاڻي ختم! ته پوءِ مادو ئي گم! مادي فيلسوفن

www.sindhsalamat.com

۽ پنهنجي فلسفي جو بنياد مادي جيءَ تنهن ۽ ڏاياڻ تي ٽي رکيو، تن وٽ نه وڏيڪ کا ثابتي ٿي ان رهي! بس، مادو غائب.... !"

تحقيق ائين چئي سگهجي ٿو ته دليل جو هيءُ طريقو ڪجهه ڪامياب به ٿيو آهي، جيئن ته ڪي مارڪس وادي پاڻ به، جيڪي ظاهر آهي ته ماديت جا حامي آهن، ان سان پنهنجن عقيدن ۾ ڏڪي ويا آهن. پر، ائين مادي جي "گم ٿيڻ" جي ڳالهه ڪرڻ ـــ چاڪاڻ ته آن جي ترڪيب وڏيڪ پورنتا سان نروار ڪئي ويئي آهي ـــ اها نه سوال کي منجهائڻ يا آن ۾ مُنجهڻ جي ئي هڪ ڪوشش چئبي!

وڏيڪ اهم ۽ ضروري ڳالهه هيءَ آهي ته سمجهڻ کپي ته

۳. مادي فيلسوفن جي نظر ۾ مادو ڇا آهي؟

۽ ان ڳالهه جي سمجهڻ لاءِ هڪ شيءِ تمام ضروري آهي: آها هيءَ ته هن فرق کي سامهون رکيو وڃي، يعني اسان کي پهرين ڏسڻ کپي ته

(۱) مادو ڇا آهي؟

۽ پوءِ هيءُ ته

(۲) مادو ڇا وانگر يا ڇا جهڙو آهي؟

مادي فيلسوف پهرئين سوال جو جيڪو جواب ڏين ٿا، سو هيءُ آهي ته مادو هڪ خارجي حقيقت آهي، ذهن جي احتياج يا ڪاڻ کان آجو، آن کي موجود هجڻ لاءِ ذهن جي گهرج ڪانهي. لينن هن سلسلي ۾ چوي ٿو ته

"مادي جو تصور ان کان وڏيڪ ڪجهه ظاهر نٿو ڪري ته آهو هڪ خارجي حقيقت آهي، جنهن جي خبر يا ڄاڻ اسان کي اسان جو اوسانُ يا حِسُ ظاهري ڏئي ٿو." (لينن، Materialism and Empirio-Critisism, P. 323).

هاڻي ٻيو سوال ـ مادو ڇا جهڙو يا ڇا وانگر آهي؟ مادي فيلسوف چون ٿا ته "هن سوال جو جواب ڏيڻ اسان جو ڪم نه آهي. سائنس جو ڪم آهي ته ان جو جواب ڏئي."

www.sindhsalamat.com

پهرئين جواب ۾ قديم وقت کان وٺي هيلتائين ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي. پر جواب بدلبو رهيو آهي ۽ بدلجڻ بہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُن جو دارومدار سائنس تي آهي، يعني انساني ڄاڻ جي صورتحال تي. اهو ڪو آخري جواب ڪونهي.

اسين ڏسي سگهون ٿا تہ اِهو بنهہ لازمي آهي تہ مسئلي کي صحيح صورت ۾ سامهون رکيو وڃي، جيئن تصوري فيلسوفن کي موقعو نہ ملي تہ هو اُن جي ٻن الڳ الڳ سوالن کي گڏي، مُنجهائي رکن. سوالن جي ان فرق کان پوءِ اِهو ڏيکاري سگهبو تہ اُنهن مان پهريون سوال ئي آهي، جو مکيہ سوال آهي ۽ اُن لاءِ اسان جو جواب سدائين ساڳيو رهيو آهي --

”ڇاڪاڻ تہ مادي جي واحد خاصيت، جنهن جي سڃاڻپ سان فيلسوفي ماديت ٻڌل آهي، مادي جي وجود جي خارجي حقيقت واري خاصيت آهي، يعني اسان جي ذهن کان ٻاهر اُن جي موجود هجڻ جي خاصيت.“ (لينن، ساڳيو ڪتاب، ص- ٣١٧)

٤. مادي جي تصور بابت مادّي فيلسوفن جا بيان

جيڪڏهن اسين چئون ٿا -- ڇاڪاڻ تہ اسين اِئين ڏسون ٿا -- تہ مادو اسان کان ٻاهر ۽ اسان کان الڳ **موجود آهي،** تہ اسين اِئين پڻ صاف چئون ٿا تہ

(١) مادو زمان (وقت) ۽ مڪان، جاءِ) ۾ موجود آهي.

(٢) مادو تحرڪ يا چرپر ۾ آهي.

هنن نُڪتن جي حوالي سان، تصوري فيلسوف سمجهن ٿا تہ مڪان ۽ زمان تصور آهن، جي اسان جي ذهنن ۾ آهن (ڪانٽ پهريون ماڻهو* هو، جنهن هين دليل جي پيروي ڪئي هئي). هنن جي نظر ۾، ”مڪان“ هڪ صورتحال يا حدبندي آهي، جا شين کي **اسين ڏيون ٿا**، يعني مڪان هڪ تصور آهي، جو ماڻهوءَ جي ذهن ۾ پيدا ٿئي ٿو، اُن کان ٻاهر اُن جي ڪا هستي ڪانهي. ساڳي ڳالهہ هو ”زمان“ لاءِ بہ چون ٿا.

www.sindhsalamat.com

ماديّ فيلسوف، اُن جي ابتڙ، چون ٿا تہ مڪان اسان ۾ نہ آهي پر اسين مڪان ۾ آهيون. هو اِهو پڻ چون ٿا تہ زمان اسان جي زندگيءَ جي نڪرڻ ۽ ڪُلڻ لاءِ هڪ لازمي شرط آهي. اِنهيءَ ڪري مادو اهو ڪجهہ آهي، جيڪو اسان جي خيال کان جدا، زمان ۽ مڪان ۾ وجود رکي ٿو.

”مڪان ۽ زمان سڀني وجودن جون بنيادي وصفون آهن، ۽ زمان کان ٻاهر وجود اهڙي ئي هڪ غيرمعقول ڳالهہ آهي جيئن مڪان کان ٻاهر وجود جي ڳالهہ.“ (اينگلس، Anti-Duhring)

اسين سمجهون ٿا تہ شعور کان ٻاهر ۽ اُن کان بي پرواهہ ماديّ حقيقت جو وجود آهي. اسين سڀ مڃون ٿا تہ اسان کان اڳ دنيا موجود هئي ۽ اسان کان پوءِ بہ آها موجود رهندي. اسين چئون ٿا تہ اسان جي ڄمڻ کان اڳ ڌرتي موجود هئي ۽ جيڪڏهن اُن وچ ۾ آها ڦاٽي پئي نہ ڪٽي ويئي، تہ اسان جي موت کان پوءِ بہ موجود رهندي. اسان کي پڪ آهي تہ ڌرتي موجود آهي — ۽ تڏهن بہ جڏهن اسين اُن بابت ڪونہ ٿا سوچيون: ساڳيءَ طرح هزارين لکين شهر آهن، جتي اسين نہ ويا آهيون، ۽ جن جو نالو بہ اسان کي معلوم نہ آهي، پر آهي بهرحال موجود آهن. اِهو انسان ذات عام طور مڃي ٿي. سائنس اسان کي ڄاڻ جا اهي وسيلا ڏنا آهن، جن جي مدد سان اسان جي اِنهيءَ دليل کي تقويت ۽ پورنتا ملي ٿي، ۽ جن جي مدد سان تصوري فيلسوفن جون سڀيئي ’وار تان ڪُلن لاهڻ‘ واريون ڳالهيون رد ٿي وڃن ٿيون.

”فطرت جي سائنس (Natural Science) پڪيءَ طرح ثابت ٿي تہ ڪنهن دور ۾ زمين اهڙيءَ حالت ۾ موجود هئي، جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا ٻئي ڪنهن جيوَ جو اُن تي وجود ڪونہ هو ۽ نہ هجي ئي سگهيو ٿي. جيوَداري مادو گهڻو پوءِ جو مظهر آهي — اهو هڪ طويل ارتقا جو نتيجو آهي.“ (لينن، Materialism & Empirio-Criticism, P. 140)

www.sindhsalamat.com

سائنسون اسان کي پڪتي ثابتي ڏين ٿيون ته مادي جو زمان ۽ مڪان ۾ وجود آهي ۽ ساڳئي وقت آهي اسان کي هيءَ به پڌائين ٿيون ته مادو تحرڪ ۾ آهي. هيءَ پوئين ڇاڻ، جا جديد سائنس اسان کي پڪيءَ طرح ڏني آهي، انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته اِها پراڻي نظريي کي ختم ڪري ٿي ڇڏي، جنهن مطابق مادو تحرڪ جي قابل ئي نه هو.

"تحرڪ وجود جو هڪ اصول آهي — مادي جي بنهم هئڻ جو ڍنگ، دستور. تحرڪ کان سواءِ مادو، جيئن مادي کان سواءِ تحرڪ، سوچي ئي نٿو سگهجي."
(اينگلس، "اينٽي دوهرنگ").

اسين ڇاڻون ٿا ته دنيا پنهنجي موجوده حالت ۾، ۽ پنهنجن سيني حصن ۾، نتيجو آهي هڪ ڊگهي ارتقا جو، ۽ انهيءَ ڪري نتيجو آهي هڪ ڍري، پر لاڳيتي، تحرڪ جو. مادي جو وجود اِئين ڏيکاريندي ۽ ثابت ڪندي، اسين صاف چئون ٿا ته

"دنيا ۾ تحرڪ ۾ مصروف مادي کان سواءِ ڪجهه ناهي، ۽ تحرڪ ۾ مصروف مادو تحرڪ ۾ رهي ئي نٿو سگهي سواءِ اِن طرح ته اهو مڪان ۽ زمان ۾ متحرڪ هجي."
(لينن، Materialism & Empirio-Criticism)

٥ نتيجو

هنن ويچارن مان هيءَ نتيجو ايري سامهون اچي ٿو ته هڪ "نبار روح" جو تصور، جنهن مادو اپايو، ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته مڪان ۽ زمان کان ٻاهر هڪ روح اهڙي هڪ شيءِ آهي جيڪا موجود ٿي ئي نٿي سگهي. اَن سان ماڻهوءَ کي تصوري باطنيت کي ميڇو پوندو ۽ نتيجي طور هر سائنسي ڇڪاس کي بند ڪرڻو پوندو، ڇڏڻو پوندو، ۽ پوءِ ئي اهڙي "روح" کي مڃي سگهبو — هڪ وجود طور — جو زمان کان ٻاهر موجود

www.sindhsalamat.com

آهي، يعني ڪنهن به ”پَلَ“ ۾ موجود ڪونهي، ۽ جو مڪان کان ٻاهر موجود آهي، يعني ”ڪٿي“ به موجود ڪونهي.

مادي فيلسوف، سائنسن جي نتيجي سان مالامال ٿي ۽ پُراعتماد بڻجي، چون ٿا ته مادو موجود آهي — مڪان ۾ ۽ پڻ مخصوص ”پَلَ“ ۾ (زمان ۾). انهيءَ ڪري، ڪائنات نئينءَ سان نهي يا پيدا ٿي ٿي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته ”روح ڪُلُ“ دنيا جي ڏاهي سگهڻ جهڙو ٿي سگهي اُن لاءِ هن کي بهرحال ڪنهن ”پل“ جو احتياج هو، جيڪو ڪنهن به ’پل‘ موجود ڪونه هو (ڇاڪاڻ ته ڇدو وچي ٿو ته اُن لاءِ وقت جو وجود ڪونهي)، ۽ اِن لاءِ اِهو پڻ ضروري هو ته دنيا ’ڪجهه نه‘ مان نهي ’ڪجهه‘ ٿئي، نيست مان نهي هست ۾ اچي. ”پيدا ٿيڻ“ جي ڳالهه کي مڃڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته پهرين هي مڃجي ته هڪ پل اهڙو هو جنهن ۾ ڪائنات موجود ڪانه هئي، ۽ پوءِ ’ڪجهه نه‘ مان ’ڪجهه‘ ٿيو، ۽ سائنس اِها ڳالهه مڃي ئي نٿي سگهي.

اسين ڏسون ٿا ته سائنس جي آڏو تصوري دليل بيهي نٿا سگهن، ۽ هيڏانهن مادّي فيلسوفن جا دليل سائنس سان عين مطابقت ۾ آهن. انهيءَ طرح اسين هڪ ٻيو وري به هن ڳالهه تي زور ڏيون ٿا ته ماديت ۽ سائنس جي وچ ۾، هروقت ۽ هر قدم تي، پورو پورو ۽ قريبي تعلق موجود رهيو آهي، رهڻو آهي ۽ رهي ٿو.

---

www.sindhsalamat.com

باب ٻيو

ماديت جي فلسفي ۾ مڃڻ جو مطلب ڇا آهي؟

١. نظريي ۽ عمل جو اتحاد
٢. خيال جي دنيا ۾ ماديت جي پاسي هجڻ جو ڇا مطلب آهي؟
٣. عمل جي دنيا ۾ ماديت جي پاسي ڪيئن ٿو هجي سگهجي؟
   (١) سوال جو پهريون روپ
   (٢) سوال جو ٻيو روپ
٤. نتيجو

١. نظريي ۽ عمل جو اتحاد

هن سڄي مطالعي جو مقصد آهي ته اسين مارڪسزم کي سمجهون، ۽ ڏسون ته ماديت جو فلسفو، جڏهن وڏي جدلياتي ماديت جي صورت وٺي ٿو، تڏهن اهو ۽ مارڪسزم ٻئي هڪ آهن. اسان کي اڳي ئي خبر آهي ته هن فلسفي جو هڪ بنياد نظريي ۽ عمل جي قريبي لاڳاپي تي ٻڌل آهي. انهيءَ ڪري اسين محسوس ڪريون ٿا ته هن ڳالهه جو اظهار مفيد معلوم ٿيندو ته مطالعي جي هنن مضمونن ۾ اسين تحقيق جو اهو طريقو ڪم

www.sindhsalamat.com

آڏي رهيا آهيون جنهن کي ”جدليت“ يا ”جدليات جو طريقو“ چئجي ٿو.

انهيءَ ڏس کان پوءِ ته مادّي فيلسوفن جي نظر ۾ مادو ڇا آهي ۽ ڇا وانگر آهي، اهو تمام ضروري آهي ته هيٺين ٻن نظري سوالن کان پوءِ، اسين ڏسون ته ماديت جي پاسي هجڻ جو ڇا مطلب آهي، يعني ماديت جو حامي شخص عمل ڪيئن ٿو ڪري. اهو انهن سوالن جو عملي پاسو آهي.

ماديت جو بنياد هيءُ ويساهه آهي ته ”وجودُ خيال جو پيدا ڪندڙ آهي.“ پر، ڇا اهو ڪافي آهي ته اها ڳالهه، وري وري دهرائي وڃي! سچوپچو، يڪزبان ۽ ڪهڙيءَ-ڪرڻيءَ وارو ماديت جو حامي ٿيڻ معنيٰ ته (١) فڪر جي، خيال جي، دنيا ۾ اڻين ٿيڻ؛ (٢) عمل جي دنيا ۾ اڻين ٿيڻ.

٣. خيال جي دنيا ۾ ماديت جي پاسي هجڻ جو ڇا مطلب آهي؟

خيال (فڪر) جي دنيا ۾ ماديت جي پاسي هجڻ معنيٰ: ماديت جو بنيادي اصول يا سڌانت چاڻڻ ته ”وجودُ، خيالُ پيدا ڪري ٿو“، ۽ اهو چاڻڻ ته ”هيءُ اصول يا سڌانت عمل ۾ ڪيئن آڻجي.“

جڏهن اسين چئون ٿا ته ”وجودُ، خيالُ پيدا ڪري ٿو“، ته اُن ۾ اسان جي آڏو هڪ مُجرّد، خيالي، سڌانت آهي، ڇاڪاڻ ته لفظ وجودُ ۽ خيالُ مجرّد لفظ آهن. ”وجود“ جي معنيٰ: عام طور وجود. ”خيال“ جي معنيٰ: عام طور خيال. وجود، عام طور خيال وانگر هڪ داخلي حقيقت آهي (ڏسو پهريون ڀاڱو، باب چوٿون، داخلي حقيقت ۽ خارجي حقيقت جي سمجهاڻي)؛ آهو موجود ڪونهي؛ آهو بس اڻين آهي جيئن هڪ خيالي خيال يا خيال جو خيال. اڻين چوڻ ته ”وجودُ، خيالُ پيدا ڪري

www.sindhsalamat.com

ٿو، انهيءَ ڪري، هڪ خيالي بيان (ڳالهه) آهي، ڇاڪاڻ ته آهو بس خيالي خيالن جو ئي هڪ مرڪب آهي.

اهڙيءَ طرح، مثال طور، اسان کي گهوڙن جي خبر آهي، پر جيڪڏهن اسين گهوڙي جي ڳالهه ڪنداسين ته اسين گويا عام طور، عمومي طور، مجموعي طور، گهوڙن جي ڳالهه ڪرڻ چاهيون ٿا؛ ته اٿين عام طور، مجموعي طور، گهوڙو هڪ مجرّد خيال يا خيالي خيال ئي هجي ٿو. جيڪڏهن هتي گهوڙي جي جاءِ تي ماڻهوءَ يا وجود جي اٿين عام طور ڳالهه ڪنداسين ته آهي به مجرد خيال، خيالي خيال، ئي ٿيندا.

هاڻي، جيڪڏهن عام طور، مجموعي طور، گهوڙو موجود ڪونهي، ته ڇا موجود آهي؟ جواب: گهوڙا خاص طور، يعني خاص گهوڙا. ڪو جانورن جو ڊاڪٽر چوي ته آءٌ ڪنهن خاص گهوڙي جو نه پر عام طور گهوڙي جو علاج ڏو ڪريان، ته هو ڀاڻ کي کلڻ هاب ڪندو؛ ساڳيءَ طرح ڪو ڊاڪٽر ساڳي اِها ڳالهه ماڻهوءَ بابت چوي، ته آهو به اٿين کلڻ هاب ٿيندو.

ته، اسين چئون ٿا ته هيءَ ”عام طور وجود“ موجود ڪونهي، پر خاص وجودَ آهن، جن کي مخصوص وصفون آهن. خيال سان به اِها ڳالهه لاڳو آهي. اسين، انهيءَ ڪري، چئون ٿا ته ”عام طور وجود“ معنيٰ: خيالي ڪا شيءِ. ۽ خاص هڪ وجود معنيٰ: سچوپچو ڪجهه، سچي پچي هڪ شيءِ. ۽ ”عام طور خيال“ ۽ ”خاص خيال“ بابت به اِها ساڳي ڳالهه آهي.

ماديت جي پاسي يا ماديت جو حامي آهو آهي، جيڪو، سيني حالتن هيٺ، سچائي سگهي ٿو، سچ پچ نشان تي آگر رکي ٻڌائي سگهي ٿو، ته ڪٿي وجود آهي ۽ ڪٿي خيال آهي.

مثال: مغز ۽ اسان جا تصورَ.

www.sindhsalamat.com

اسان لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته ڪيئن هڪ خيالي عام ڳالهه، ڪي خاص ڳالهه طور ڪم آڻجي. مادیت جو حامي، انهيءَ ڪري، مغز کي وجود طور ۽ اسان جي تصورن کي خيالن طور سڃاڻندو. انهن معاملي ۾ هو هن طرح سوچيندو: مغز (وجود) ئي آهي جيڪو اسان جا تصور (خيالَ) پيدا ڪري ٿو. انهن ۾ اوهان جي اڏو هڪ سادو مثال آهي. هاڻي اچو ته انساني سماج جي ڳالهه کي وٺون ۽ ڏسون ته هڪ مادّي فڪر جو ماڻهو انهن بابت ڪيئن سوچيندو.

انساني سماج، مجموعي طور، مرڪب آهي اقتصادي زندگيءَ ۽ سياسي زندگيءَ جو. اقتصادي زندگيءَ ۽ سياسي زندگيءَ جي وچ ۾ ڪهڙا لاڳاپا آهن؟ هن خيالي ڳالهه جو، جنهن کي اسين ڦيرائي خاص ڳالهه بنائڻ گهرون ٿا، بنيادي يا مُک جزو ڪهڙو آهي؟

مادّي فڪر رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ بنيادي جزو، يعني وجود، اهو جيڪو زندگي ڏئي ٿو، اقتصادي زندگي آهي. ثانوي جزو، يعني خيال جنهن کي وجودُ پيدا ڪري ٿو، جيڪو اُن کان سواءِ زنده رهي نٿو سگهي، سياسي زندگي آهي.

مادیت جو حامي، پوءِ، چوندو ته اقتصادي زندگي ئي سياسي زندگيءَ جي ڳالهه، اُن جو منطق يا "راز" سمجهائي ٿي، ڇاڪاڻ ته سياسي زندگي اقتصادي زندگيءَ جي ئي هڪ پيداوار آهي. هيءُ ويچار، جيڪو اسان متي تڙ تڪڙ ۾ اڳيئن پيش ڪيو، اُن کي تاريخي مادیت چيو وڃي ٿو ۽ اهو ويچار پهريائين مارڪس ۽ اينگلس پيش ڪيو هو.

هاڻي هڪ ٿورو وڌيڪ نازڪ مثال ٿا وٺون — شاعر جو. اِها يقيني ڳالهه آهي ته شاعر ڇا آهي، اِها ڳالهه "سمجهائڻ" لاءِ گهٽ عنصرن ۽ جزن کي خيال ۾ رکڻو پوندو؛ بهرحال، اسين هن سوال جو هتي هڪ پاسو ڏيکاريون ٿا.

عام طرح چيو وڃي ٿو ته شاعر لکي ٿو، انهيءَ ڪري، جو اڳيئن ڪرڻ لاءِ هو جذبي ۽ آدمي کان مجبور آهي. ڇا، اڳيئن

www.sindhsalamat.com

ڳالهه جي پوري سمجهاڻي ملي ٿي وڃي ته شاعر، بهرحال، هي
يا هو شعر ڇو ٿو لکي! نه، شاعر ڪي برابر سِر ۾ سوداءِ آهن،
پر هو هڪ وجود به آهي جيڪو سماج ۾ رهي ٿو. اسين ڏسنداسين
ته شاعر جي حالت ۾ مکيه جزو يعني آهو جيڪو هن کي سندس
پنهنجي زندگي ڏئي ٿو، سو سماج آهي. ۽ ان کان پوءِ ثانوي
جزو آهي تصور ۽ خيال آهن جيڪي هن کي مغز ۾ آهن. انهيءَ
ڪري جزن مان هڪڙو جزو، بنيادي جزو، جيڪو شاعر جي
شخصيت "سمجهائي ٿو"، سماج ٿي آهي، يعني آها انساني فضا
جنهن ۾ هو سماج جي اندر رهي ٿو. (اسين شاعر سان هِن ڪتاب
۾ وري ملاقات ڪنداسين، جڏهن اسين جدليت جو مطالعو ڪنداسين،
ڇو ته تڏهن هن سوال جي مطالعي لاءِ سمورا جزا اسان جي
سامهون موجود هوندا.)

هنن مثالن مان اسين ڏسون ٿا ته ماديّ فڪر جو حامي
آهو ماڻهو آهي، جيڪو چاهي ٿو ته ماديت جي فلسفي کي،
ماديت جي سِڏانت کي، هرهنڌ ۽ هميشه، هر گهڙيءَ ۽ هر حالت
۾، ڪيئن ڪم آڻجي. ائين عمل ڪرڻُ پائداريءَ جو ۽ رهڻ وانُ
ٿي جيئڻ جو واحد رستو آهي.

٣. عمل جي دنيا ۾ ماديت جي پاسي ڪيئن ٿو هجي سگهجي؟

(١) سوال جو پهريون روپ

اسان ڏٺوسين ته ٻيون فلسفو ڪونهي، ۽ ماڻهو جيڪڏهن
ماديت جي استعمال ۾ پائدار ۽ هڪ سَمانو ڪونهي، ته هو پوءِ
يا تصوري هجي ٿو يا تصوريت ۽ ماديت جي گاڏڙ ساڏڙ ڏند ۾
ڦاسي پوي ٿو.

ٻورزوا (سرمائيداريءَ جو حامي، سرمايه پسند، سرمايه دوست)
سائنسدان، پنهنجن مطالعن ۽ سائنسي تجربن ۾، سدائين ماديت
جو پوئلڳ هوندو آهي. سائنس ۾ پيشقدمي ڪرڻ لاءِ مادي ٿي

www.sindhsalamat.com

ڪم ڪرڻ ضروري آهي: ۽ جيڪڏهن ڪو سائنسدان واقعي سمجهي ٿو ته مادو فقط ذهن ۾ ٿي موجود آهي، ته پوءِ ته هو سائنس جي سڄي تجربن جي عمل کي بيڪار ۽ اجايو سمجهندو! ته سائنسدانن جا ڪيترا ئي قسم ٿين ٿا-

١- سائنسدان جيڪي باشعور ۽ ڪٽر-رهڻيءَ وارا مادیت جا حمايتي آهن، جيئن سوويت يونين ۾ آهن (هڪ مثال طور، آهي جيڪي ڪتاب "مارڪسزم جي روشنيءَ ۾" (In the Light of Marxism) جا ساٿي ليکڪ هئا.)

٢- آهي سائنسدان جيڪي غيرشعوري طور مادیت جا حامي آهن؛ يعني تقريباً سڀ، ڇاڪاڻ ته مادي جي وجود کي قبول ڪرڻ کان سواءِ سائنسي ڪم ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي! پر هنن جا ٻه قسم آهن:

(الف) هڪڙا آهي جيڪي مادي خيال جي پيروي ڪرڻ شروع ڪن ٿا؛ پر پوءِ هو آها پيروي ڇڏي ڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ کي مادي سائنسدان سڏائڻ جي همت نٿا ڪري سگهن؛ هي اڳنان وادي آهن، جن کي اينگلس "لڄارا مادي عالم" سڏيو آهي.

(ب) ٻيا آهي سائنسدان، جيڪي ماديّ خيال جا غيرشعوري ۽ ڦرڻا گهرڻا حامي آهن. هو تجربيگاهه ۾ ماديّ خيال جا آهن؛ اُن کان ٻاهر هو تصوري آهن، ويساهي ۽ مذهبي آهن.

حقيقت ۾ آخري قسم جي هنن سائنسدانن ڪڏهن اهو ويچار ئي نه ڪيو آهي ته هو پنهنجا خيال ڪنهن به ترتيب يا سلسلي ۾ ناهي رکن ۽ نه ڪين ائين ڪرڻ جي ڪا ڇاڻ ئي هوندي آهي. هو دائمي طور پنهنجي پاڻ سان اختلاف ۾ هوندا آهن. پنهنجي مادي ڪم کي هو پنهنجن فيلسوفي تصورن کان الڳ رکن ٿا. هو "سائنسدان" آهن، پر وري به هو، جيتوڻيڪ مادي جي وجود کان انڪاري نه آهن، پر ائين سمجهن ٿا (جيڪو اُنهن جو ائين سمجهڻ بلڪل سائنسي نه آهي) ته شين جي اصل

www.sindhsalamat.com

فطرت کي ڄاڻڻ جي ڪوشش بيڪار آهي. هو ”سائنسدان“ آهن، پر هو ڪنهن به ڳالهه کي ثابتيءَ کان سواءِ اهڙين ڳالهين کي مڃين ٿا جيڪي ڏاڍي ڪن آهن. (مثلاً پاسٽيئر Pasteur، برئنلي Branly ۽ ٻيا جيڪي ويساهي ۽ شرڌالو به آهن — جيڪڏهن هو سچا پچا، هڪ-ٽ-سمان سائنسدان هجن ها ته، اٿين هرگز وهمي ڳالهين ۾ اعتبار نه رکن ها.) سائنس ۽ ايماني عقيدو يا شرڌا بلڪل هڪٻئي جو ضد آهن.

(٢) سوال جو ٻيو روپ

ماديت ۽ عمل: جيڪڏهن اِهو صحيح آهي ته ماديت جو سچو پچو حامي اَهو آهي، جيڪو هين فلسفي جي بنيادي اصول کي هروقت ۽ هر حال ۾ استعمال ڪري ٿو، ته پوءِ هُن لاءِ هي به ضروري آهي ته اَن جو استعمال هو بنهه صحيح ۽ پوريءَ ريت ڪري.

ته هاڻي جيئن اسان ڏٺو، رهڻيءَ-ڪهڻيءَ ۾ هڪ-سمانو ۽ پائدارُ ٿيڻ ضروري آهي، ۽ هڪ-سماني مادي فيلسوف لاءِ لازم آهي ته عمل ۾ هو ماديت کان ڪم وٺي.

عمل ۾ مادي فڪر تي هلڻ يا اَن کان ڪم وٺڻ جي معنيٰ آهي ته، جيئن هين فلسفي جي تقاضا آهي، اصلي ۽ سڀ کان اهم جزو حقيقت کي، ۽ ثانوي جزو خيال کي سمجهيو وڃي.

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي ته جيڪي، بي گمانيءَ ۾، خيال کي اصلي يا ابتدائي جزو ڪري ليکين ٿا ۽ انهيءَ ڪري ڄاڻن بنان تصوري آهن، اهي عمل ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا.

١- اسين اَن ماڻهوءَ کي ڇا سڏيندا آهيون، جيڪو اٿين هلندو آهي ڄڻ دنيا ۾ هو اڪيلو آهي؟ هو انفرادي سڏبو آهي. هو پاڻ ۾ اندر ڦري، پنهنجي لاءِ جيئي ٿو؛ ٻاهرين دنيا ڄڻ رکي هُن لاءِ آهي. هُن جي نظر ۾ سڀ کان اهم شيءِ هو پاڻ

آهي، هن جو خيال اهو آهي. هيءَ اوهان جي آڏو خالص هڪ تصوري ماڻهو آهي، هن کي ”اهم وادي“ به سڏجي ٿو (اِن لفظ جي وڌيڪ سمجهاڻيءَ لاءِ ڏسو پهرئين ڀاڱي جو ٻيو باب.)

انفرادي ماڻهو خود ثنا ۽ اهنڪاري ماڻهو آهي، ۽ خود ثنائي يا پاڻپڻو مادّي روّيو نه آهي. خودثنا ماڻهو دنيا کي پنهنجي لاءِ پيدا ٿيل سمجهي ٿو ۽ آن کي پاڻ تائين محدود رکي ٿو.

٢- هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو سکي ٿو، علم پرائي ٿو، سکيا يا علم جي مزي خاطر، هڪ البيلي ماڻهوءَ وانگر، پنهنجي لاءِ؛ جيڪو خوب علم پرائي ٿو، ڪابه تڪليف ڪانه اٿس، پر پنهنجو علم اڪيلو پاڻ وٽ ئي رکي ٿو. هيءَ ماڻهو اصل اهميت پاڻ کي، پنهنجي خيال کي، ڏئي ٿو.

تصوري ماڻهو ٻاهرينءَ دنيا لاءِ، حقيقت لاءِ، بند آهي.

مادیت جو حامي شخص سدائين پاڻ کي حقيقت لاءِ کليل ۽ موجود رکي ٿو؛ اِنهيءَ ڪري جيڪي مارڪسزم جي سکيا وٺندا آهن ۽ آسانيءَ سان يا بمشڪل، آها پرائيندا به آهن، آهي پنهنجي سکيا ڪوشش ڪري، ٻين کي پهچائيندا آهن.

٣- هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو ڪنهن به شيءِ بابت جڏهن سوچي ٿو، ته پنهنجي حوالي سان، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي نسبت سان، يعني، پنهنجي پاڻ کي وچ ۾ آڻي، سوچي ٿو —— هيءَ ماڻهو تصوري بگاڙ يا دادلائيءَ جو شڪار هوندو آهي.

مثال طور، هڪ اهڙيءَ ميٽنگ لاءِ، جنهن ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿيون ويون هجن، جيڪي هُن جي پسند جون نه هيون، هو چوندو: ”خراب ميٽنگ هئي“، ردي ميٽنگ هئي، وغيره. سوچ جو هيءَ رستو نيڪ نه آهي؛ ميٽنگ بابت فيصلو پنهنجي حوالي سان نه پر آن جي سڏائيندڙ تنظيم ۽ آن مان آن جي مقصدن ۽ خيالن جي حوالي سان ڪرڻ گهرجي.

٤- ٻِبِن واد يا فرقي بندي، پڻ ڪا مادّي روش نه آهي. ڇاڪاڻ ته ٻيد واديءَ يا فرقي بند ماڻهوءَ مسئلن کي سمجهيوئي

نہ آهي؛ هو پنهنجي پاڻ تائين محدود آهي ۽ اُن تي خوش آهي، سو هو گهري ٿو تہ ٻيا بہ هُن وانگر ۽ هُن جهڙا هجن. هيءَ وري بہ پاڻ کي يا فرقي کي اصلي يا بنيادي اهميت ڏيڻ جي ڳالهہ آهي.

٥- ڪو عقيدہ باز يا مَتَمَتِي، يعني اهو ماڻهو جنهن مُول گرنٿ يا اصل ڪتاب خوب پڙهيا آهن، اُنهن تان قولَ اقوال ۽ وصفون ڪنيون ڪيون آهن، اهو بہ هڪ تصوري ٿي آهي، جڏهن هو ماديت جي اُنهن اصلي ڪتابن تان سَنَدَون ۽ حوالا تہ ڀڏائي ٿو، پر عملي طور رڳو اُنهن جي اِنهيءَ گفتاري آڌار تي زنده رهي ٿو — جاڪاڻ تہ اُن حالت ۾ پوءِ، انقلابي عمل جي خيال ڪاڻ، هن جي اکين ڪان حقيقي زندگي اوجهل رهي ٿي. هو آهي سَنَدَون ۽ نسخا تہ هر هر دهرائي ٿو پر عملاً، آهي حقيقت سان هو لاڳو نٿو ڪري. هو بنيادي اهميت ڪتابن کي ڏئي ٿو، خيالن کي ڏئي ٿو، هن جي شعور ۾ زندگي پنهنجا راز ۽ مسئلا ڪتابن جي شڪل ۾ پڌرا ڪري ٿي، ۽ عمومي طور، انهن ظاهر ٿئي ٿو تہ عقيدي باز (متمتي) بہ هڪ پيد وادي يا فرقيبند ماڻهو آهي.

٦- ڪامل پڙهي يا پورنتا جو ڪوڏيو ماڻهو بہ تصوري ذهن رکندڙ ماڻهو ٿئي ٿو، جو تہ اُنهن پاڻ-پڙهي يا خودپسنديءَ جي ترنگ ۾ ٿي هو گهڻي قدر محو رهي ٿو، ۽ انهن هيءَ بہ پيد واد جو ڏوهاري سڏجي سگهي ٿو.

٧- اِهو ويساهہ رکڻ تہ انقلابُ رڳو هڪُ تعليم جو مسئلو آهي، ۽ انهن چوڻ تہ پورهيتن کي ”هڪ پيرو ۽ پوريءَ ريت“ اُن جي ضرورت سمجهائجي تہ آها ڪين سمجهي وٺڻ کپي، ۽ جيڪڏهن هو ڳالهہ کي پوءِ بہ سمجهڻ نہ گهرن، تہ انقلاب آڻڻ لاءِ وڌيڪ ڪوشش جي تڪليف وٺڻ بيسود آهي — اِها بہ پيد واد جي روش آهي، مادّي فڪر جو اِهو رخ ۽ اِها هلت هرگز نٿي ٿي سگهي.

www.sindhsalamat.com

اسان کي هر روز انهن حالتن جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ انهن کي سمجهڻ گهرجي جن هيٺ ماڻهو ڳالهه نٿا سمجهن؛ اسان کي جانچ جونچ ۽ پوري تپاس ڪرڻ گهرجي ته ائين ڇو ٿو ٿئي؛ عام دٻاءَ ۽ ڏاڍ کي، ۽ سرمايه پسند اخبارن، ريڊيو، سئنيما وغيره جي پروپيگنڊا جي اثر ۽ زور کي خيال ۾ آڻڻ گهرجي ۽ پنهنجيءَ ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ ۽ وري سمجهائڻ لاءِ سڀ ممڪن طريقا ڪم آڻڻ گهرجن — پترا، ڪتابچا، اخبارون، تربيتي گڏجاڻيون، تعليمي درس تدريس، وغيره سڀ وسيلا جيڪي پنهنجي وس ۾ هجن، آهي استعمال ڪرڻ کپن ۽ سڌاري، بهتر کان بهتر بڻائي ۽ نيڪ ڪري ڪم آڻڻ کپن.

حقيقت جو احساس نه رکڻ، آسمان تي اڏامڻ، ۽ عمل ۾، حالتن کي، ۽ حقيقتن کي، خيال ۾ آڻڻ بنان رٿائون رٿڻ، ۽ ڏسڻ ۾ سٺا پروگرام بڻائڻ — هيءَ سڀو عمل جو تصوري رخ آهي، جيڪو بنيادي اهميت عمدن پروگرامن ۾ ڪاغذ تي ڏسجندڙ ڪامل رٿائن کي ڏئي ٿو — انهيءَ ڏسڻ ۽ سوچڻ جي تڪليف وٺڻ بغير ته آهي حاصل ٿيڻ جهڙيون رٿائون ۽ عمل جي قابل پروگرام به آهن يا رکو هوائي ڳالهيون ۽ تصوري قلعا آهن.

جيڪي سدائين تنقيد ڪن ٿا ۽ شين کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪجهه نٿا ڪن، علاج لاءِ، حل لاءِ ڪو نهراءُ، ڪا صلاح، ڪانه ٿا ڏين، ۽ جيڪي خود پنهنجي سلسلي ۾ ڪو تنقيدي رخ نٿا اختيار ڪن، پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي ڪا تورتڪ نٿا ڪن — هي سيئي يڪ-سماني، رهت وان، سچا مادّي عالم نه آهن.

۴. نتيجو

هنن مثالن مان اسين سمجهي سگهون ٿا ته اهي اوٺايون جيڪي گهٽ يا وڌ، اسين پاڻ مان هرهڪ ۾ ڏسي ٿا سگهون، سڀ تصوري (مايا وادي) اوٺايون آهن. اسين انهن جا شڪار

www.sindhsalamat.com

آهيون، ڇاڪاڻ ته اسين عمل کي نظريي کان الڳ ڪري ٿا ڇڏيون، ۽، نتيجي طور، اڻين حقيقت کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ سان، اسين فقط پنهنجن مخالفن جي خوشيءَ جو سبب ٿا بڻجون. سرمايه دارن ۽ سرمايه پسندن لاءِ، جيڪي تصوريت جا حامي آهن، نظريو ۽ عمل ڪُلي طور تي مختلف ۽ هڪٻئي کان الڳ ۽ بي تعلق شيون آهن. پر اهي سڀ اوڏايون اسان لاءِ ۽ اسان جي آدرش لاءِ بيحد نقصانڪار آهن ۽ اسان کي اُنهن جو مقابلو ڪرڻ کپي، ڇاڪاڻ ته لتي پٽي آهي سرمايه دار طبقي ۽ اُنهن جي سرمايه داريءَ لاءِ ئي فائديمند آهن. ٿورن لفظن ۾ اڻين چئي سگهجي ٿو ته اسان کي اهي پنهنجون اوڏايون پوريءَ طرح حساب ۾ آڻڻ کپن ۽ اُنهن جو پورو پورو پيلو ڪرڻ کپي — اهي اسان جي طبيعت ۾ سماج جون پڙڪيل آهن، اسان کي اسان جي تعليم جي نظرياتي بنيادن جون ۽ اسان جي ثقافت جون ڏنل آهن، اسان جي بالڪپڻي ۾ ئي اهي اسان ۾ ويهاريل آهن، اهي اسان جي بدخواه سرمايه دار سماج جون ناهيل، وڌايل ۽ پختيون بيهاريل آهن — اسان کي کپي ته اُنهن مان هر طرح پنهنجي جند ڇڏايون ۽ پاڻ کي آزاد ڪريون.

---

www.sindhsalamat.com

باب ڏهون

ماديت جي تاريخ

۱. هن تاريخ جي مطالعي جي ضرورت.
۲. مارڪسي دور کان اڳ جي ماديت.
   (۱) قديم يوناني دور.
   (۲) انگريزي ماديت.
   (۳) فرانس جي ماديت.
   (۴) ارڙهين صديءَ جي ماديت.
۳. تصوريت ڪٿان نڪتي آهي؟
۴. مذهب ڪٿان نڪتو آهي؟
۵. ماديت جون خوبيون.
۶. مارڪسي دور کان اڳ جي ماديت جا نقص.

هيتري تائين، اسان عمومي طرح ماديت ڇا آهي، ۽ ڪهڙا خيال سيني مادّي فيلسوفن جي وچ ۾ ساڳيا آهن، انهن ڳالهين جو مطالعو ڪيو آهي. هاڻي اسين ڏسنداسين ته قديم دور کان وٺي ماديت جو فڪر ڪيئن اُڀريو ۽ وڌيو ۽ ٿيندي ٿيندي جديد ماديت جي درجي تي رسيو آهي. مختصر طور، اسين ماديت جي تاريخ جو تڪڙو تڪڙو جائزو وٺنداسين. اسين اها دعوا نٿا ڪري سگهون ته ۲۰۰۰ سالن جي ماديت جي تاريخ کي

www.sindhsalamat.com

اسين چند صفحن ۾ سمجهائي سگهنداسين: اسين اِن سلسلي ۾ فقط ڪي عمومي ڏَس ڏيڻ گهرون ٿا جيڪي مطالعي جي اِن راهه ۾ اوهان جي رهبري ڪري سگهندا.

هن تاريخ جي مُنهائتي اڀياس لاءِ، پوءِ آهو سرسري قسم جو ئي ڇو نہ هجي، اهو بيحد ضروري آهي تہ هر قدم تي اِهو ڏسجي تہ ڳالهيون جيئن وڌنديون ۽ تهہ بتهہ کُلنديون رهيون آهن، اُهو ڇو ۽ ڪيئن ائين ٿيو آهي. اِن ۾ ڪي تاريخي نالا ڪڍڻ کان رهجي بہ وڃن، پر مطالعي ۾ اِهو تحقيق يا ووڙ جو رستو ڇڏائجي نہ وڃي — اِها ئي ڳالهہ بهتر آهي: بهرحال، پنهنجن پڙهندڙن جي ذهنن تي سهڻ کان وڌيڪ بار وجهڻ نہ گهرندي بہ اسان جو اِهو ارادو آهي تہ ڳالهہ ڪندي، مکيہ ۽ اهم مادي فيلسوفن جا نالا، جيڪي پڙهندڙن کي هڪ طرح معلوم ٿي آهن، آهي ۽ انهن جا خيال، سندن تاريخي درجيبنديءَ مطابق، مطالعي لاءِ هتي ضرور پيش ڪيا وڃن. انهيءَ طرح، ڪم کي آسان ڪرڻ لاءِ، اسين بہ چار پهريان صفحا مطالعي جي خالص تاريخي پهلوءَ تي صرف ڪرڻ گهرنداسين. اُن کان پوءِ، باب جي ٻئي حصي ۾ اسين اُنهن سببن جو اڀياس ڪنداسين ۽ ڏسنداسين تہ ماديت جي سچي فڪر جي ارتقا جيئن ٿي آهي، اُها ڇو اُئين ٿي آهي.

١. هن تاريخ جي مطالعي جي ضرورت

سرمايہ پسند عالِم ماديت جي تاريخ کي پسند نٿا ڪن، اِنهيءَ ڪري سندن ڪتابن ۾ اُها جيئن سيڪاريل آهي، بلڪل اڻپوري ۽ سدائين غلط قسم جي تاريخ آهي. اُن لاءِ تاريخ کي ڪوڙي نوع ۾ بيان ڪرڻ جا وٽن مختلف طريقا آهن:

(١) هو عظيم ماديّ مفڪرن کي وساري بہ نٿا سگهن، اِنهيءَ ڪري هو اُنهن جا نالا ڪڍن ٿا، ۽ پيو سيڪجهہ، جو هُنن لکيو آهي، اُن جو ذڪر بہ ڪن ٿا، پر اُنهن جي مادّي مطالعي

www.sindhsalamat.com

جي هو ڳالهه ڪاڻ، تا ڪن ۾ رڳو اِئين چوڻ به ڪائڻن وسري وڃي ٿو ته، آهي ڪي مادّي فيلسوف هئا. فلسفي جي تاريخ ۾، جيئن آها سنڌن اسڪولن ۾ ۽ يونيورسٽين جي سطح تي پاڙهي وڃي ٿي، اهڙيءَ ”ويسر“ جا ڪيترا ئي ثبوت ملن ٿا. اُنهن مان هيتي اسين، فقط هڪ مثال طور، فرينچ فيلسوف ڊيڊرٽ جو نالو ڪڻون ٿا، جيڪو، جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ وڏي ۾ وڏو مادّي مفڪر ٿي گذريو آهي.

(۲) تاريخ جي طويل دؤر ۾ بيشمار مفڪر ٿيا آهن، جيڪي غير شعوري ۽ اَڻ-سماني (ڦرنڌڙ گهرنڌڙ) قسم جا مادي مفڪر هئا؛ يعني آهي پنهنجين ڪن تصنيفن ۾ مادي فڪر جا پيشڪار هئا، پر ڪن ۾ تصوري فڪر جا: مثلاً ڊيڪارٽي (Descartes :1596-1650).

فلسفي جي تاريخ، جيڪا سرمايه پسند عالم لکن ٿا، اُن ۾ هِنن مفڪرن جي تصنيفن جي 'هر آنهيءَ ڳالهه ڪي هو گڏوچڙ ۽ مبهم ڇڏي ڏين ٿا، جنهن نه رڳو پنهنجي دور جي ماديت تي نمايان اثر وڌو پر آن جي بلڪل هڪ خاص ۽ واضح ڌارا کي جنم ڏنو.

(۳) هن قسم جي علمي 'استاديءَ' سان به جيڪڏهن ڪي مصنف ڪائڻن لڪي يا 'چمڙا پوش' نتا ٿي سگهن، ته پوءِ آنهن کي هو بلڪل ئي غائب ڪري تا ڇڏين.

انهيءَ ئي طرح ارڙهين صديءَ جي فلسفي ۽ ادب جي تاريخ اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ پاڙهي وڃي ٿي، ۽ آن ۾ ڊي هالباخ (d'Holbach: 1723-89) ۽ هيلويٽس (Helvetius: 1715-71) جهڙن پنهنجي دور جي عظيم مفڪرن جا رڳو نالا به ورتا نتا وڃن!

ائين ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اوهين دنيا جي مسئلن کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ گهرو ٿا، ته ماديت جي تاريخ اوهان کي اِن سلسلي ۾ ڪافي ڪجهه ٻڌائي ۽ سمجهائي سگهي ٿي، ۽ ٻئي

www.sindhsalamat.com

اِنهيءَ لاءِ بہ، جو ماديت جي اوسر اُنهن نظرين واسطي زهر قاتل آهي، جيڪي حڪمران طبقن جي رتبن، گادين ۽ خصوصي رعايتن کي ٽيڪو ڏين ٿا ۽ اُنهن جي حفاظت ڪن ٿا. اِهي ئي سبب آهن، جو سرمايه‌دار دنيا جا عالم ماديت کي اهڙي هڪ متي، يا عقيدي جي صورت ۾ پيش ڪن ٿا، جيڪو ڪڏهن بدليو نہ آهي، جيڪو ويهہ صديون اڳ جيئن گهڙيو ۽ ٺاهيو ويو هو ۽ جتي بيهاريو ويو هو، تيئن ۽ اُتي اڄ بہ بيٺو آهي! ۽ هوڏانهن حقيقت، اِن جي بلڪل ابتڙ، اِها آهي تہ ماديت تاريخ ۾ سدائين هڪ زنده ۽ متحرڪ شيءِ رهي آهي.

”جيئن تصوريت ترقيءَ جي منزلن جي هڪ سلسلي مان گذري آهي، تيئن ئي ماديت بہ گذري آهي. رڳو فطري سائنس ۾ جيڪڏهن ڪا جڳ - بدلائيندڙ کوجنا واقع ٿي آهي، تہ اُن سان ماديت کي بہ پنهنجي صورت بدلائڻي پيئي آهي“.
(اينگلس، ”فيورباخ“)

هاڻي اسين ماديت جي تاريخ جي مطالعي جي ضرورت کي بهتر محسوس ڪري سگهون ٿا ــــ چاهي اُن جو مطالعو سرسري ئي چو نہ هجي. هن مطالعي لاءِ اسان کي بہ الڳ الڳ دؤر سامهون رکڻا آهن:

(۱) شروع (قديم يونان جي دور کان وٺي مارڪس ۽ اينگلس تائين) جو دور،

(۲) مارڪس ۽ اينگلس جي ماديت کان پوءِ جو دور (هن ٻئي دور جو مطالعو جدلياتي ماديت جي مطالعي سان گڏوگڏ ڪنداسين).

پهرئين دؤر کي اسين ”مارڪسي دؤر کان اڳ جي ماديت“ ۽ ٻئي دؤر کي ”مارڪسي ماديت“ يا ”جدلياتي ماديت“ سڏيون ٿا.

www.sindhsalamat.com

٢. مارڪسي دؤر کان اڳ جي ماديت

(ا) قديم يوناني دؤر

اوهان کي سڌ آهي ته ماديت دائمي طور سائنسن سان واڳيل هڪ فڪري نظام يا ’مت‘ آهي. جيڪو سائنسن سان گڏ اسريو آهي ۽ وڌيو آهي. ٢٥٠٠ ورهيه اڳ، عيسوي سن کان پهريائين پنجين ۽ ڇهين صديءَ جي قديم يونان ۾ جڏهن سائنس پاڻ ئي ”طبعي ڏاهن“ يا ”طبيبن“ جي سنگ ۾ مُنهن ڪڍيو، تڏهن آتي هڪ فڪر جي ماديّ ڌارا يا هلچل نروار ٿي، جنهن ڏانهن وقت جا بهترين مفڪر ۽ فيلسوف (ٿيلس Thales، اناڪسيمينس Anaximenes، هرڪليٽس Heraclitus) ڇڪجي ويا. هي پهريان فيلسوف، جيئن اينگلس چوي ٿو، ”فطري طور جدليّ مفڪر“ هئا. پنهنجي دنيا ڏانهن متوجه ٿيندي، هو انهيءَ حقيقت کان ڏاڍا متاثر ٿيا ته هر هنڌ تحرڪ (چرپر) ۽ تبديل (ڦيرگهير) موجود هئي، يعني ته شيون هيڪل هيڪل يا وچڙيل وچڙيل نه پر هڪٻين سان ميل رکندڙ، واڳيل ۽ ڳنڍيل هيون.

هرڪليٽس (جنهن کي ”جدليات جو ابو“ سڏيو ويو آهي) جو چوڻ هو ته

> ”ڪابه شيءِ جامد، ساڪن، نسچل نه آهي، هر شيءِ روان آهي، جاري آهي: ساڳيءَ نهر ۾ ڪوبه ٻه ڀيرا ڪڏهن ٽٻو وهنجي، ڇاڪاڻ ته آهي، ٻه لاڳيتيون گهڙيون، ساڳي نه آهي. هڪ گهڙيءَ کان ٻيءَ گهڙيءَ تائين آها بدلجي ٿي: آها ٻي ٿي وڃي ٿي.“

هرڪليٽس پهريون مفڪر هو، جنهن تحرڪ ۽ تبديل جي سمجهاڻي ڏني، ۽ ٽڪرائن يا تضادن ۾ شين جي اوسر يا اُپار جي سبب ڏسڻ جي، ڪوشش ڪئي. هنن پهرين فيلسوفن جا خيال صحيح هئا، پر آهي خيال آتي ئي ڦٽا ڪيا ويا ڇاڪاڻ ته بدقسمتيءَ جي ڳالهه هيءَ هئي، جو آهي وقت کان اڳ ترتيبيا

www.sindhsalamat.com

ويا هئا، يعني اُن دؤر جي ”سائنس“ جي جيڪا حالت هئي، اُها هيءُ موقعو ڏيئي نه سگهي ته جو ڪجهه هنن خيالن ڏسيو تي، اُهو ثابت به ٿيي سگهي.

گهڻيءَ دير دير سان، اوڻيهين صديءَ ۾ ئي، پوءِ، اُئين ٿيو، جو سماجي ۽ ذهني حالتن سائنسن کي اِها اجازت ڏني، جو جدليت جو صحيح هجڻ ثابت ڪري سگهن.

ٻين ڪن يوناني مفڪرن جا به ماديّ خيال هئا؛ مثلاً ليوسيپس (پنجين صدي ق.م :Leucippus)، جيڪو ڊيموڪريٽس جو اُستاد هو، تنهن ائٽم جي مسئلي تي پهرين بحث ڪيو هو، جنهن بابت اسين مٿي چئي آيا آهيون ته اُهو نظريو ڊيموڪريٽس قائم ڪيو هو.

ايپيڪيورس (ق.م Epicurus: 341-270) ڊيموڪريٽس جو پوئلڳ هو، جنهن کي ”بُورزوا تاريخ“ پوريءَ طرح غلط رنگ ۾ پيش ڪيو آهي، ۽ هن کي سڏيءَ طرح هڪ واهيات ”فيلسوف مرون“ سڏيو آهي — چاڪاڻ ته ”ايپيڪيورس جهڙو ٿيڻ“ جي معنيٰ ئي هنن سرڪاري تاريخن ۾ ”عيشي جيئڻو“ ڏني ويئي آهي، جيتوڻيڪ حقيقت ۾ ايپيڪيورس ويچارو هڪ تپسيائي جوڳي ۽ تن کي تسياؤن ڏيڻ وارو فقير تن ماڻهو هو. ”بورزوا تاريخن“ ۾ هن جي اِها سڄي بدناموسي فقط انهيءَ سبب عام ٿيل آهي، جو هو هڪ ماديّ فيلسوف هو.

ليوڪريٽيس (پهرين صدي ق.م :Lucretius)، ايپيڪيورس جي هڪ پوئلڳ، هڪ طويل نظم ”فطرت“ جي عنوان سان لکيو. اُن ۾ هو چوي ٿو ته انسان ذات دکي ۽ خوار آهي چاڪاڻ ته مذهب ماڻهن کي سيکاريو آهي ته موت کان پوءِ روح (Soul) جيئي ٿو ۽ اُهو ازل تائين عذاب ڀوڳي سگهي ٿو. اِنهيءَ ڪري، اِهو ڊپ ئي آهي، جو ماڻهن کي ڏرتيءَ تي خوش گذارڻ کان روڪي ٿو. هيءُ ڏهڪاءُ ختم ٿيڻ گهرجي، ۽ هڪ ئي نظريو جيڪو اِن کي ختم ڪرڻ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو، سو ايپيڪيورس جو ماديّ فلسفو آهي.

www.sindhsalamat.com

اِهي سڀئي فيلسوف هِن ڳالهه کان باخبر هئا ته انسان ذات جي قسمت انهيءَ ئي نظريي سان واڳيل هئي، ۽ اسين تڏهن ئي سندن طرف کان سندن دؤر جي مروج "سرڪاري" نظريي جي بيخوف مخالفت اٿندي ۽ وڌندي ڏسون ٿا — مخالفت ۾ تڪراءُ ماديت ۽ تصوريت جي نظرين جي وچ ۾.

پر هڪڙو عظيم مفڪر سڄي آن قديم يوناني دؤر تي ڇانيل ملي ٿو: آهو آهي ارسطو (Aristotle: 384–322 B.C.)، جيڪو تصوري فيلسوف هو. هن جو اثر ڪافيءَ کان زياده گهڻو هو، ۽ انهيءَ ڪري اسان لاءِ خاص طرح هين جو ذڪر ضروري آهي. هُن اُنهيءَ دور جي سڄي انساني علم جي فهرست کي ترتيب ڏنو، ۽ نين سائنسن جيڪي خال ٿي ڇڏيا، تن کي هُن پُر ٿي ڪيو. هُن جو ذهن عالمي ذهن هو: هُن سڀني ڳالهين تي پنهنجا لاتعداد مضمون لکيا. وچين دؤر تائين يعني تقريباً لاڳيتيون ويهه صديون، هُن پنهنجي علم جي ڪاميت وسيلي، دنيا جي فيلسوفي خيالن کي ڪافي متاثر ڪيو.

فلسفي جي هِن سڄي دؤر ۾، قديم روايت جي پيروي قائم رهي ۽ دنيا جو سڄو فڪر ارسطوءَ جي فڪر سان ئي وابسته رهيو. جن به بيءَ طرح ٿي سوچيو تن تي شديد بلڪ حيواني قسم جو دباءُ عمل ۾ آندو ٿي ويو. تنهن هوندي به، وچين زماني جي آخر ۾ تصوريئن، جن مادي جي وجود کان انڪار ٿي ڪيو ۽ بين جن سوچيو ٿي ته هڪ ماديّ حقيقت واقعي موجود هئي، تن جي وچ ۾ فڪر جي هڪ پڌري ڪشمڪش شروع ٿي. يارهين صديءَ ۽ ٻارهين صديءَ ۾ هيءُ مقابلو فرانس ۾، خاص طرح، انگلنڊ تائين پهتو ۽ سڄو وقت آتي آن ۾ ڪافي سرگرمي موجود رهي. شروع ۾ ماديّ فڪر جي گهٽي اوسر واقعي انگلنڊ ۾ ئي ٿي — جيئن مارڪس کي چوڻو پيو ته "ماديت جو فڪر سچو اولاد انگلنڊ جو آهي." (مارڪس، "The Holy Family")

www.sindhsalamat.com

ٿوري عرصي کان پوءِ، وري، فرانس ۾ ماديت جو فلسفو ڦليو ڦوليو. بهرحال، پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ اسان کي اُن جا ٻه رخ نمايان طور وڌندي ڏسجن ٿا: هڪڙو انگريزي ماديت جو رخ، ۽ ٻيو فرينچ ماديت جو، ۽ جڏهن ارڙهين صديءَ ۾ اُن جا هي ٻيئي رخ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيا، ته ماديت جو فلسفو وڌي وڻ ٿيو ۽ خوب ميوو ڏيڻ لڳو.

(٢) انگريزي ماديت

”انگريزي ماديت جو، بلڪ سڄيءَ جديد تجرباتي سائنس جو، سچو بزرگ بيڪن (Bacon: 1561-1626) آهي: هن جي نگاهه ۾ طبيعاتي ۽ فطري سائنسون ئي اصل سائنس آهي، ۽ اُن جو به مکيه ۽ وڏو حصو جسمي طبيعات (Concrete Physics) ئي آهي.“ (مارڪس، ”The Holy Family“)

بيڪن سائنس جي مطالعي ۾ ”تجرباتي طريقي“ جي باني هجڻ کان مشهور آهي. هن جي نظر ۾، مکيه ۽ اهم ڳالهه آهي ”فطرت جي عظيم ڪتاب“ ۾ سائنس جو مطالعو ڪرڻ، ۽ اِها ڳالهه خاص طور اُن دؤر ۾ جڏهن سائنس رڳو ارسطوءَ جي ڪتابن ۾ ئي پڙهي ويندي هئي جيڪي هو ڪيئي صديون اڳ لکي ويو هو، هڪ غيرمعمولي ڳالهه هئي.

مثلاً فزڪس (طبيعات) جي مطالعي ۾، هيٺيون طريقو ورتو ويندو هو: اُن جي ڪنهن خاص موضوع تي پهريائين ارسطوءَ جا مضمون پڙهيا ويندا هئا؛ پوءِ سينٽ ٿامس آڪئناس (St. Thomas Aquinas: 1225-74) جا ڪتاب کنيا ويندا هئا، جيڪو هڪ وڏو مسيحي فقيهه هو، ۽ اُن جيڪي ڪجهه ارسطوءَ جي اُنهن مضمونن متعلق لکيو هو، اهو پڙهيو ويندو هو. اُستادُ اُنهن لکيتن جي ڪابه ذاتي تشريح ڪانه ڪندو هو، ۽ نه ئي وري اُنهن بابت پنهنجو ڪو شخصي رايو پيش ڪندو هو، پر آخر ۾ هو رڳو هڪ ٻئين ڪتاب جو حوالو يا ڏس ڏيندو هو، جنهن ۾ رڳو

www.sindhsalamat.com

ارسطوء ۽ آڪئناس جي ڳالهين جو هڪ ورجاءُ ٿي ٿيل هوندو هو. بس، اِها هئي وچين دؤر جي سڄي ساري سائنس، جنهن کي مڪتبي يا ’عالمانہ‘ سائنس (علم) سڏيو ويندو هو: اها هڪ ڪتابي سائنس هئي، ڇاڪاڻ تہ اُن لاءِ هو رڳو ڪتاب ٽي پڙهندا هئا.

بيڪن جو سڄو ردعمل اِنهيءَ طرزِ مطالعي جي خلاف هو ۽ اُن جي بدران هن ”فطرت جي عظيم ڪتاب“ جي مطالعي جي دعوت ٿي ڏني.

اِنهيءَ مرحلي تي، هڪ سوال اٿيو تہ ”اسان جا تصور يا خيال ڪٿان ٿا اچن؟ اسان جي ڄاڻ، اسان جو علم، ڪٿان ٿو اچي؟“ اسان مان هرهڪ کي تصور آهن ـــ مثال طور ڳهڻ جو تصور. مادي فڪر وارا چون ٿا تہ هيءُ تصور اسان وٽ اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ ڳهڙ آهن. تصوري فڪر جي حامين جو چوڻ آهي تہ ڳهڻ جو تصور اسان کي ”اصلي ذهن“ ڏني ٿو. خود بيڪن هيئن چيو تہ تصور فقط انهيءَ ڪري وجود ۾ آيو آهي، جو ماڻهو شيون ڏسي ٿو ۽ شين کي ڇُهي ٿو، پر بيڪن اِها پنهنجي ڳالهہ تڏهن ثابت ڪري نہ سگهيو.

لاڪ (John Locke: 1632-1704) اِها ڳالهہ سچ پچ ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪيئن تجربي مان تصور اپرن ٿا. هُن ڏيکاريو تہ سڀ تصور تجربي مان اڻن ٿا يا ڄمن ٿا ۽ فقط تجربو ٿي اسان کي تصور ڏئي ٿو، ’پهرينءَ‘ ميز جو تصور، جڏهن ميز وجود ۾ نہ هئي، ماڻهوءَ کي اِنهيءَ طرح مليو، جو تجربي ۾ هو اڳ ٿي وڻ جي ٽڙ يا بنڊ کي يا ڪنهن پٿر کي ميز طور ڪم آڻي رهيو هو.

لاڪ جي خيالن سان، ارڙهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾، انگريزي ماديت فرانس ڏانهن منتقل ٿي ويئي، ڇاڪاڻ تہ انگلنڊ ۾ هيءُ فلسفو هڪ خاص ڍانچي يا محدود قالب ۾ ٿي فقط وڌي رهيو هو، پر فرانس ۾ ماديت جي هڪ عام ۽ وسيع ڌارا مرتب ٿي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com

(٣) فرانس جي ماديت

ڊيڪارٽي سان شروع ٿيندي، فرانس ۾ ماديت جو هڪ پڌرو لاڙو نمودار ٿيو. ڊيڪارٽي جو هن فلسفي تي وڏو اثر هو، پر عام طور، سرمايه پسند تاريخن ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ئي نه ٿو ڪيو وڃي.

ان زماني ۾، جڏهن جاگيرداري نظريو، خود سائنسن تي به تمام گهڻو غالب هو ۽ انهن کي پوساتيو بيٺو هو، جڏهن ماڻهن علم جو مطالعو رکيو ائين ني ڪيو جيئن مٿي اسان بيان ڪيو، ڊيڪارٽي معاملي جي هن سڄي صورتحال خلاف جدوجهد ڪيو ۽ ان ڪان آجائيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي.

جاگيرداري نظريي جي سڄي مراد هيءَ آهي ته دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن ـــــ هڪڙا امير ۽ ٻيا پيا.

ميرن کي سڀ حق آهن، ٻين کي ڪجهه به نه.

ساڳي ڳالهه سائنس سان به هئي، يعني هيءَ ته فقط آهي جيڪي جنم جي حق سارو افضل درجي تي بيٺل هئا، تن کي سائنس ۾ هٿ وجهڻ ۽ ان جي مطالعي ۾ مصروف رهڻ جو حق هو. فقط آهي ئي ان جي مسئلن کي سمجهڻ جا اهل هئا.

ڊيڪارٽي هن مفروضي جي خلاف وڙهيو ۽ ان سلسلي ۾ هن چيو ته ”سمجهه، فهم، شعور، دنيا ۾ هڪ تمام وڏي پيماني تي ورهايل شيءِ آهي.“ انهيءَ ڪري هرڪنهن کي سائنس (علم) جي سلسلي ۾ ساڳيا حق آهن. هن وڏيءَ ڪلميابيءَ سان وقت جي طب کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بنايو (جڳ مشهور فرينچ مزاح نگار موليئر ـــــ Moliere ـــــ جو ناٽڪ، ”خيالي پتڪلو“، ڊيڪارٽي جي انهيءَ تنقيد جو ئي پڙاڏو هو). هن هڪ اهڙي سائنس اُڀارڻ ئي چاهي، جيڪا سچ پچ سائنس هجي ـــــ جنهن جو بنياد قطرت جي مطالعي تي رکيل هو، ۽ آها اڳوڻي سائنس سڄي هن رد تي ڪئي جيڪا ائين تي سيکاري ويئي، جو فقط ارسطو ۽ اڪئناس ئي ان جا ”دليل“ ۽ ”سندون“ هئا.

www.sindhsalamat.com

ڊيڪارٽي سترهين صديءَ جي شروع جو عالم هو: آن کان پوءِ فوراً ٻيءَ صديءَ ۾ [فرينچ] انقلاب آيو، ۽ اِنهيءَ ڪري هُن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ هو اُنهيءَ دنيا ۾ ڄائو جيڪا ڪمِ ٿي رهي هئي، هڪ نئينءَ دنيا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، جيڪا جَمَڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. هِن صورتحال ۾، ٻن دنيائن جي وچ ۾، ڊيڪارٽي لاءِ هڪ ٻٽيري ڪِنڌڙ ڪردار جي ادائگي لازم هئي: هُن مادّي سائنس پيدا ڪرڻ چاهي ٿي، ۽ ساڳئي وقت هو تصوري فيلسوف هو، ڇاڪاڻ تہ هُن مذهب کي بہ بچائڻ ٿي گهريو.

جڏهن، هُن جي زماني ۾، پڇيو ٿي ويو تہ ”جانور زنده ڇو آهن؟“ تہ ترت ۽ تيار جواب، جيڪي مذهبي تعليم ڏنا ٿي سي هي هئا: ”ڇاڪاڻ تہ هڪڙو راز آهي، ’اصول‘ آهي، جيڪو اُنهن کي زنده رکي ٿو.“ ڊيڪارٽي، اُن جي ابتڙ، ائين چيو ٿي تہ ”جيڪڏهن جانور زنده آهن، تہ آهو اِنهيءَ ڪري آهي، جو آهي مادو آهن.“ وڌيڪ هُن هيءُ ٿي ٻڌايو ۽ چيو تہ ”جانور فقط گوشت پوست ۽ هڏن وغيره جون مشينون آهن، جيئن ٻيون مشينون لوهہ ۽ ڪاٺ جون آهن.“ هُن ائين بہ ٿي سوچيو تہ پنهي مان ڪابہ مشين امنگ يا احساس جي مالڪ ڪانہ هئي؛ ايتري قدر، جو جڏهن ائبي پورٽ رايل جي شهر ۾، مطالعي جي ڪورس دوران، هن جي فلسفي جي حامين ڪن ڪتن کي سُئيون پئي چڀايون تہ هڪيين ڏانهن ڏسندي، ائين پئي چيائون: ”فطرت کهڙي نہ نيڪ ناڪ نهيل آهي. ڪو ائين سوچيندو ڇڻ هي ايذائجي رهيا آهن!“

مطلب تہ ڊيڪارٽي جي نظر ۾، جانور مشينون ٿي هئا. ”پر ماڻهو الڳ آهي. ڇاڪاڻ تہ هُن کي روح آهي، آتما آهي“، ڊيڪارٽي چيو ٿي. ائين، ڊيڪارٽي جي خيالن مان، جيڪي هن ترتيبيا ۽ اُنهن جو هُن دفاع ٿي ڪيو، هڪ پاسي هڪ سنئين سڌي ۽ صاف مادّي فلسفي جو لاڙو پيدا ٿيو ۽ ساڳيءَ طرح ٻئي پاسي تصوري لاڙو بہ.

www.sindhsalamat.com

آهي جيڪي ڊيڪارٽي جي ماديت جي شاخ سان شامل رهن ٿا، اُنهن ۾ اسان کي لاميٽري (La Mettrie: 1709-1751) ضرور ياد رکڻ گهرجي. ”جاندار مشين“ جي ڳالهه کي ڪٽي، اُن کي هو ماڻهوءَ سان آڻي شامل ڪري ٿو. ڇو نه ماڻهو به مشين هجي؟

خود انساني روح کي به هو هڪ ڪاريگري يا ڪَـل سمجهي ٿو، جنهن ۾ خيال يا تصور ميڪانيڪي (ڪَـل-پُرزاوان) تحرڪ آهن.

اِن مرحلي تي انگريزي ماديت، جان لاڪ جا خيال ڪٽي، فرانس ۾ داخل ٿي. هِنن لاڙن جي گڏجڻ سان هڪ وڌيڪ اُسريل ۽ پختو ماديّي فڪر پيدا ٿيو، يعني —

(۲) ارڙهين صديءَ جي ماديت

هن ماديّي فڪر جو فرانس جي عظيم فيلسوفن دل کولي دفاع ڪيو. هُنن چاتو ٿي ته جُهد ۽ علمي جاکوڙ ڇا کي ٿو چئجي، ۽ هو لائق ۽ عمدا ليکڪ هئا. هنن سماجي ادارن ۽ مذهبي سرشتن کي لڳاتار پنهنجي تنقيد جو نشانو بڻايو. هنن نظرين کي عمل لاءِ استعمال ڪيو. هو هميشه حڪومتي اقتدار ۽ اختيار جي خلاف جدوجهد ۾ مصروف رهيا، ۽ ڪين ڪيئي ڀيرا بئسٽيل (Bastille) جي شاهي قيدخاني جون سختيون سهڻيون پيون.

هِنن ئي گڏجي علمن جي عظيم لغت (اينسائڪلوپيڊيا) تي ڪم ڪيو، جنهن ۾ هُنن ماديت جي نئينءَ علمي ترتيب جو وستار پيش ڪيو. تنهن کان سواءِ، هنن جو پنهنجي سهيوڳي علمي دنيا تي گهڻو اثر هو، جيئن، اينگلس جي چوڻ موجب، سندن فلسفو ”سڄي سنجيده ۽ تربيت ورتل نوجوانن ۾ دلي طور مقبول هو.“

فرانس ۾ فلسفي جي تاريخ جو هيءُ ئي دؤر هو، جنهن ۾ هڪ خالص فرينچ فلسفي کي سچ پچ عام مقبوليت حاصل رهي.

ڊيڊرٽ (جنهن جو جنم لينگرس شهر ۾ سنه ١٧١٣ع ۾ ٿيو ۽ جنهن جي وفات پئرس ۾ ١٧٨٤ع ۾ واقع ٿي) هن سڄيءَ تحريڪ تي ڇانيل رهيو. بورزوا (سرمايه پسند) تاريخ ڊيڊرٽ جي باري ۾ اهان کي ڪڏهن به نه ٻڌائيندي ته، مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ، هيءَ وڏي ۾ وڏو مادّي مفڪر ٿي گذريو آهي. لينن جو چوڻ آهي ته ”ڊيڊرٽ تقريباً اڄ جي (جدلياتي) ماديت جي نتيجن تي پهچي ويو هو.“

هو هڪ سچو محنتڪار ماڻهو هو، هميشه ڪليسا سان جنگ ۾ مصروف ۽ سماج جي ابتريءَ جي خلاف ميدان تي تيار بيٺو هوندو هو. هن کي جيل جا عذاب ڀوڳڻا پيا. سرمايه پسند تاريخ هن کي ذري گهٽ نظرانداز ڪيو آهي. پر جيڪڏهن اوهين ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته ”ماديت جي فلسفي تي هن جو ڪيترو وسيع اثر رهيو ۽ اُن تي هن جا ڪيترا نشان ڇڏيل آهن، ته هن جا ڪتاب اوهان کي پڙهڻ کپن *.

اوڻيهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾، ناموافق حالتن سبب، ماديت جي ترقيءَ ۽ ناموس کي ڪافي نقصان رسيو. هر ملڪ جي سرمايه شاهيءَ، تصوريت جي ۽ مذهبيت جي فائدي ۾، تمام گهڻي پروپيگنڊا کان ڪم ورتو.

هن مرحلي تي جرمنيءَ ۾ فيورباخ اٿيو ۽ سينئي تصوري فيلسوفن جي آڏو ٻيهي هن پنهنجي مادي عقيدن جي تبليغ ڪئي— ۽ فڪر جي دنيا ۾ هو ”ماديت کي ٻيهر وڏي اعتماد سان اُن جي جائز جڳهه ڏياري سگهيو....“ (اينگلس، ”فيورباخ“.)

اٿين نه هو ته هُن ماديت ۾ نئينءَ ڪنهن شيءِ جو اضافو ڪيو؛ هُن فقط اُن جي بگيڙيل ۽ وسريل بنيادن کي هڪ

---

* 1. Conversations of Diderot & D'Alembert.
2. The Nephew of Rameau,
3. Jacques the Fatalist.

www.sindhsalamat.com

هوشمند ۽ جديد طرز سان بيان ڪيو ۽ سمجهايو، ۽ انهن ھُنَ ماديَ فڪر ڏانهن ٺهين سر وقت جي فيلسوفن جو ڌيان ڇڪايو ۽ اُن کي متاثر ڪيو.

هاڻي اسين اوڻيهين صديءَ جي دور کي ڏسون ٿا، جنهن ۾ سائنسن ۾ سڀ-طرفي ۽ وسيع پيماني تي ترقي رونما ٿي — خاص طرح اُن ۾ ٽي عظيم کوجنائون عمل ۾ آيون. جيو ڳهرڙي، توانائيءَ جي روپ-بدلَ ۽ (ڊارون - Darwin - واريءَ) ارتقا جون کوجنائون، جن فيورباخ جي اثر ۾ آيل مارڪس ۽ اينگلس کي موقعو مهيا ڪري ڏنو مادیت جي فلسفي کي وڌائڻ ۽ ڪامل تر بنائڻ جو، ۽ هو اسان کي جديد ماديت جو فڪر، جنهن کي ”جدلياتي ماديت“ سڏجي ٿو، ڏيئي سگهيا.

اسين مٿي، تمام مختصر طور، مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ جي ماديت جي تاريخ تي نگاهه وجهي آيا آهيون. اسان کي هيءَ به خبر آهي ته هُنن جتي ڪيترن ئي نقطن تي اڳين مادي فيلسوفن سان اتفاق تي ڪيو، اُتي سندن هيءَ به رايو هو ته اُنهن اڳوڻن مفڪرن جي ڪم ۾ گهڻيون اوڻايون ۽ ڪمزوريون به موجود هيون.

مارڪس ۽ اينگلس اُنهيءَ اڳ جي ماديت ۾ ڪهڙي تبديل آندي، اُن جي سمجهڻ لاءِ لازم آهي ته پهرين ماديت جون آهي اصل اوڻايون ۽ ڪمزوريون ۽ انهن جا سبب معلوم ڪيا وڃن. اِنهيءَ طرح، مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ جي اُن ماديت جو بغور مطالعو اسان لاءِ اشد ضروري آهي.

ٻين لفظن ۾، ماديت جي تاريخ جو مطالعو اڌورو رهجي ويندو، جيڪڏهن، مختلف مفڪرن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ، جن ماديت جي ترقيءَ ۾ حصو ورتو، اسين اِنهيءَ ڳالهه جي ڪوشش نه ڪريون ته هيءَ اُن جي ترقي ڪيئن ۽ ڪهڙي رخ ۾ عمل ۾ آئي ۽ ڇو انهيءَ عمل ۾ آئي.

هن سلسلي ۾ اسين ارڙهين صديءَ جي ماديت ڏانهن خاص توجهه ڏينداسين، ڇاڪاڻ ته هن فلسفي جو آهو دور اُن جي مختلف رخن ۽ لاڙن جي انتها جو نقطو هو.

www.sindhsalamat.com

تہ اسين هاڻي ڏسندا سين تہ هن ماديت جا ڪهڙا نقص هئا، ڪهڙيون اُن جون اوڻايون ۽ غلطيون هيون، پر اِنهيءَ مطالعي ۾ اسين يڪطرفا ٿيي رڳو اُن جي ڪمزور پاسي کي ئي ڪونہ جانچينداسين، پر اُن جي پوري ۽ مجموعي جائزي وٺڻ جي خيال کان اسين ان جي خوبين جو پڻ خاص طور ذڪر ڪنداسين.

ماديت جو فڪر جيڪو شروع شروع ۾ جدلياتي هو، يعني ڳالهين جي ٽڪراءَ جي خصلت ۽ ڪيفيت تي ٻيٽل هو (ڏسو صفحو ۱۰۴) اُن جي واڌ اُن بنياد تي جاري رهي نہ سگهي. شروع جي اُن جدلياتي سوچ کي، سائنسي ڄاڻ جي موجود نہ هئڻ سبب، ڇڏڻو پيو. ”پهرياڻين سائنسن جي پيدا ڪرڻ ۽ اُنهن کي وڌائڻ جي ضرورت درپيش هئي. پهرياڻين اِها ڳالهہ ضروري هئي تہ شين جي ڇڪاس ڪئي وڃي، تہ جيئن سلسلن ۽ ترتيبن جي ڇڪاس ممڪن ٿي سگهي.“ (اينگلس، ”فيور باخ“.)

اُئين ماديت ۽ سائنس جو تمام ويجهو ناتو، بلڪل اڻ ٽوٽ اتحاد، ٿيي هو، جنهن هن فلسفي کي موقعو ڏنو تہ اُهو وڌيڪ مضبوط ۽ وڌيڪ سائنسي بنيادن تي بيهي، اڳتي وڌي، ۽ اُنهن ئي بنيادن تي وڌندي، مارڪس ۽ اينگلس جي واضح ڪيل علمي توصيف تائين پهچي، جنهن کي هاڻي ”جدلياتي ماديت“ جو فلسفو سڏيو وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح، اسين وري بہ اِهو ئي ڏسون ٿا تہ ماديت جو جنم ۽ اُن جي سچي اوسر، سائنس جي جنم ۽ سائنس جي اوسر سان ئي گڏوگڏ ٿي آهي ۽ ٿيندي رهي آهي. بهرحال، اسين جيڪڏهن اُئين ڏسون ٿا تہ ماديت ڪٿان جي چاول ۽ آسريل آهي، تہ اسان کي لازمي طرح تصوريت بابت بہ ڇڪاس ڪرڻ کپي تہ آها ڪٿان نڪتي آهي ۽ اُن جو جنم ۽ اوسر ڪيئن ٿيل آهي.

www.sindhsalamat.com

٣. تصوريت (مايا واد) ڪٿان نڪتي آهي

جيڪڏهن فلسفي جي تاريخ جي سڄي عرصي ۾ اسين ڏسون ٿا ته تصوريت پنهنجو وجود مذهب سان لڳولڳ ٿي قائم رکي سگهي آهي، ته اسين اِن جو سبب اِهو ٿي سمجهي سگهون ٿا ته آها چاڻي ۽ آسري به مذهب مان ٿي آهي.

هن موضوع تي لينن هڪڙو فقرو لکيو آهي، جيڪو اسان کي سمجهڻ گهرجي: ”تصوريت مذهب جي هڪ سُوڏيل، صاف ٿيل، سادي صورت آهي.“ اِن جي ڇا معنيٰ آهي؟ هيءَ ـــ ته تصوريت پنهنجا تصور يا خيال مذهب کان وڌيڪ چترائيءَ سان، وڌيڪ صفائيءَ ۽ لطافت سان، پيش ڪرڻ چاهي ٿي. اُٿين دعوا ڪرڻ ته سرشتيءَ جي رچنا هڪڙي آتما ڪئي، ڪائنات جي تخليق هڪڙي روح ڪئي، جيڪو اٿاهه اونداهيءَ مٿان ترندو ٿي رهيو، ۽ هي ته اهو ”روح ڪل“ مادي مان نه آهي ۽ پوءِ اعلان ڪرڻ ته هو ڳالهائي ٿو ۽ اُٿين اسان کي پڌ ڏئي ته هن جو جسم به آهي ـــ اِهي خيالن جا سلسلا آهن، جيڪي ڪچائيءَ سان پيش ٿيل آهن. تصوريت جڏهن چوي ٿي ته دنيا فقط اسان جي سوچ ۾، اسان جي ذهن ۾، موجود آهي، ته آها پاڻ کي هڪ مخفي ۽ اسراري طريقي سان پيش ڪري ٿي. تهه ۾، بنياد ۾، جيئن اسين چاڻون ٿا، ڳالهه اِها به ساڳي آهي، پر پنهنجيءَ صورت ۾ اِها گهٽ ڪچي آهي، وڌيڪ ڻاهوڪي آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو ته تصوريت مذهب جي سُوڏيل (آجريل) صورت آهي.

آها وڌيڪ باريڪ ۽ لطيف به آهي، ڇاڪاڻ ته تصوري فيلسوف بحث ۾ چاڻن ٿا ته سوالن جون پيشبنديون ڪيئن ڪجن ۽ دليلن جا سنهان چار ڪيئن آڻجن، جيئن بشپ برڪلي جي ”ڊايالاگن“ ۾ فلونس (Philonous) ويچاري هيلاس (Hylas) سان ڪار ڪئي هئي. پر اُٿين چوڻ ته تصوريت مذهب مان آسري آهي رکو مسئلي مان پاڻُ ڇڏائڻُ آهي، انهيءَ ڪري اسان کي اول ويچارڻ کپي ته ـــ

www.sindhsalamat.com

٤. مذهب ڪٿان نڪتو آهي؟

هن ڳالهه جو اينگلس تمام هڪ صاف جواب ڏنو آهي:
"مذهب ماڻهوءَ جي تنگ خيالن مان پيدا ٿيو آهي." ("تنگ" هتي "محدود" جي معنيٰ ۾ ورتل آهي.)

قديم ماڻهن لاءِ، اڻ ڄاڻائي ٻيڻي قسم جي هئي — فطرت کان اڻ ڄاڻائي، پاڻ کان اڻ ڄاڻائي. قديم ماڻهوءَ جي تاريخ جي مطالعي ڪرڻ مهل هيءَ آن جي ٻٽي اڻ ڄاڻائي هردم ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

قديم يونان ۾، جنهن جي سيپتا اسين نڏهن به ڪافي اڳتي وڌيل سمجهون ٿا، هيءَ اڻ ڄاڻائي اسان کي پاراٿي معلوم ٿي ٿئي: مثلاً جڏهن اسين ڏسون ٿا ته ارسطو اٿين سمجهندو هو ته ڌرتي بيٺل هئي ۽ آسا ڪائنات جو وچ هئي، ۽ گرهه آن جي چوڌاري ڦرندا ٿي رهيا. (اهي گرهه، جيڪي هن ٤٦ ٿي ڏٺا، ڪيلين وانگر ڇت ۾ ڪتل هئا، ۽ اهو سڄو مانڊاڻ ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦريو ٿي!

يوناني اٿين به سمجهندا هئا ته جملي چار عنصر هئا — پاڻي، مٽي، هوا ۽ باهه — جن جي دنيا ٺهيل هئي، ۽ آهي وڏيڪ عنصرن يا جزن ۾ ورهائجي نٿي سگهيا! اسين اڄ ڄاڻون ٿا ته هي سڀ غلط هو، ڇو ته اسين هاڻي پاڻيءَ، مٽيءَ ۽ هوا کي ٻين جزن ۾ ورهائي سگهون ٿا، ۽ اسين باهه کي آن ساڳئي قسم يا درجي جي ڪا شيءِ ڪانه ٿا شمار ڪريون.

خود ماڻهوءَ جي باري ۾ به، يوناني ڏاڍا جاهل ۽ اڻڄاڻ هئا: ڇاڪاڻ ته آنهن کي اسان جي عضون جي ڪارج جي به پوري سڌ ڪانه هئي — مثلاً هنن مغز بابت اٿين ٿي سمجهيو ته اهو اسان کي اسان جي هاضمي ۾ ڪم ٿي آيو!

جيڪڏهن يوناني عالمن جي اڻڄاڻائي ايڏي وڏي هئي — هي آهي عالم هئا جن کي اسون تمام سڌريل، سلجهيل ۽ اڳتي

وڏيل ڇاڙون ٿا — تہ آنھن ماڻھن جي اڻ ڄاڻائيءَ جي ڇا حد ھوندي، جيڪي آنھن کان ھزارين سال اڳ موجود ھئا! فطرت بابت يا پاڻ بابت قديم ماڻھن جا جيڪي خيال ھئا، سي سندن اڻڄاڻائيءَ جي ڪري بيحد محدود ھئا. ھنن ماڻھن، بھرحال، اِن سڀڪجھہ ھوندي بہ، شين کي سمجھڻ ۽ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. قديم ماڻھوءَ بابت سڀ آثار ۾ ھرقسم جا دستاويز ۽ نشان جيڪي ليبي سگھيا آھن، آھي پڌائين ٿا تہ ھو پنھنجن خوابن (سپنن) ۾ ڏاڍو اَلجھيل رھيو ٿي. اسان پھرئين ڀاڱي جي پھرئين باب ۾، مٿي، اڳي ئي ڏسي آيا آھيون تہ ھُنن پنھنجي خواب جي سوال کي پنھنجي ٻئي وجود (ھمزاد) جي ويساھہ سان ڳنڍيندي، ڪيئن ئي حل ڪيو يا سُلجھايو. شروع ۾ ھُنن ”ٻئي وجود“ کي ھڪ قسم جو شفاف، ھلڪو، ڪجھہ ڪجھہ ھمشڪل، بت يا جسم ئي سمجھيو ٿي — پر وري بہ، ڪنھن مادّي ھوا جو ئي جُڙيل. پوءِ اِھو تصور گھٽي گھٽي وقت گذرڻ بعد سندن ذھنن ۾ پيدا ٿيو تہ ماڻھوءَ کي پنھنجي اندر ۾ ڪو غيرمادي (Immaterial – principle) آتمڪ مولُ، روحاني جوھر (Spiritual principle, – Soul) آھي، جيڪو موت کان پوءِ بہ باقي رھي ٿو. [جيئن ”آتمڪ“ ”آتما“ (= ھوا) مان، ”روحاني“ روح (= ھوا) مان، تيئن انگريزيءَ ۾ لفظ Spiritual لاطيني ٻوليءَ جي SPIRIT (= ھوا، ساھہ، دم، نفس) مان نڪتل آھي، جن سڀني جي اصل معنيٰ ھوا، ڦوڪ، نفس، دم، ساھہ ئي آھي – ساھہ = Spirit) (Soul, Breath – جيڪو پوئين پيري اندر مان نڪري وڃڻ کان پوءِ واپس ڪونہ ٿو اچي، پر ’ھمزاد‘ ۾ آھو وري بہ باقي رھي ٿو.] اڄين سچ پچ تہ Spirit, Soul (= ساھہ، نفس، روح) مان ئي قديم ماڻھوءَ کي پنھنجي خيال ۽ خواب جي سچي سمجھاڻي ۽ وضاحت ملي ٿي، جا ظاھر آھي تہ سچائي جي سچي، سندن فطرت کان ۽ پنھنجي پاڻ کان اڻ ڄاڻائيءَ تي ئي مبني ھئي.

[illegible]

www.sindhsalamat.com

فلسفي جي سڄيءَ تاريخ ۾ اسين تصوريت ۽ ماديت جي وچ ۾ لڳاتار هيءَ ڪشمڪش، هيءَ مقابلو، هلندي ڏسون ٿا. ماديت جو سچو ڪارڻ ۽ پورو امنگ سدائين اٿڄاٽائيءَ جي حدن کي هٽائي، پري ڪان پري ڪرڻ رهيو آهي، اِها اُن جي ڪوشش، اِها اُن جي جاکوڙ، ئي اُن جي چڱاين جي هڪ چڱائي ۽ اُن جي عظمتن جي هڪ عظمت آهي ۽ سدا رهڻي آهي.

٥. ماديت جون خوبيون

اسين ڏسي آيا آهيون ته يونانين وٽان، جيئن ئي آتي سائنس جو ڦونهڙو شروع ٿيو، ماديت شروع ٿي. ”سائنس جي وڌڻ سان ماديت وڌي ٿي“ — حقيقت تي بيٺل هِن اصول جي روشنيءَ ۾ علم جو پيرو کڻندي، تاريخ ۾ اسين ڏسون ٿا ته

(١) وچين دور ۾ سائنس جي ڪمزور واڌ، ماديت جي ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي.

(٢) سترهين ۽ ارڙهينءَ صديءَ ۾ سائنسن جو نماڀان واڌارو ماديت جي عظيم ترقيءَ جو سبب بڻيو. ارڙهين صديءَ جي فرينچ ماديت جو فروغ سائنسن جي ترقيءَ جو سڌو نتيجو هو.

(٣) اوڻيهين صديءَ ۾ تمام اهم ۽ گهڻيون کوجنائون واقع ٿيون، ۽ لڳولڳ مارڪس ۽ اينگلس جي هٿان ماديت ۾ تاريخ ساز ترقي آندي ويئي.

(٤) اڄ سائنسن ۾ سڀ-پاسائين انتهائي ترقي عمل ۾ اچي رهي آهي، ۽ ساڳئي وقت ماديت به ترقيءَ جي راهه ۾ اوتري ئي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي. دنيا ۾ اڄ بهترين سائنسدان پنهنجن مطالعن ۾ جدلياتي ماديت کي استعمال ڪندي ڏسجن ٿا.

مطلب ته تصوريت ۽ ماديت جو جنم الڳ الڳ ۽ مخالف جاين تان ٿيو، ۽ صدين جي تاريخ تي نظر وجهندي، اسين هيئن

www.sindhsalamat.com

ٻن فلسفن جي وچ ۾ هڪ لاڳيتي ۽ زوردار ڪشمڪش جاري رهندي ڏسون ٿا — هڪ اهڙي ڪشمڪش، جيڪا اڄ اسان جي پنهنجي دؤر ۾ به اهڙي ئي زوردار نموني هلندي ٿي رهي — ۽ هيءَ ڪشمڪش رڳي ڪا درسي يا تعليمي قسم جي به ڪانهي.

هيءُ مقابلو، هيءَ ڪشمڪش، جيڪا انسان ذات جي تاريخ ۾ سدا جاري رهي آهي، سائنس ۽ اڻڄاڻائيءَ، علم ۽ جهالت جي وچ ۾ ڪشمڪش آهي. هيءَ هڪ جنگ آهي ٻن لاڙن جي وچ ۾: جن مان هڪُ انسان ذات کي اونده، ڏانهن نئي ٿو ۽ اونده ۾ رکي ٿو، ۽ ٻيو، اُن جي ابتڙ، اونده جي جاءِ تي روشنيءَ جي فتح گهري ٿو، ۽ اُن وسيلي آهو ماڻهوءَ جي آزادگيءَ جو خواهان آهي ۽ اُن لاءِ ڪوشش ڪري ٿو.

هِن مقابلي ڪڏهن ڪڏهن بيحد خطرناڪ صورتون اختيار ڪيون آهن، جيئن مسيحي دين جي احتسابي عدالتن جي دؤر ۾، جنهن دؤر جي ڪيترن ئي مثالن مان هڪ مثال طور اهين گليلاو (Galilio: 1596-1650) جو مثال وٺي سگهون ٿا. گليلو اعلان ڪيو ته دنيا سج جي چوڌاري ڦري ٿي. اِها هڪ نئين ڄاڻ هئي، جيڪا بائيبل جي، ۽ پڻ ارسطوءَ جي، خلاف هئي. جيڪڏهن ڌرتي ڦري ٿي، ته اِن جي معنيٰ ته آها ڪائنات جو مرڪز نه هئي، پر ڪائنات ۾ فقط هڪ نقطو هئي، ۽ اِنهيءَ ڪري اسان کي ڪائنات بابت پنهنجي ڄاڻ جي حدن کي وڌائڻ کپي.

پر گليلو جي کوجنا جي جواب ۾ ڇا ڪيو ويو؟ انسان ذات کي جاهل رکڻ لاءِ هڪ مذهبي عدالت ويهاري ويئي ۽ گليلو کي سزا طور ڇيڇلايو ويو ۽ مجبور ڪيو ويو ته جيڪي چيائين ٿي اُن تان ڦري وڃي. اِهو آهي اوهان جي آڏو هڪ مثال جهالت ۽ سائنس جي وچ ۾ ڪشمڪش جو.

اِنهيءَ ڪري آنهيءَ دؤر جي فيلسوفن ۽ سائنسدانن تي اسان کي فيصلو صادر ڪرڻ گهرجي ته هِن جهالت ۽ سائنس جي جنگ ۾ آهي ڪهڙي پاسي بيٺل هئا، ۽ اُئين اسين ڏسنداسين

www.sindhsalamat.com

تہ سائنس جو پاسو ڪندي ۽ اُن جو بچاءُ ڪندي، آهي نہ چاٿي بہ
ماديت جو بچاءُ ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ طرح ڊيڪارٽي بہ پنهنجي
عقلي دليلبازيءَ وسيلي اُن پنهنجي دؤر کي اهڙا خيال مهيا ڪري
ڏنا، جن ماديت کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏني.

هن سلسلي ۾، سچ پڇ، هي بہ ڏسڻ گهرجي تہ تاريخ ۾
هيءَ ڪشمڪش رڳي هڪ نظرياتي جنگ بہ ڪانهي، پر هيءَ
تہ هڪ سماجي ۽ سياسي ڪشمڪش آهي. هن جنگ ۾ حڪمران
طبقا سدائين جهالت جي پاسي هوندا آهن. سائنس انقلابي آهي،
انقلاب جي قوت آهي، ۽ انسان ذات جي آزاديءَ جي پرورش
ڪري ٿي.

هِن ڳالهہ ۾ بُورزوا طبقي جي صورت خاص آهي. ارڙهين
صديءَ ۾ هيءُ طبقو جاگيردار طبقي جي زيرحڪم هو ۽ اُن جي
ڏاڍ جو شڪار هو: خاص اُن وقت هيءُ محڪوم طبقو سائنس
جي حق ۾ هو ۽ جهالت خلاف وڏي جاکوڙ ڪيائين، جنهن جي
نتيجي ۾ اسان کي جڳ مشهور "علمن جي وڏي لغت"
(انسائيڪلوپيڊيا: Encyclopaedia) ملي. ويهين صديءَ ۾ هيءُ
سرمايہ پسند طبقو پاڻ حاڪم طبقو آهي، ۽ جهالت ۽ سائنس جي هِن
ڪشمڪش ۾ هاڻي هِن طبقي جا ماڻهو جهالت جي پاسي
آهن ۽ اُن ۾ اڳ جي سائنس ـــ مخالف طبقن کان اڄ هي
وڌيڪ وحشي ۽ انڌا آهن (جيئن هٽلريت جي حالت ۾ ڏٺو ويو.)

اٿين اسين ڏسي سگهون ٿا تہ مارڪس کان اڳ جي مادّي
فڪر وڏو آبرودار رول ادا ڪيو ۽ اُن کي تمام وڏي تاريخي
اهميت حاصل رهي. جهالت ۽ سائنس جي ڪشمڪش جي طويل
عرصي دوران هيءُ فڪر دنيا بابت هڪ اهڙو مجموعي تصور يا
نظريو پيدا ڪري سگهيو، جيڪو مذهب جي مقابل، اڻجاڻائيءَ
جي مقابل، بيهي ٿي سگهيو. اِها مُنجرائي بہ ماديت جي اوسر ۽
اُن جي لاڳيتي عمل ۽ جاکوڙ جي شمار ٿي سگهي ٿي، جو
آهي لازمي گهربل حالتون پيدا ٿيي سگهيون، جن ۾ جدلياتي

www.sindhsalamat.com

ماديت وڌي، اڄ ايڏو هڪ وڏو گلن سان جهنجهيل ثمردار وڻ ٿي سگهي آهي.

٦. مارڪسي دور کان اڳ جي ماديت جا نقص

ماديت جي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ ۽ اُن جي اوڻاين ۽ ڪمزورين جي تورتڪ جي سلسلي ۾ اِها ڳالهه هرگز وسارڻ نه کپي ته ماديت ۽ سائنس جو هڪٻئي سان اٽوٽ ڳانڍاپو آهي.

شروع ۾ ماديت سائنس کان ڪجهه پيش پيش هئي، اِنهيءَ ڪري هيءُ فلسفو اتڻ سان ايترو پاڻ کي مڃائي نه سگهيو. اُن لاءِ پهرين ضروري هو ته سائنس کي اُپاريو وڃي ۽ وڌايو وڃي. ٻن هزارن سالن جي سائنسي جاکوڙ ۽ کوجنا ضروري هئي، اِنهيءَ لاءِ ته ماديت جي موجوده ارتقائي صورت، جدلياتي ماديت، يعني اُن جو فڪري مواد ۽ فڪري طريقو، صحيح ثابت ٿي سگهي.

هيٺري هن ڏگهي عرصي ۾ ماديت سائنسن جي اثر هيٺ، خاص طرح سائنسي اسپرٽ (طبيعت، مزاج) جي اثر هيٺ — خاص طرح ڪن خاص سڀ کان زياده ترقي ڪيل سائنسن جي طبيعت ۽ مزاج جي اثر هيٺ — رهي آهي.

انهيءَ ڪري —

”گذريل (ارڙهينءَ) صديءَ جي ماديت زياده تر ميڪانيڪي هئي، ڇاڪاڻ ته اُن دور ۾، سڀني فطري سائنسن مان فقط ميڪانيت، ۽ خاص طرح نِبهرن جسمن جي ميڪانيت — آسماني توڙي زميني جسمن جي — خصوصاً، ڪشش ثقل جي اصول جي ميڪانيت، ڪِي پنهنجي پوري عروج تي پهتل هئي. ڪيميا ته اُن وقت اڃا تازي ڇاول هئي — اڪيون ڪِي مس ڪوليون هئائين. حياتيات به اڃا تنجڻ ۾ سٽل هئي؛ نباتاتي ۽ حيواني روپ فقط مٿاڇرا مٿاڇرا ڪِي چڪاسيا ويا هئا ۽ اُنهن جي سمجهاڻي خالص ميڪانيڪي اسبابن جي بنياد تي ڏني ٿي ويئي. جيڪا ڪجهه ڊيڪارٽي لاءِ حيوان جي

www.sindhsalamat.com

ڪيفيت هئي، اُها ارڙهين صديءَ جي مادّي فيلسوفن آڏو ماڻهوءَ جي هئي — يعني هڪ مشين جي، فقط هڪ ميڪانيڪي جوڙجڪ ۽ جڙت جي." (اينگلس، "فيورباخ".)

ته اِها هئي ماديت جي صورتحال — جڏهن "مسيحي وچين دور جي ڏکي خواب" مان اُٿندي، سائنس جيڪا سست پر طويل مدت جي ملڪان پوءِ ترقيءَ جو ڊوڙ پاتي هئي، اُنهيءَ ارڙهين صديءَ جي اُن "سائنسي سجاڳيءَ" جي شروع ۾ ماديت جي اِها صورتحال هئي.

ارڙهين صديءَ ۾ وڏي غلطي ماديت جي مفڪرن اِها ئي ڪئي ته، هر ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ اُنهيءَ سائنس جي قاعدن مطابق ڪندي جنهن کي "ميڪانيت" ٿي سڏيائون، هُنن دنيا کي به هڪ وڏي مشين ٿي سمجهيو. ارتقا کي هڪ سادي ميڪانيڪي روش سمجهندي، اُئين اندازا پيش ڪيا ٿي ويا ته ساڳيا واقعا ۽ ساڳيون حالتون لڳاتار وري وري پيدا ٿيي ٿي سگهيون. هنن شين جو مشيني پاسو ڏٺو ٿي، پر جيئرو يا جيئندو پاسو ڪونه ٿي ڏٺو. اُنهيءَ ڪري، هِن ماديت کي "ميڪانيڪي ماديت" چيو وڃي ٿو.

هڪڙو مثال وٺو: هِنن ميڪانيڪي مادّي مفڪرن "خيال" جي ڪيئن ٿي سمجهاڻي ڏني؟ هِن طرح: "خيال مغز مان اُئين رِسي نڪري ٿو، جيئن پِتُ جيري مان!" مارڪسي ماديت، اِن جي ابتڙ، اُن لاءِ سببن جا ڪيئي سلسلا ٿيي سمجهائي. اسان جا خيال رڳو مغز مان ئي ڪونه ٿا اٿن. اِن لاءِ هي به ضروري آهي ته ڄاڻجي ته ڇو اسان کي ڪي تصور، ڪي خيال، اچن ٿا، ۽ ٻيا تصور ۽ ٻيا خيال ڇو نه! ۽ اُن لاءِ اِهو ٿو ڏسجي ته سماج، ماحول، وغيره اِها چونڊ ڪن ٿا. ميڪانيڪي ماديت مغز کي هڪ رڳو ميڪانيڪي سَٽاءُ يا مانڊاڻ سمجهي ٿيي. پر ميڪانيت جي ماهِن کي، ڪيمياوي ۽ حياتياتي قسم جي سلسلن مان اُئين غيرمشروط طور لاڳو ڪرڻ جي ضرورت — جن سلسلن ۾

www.sindhsalamat.com

ميڪانيڪي قاعدا به واقعي ڪارآمد ته آهن، پر بين اوچي پد جي قاعدن کان آهي ڏڪجي ۽ دبجي، ثانوي حيثيت وٺي بيهن ٿا — شروع ۾ ته برابر هڪ مجبوري هئي، پر اُن دؤر ۾ به آها ڪلاسيڪي فرينچ ماديت جي پيرن جو هڪ ڏاونُ ٿي هئي. ۽ اِها ارڙهين صديءَ جي ماديت جي پهرين وڏي اوڻائي هئي.

ٻي اوڻائيءَ جا نتيجا هي هئا، جو ماديت عام تاريخ کان، يعني تاريخي واڌ جي سلسلي کان، اڻڄاڻ هئي. هن ماديت سمجهيو ٿي ته دنيا ارتقا ڪانه ٿيي ڪري، پر آها موٽي موٽي ساڳين نشانن ۽ حالتن تي اچي پهچي ٿيي؛ ۽ نه وري اُن کي ماڻهن جي يا جانورن جيي ارتقا ٺي ڪا خيال ۾ هئي.

”هيءَ ماديت، ڪائنات کي (واڌ جي) هڪ سلسلي طور سمجهڻ کان قاصر هئڻ جي صورت ۾ — ته هيءَ مادو ئي هو جيڪو بنان روڪ جي وڌندو ٿي رهيو — فطري سائنسن جي اُن وقت جي سطح ۽ اُن سان لاڳاپيل فوق طبيعي يعني غيرجدلياتي قسم جي طرز فڪر جي عين مطابقت ۾ هئي. اِهو ته معلوم هو ته فطرت ازلي تحرڪ ۾ هئي. پر اُن وقت جي خيال مطابق، هيءَ تحرڪ ازل ٺي کان هڪ دائري ۾ ڦرندو ٿي رهيو ۽ اِنهيءَ ڪري ڪڏهن به پنهنجي مرڪزي نقطي کان گذري يا هٽي، پري ڪونه ٿي ويو؛ ۽ اُن وري وري ساڳيا نتيجا پئي پيدا ڪيا.“ (اينگلس، ”فيورباخ“.)

اِها هن ماديت جي ٻي اوڻائي هئي.

اُن جي ٽين اوڻائي يا غلطي هيءَ هئي ته آها حد کان وڌيڪ خيالن ۾ غلطان هئي؛ اُن دنيا ۾ ۽ سماج ۾ انساني عمل کي ڳڻپ ۾ گهٽ ٿي آندو، ۽ اُن جي ڪردار جو ڪافي قدر ڪونه ٿي ڪيو.

مارڪسي ماديت سيڪاري ٿي ته اسان کي رڳو دنيا کي سمجهائڻو نه آهي، پر اُن کي بدلائڻو آهي. تاريخي طور، ماڻهو

www.sindhsalamat.com

هڪ فعال ۽ بيآرام عنصر آهي، جيڪو دنيا ۾ تبديليون آڻي سگهي ٿو. روسي ڪميونسٽن جا عمل انهن انساني عملن جا جيئرا مثال آهن، جيڪي نه رڳو انقلاب لاءِ تيار ڪري سگهيا، ان کي عمل ۾ آڻي سگهيا، ۽ انقلاب ڪٽي به سگهيا، پر جيڪي ۱۹۱۸ع کان وٺي، بي شمار تڪليفن ۽ ناموافق حالتن جي وچ ۾ سوشلزم جي تعمير به ڪري رهيا آهن.

مارڪس کان اڳ جي ماديت ماڻهوءَ جي عمل ۽ ڪارڪردگيءَ جي ان تصور کان بي خبر هئي. ان دور ۾ هنن ائين ٿي سمجهيو ته ماڻهو ماحول جي پيداوار آهي. مارڪس اسان کي سيکاري ٿو ته ماحول کي ماڻهو پيدا ڪري ٿو ۽ هي ته، اِنهيءَ ڪري، مهذب ماڻهو پنهنجي پيداوار پاڻ آهي. جتي ماڻهوءَ تي ماحول جو اثر پوي ٿو، اتي ماڻهو ماحول کي، سماجي نظام کي، بدلائي به سگهي ٿو: ۽ نتيجي طور ماڻهو خود پاڻ کي ئي بدلائي سگهي ٿو.

ارڙهين صديءَ جو ماديّ فڪر حد کان وڌيڪ نلهن خيالن ۾ ورتل هو، ڇاڪاڻ ته ان هر شيءِ جي تاريخي واڌ کي نظرانداز ٿي ڪيو، ۽ اِها ڳالهه تڏهن لازمي ۽ اٽر به هئي، ڇو ته اڃا سائنسي ڄاڻ ايتري اڳتي وڌيل نه هئي، جو اها دنيا کي ۽ شين کي خيال جي پراڻي طريقي، مابعدطبيعاتي طريقي، فوق الفطري طريقي، ماورائي طريقي، کان سواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان تصور ۾ به آڻي سگهي.

---

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو ٽيون

مابعد طبيعات جو مطالعو

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

باب ٻـاهـريـون

مابعدطبيعي طريقي ۾ ڇا ڇا آهي؟

١. هن طريقي جون خاص ڳالهيون:
(الف) پهرين خاص ڳالهه: ساڳيائپ جو اصول.
(ب) ٻي خاص ڳالهه: شين جي جدائپ يا الڳتا
(ج) ٽين خاص ڳالهه: ازلي ۽ اڏمت ويچار.
(د) چوٿين ڳالهه: ابتڙ شين جو مقابلو يا ذڪر.
٢. خلاصو.
٣. فطرت جو مابعدطبيعي تصور.
٤. سماج جو مابعدطبيعي تصور.
٥. خيال جو مابعدطبيعي تصور.
٦. منطق ڇا آهي؟
٧. ”مابعدطبيعات“ لفظ جي سمجهاڻي.

اسين ڇاڙهون ٿا ته ارڙهين صديءَ جي ماديّ مفڪرن جون ڪمزوريون سندن فڪر جي ڍنگ، سندن تحقيق جي خاص دستور يا طريقي، جو نتيجو هيون، جنهن کي اسين ”مابعدطبيعي طريقو“ ٿا سڏيون. مابعدطبيعي طريقو دنيا جو هڪ خاص نظريو ڏئي ٿو، ۽ اسان کي معلوم هجڻ کپي ته جيئن مارڪس کان اڳ جي

www.sindhsalamat.com

ماديت جي مقابل اسين مارڪسي ماديت آڻيون ٿا، ساڳيءَ طرح مابعد طبيعي ماديت جي مقابل اسين جدلياتي ماديت، کي پيش ٿا ڪريون.

انهيءَ ڪري، مابعد طبيعات جي مفهوم کي وڌيڪ نہ ڇيڙيندي، اسين خود ”مابعد طبيعي طريقي“ جو پهرين مطالعو ڪري، پوءِ ڌيان ڏيڻ گهرون ٿا تہ آن جو مدمقابل ”جدلياتي طريقو“ ڇا آهي.

١. هن طريقي جون خاص ڳالهيون

جنهن طريقي جو هاڻي اسين مطالعو ڪرڻ گهرون ٿا، سو ”سوچ ۽ ويچار جو آهو پراڻو طريقو آهي، جنهن کي هيگل (Hegel: 1770-1830) مابعد طبيعي طريقو سڏيو آهي.“ (اينگلس، ”لڊوگ فيورباخ“.)

شروع ۾ ڏي ان لاءِ اسين هڪڙي شيءِ ذهن ۾ آڻيون ٿا. ماڻهن جي اڪثريت جي خيال ۾ وڌيڪ فطري ڳالهہ ڪهڙي آهي — تحرڪ يا عدم تحرڪ؟ انهن ٻن مان ڪهڙي صورت هنن لاءِ شين جي فطري حالت آهي — ماٺ يا چرپر؟

ائين عام طور سمجهيو وڃي ٿو تہ ماٺ، چرپر کان پهرين موجود هئي، ۽ پيو تہ ڪابہ شيءِ چرڻ شروع ڪري، آن جو پهريائين ماٺ جي صورت ۾ هئڻ ضروري آهي. بائيبل پڻ چوي ٿو تہ دنيا کان اڳ — جيڪا خدا ٺاهي — آچل پئرڻي هئي، يعني ماٺ.

هي لفظ، ماٺ ۽ نسچلتا، اسين وري ڪم آڻينداسين، ۽ پڻ چرپر ۽ ڦيرگهير، تحرڪ ۽ تبديل. اوهان کي ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ هي پوءان ۾ لفظ هم معنيٰ نہ آهن. لفظ تحرڪ يا چرپر، پنهنجي تز معنيٰ ۾ جاءِ جي تبديل جو مفهوم رکي ٿو. مثلاً، هڪ ڪرندڙ پٿر، يا هڪ اسٽيشن کان ٻيءَ اسٽيشن ڏانهن ويندڙ هڪ گاڏي، تحرڪ ۾ آهن، چرپر ۾ آهن. لفظ تبديل يا ڦيرگهير، پنهنجي تز معنيٰ ۾، ڪنهن شيءِ جو هڪ شڪل مان، هڪ صورت

www.sindhsalamat.com

مان، ڪري ٻيءَ شڪل يا صورت ۾ اچڻُ ڏيکاري ٿو. مثلاً، وڻُ، جنهن پنهنجا پن ڇاڻي ڇڏيا آهن، پنهنجي صورت ڦيرائي ٿو. هن لفظ جي معنيٰ هيءَ به آهي: هڪ **حالت** مان لنگهي ٻيءَ حالت ۾ اچڻُ. مثلاً، هوا ساهه کڻڻ لائق نٿي رهي — ته اِها (حالت جي) تبديل يا ڦيرو آهي.

ته تحرڪ جي معنيٰ آهي جاءِ بدلائڻ (جاءِ بدَلَ)، ۽ تبديل جي معنيٰ آهي صورت يا حالت بدلائڻ (صورتَ بدَلَ، حالتِ بدَلَ). اسين مونجهاري کان بچڻ لاءِ، هن فرق کي خيال ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين، پر جڏهن اسين جدليات جو مطالعو ڪنداسين، ته هنن لفظن جي معنيٰ تي اسان کي نظرثاني ڪرڻي پوندي.

اسان، ٿورو ئي مٿي، ڏٺو ته، عمومي طور ڳالهائيندي، اٿين سمجهيو ٿو وڃي ته تحرڪ عام ڳالهه ڪانهي، عام ۽ رواجي ڳالهه عدم تحرڪ آهي. ۽ اِها پڪ آهي ته اِئين سمجهڻُ ته شيون بيٺيون آهن، مانڊ ۾ آهن ۽ ڦرن گهرن نٿيون، اسان کي وڌيڪ نيڪ ٿو لڳي.

مثال طور: اسين نامي بوٽن جو جوڙو خريد ڪريون ٿا، ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ — ڪافي چوڙ ماڻَ کان پوءِ — نوان ترا، نيون ڪڙيون ۽ ڪي ڪجهه چٿيون به اُن جوڙي کي لڳارايون ٿا: اُن کان پوءِ به — اسين ائين ئي چئي آهي بوٽ پايون ٿا ته اِهو اسان جو نامي بوٽن جو جوڙو! ۽ ائين چونديءَ، اسان کي اُن سڄيءَ چوڙ ماڻَ ۽ ٿوپي چٿيءَ جو خيال ئي ڪونه ٿو رهي. اسان لاءِ اُهو سدائين ساڳيو ئي ”نامي بوٽن جو جوڙو“ آهي جيڪو اسان ڪنهن موقعي تي ورتو هو ۽ جنهن لاءِ اسان هڪڙي ڪا قيمت ڏني هئي! اِن وچ ۾ اسان جي هنن بوٽن ۾ جيڪا ڦيرگهير ٿي گذري آهي آها اسين خيال ۾ نٿا آڻيون، آهي اسان لاءِ پوءِ به ساڳيا آهن، جهڙا اڳ ٿهڙا پوءِ. اسين تبديل کي نظرانداز ڪريون ٿا ۽ رڳو اُنهن جي ساڳيائپ ٿا

www.sindhsalamat.com

ڏسون، ڇڻ ڪابہ اهم ڳالهہ ٿي ئي نہ هجي. هيءَ آهي مابعدطبيعي طريقي جي—

ٻهرين خاص ڳالهہ: ساڳيائيءَ جو، ساڳيائپ جو، اصول

هيءَ ڇا ڳالهہ آهي؟ اسين نسچلتا کي.چرپر تي، ۽ ساڳيائيءَ کي ڦيرگهير تي فوقيت يا مٿڀرائي ٿا ڏيون — واقعن جي لحاظ کان. هن مٿڀرائيءَ مان، جيڪا هن طريقي جي بنيادي خاصيت آهي، دنيا جو هڪ پورو، سڄو سارو، تصور اڀري سامهون ٿو بيهي. ڪائنات لاءِ اٿين سمجهيو ٿو وڃي، ڄڻ اُها ساڳيءَ جي ساڳي آهي، (اينگلس جي لفظن ۾) ڄڻ اُها ڪٽل آهي، بيٺل آهي. فطرت لاءِ بہ ائين، سماج لاءِ بہ ائين، ماڻهوءَ لاءِ بہ ائين. اهڙيءَ طرح اڪثر ائين چيو ويندو آهي تہ "سچ جي هيٺان ڪابہ نئين شيءِ ڪانهي"، جنهن جي معنيٰ آهي تہ زماني جي ابتدا کان وٺي، ڪابہ ڦيرگهير، ڪابہ تبديل، واقع ڪانہ ٿي آهي؛ دنيا اُچل رهي آهي، ڪڏهن ٿي بيٺي آهي. اڪثر اُن چوڻ جو مطلب هي بہ هوندو آهي تہ ساڳيا واقعا ڪجهہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ وري پيا ٿيندا آهن. دنيا پيدا ٿي، مڇيون پيدا ٿيون، پکي پيدا ٿيا، کير ڌارائيندڙ جانور پيدا ٿيا، وغيره: ۽ اُن کان پوءِ ڪجهہ بہ ڪونہ بدليو آهي. دنيا ڇُري ٿي ڪانهي. ائين بہ چيو ويندو آهي تہ "ماڻهو آهي ساڳيا ٿي آهن!" ڄڻ تہ ماڻهو ازل کان اڄ تائين اُهو ساڳيو آهي، اُن ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آيو آهي.

اِهي چالو چوڻيون اُنهيءَ تصور جا عڪس آهن ۽ اُهو اسان جي ذهنن ۾ پختيون پاڙون ڪيو، اڏول بيٺو آهي، ۽ سرمايہ دوست طبقو اِن اُچاٽپ جو پورو پورو ۽ ازحد فائدو وٺي ٿو.

جڏهن سوشلزم (سماج واد، اشتراڪيت) تي تنقيد ٿيندي آهي تہ هڪڙو داپسند دليل هي ڏنو ويندو آهي تہ ماڻهو خودغرض آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري ضروري آهي تہ هن کي روڪڻ لاءِ ڪو زور، ڪا طاقت، هجي، نہ تہ بدامني ڇانئجي ويندي! واقعي مابعدطبيعي تصور مان سڌو سبق اِهو ئي ملي ٿو، جڏهن جو اُن

www.sindhsalamat.com

جو عقيدو اهو آهي ته ماڻهوءَ جي فطرت ساڳي آهي، هڪ ئي آهي — بيٺل ۽ جميل — جيڪا بدلجي نٿي سگهي.

تحقيق اها ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اسان لاءِ اوچتو اوچتو هڪ ڪميونسٽ (اشتمالي) صورتحال ۾ رهڻ جو وجهه پيدا ٿي پوي، جنهن جي معنيٰ ته هڪدم جيڪڏهن سامان هرڪنهن کي سندس گهرجن آهر ملڻ لڳن، ۽ نه سندس ڪيل ڪم آهر، ته پوراين خواهشن کي پوري ڪرڻ واسطي سامان لاءِ انڌي ڇڪ ڇڪان شروع ٿي ويندي ۽ اهڙو سماج رهي نه سگهندو. پر ان مشڪلات هوندي به صحيح ڳالهه اڳين آهي ته ڪميونسٽ سماج اهڙو ئي ٿيندو جنهن ۾ هرڪنهن کي سندس گهرجن آهر ملندو — ۽ معقول ڳالهه به اڳين آهي. اسان جي اندر ۾ بهرحال مابعد طبيعي تصور پختيون پاڙون هنيو ويٺو آهي ۽ اسين مستقبل جو ماڻهو ذهن ۾ اڻين ٿا آڻيون، جيڪو ڏورانهين مستقبل ۾ به ساڳيو اڄ جهڙو ماڻهو هوندو: انهيءَ ڪري ئي اڳين چئجي ٿو ته هڪ سوشلسٽ سماج يا ڪميونسٽ سماج هلي ئي نه سگهندو ڇاڪاڻ ته ماڻهو خودغرض آهي، ۽ اڏين چوڻ مهل اها ڳالهه يڪسر وساري ڇڏجي ٿي ته جيڪڏهن سماج بدلجي ٿو ته ماڻهو به اوس ئي بدلجندو.

هرروز سوويت يونين تي، اهڙيون تنقيدون ٿينديون پڌجن ٿيون، جن مان پتو پوي ٿو ته تنقيد ڪندڙ، دنيا بابت ۽ اُن جي شين بابت، عمومي طور، پنهنجي مابعد طبيعي تصور سبب ئي، پنهنجي ڄاڻ جي اڻ پورائيءَ ۽ ناڪاميءَ جا شڪار هجن ٿا.

اِن قسم جا ڪيئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، پر نموني طور اچو ته هي مثال وٺون: چيو وڃي ٿو ته "سوويت يونين ۾ مزدور کي اجوري ۾ اوترو مُلهه ڪونه ٿو ملي جيترو پورو مُلهه هُن جي پيدا ڪيل شين جو ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري باقي ملهه هن جي اجوري مان ڪاٽي رکيو وڃي ٿو، ۽ اها ڦُر آهي، اهو استحصال آهي، جو هن جو ٿئي ٿو. فرانس ۾ به اها ئي

ساڳي ڳالهه آهي، فرانس جي مزدورن جي به ائين ڦر ٿئي ٿي، پرماري ٿئي ٿي؛ انهيءَ ڪري سوويت مزدور ۽ فرينچ مزدور جي وچ ۾ ڪو فرق ڪونهي!

هِن مثال ۾ به مابعدطبيعي تصور جو دخل آهي ۽ آهو هيئن ته اهو سوچيو نه ويو ته هِن مثال ۾ ٻن قسمن جا سماج آهن، ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي اهو خيال ۾ نه رکيو ويو؛ ۽ ٻيو هيئن ته ائين سمجهيو ويو ته جيڪڏهن اتي ۽ هتي 'باقي مُلهه' (Surplus Value) آهي ته اها ساڳي ڳالهه آهي، ۽ هوڏانهن سوويت يونين ۾ جيڪي تبديليون واقع ٿيون آهن، تن کي خيال ۾ نه رکيو ويو، جتي ماڻهوءَ ۽ مشين جو آهو اقتصادي ۽ سماجي رتبو يا ڪردار ڪونهي جيڪو فرانس ۾ آهي. فرانس ۾ مشين موجود آهي انهيءَ لاءِ ته پيدا ڪري، ۽ ماڻهو موجود آهي انهيءَ لاءِ ته هن کي ڦريو وڃي. سوويت يونين ۾ ٻئي، ماڻهو ۽ مشين، موجود آهن، انهيءَ لاءِ ته پيداوار ٿئي، اپت ٿئي. فرانس ۾، 'باقي مُلهه' ڪارخانيدار جي کيسي ۾ پوي ٿو؛ سوويت يونين ۾ آهو رياست جي حساب ۾ وڃي ٿو — جنهن جو مطلب ته اڻ-طبقاتي سماج جي گڏيل حساب ۾ آهو جمع ٿو ٿئي.

هِن مثال مان، انهيءَ طرح، اسين ڏسون ٿا ته فيصلي جون ڪمزوريون ۽ غلطيون انهن ماڻهن کان ٿين ٿيون، جيڪي سوچ جي مابعدطبيعي طريقي سان واڳيل آهن، ۽ خاص طرح جيڪي هِن طريقي جي ابتدائي خاصيت، بنيادي خاصيت، کي ڪم آڻين ٿا، جنهن ۾ تبديل کي گهٽ اهميت ملي ٿي ۽ نسچلتا ۽ اڏولپائي وڌيڪ معتبر ۽ مٿڀري شمار ٿئي ٿي؛ يا، هڪ لفظ ۾، آن جي خاص انهيءَ ڳالهه تي زور ڏجي ٿو، جيڪا تبديل دوران ساڳيائپ جي باقي رهڻ جي ذڪر ڏئي ٿي.

هاڻي ڏسڻو آهي ته هيءَ ساڳيائپ يا ساڳپائي ڇا آهي؟ مثال طور، اسين هڪ گهڙُ اڏجندي ڏسون ٿا، جيڪو جنوري، ۱۹۳۵ع جي پهرينءَ تاريخ تي نهي پورو ٿيو. اسين ڪڏهن ائين

www.sindhsalamat.com

چوندا سون ته آهو ساڳيو آهي؟ جنوري، ١٩٢٦ع جي پهرينءَ تي، ۽ سيٺي ايندڙ سالن ۾، ۽ سدائين، چاڪاڻ ته اُن کي آهي ٿي ۾ ماڙيون، ويهه دريون، سامهون ۾ در، وغيره، وغيره، آهن، چاڪاڻ ته آهو هميشه آهڙو ٿي رهي ٿو، پيو ڪونه ٿو ٿئي، ۽ نرالو ڪونهي! مطلب ته ساڳيو هجڻ معنيٰ ته آهڙو ٿي رهڻ، پيو يا نرالو نه ٿيڻ.

هاڻي، مابعدطبيعي طريقي جي اِن پهرينءَ خاص ڳالهه جا عملي نتيجا ڪهڙا آهن؟

جيئن ته اسين شين ۾ ساڳيائي ڏسڻ پسند ڪريون ٿا، جنهن جو مطلب ته اسين اُنهن کي اُنهن جهڙو يعني جيئن آهي آهن تيئن ٿي ڏسڻ پسند ڪريون ٿا، اِنهيءَ ڪري، مثال طور، اسين چوندا آهيون ته "زندگي زندگي آهي، ۽ موت موت!" اِن مان اسين رڳو هي ٿا چئون ته زندگي زندگي رهي ٿي ۽ موت آهڙو ٿي رهي ٿو جهڙو آهو پاڻ آهي، يعني موت موت ٿي رهي ٿو، بس.

شين کي سندن پاڻ جهڙائيءَ يا ساڳيائيءَ ۾ ڏسڻ تي هري وجڻ سان اسين اُنهن کي هڪٻين کان الڳ الڳ يا ڌار ڌار ڪريون ٿا. اثين چوڻ ته "ڪرسي ڪرسي آهي"، هڪ فطري ڳالهه ته آهي؛ پر اُن جي اهميت وري به ساڳيائيءَ تي زور ڏيڻ آهي، ۽ اُن جي معنيٰ ساڳئي وقت هيءَ به آهي ته "آها جيڪا ڪرسي نه آهي، سا ٻي ڪا شيءِ آهي."

اثين چوڻ اهڙي هڪ فطري ڳالهه آهي، جو خاص اِن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ٻاراڻي ڳالهه پيئي لڳي. ڳالهين جي اِن ساڳئي نموني، اسين چوندا سين: "گهوڙو گهوڙو آهي ۽ جو گهوڙو نه آهي آهو ڪا ٻي شيءِ آهي." اثين، پوءِ، اسين ڪرسيءَ کي هڪ ڪرسيءَ طور الڳ ڪريون ٿا، ۽ ٻئي پاسي گهوڙي کي؛ ۽ اثين اسين هر شيءِ لاءِ ڪريون ٿا. ۽ اهڙيءَ طرح اسين فرق يا پيدا ڪريون ٿا، شين کي پوريءَ طرح ڌار ڌار ڪريون ٿا،

www.sindhsalamat.com

هڪ ڪي ٻيءَ کان، ۽ ائين اسين دنيا کي بدلائي جدا جدا شين جي هڪ ڪوڙ يا ڍڳ طور ڏسون ٿا ۽ محسوس ڪريون ٿا؛ ۽ اِها آهي مابعدطبيعي طريقي جي —

ٻي خاص ڳالهه: شين جي، هڪٻئي کان، جدائي يا ڌار الڳ

هي جيڪي اسان مٿي چيو، ايترو ته آهو رواجي لڳي ٿو، جو پڇي سگهجي ٿو: "اِهو آخر چيو ئي ڇو ويو؟" پر اسين ڏسنداسين ته اِنهن سڀني ڳالهين جي هوندي به هي جيڪي چيو ويو، آهو چوڻ ضروري هو، ڇاڪاڻ ته سوچ ويچار جو هيءُ نمونو اسان کي خاص هڪ نقطي کان شين کي ڏسڻ تي آماده ڪري ٿو.

هاڻي هِن طريقي جي ٻيءَ خاص ڳالهه جي به ائين ئي، اُن جي عملي نتيجن جي روشنيءَ ۾، تورتڪ ڪرڻ چاهينداسين.

رواجي زندگيءَ ۾، جيڪڏهن اسين جانورن تي ويچار ڪريون ٿا ۽ اُنهن کي الڳ الڳ ڪري، جدا جدا اُنهن بابت سوچيون ٿا، ته اُنهن جي مختلف قسمن ۽ ذاتين ۾ جو ڪجهه مشترڪ آهي، آهو اسين ڏسون ئي نٿا. گهوڙو گهوڙو آهي ۽ ڳئون ڳئون. اُنهن جي وچ ۾ ڪو تعلق ڪونهي.

اِهو نقطي نظر پراڻي طرز جي حيوانيات جو آهي، جنهن ۾ جانورن کي دفعن ۾ ورهائي، هڪ کي ٻين کان بلڪل الڳ ڪري، انهن جي وچ ۾ ڪو لاڳاپو ڪونه ڏسي سگهبو آهي. مابعدطبيعي طريقي جي استعمال جي نتيجن مان اِهو به هڪ اهم نتيجو آهي.

ٻئي مثال طور، اسين هڪ هيءَ حقيقت به سامهون رکي سگهون ٿا ته سرمايه پسند چاهيندا آهن ته سائنس سائنس رهي؛ فلسفو فلسفي جهڙو ئي رهي؛ ساڳي ڳالهه هو اِسياست لاءِ به چاهيندا آهن؛ ۽ ائين سمجهائڻ گهرندا آهن ته اِنهن ٽنهي ۾ ڪابه شيءِ مشترڪ ڪانهي، بلڪل ئي اِنهن جي وچ ۾ ڪو لاڳاپو ڪونهي.

www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ سوچ جو عملي نتيجو هي نڪري ٿو ته هڪ سائنسدان کي سائنسدان ٿي رهڻ کپي، ۽ پنهنجيءَ سائنس کي فلسفي ۽ سياست سان هرگز ملائڻ نه کپي. اڄين ٿي هڪ فيلسوف جي حالت ۾، ۽ پڻ هڪ سياسي جماعت جي ميمبر جي حالت ۾ ٿئي ٿو.

جڏهن هڪ نيڪ نيت، ماڻهو ائين سوچيندو آهي، تڏهن چئي سگهبو آهي ته هو هڪ مابعدطبيعي ماڻهوءَ وانگر سوچي ٿو. مشهور مصنف ايچ. جي. ويلس (H.G. Wells)، ڪي سال اڳ، سوويت يونين ويو ۽ اُتي نامور مصنف مئڪسم گورڪيءَ (Maxim Gorki: 1868-1936) سان مليو. ملاقات ۾ گورڪيءَ جي اڳوڻي هن هڪ ادبي ڪلب جي قائم ٿيڻ جي رٿ جو ذڪر ڪيو، جنهن جو سياست سان واسطو نه هجي؛ ڇاڪاڻ ته هن جي خيال ۾ ادب ادب هو ۽ سياست سياست. گورڪيءَ ۽ سائنس ويلز ساڻن رٿ پڌري ڪلي ڏنو، ۽ ويلس کي ڪافي رنج ٿيو. ۽ ائين ٿيڻو ٿي هو. ويلس مصنفن ۽ اديبن جي دنيا کي سماج کان جدا ٿي سمجهيو، ۽ گورڪيءَ ۽ سندس ساٿين پوريءَ طرح ائين ڄاتو ٿي ته زندگيءَ ۾ ائين نه هو.

رواجي عمل ۾، اسين شين کي ورهائي، هڪ هڪ جدا ڪري رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، ۽ ائين اُنهن کي، جيئن آهي آهن، ڏسندا، جانچيندا ۽ سمجهندا آهيون. جيڪي مارڪس-وادي نه آهن، آهي رياست کي، عمومي طور، سماج کان جدا ليکيندا آهن ۽ سماج جي موجود صورت سان اُن جي لاڳاپي کي ڏسي نه سگهندا آهن. انهيءَ طرح سوچڻ، يعني رياست کي ٻاهرينءَ حقيقت کان جدا سمجهڻ، جي معنيٰ آهي سماج سان رياست جو ڳانڍاپو ٽوڙي، پنهي کي بلڪل ٿي هڪٻئي کان جدا جدا شيون سمجهڻ.

اهڙي ٿي ساڳي غلطي سرزد ٿئي ٿي جڏهن ماڻهوءَ بابت ائين ٿو ڳالهائجي ڄڻ آهو ماڻهن کان جدا آهي، پنهنجي ماحول

www.sindhsalamat.com

کان جدا آهي، سماج کان جدا آهي. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ به اڻين تو سوچجي، جيئن آها پاڻ آهي، سماج کان ٻنهي ان کي جدا ڪري جنهن ۾ آها هلي ٿي ۽ پيدا وار ڏئي ٿي، ته به ماڻهو سوچ جي آها ئي غلطي تو ڪري — ”پُرس ۾ مشين، ماسڪو ۾ مشين: ’باقي ماهه‘ هيٺ تي، ’باقي ماهه‘ هيٺ ئي: فرق ڪوبه ڪونهي. ڳالهه بلڪل ساڳي آهي!“

اسين هن قسم جي ڳالهه لڳاتار پڙهندا ٿا رهون ۽ اُن کي قبول ٿا ڪريون ڇاڪاڻ ته عام خيال جنهن تي ماڻهو هري ويو آهي، اِهو آهي ته شيون جدا جدا آهن ۽ اُنهن جي وچ ۾ دوري ۽ پرانهپ ئي ڏسجي ٿي. ما بعدالطبيعي طريقي جي اها به هڪ خاص ڳالهه آهي. انهيءَ طرح هِن طريقي جي —

ٻين خاص ڳالهه آهي، شين جا ازلي ۽ اڏول ويڇا

شين کي اچل ۽ اٽمٽ سمجهڻ کي پسند ڪندي، اسان اُنهن کي دنعن ۾ ورهايو آهي ۽ هڪ هڪ کي نالا ڏنا آهن ۽ هڪٻين کان جدا ڪيو آهي، ۽ اڻين اُنهن ۾ ويڇا پيدا ڪيا اٿون، جيڪي پڻ انهن جي هڪٻين ۾ ممڪن لاڳاپن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ وساري ڇڏڻ تي اسان کي وڏيڪ مجبور ڪن ٿا.

اڻين ڏسڻ ۽ کڻ ڪُوت ڪرڻ جو دستور اسان کي اِهو ٻنهي مجرائي ڇڏي ٿو ته شين جا ويڇا دائمي آهن (گهوڙو هڪ گهوڙو ئي آهي) ۽ آهي ڪٽلي آهن، اڏول آهن ۽ اصلي آهن. اِها ما بعدالطبيعي طريقي جي ٽين خاص ڳالهه آهن.

پر اسان کي هِن طريقي بابت ڳالهائيندي، سچيت رهڻ کپي: ڇو ته جڏهن اسين مارڪس وادي چئون ٿا ته سرمايه داري سماج ۾ ٻه طبقا آهن، سرمايه پسند (سرمايه دار) ۽ پورهيت، تڏهن اسين به ويڇا وچ ۾ آڻيون ٿا، اسين به ڀاڱا ڪريون ٿا، جيڪا ڳالهه ما بعدالطبيعي نقطي نگاهه سان لاڳاپيل ڏسجي ٿي. پر رڳو ويڇن کي وچ ۾ آڻڻ سان ماڻهو ما بعدالطبيعي ڪونه ٿو ٿئي: ويڇا

www.sindhsalamat.com

يا پاڳا ڪهڙي نموني، ڪهڙي طريقي، سان قائم ڪجن ٿا ۽ انهن جي وچ ۾ لاڳاپا وري ڪيئن ۽ ڪهڙا رکجن ٿا، مابعدطبيعي هجڻ جي خبر اُن مان پوي ٿي.

مثال طور، اسين جڏهن چئون ٿا ته سماج ۾ ٻه طبقا آهن، تڏهن سرمايه‌پسند هڪدم سوچين ٿا ته سماج ۾ شاهوڪار ۽ غريب آهن. ۽ پوءِ، سچ پچ، هو اسان کي ٻڌائيندا ته "شاهوڪار ۽ غريب ته هميشه کان رهيا آهن." ۽ "هميشه رهندا." سوچ جي مابعدطبيعي طرز اِها آهي. شيون سدائين لاءِ حصن ۾، طبقن ۾، ورهايل آهن، هڪٻئي کان لاپرواهه ۽ انهن جي وچ ۾ گڏري نه سگهڻ جهڙيون وريون ڪنيل آهن، يعني اهڙيون ڀتيون اڀيون آهن جيڪي پار ڪري نٿيون سگهجن ۽ نه اهي ڊهي ٿيون سگهن.

هو سرمايه‌خورن (سرمايه‌دارن) ۽ پورهيتن جي وجود کي ڏسڻ بدران سماج کي شاهوڪارن ۽ غريبن جي وچ ۾ ورهائين ٿا، ۽ جي اُن ورهاست، يعني سرمائي ۽ پورهئي جي ورهاست کي ڪڏهن تسليم به ڪن ٿا، ته انهن کي هو انهن جي باهمي لاڳاپن کان ڌار ڪري ۽ چئي، پوءِ ڏيلن ۾ آڻين ٿا — يعني طبقاتي ٽڪراءَ کان ٻاهر ڪڍي پوءِ. انهيءَ طرح، هِن ٽينءَ خاص ڳالهه جا، جيڪا شين جي وچ ۾ اِئين پختا ويڇا قائم ڪري ٿي، ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا؟ هڪڙو نتيجو اُن جو هيءُ ٿو نڪري ته، مثال طور، 'گهوڙي' ۽ 'ڳئون' جي وچ ۾ لاڳاپي يا سبنڌ جي ڪابه ڳنڍ ڳڌجي ڪانه سگهندي. ۽ اِها ئي صورت سيني سائنسن لاءِ رهندي ۽ اسان جي چوڌير موجود شين لاءِ به رهندي. اڳتي هلي ڏسنداسين ته برابر ائين آهي يا نه، پر هيتي اسان کي في‌الحال ڏسڻو آهي ته جيڪي هي مختلف ٽي خاص ڳالهيون اسين مٿي بيان ڪري آيا آهيون، انهن جي نتيجي جي صورت ڪهڙي ٿي سامهون اچي؟ ۽ اها آهي —

چوٿين خاص ڳالهه، يعني ابتڙ شين جو مقابلو

اسان مٿي هاڻي جا ڳالهه ڏني، اُن جي معنيٰ هيءَ ٿي ته جڏهن اسين چئون ٿا ته ”زندگي زندگي آهي؛ ۽ موت موت آهي“، تڏهن اسين اِن تي زور ڏيون ٿا ته زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ ڪابه مشترڪ ڳالهه ڪانهي. اسين اُنهن کي الڳ الڳ ڪري رکون ٿا — اِئين، جو زندگيءَ ۽ موت ٻنهي مان هرهڪ کي ”اُن جي پنهنجي صورت ۾“ ڏسون ٿا، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جيڪي لاڳاپا ممڪن ٿي سگهن ٿا تن تي ڪو ڌيان ڪونه ٿا ڏيون. اِنهن حالتن ۾، جيڪو ماڻهو پنهنجي زندگي وڃائي ٿو، اُن کي اُنهيءَ ئي گهڙيءَ هڪ مئل شيءِ سمجهبو، ڇاڪاڻ ته اِهو ناممڪن آهي ته هڪ ئي وقت هو جيئرو به هجي ۽ مئل به، جو ته زندگي ۽ موت پاڻ ۾ آجوڙ ۽ اڻ-ميلاپي آهن.

شين کي هڪٻئي کان جدا ۽ مختلف ڏسندي، اسين اُنهن کي هڪٻين جي مقابلي يا رَدَ ۾ بيهاريون ٿا. هيءَ مابعدطبيعي طريقي جي چوٿين خاص ڳالهه آهي، جيڪا مخالف يا ابتڙ شين کي هڪٻئي سان مهاڏي يا ٽڪرَ ۾ آڻي کڙو ٿي ڪري، ۽ چوي ٿي ته ابتڙ شيون ساڳئي وقت ۽ ساڳئي هنڌ موجود نٿيون ٿي سگهن. نتيجي طور زندگيءَ ۽ موت جي مثل ۾، ٽينءَ ڳالهه جو امڪان ئي نٿو رهي سگهي. اسان کي اُنهن ٻن مان، جن کي اسان اڳين ورهايو آهي، ڪابه هڪ شيءِ چونڊڻي ئي آهي ۽ ضرور اُئين ڪرڻو آهي. اسين اُئين سمجهون ٿا ته ٽيون امڪان فقط هڪ ’رَدَ‘ ئي ٿيندو، سچ ۽ ڪوڙ ٻنهي جو رَدُ، جيڪو ’ٻِٽرو رد‘ آهي، ۽ اهڙو ردُ هڪ غيرمعقول ڳالهه آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري بنهه هڪ اڻٿيڻي ڳالهه.

مابعدطبيعي طريقي جي چوٿين خاص ڳالهه اهڙي ’رد‘ يا ’ترديد‘ جو هوَل يا ڌڪاءُ آهي.

www.sindhsalamat.com

هين سوچ جو عملي نتيجو هيءُ ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن، مثال طور، جمهوريت ۽ آمريت جي ڳالهه ٿي ڪجي، ته مابعدطبيعي نقطي نگاهه تقاضا ٿي ڪري ته سماجُ پنهي جي وچ ۾ چونڊ ڪري ڇاڪاڻ ته جمهوريت جمهوريت آهي ۽ آمريت آمريت آهي. جمهوريت آمريت نه آهي: ۽ آمريت جمهوريت نه آهي. اسان کي ضرور چونڊ ڪرڻي آهي، نه ته اسين هڪ پڌري رد، غيرمعقول رد، جهڙي، هڪ واهياتپڻي جهڙي، هڪ اڻٽيڙيءَ صورت جهڙي، مُنهن ۾ اچي ويندا سين!

مارڪسسٽ (مارڪسي، مارڪس وادي) رخ بالڪل جدا آهي

اسين مارڪس وادي، اِن جي ابتڙ، سوچيون ٿا ته پورهيتن جي آمريت ساڳئي ۽ هڪ ئي وقت وڏيءَ گهڻائيءَ، وڏيءَ اڪثريت، جي آمريت آهي، ۽ اها محروم، مظلوم ۽ استحصال (ڦرلٽ) جي شڪار اڪثريت جي فائدي جي جمهوريت آهي.

اسين سمجهون ٿا ته زنده شين جي زندگي فقط انهيءَ طرح ممڪن آهي، جو جيوُ گهرڙن ۾ دائمي ڪشمڪش آهي، ۽ لڳاتار ڪي مرن پيا، ۽ پيا انهن جي جاءِ پيا وٺن. انهيءَ طرح زندگي خود موت جو ڪجهه عنصر پاڻ سان کنيو ٿي هلي. اسين سمجهون ٿا ته موت اهڙو ڪُلي طور زندگيءَ کان جدا نه آهي، جيئن مابعدطبيعات سوچي ٿي، ڇاڪاڻ ته لاش ۾ سموري زندگي پوريءَ طرح ختم نٿي ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته هڪڙا ”جيوگهرڙا“ هڪڙو عرصو پنهنجي زندگي جاري رکن ٿا، ۽ لاش مان پڻ ٻين زندگين جو جنم ٿيندو.

٣. خلاصو

اسين ڏسي سگهون ٿا ته مابعدطبيعي طريقي جون جدا جدا خصوصيتون اسان کي شين تي هڪڙي نقطي کان سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون ۽ پڻ اسان کي هڪڙي ڍنگ يا طريقي سان

www.sindhsalamat.com

سوچڻ تي آماده ڪن ٿيون. اسين ڏسون ٿا ته ڇنڊڇاڻ جي هن طريقي کي پنهنجو هڪڙو ”منطق“ آهي (جنهن جو اسين پوءِ مطالعو ڪنداسين)، ۽ اسين هي به ڏسون ٿا ته هيءُ طريقو ڏسڻ، سوچڻ، مطالعي ڪرڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي بلڪل اُنهيءَ نموني ۽ رستي جهڙو آهي، جنهن سان اسين عام طور واقف آهيون ۽ جيڪو اڪثر اسان جي مشاهدي ۾ ايندو رهي ٿو.

ماڻهو پنهنجي سوچ ويچار جو سلسلو شروع ڪن ٿا (هتي اسين مٿي بيان ٿيل ڳالهين جو تت ٿا پيش ڪريون)—

(۱) شين کي اُنهن جي عدم تحرڪ (نسچلتا) ۽ ساڪِياٽپ جي صورت ۾ ڏسڻ سان؛

(۲) شين کي، هڪبئي کان، يعني هڪڙين کي ٻين کان، جدا ڪرڻ سان؛ اُنهن کي سندن باهمي ڳانڍاپن کان ڇني ڌار ڪرڻ سان؛

(۳) شين جي وچ ۾ دائمي ويڇن پيدا ڪرڻ ۽ پار نه ڪري سگهڻ جهڙين پٿين ڪڙي ڪرڻ سان؛

(۴) ابتڙ شين کي مهاڏي (مقابلي) ۾ آڻڻ سان، اُئين چئي ته ابتڙ شيون ساڳئي وقت گڏ رهي نٿيون سگهن.

اسان هر خصوصيت جي عملي نتيجن جي ڇڪاس کان پوءِ هي به ڏٺو ته حقيقت سان اِنهن ڳالهين جي موافقت ڪانهي.

ڇا، دنيا هِن نظريي سان ٺهڪي اچي ٿي؟ ڇا، فطرت جي لقاءَ ۾ شيون اَچل ۽ اَڻ مَٽَ آهن، بيٺل ۽ اڻ بدلجندڙ آهن؟ نه، بلڪل نه: اسين هر شيءِ چُرندي پُرندي ڏسون ٿا، هر شيءِ ڦرندي گهرندي، بدلجندي، ڏسون ٿا. انهيءَ ڪري، هيءُ نظريو، جيئن شيون واقعي آهن خود تن سان موافق ڪونهي. ظاهر آهي ته اِن ۾ فطرت جيڪا آهي سا صحيح آهي، ۽ هيءُ جيڪو نظريو آهي سو غلط آهي.

www.sindhsalamat.com

شروعِ شروع ۾، اسان فلسفي جي وصف ڪندي چيو هو ته فلسفو ڪائنات، انسان، فطرت، وغيره، جي سمجهاڻي ڏيڻ گهري ٿو. سائنسون خاص مسئلن جو مطالعو ڪن ٿيون؛ فلسفو، اسان چيو هو ته جيڪي وڌ ۾ وڌ عام مسئلا آهن تن جو مطالعو ڪري ٿو — سائنس سان ٻڌو ٻڌل ٿي يا سائنس جي هڪ توسيع طور.

انهيءَ طرح، سوچڻ جو پراڻو مابعدطبيعي طريقو، جيڪو سيني مسئلن سان لاڳو ڪيو وڃي ٿو، سو پڻ هڪ فيلسوفي نظريو آهي، جيڪو ڪائنات، ماڻهوءَ ۽ فطرت تي هڪ خاص ڍنگ ۽ رخ سان ويچاري ٿو:-

”مابعدطبيعي فيلسوف لاءِ، شيون، ۽ اُنهن جا ذهني عڪس، تصور، هڪٻين کان جدا جدا آهن، جن تي هڪ هڪ ڪري، يعني هڪ کان پوءِ ٻئي تي، ۽ هڪٻين کان الڳ، سوچڻو آهي؛ ۽ آهي جانچ ۽ پرکاس لاءِ ڪُٽل ۽ پيئل شيون آهن، جيڪي هڪ ڀيرو جيئن وجود ۾ آيون تيئن هميشه لاءِ اَهڙيون آهن. هو ڪَٽلي اڻ لاڳاپيل تضادن ۾ سوچي ٿو. هُن وٽ ڳالهائڻ جي ڳالهه آهي: ’ها، ها؛ نه، نه؛ ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه به اِنهن کان ٻيو آهي سو برائيءَ جو ڇاول آهي.‘ هُن لاءِ، شيءِ موجود آهي يا موجود ناهي؛ هڪ شيءِ لاءِ، اَهڙيءَ ئي طرح، ناممڪن آهي ته آها پاڻ به هجي ۽ ساڳئي وقت ڪجهه ٻي به. اثبات ۽ نفي، هاڏو ۽ نه، ڪٽلي هڪٻئي کان ڌار آهن؛ سبب ۽ نتيجو به هڪٻئي سان اَهڙيءَ ئي اٽل مقابلي ۾ الڳتا جي صورت ۾ رهن ٿا.“ (اينگلس، انٽي‌ڊهرنگ“)

مابعدطبيعي نظريو، ائين، ڪائنات کي ”ڪٽل ۽ مقرر شين جو هڪ بي‌انداز ميڙ“ سمجهي ٿو. سوچ جي هن طريقي کي پوريءَ طرح ذهن ۾ ويهارڻ لاءِ، اسين هاڻي اِن ڳالهه جو مطالعو ڪرڻ گهرنداسين ته اُن ۾ نيٺ به فطرت جو، سماج جو ۽ خيال جو تصور ڪيئن ٿو ڪيو وڃي!

www.sindhsalamat.com

٣. فطرت جو مابعدطبيعي تصور

مابعدطبيعات سمجهي ٿي ته فطرت مجموعي طور شين جي ٺهيل آهي، جيڪي بلڪل محڪم ۽ مقرر آهن، شين کي ائين سمجهڻ جون ٻه صورتون آهن. هڪ صورت هيءَ ته سمجهيو وڃي ته دنيا ڪلي طور غيرمتحرڪ آهي، ۽ تحرڪ فقط اسان جي حواسن جو وهم آهي؛ جيڪڏهن متحرڪ جو هي موهوم نماءُ ختم ڪري ڇڏيون، ته فطرت ته دراصل پاسو به ڪونه ٿي ورائي، چري ٿي ڪانه ٿي. هيءَ نظريو يوناني فيلسوفن جي هڪڙيءَ جماعت پيش ٿي ڪيو، جن کي Eleaties سڏيو ويندو هو. هيءَ سادو ۽ سولو تصور حقيقت جي ابترو ته سڌو ۽ شديد مخالف آهي، جو اسان جي ڏينهن ۾ آن جي ڪٿي به حمايت ڪانه ٿِي ٿئي.

ٻي صورت فطرت کي ڪُليتاً ۽ محڪم شين جي هڪڙي ميڙاڪي سمجهڻ جي، اِن ڪان وڌيڪ نفيس ۽ عجيب آهي. هو ائين ڪونه ٿا چون ته فطرت غيرمتحرڪ آهي، پر ائين ٿا چون ته فطرت ميڪانيڪي تحرڪ هيٺ چري ٿي. ائين آها پهرين صورت گم ٿي وڃي ٿي؛ تحرڪ جو انڪار ڪونه ٿو ڪيو وڃي؛ ۽ هيءُ نظريو ڏسڻ ۾ مابعدطبيعي به نه آهي. هِن نظريي کي 'ميڪانيڪي' (Mechanist) يا 'ميڪاڪينيت' (Mechanism) سڏيو وڃي ٿو.

پر هيءَ هڪڙي غلطي آهي، جيڪا اڪثر ٿئي ٿي، ۽ ائين اِها غلطي وري سترهين ۽ ارڙهين صدين جي مادّي مفڪرن وٽ به ڏسون ٿا. اسين مٿي ڏسي آيا آهيون ته هنن فطرت کي غيرمتحرڪ نه پر تحرڪ ۾ ٿي سمجهيو؛ رڳو هنن جي نظر ۾ هيءُ تحرڪ نِلهي هڪڙي ميڪانيڪي تبديل، جاءِ جي تبديل، هئي.

هو سڄي نظام شمسيءَ کي تسليم ڪن ٿا (ته زمين سج جي چوڌاري ڦري ٿي)، پر هو سوچين ٿا ته هيءَ چرپر خالص

www.sindhsalamat.com

ميڪانيڪي آهي، يعني رڳو جاءِ جي تبديلي، ۽ هو اِن سچي تحرڪ کي فقط انهيءَ سوليءَ صورت ۾ ڏسن ٿا.

پر شيون اهڙيون ساديون نه آهن. جيڪڏهن ڌرتي فقط گردش ٿي ڪري، ته آها اُن جي واقعي ميڪانڪي چرپر ٿي چئبي، پر گردش ڪندي، آها ڪن اڻرن جو مظاهرو به ڪري ٿي — مثلاً وڌيڪ ٿڌي ٿئي ٿي، گرم ٿئي ٿي.

اِن جي معنيٰ ته اِها رڳو جاءِ جي تبديل نه آهي؛ اِن ۾ ٻيون تبديليون به واقع ٿين ٿيون.

اِنهيءَ ڪري هن نظريي کي، جو ”ميڪانيڪي“ چيو وڃي ٿو، سو رڳو اِن لاءِ ته اُن ۾ فقط ميڪانيڪي تحرڪُ ٿي خيال ۾ رکيو وڃي ٿو.

جيڪڏهن ڌرتي لڳاتار سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ اُن کي ٻيو ڪجهه نٿو ٿئي، ته چئبو ته ڌرتي جاءِ بدلائي ٿي پر پاڻ ڪانه ٿي بدلجي؛ آها ساڳي ٿي آهڙي جي آهڙي، پاڻ جهڙي، رهي ٿي. آها ٻيو ڪجهه ڪونه ٿي ڪري، پر هلندي ٿي رهي — اسين نه هئاسين ته به ۽ اسان جي وڃڻ کان پوءِ به — آها رڳو ڦرندي ٿي رهي ٿي، هميشه هميشه لاءِ. اُنهن هر شيءِ بس هلندي رهي ٿي، چڻ ته ڪجهه ٿيو ٿي نه هو ۽ ڪجهه ٿئي ٿي ڪونه ٿو. اهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته تحرڪ کي تسليم ڪرڻ، پر اُن کي خالص ميڪانيڪي تحرڪ سمجهڻ، هڪ مابعدطبيعي تصور آهي، جو نه اِن تحرڪ کي پوءِ ڪابه ’تاريخ‘ ڪانه ٿي ملي، جا حقيقت جو پڌرو انڪار آهي.

هڪڙي واچ جنهن جي گهڙت ڪامل آهي، جنهن جا ڪل پرزا اهڙين شين جا ٺهيل هجن جيڪي گهاٽ پيٽ کان آجيون آهن، آها، پاڻ بدلجڻ کان سواءِ، سدائين هلندي رهندي، ۽ اُن جي ڪا ’تاريخ‘ به ڪانه ٺهندي. ڪائنات جو اِهو ئي تصور آهي، جيڪو هروقت ڊيڪارٽي کان پيش ٿئي ٿو. هُن جي ڪوشش هئي ته سڀني طبيعي ۽ حياتياتي قاعدن کي ميڪانيت جي دائري

www.sindhsalamat.com

۾ ٺهڪائي ڇڏجي. هن کي ڪيميا جي ڪا خبر يا خيال ڪونه هو (هئڻ رت جي، دوري بابت جيڪا سمجهاڻي تي ڏني، آها هڻ جي اڻ بي خبريءَ ۽ بي خياليءَ جو مثال آهي). هن جو فطرت بابت هيءَ ميڪانيڪي نظريو پوءِ ارڙهين صديءَ جي مادي فيلسوفن اختيار ڪيو. (اسان کي هنن فيلسوفن کان ڊيڪارٽ کي جدا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هو ايترو خالص ميڪانيڪي نه هو ۽ پنهنجين ڪن تحريرن ۾ خود جدلياتي نظريي ڏانهن به پهچندي ڏسجي ٿو.)

ارڙهين صديءَ جي مادي فيلسوفن جي خصوصيت هيءَ هئي ته هنن کي فطرت واچ - وانگر. گهڙيل ۽ ٺهيل ٺڪيل هڪ ميڪانيڪي ينتر سمجهيو ٿي، ۽ پنهنجين تحريرن ۾ هو اِن پنهنجي نظريي کي وري وري پيش ڪندا ٿي رهيا. جيڪڏهن سچ پڇ دنيا اٿين هجي ها، ته شيون ڦرنديون، لڳاتار ساڳئي نقطي تي پهچنديون رهن ها ۽ پوئتي ڪٿي ڪو نشان به ڪونه ڇڏين ها؛ فطرت جيئن آهي تيئن سدائين ساڳي پاڻ جهڙي رهي ها، جيڪا ٿي، جيئن اسان مٿي ڏٺو، دراصل، مابعدطبيعي طريقي جي پهرين خاص ڳالهه آهي.

٤. سماج جو مابعدطبيعي تصور

مابعدطبيعي فڪر کي ڇوڙ ته هي ڪڇي ته سماج ۾ ڪجهه به ڪونه ٿو بدلجي. پر، عام طور، هو خاص اِن قسم جي دعوا ڪانه ٿا ڪن. هو ڪن تبديلين کي تسليم ڪن ٿا، مثال طور، پيداوار جي سلسلي ۾، جڏهن، ڪچي مال کان شروع ٿيندي، ٺهيل مالُ ملي ٿو، ۽ سياست ۾، جڏهن حڪومتون هڪٻئي پٺيان نهن ۽ ڊهن ٿيون. ماڻهو اهو سڀڪجهه تسليم ڪن ٿا، پر سرمايه دارانه حڪومت کي هو محڪم ۽ ازلي ٿا شمار ڪن، ۽ اُن کي اڪثر هڪ مشين سان به مشابهت ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح هو اقتصادي مشين لاءِ چوندا آهن ته "ڪڏهن ڪڏهن آها (ريل جي) پٽي تان لهيو ٿي وڃي"، ۽ بحال رهڻ لاءِ اُن کي "مرمت جي

www.sindhsalamat.com

ضرورت ٿئي ٿي." هيءَ اقتصادي مشين، هو چوهين ٿا ته هڪ خودڪار مشين وانگر، سدائين چوڪس ۽ چوبند رهي، ۽ نيڪ ٿاڪ ڪن کي شاهوڪاري ۽ ڪن کي غريبي حصي ۾ ڏيندي رهي.

هو سوامي مشين جي پڻ ڳالهه ڪن ٿا، جنهن مان سندن مراد آهي سرمايه پسند پارليماني نظام، جنهن کان هو رڳو هڪ شيءِ جي گهر ڪن ٿا: ۽ آها هيءَ شيءِ جي ته آها ڪم ڪندي رهي، ڪجهه وقت ساڄي پاسي ليٽي، ڪجهه پاسي کابي پاسي ليٽي، ته جيئن سرمايه دارن جون رعايتون سلامت ۽ انهن جا منصبي نفعا محفوظ رهن.

اٿين سماج کي انهيءَ نقطيءِنگاهه کان ڏسڻ ۽ پرکڻ جي طريقي ۾، اوهان کي ميڪانڪي مابعدطبيعي نظريي جي هڪ پوري عملي جهلڪ نظر اچي سگهندي.

جيڪڏهن اهو ممڪن هجي ها ته هيءُ سماج، پنهنجي سڄي ڪل پرزائين جزاءِ سان سدائين اٿين لڳاتار ڪم ڪندو رهي، ته آهو ڪو نشان به پوئتي ڪونه ڇڏيندو، ۽ نتيجي طور ورثي ۾ اُن جي ڪا تاريخ به ڪانه رهندي.

ساڳيءَ ريت هڪڙو تمام اهم ميڪانڪي نظريو آهي جيڪو سڄيءَ ڪائنات سان، پر سڀ کان وڌيڪ، سماج سان لاڳو ٿئي ٿو، جيڪو هن خيال کي نروار ڪرڻ ۾ چوڏس پکيڙڻ ۾ مصروف آهي ته زمانو باقاعدي هلندو رهي ٿو ۽ ساڳيا واقعا پنهنجي مُدي تي موٽي ايندا رهن ٿا — ۽ اُن لاءِ هيءُ فارمولا يا نسخو پيش ٿئي ٿو ته "تاريخ آهي، جا لڳاتار پاڻ کي پيئي دهرائي!"

اهو ضرور ڏٺو ويو آهي ته هي خيال عام آهن ۽ تمام گهڻا پکڙيل آهن. ماڻهو تحرڪ ۽ تبديل جو، چرپر ۽ ڦيرگهير جو، انڪار ڪونه ٿا ڪن — جيڪي موجود به آهن ۽ سماج ۾ ڏسجي به سگهن ٿيون — پر هو هن چرپر، هن تحرڪ، کي سادي سودي ۽ آسان ميڪانڪي چرپر ۽ ڪل پرزائين گهمڻ ۾ بدلائي،

www.sindhsalamat.com

آن جي صورت بگڙي ڇڏين ٿا ۽ ائين آن جي سچ کي ڪوڙ بڻائي ڇڏين ٿا.

۵. خيال جو مابعدطبيعي تصور

خيال بابت ڪهڙو تصور آهي جيڪو اسان جي ڇوڏاري عام آهي؟ مجموعي طور، اسان جا ماڻهو ائين مڃين ٿا ته انساني خيال ازلي هو ۽ ازلي آهي. اسين مڃون ٿا ته جيڪڏهن پيون شيون بدلبيون به آهن، ته به اسان جي سوچ جي ريت يا دستور ساڳيو آهو ٿي آهي، جيڪو، مثلاً سؤ سال اڳ جي ماڻهن جو هو. اسان جا آدما ۽ امنگ ته عام طرح ائين محسوس ڪيو وڃي ٿو ته آهڙا ئي آهن جهڙا، مثلاً، يونانين جا هئا— مهر ۽ محبت جا جذبا سدائين موجود رهيا آهن: انهيءَ ئي طرح ”ازلي عشق“، ”دائمي محبت“، جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي. هيءُ عقيدو ته ماڻهن جون من-ڪاپناڻون، اميدون ۽ آدما، وغيره، بدليا نه آهن، اڄ به عام آهي.

انهيءَ ڪري ئي اِئين آهي، جو، مثلاً، ڇيو وڃي ٿو ۽ لکيو وڃي ٿو، ته سماجُ انفرادي يا ذاتي تحصيل جي حرص، مال ۽ سک جي لالچ، وغيره، جي بنياد کان سواءِ موجود رهي ئي نٿو سگهي. انهيءَ ئي ڪري ائين پڻ آهي، جو اڪثر ماڻهن کي ائين چوندي ٻڌو ويندو آهي ته ”ماڻهن جون سٽون اڄ به آهي ئي ساڳيون آهن.“

اسين اڪثر اِنهن ئي نشانن ۽ نمونن تي سوچيندا آهيون. خيال جي اهر ۾، جيئن پين سيني ڳالهين ۾، اسين مابعدطبيعي تصور کي داخل ڪري ٿا ڇڏيون. اِهو سڀ انهيءَ ڪري آهي، جو هيءُ طريقو يا دستور اسان جي تعليم جي بنهه پاڙ ۾ موجود آهي.

”پهرئين پيري ڏسڻ ۾، خيال جو هيءُ دستور اسان کي ڏاڍو دلڪش ۽ وڻندڙ ٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته ان کي سڀني سيبتي

نام نهاد عام سمجهه جي سوچ جو دستور مڃيو وڃي ٿو.“
(اينگلس، ”اينٽي ڊهرنگ“)

هن نقطي نگاهه جو، فڪر جي هن مابعدطبيعي دستورجو، نتيجو اِهو آهي، جو آهو ماڻهوءَ جو، ماڻهن جو، نه فقط دنيا بابت هڪ نظريو بڻجي پوي ٿو، پر سندن سڄيءَ سوچ جي سلسلي جو هڪ نمونو يا دستور بڻجي پوي ٿو.

هاڻي، جيڪڏهن سڄي مابعدطبيعي فڪر يا نظريي کي رد ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ نسبتاً ڪجهه سولو آهي، ته به سوچ ۽ فڪر جي هن مابعدطبيعي نموني يا دستور مان جند ڇڏائڻ ڪافي ڏکي ڳالهه آهي. اسان کي ڪوشش ڪري هيٺين ڳالهه ۾ وڌيڪ صاف ٿيڻ گهرجي: اسين جنهن طرح ڪائنات کي ڏسون ٿا ۽ آن بابت پنهنجو رايو يا خيال رکون ٿا، آن کي نظريو چئجي ٿو، ۽ جنهن طرح مسئلن يا ڳالهين جي سمجهائي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، آن کي طريقو يا دستور چئون ٿا.

مثال: (الف) سماج ۾ جيڪي تبديليون ڏسون ٿا آهي رڳو ڏيکاءُ يا نماءُ آهن، آهي فقط اڳ جي موجود شين کي نئين روپ ۾ اسان جي آڏو آڻين ٿيون — اِهو اوهان جو هڪڙو ”نظريو“ آهي. (ب) جڏهن سماج جي تاريخ جي گذريل واقعن جي جانچ جونچ ڪجي ٿي، اِنهيءَ لاءِ ته اِهو ڏابت ٿئي ته ”هن ڌرتيءَ تي ڪابه شيءِ نئين ڪانهي“ — اِهو اوهان جي آڏو سوچ جو طريقو يا دستور آهي.

۽ اسين ڏسون ٿا ته نظريو اتساهي ٿو، اپاري ٿو ۽ مرتب ڪري ٿو طريقي کي، دستور کي.

اسين هيستائين اِهو ڏسي رهيا هئاسين ته مابعدطبيعاتي نظريو ڇا آهي: هاڻي آن نظريي جي جانچ جونچ جي طريقي تي نگاهه وجهنداسين، آن کي منطق ٿو چئجي.

www.sindhsalamat.com

٦. منطق ڇا آهي؟

منطق لاءِ چئبو آهي ته اهو صحيح طرح سوچڻ جو فن آهي. سچ جي مطابقت ۾ سوچڻ لاءِ چوندا آهن ته اُن جي معنيٰ آهي منطق جي قاعدن مطابق سوچڻ.

اِهي قاعدا ڪهڙا آهن؟ اِهي وڏا ۽ مکيه قاعدا ٽي آهن:

(۱) ساڳياڻپ جو اصول.

هيءُ، جيئن اسين چئي آيا آهيون، هڪ قاعدو آهي، جيڪو دعوا ڪري ٿو ته هڪ شيءِ ساڳي پاڻ جهڙي آهي ۽ بدلجي ڪانه ٿي. (گهوڙو گهوڙو آهي.)

(۲) عدم- تضاد جو اصول.

هڪ شيءِ ساڳئي وقت پاڻ ۽ پنهنجو ضد نٿي ٿي سگهي. شيءِ ۽ اُن جي ضد جي وچ ۾ چونڊ ڪرڻي پوي ٿي. (زندگي، زندگي ۽ پڻ موت نٿي ٿي سگهي.)

(۳) وچ جي عدم موجودگيءَ جو اصول.

يا ٽينءَ حالت جي عدم موجودگي، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي: ٻن متضاد ممڪن حالتن جي وچ ۾، ٽينءَ حالت جي موجودگي ممڪن نٿي ٿي سگهي. (ماڻهوءَ کي زندگيءَ ۽ موت مان هڪ کي چونڊڻو ئي پوندو، ٽين حالت ممڪن ڪانهي.)

ته منطقي ٿيڻ جي معنيٰ صحيح سوچڻ — ائين ٿا چون. يعني، جيڪڏهن اوهين صحيح سوچڻ گهرو ٿا ته اوهان کي اِنهن ٽن قاعدن جو استعمال وسارڻو نه آهي. بهرحال، هي اصول اسين فوراً سڃاڻون ٿا ته اهي ئي آهن، جن جو مٿي مابعدطبيعي طريقي جي خاص ڳالهين هيٺ اسين مطالعو ڪري آيا آهيون.

مطلب ته منطق ۽ مابعدطبيعات پاڻ ۾ ويجها ڳنڍيل آهن. منطق هڪڙو هٿيار آهي، سوچ جو هڪڙو طريقو، جيڪو تمام

www.sindhsalamat.com

هڪ صاف ۽ قطعي نمونو هر شيءِ جي درجيبنديءَ سان ابتدا ڪري ٿو ۽ جيڪو، نتيجي طور، شين کي رکو سندن پنهنجي ذات جي ايڪتا يا الڳتا ۾ سڃاڻپ ڏئي ٿو، ۽ پوءِ اسان کي انهن مان چونڊ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾، بس، هائو يا نه چوڻ تي مجبور ڪري ٿو، ۽ آخر ۾ ٻن متضاد حالتن جي وچ ۾، مثلاً زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾، ٽينءَ ڪنهن حالت کي ناممڪن بڻائي ڇڏي ٿو.

جڏهن ڪو چوي ٿو: ”سڀ ماڻهو فاني آهن، هيءُ ڪامريڊ هڪڙو ماڻهو آهي، تنهنڪري هيءُ ڪامريڊ فاني آهي“، ته اسان وٽ اِها دليل جي هڪ منطقي شڪل، دليل جو اهو هڪ سانچو، موجود هجي ٿو، جنهن کي منطق جي ٻوليءَ ۾ سلاجزم (استدلاليو، واڪ پڙڇو = Syllogism) چئجي ٿو. انهيءَ طرح، عقل هلائي، اسان گويا ڪامريڊ کي ان جي سڃاڻپ جو هڪ هنڌ يا درجو ڏنو ۽ ائين اسان اِها هڪڙي درجيبندي ڪئي. جڏهن اسان جو ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ سان مُڪاميل ٿئي ٿو، ته اسان جو ذهن چاڻي گهري ٿو ته ”هيءُ ماڻهو ڪير آهي“ يا هيءَ شيءِ ڪهڙي آهي، يعني اِهي ڪهڙي ڪهڙي دفعي، ٽولي يا درجي ۾ اچن ٿا؟“ اسان جي ذهن ۾ اهو ئي سوال اڀري ٿو. اسين شين کي مختلف ماپ جي پيٽين يا دائرن جيان ڏسون ٿا ۽ اسان جي اِها ڪوشش رهي ٿي ته هي دائرا يا پيٽيون هڪٻئي ۾ وجهي رکون ۽ ڪنهن ترتيب ۾ آهي ائين ناهي، فٽ ڪري، رکون.

ڏنل مثال ۾، اسين پهرين هڪ وڏو دائرو ڪوليون ٿا، جنهن ۾ سڀ فاني جيوَ اچي ويل هجن؛ پوءِ ان کان ننڍو هڪ دائرو ڪوليون ٿا جنهن ۾ سڀ ماڻهو آيل آهن؛ ۽ ان کان پوءِ ان کان ننڍو دائرو ڪڍون ٿا جنهن ۾ فقط هيءُ اسان جو ڪامريڊ موجود هجي.

www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن، پوءِ، اسين انهن کي ٻين دفعن ۾ آڻي گهرون ڌاري ته ”هڪڙي ٻئي کنهن منطق“ هيٺ، هي ’دائرا‘ ڪٺي، هڪڙو ’دائرو‘ ٻئي ۾ وجهندا وڃون ٿا، ۽ ائين ٻيا ’دائرا‘، ٻيون ’پيٽيون‘، نهي پون ٿيون.

ان مان اوهين ڏسي سگهو ٿا ته مابعدطبيعي نظريو منطق ۽ ان جي ان واڪ پڙهڻ يا استدلاليءَ تي ٻيٺل آهي. واڪ پڙهڻ ٽن ڳُرن يا ٻولن جو ميڙ آهي: پهرين ٻن کي ابتدائي يا پهريان ٻول (Premises) چئبو آهي، ۽ ٽيون ٻول آخري ٻول (Conclusion) يعني فيصلي وارو ٻول آهي.

ٻيو مثال: سوويت يونين ۾ ان جي پهرين آئين کان اڳ، پورهيتن جي ڊڪٽيٽرشپ (آمريت) هئي. ڊڪٽيٽرشپ ڊڪٽيٽرشپ آهي. سوويت يونين ۾ ڊڪٽيٽرشپ آهي. انهيءَ ڪري سوويت يونين، ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي ملڪن، اٽليءَ ۽ جرمنيءَ، ۾ فرق ڪونهي.

هيٺي ان ڳالهه جو ڪوبه خيال نه ڪيو ويو ته ڊڪٽيٽرشپ ڪنهن لاءِ عمل ۾ ٿي آئي: بلڪل ائين جيئن سرمايه پسند جمهوريت جي جڏهن فخريه دعوا ڪئي ويندي آهي تڏهن اِئين هرگز ٻڌايو نه ويندو آهي ته ڪنهن جي فائدي ۾ آها جمهوريت عمل ۾ اچي ٿي.

اهڙيءَ ريت ٿي ماڻهو سوال اٿاريندا آهن، ۽ شين بابت ۽ سماجي دنيا بابت فيصلا ڪندا آهن — جدا جدا دائرا، ۽ پوءِ دائرن ۾ دائرا وجهڻ ۽ فٽ ڪرڻ سان.

هيٺي اوهان جي آڏو هي سوال برابر نظرياتي آهن، پر اِنهن سان عملي ڪم جو هڪ قسم يا دستور پڻ لازم ٻڌجي ٿو. ائين اسين ١٩١٩ع جي جرمنيءَ جو مثال ڏيئي سگهون ٿا ته جڏهن ان جي تڏهوڪيءَ ”سماجي جمهوريت، ’جمهوريت‘ کي قائم رکڻ لاءِ، پورهيتن جي ’ڊڪٽيٽرشپ‘ کي ختم ٿي ڪيو،

www.sindhsalamat.com

تہ آن کي اِهو احساس نہ ٿيو تہ اِئين ڪرڻ سان آن سرمايہ داري نظام کي قائم رکيو ٿي، ۽ ائين نازيت (فسطائيت) لاءِ راهہ هموار ڪئي ٿي.

شين کي ائين الڳ الڳ ڏسڻ ۽ الڳ الڳ اُنهن جو مطالعو ڪرڻ — نباتات ۽ حياتيات جي علمن پنهنجي تحقيق ۽ مشاهدي جو اِهو طريقو تيستائين جاري رکيو، جيستائين بوٽن ۽ حيوانن جي ارتقا جي حقيقت جو راز ڪُلي ميدان تي آيو. آن کان اڳ ماڻهو سڀني وجودن ۽ حيوانن کي ائين سمجهي تہ آهي هميشہ لاءِ ساڳيا آهڙا ئي هئا، اُنهن جون فقط درجيبنديون ئي ڪندا ٿي رهيا ۽ اُنهن کي الڳ الڳ دائرن ۾ ئي فِٽ ڪرڻ ۾ پورا هئا.

”۽ حقيقت ۾ گذريل صديءَ جي آخر تائين فطرت جي سائنس وڏيءَ حد تائين فقط هڪ جامع (جمع ڪندڙ، گڏ ڪندڙ) سائنس هئي — ٺهيل ٺڪيل شين جي.“ (اينگلس، ”فيور باخ“.) ۽ آها اوتري ئي قدر مابعدطبيعاتي سائنس هئي.

۷. ”مابعدطبيعات“ لفظ جي سمجهاڻي

فلسفي جو هڪڙو مکيہ حصو آهي، جنهن کي مابعدطبيعات چئجي ٿو. آهو، بهرحال، سرمايہ پسند فلسفي جو ئي مکيہ حصو آهي، چاڪاڻ تہ آن جو واسطو آتما (روح) ۽ پرم آتما (روحِ ڪُل) (مابعدطبيعي وجودن) سان آهي. آن ۾ هر شيءِ ازلي ۽ ابدي آهي. روحِ ڪُل ازلي آهي، ابدي آهي — اڻ بدلجندڙ، سدائين ساڳيو پاڻ جهڙو. روح بہ ائين. ساڳي ڳالهہ نيڪيءَ ۽ بديءَ وغيره جي بہ آهي — سڀڪجهہ صاف پڌايل ۽ سمجهايل، آخري طور ۽ هميشہ لاءِ. فلسفي جي اُن حصي ۾، جنهن کي مابعدطبيعات چئجي ٿو، شيون ”سڀئي“، پوريءَ طرح ۽ هميشہ لاءِ، محڪم ۽ مقرر ڏنيون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون، ۽ اُنهن تي عقل هلائڻ يا ويچار ڪرڻ

www.sindhsalamat.com

لاءِ اُنهن کي تضاد جي صورت ۾ رکئو پوي ٿو — ذهن (روح، ساهه) کي مادي جي ضد ۾، نيڪيءَ کي بديءَ جي ضد ۾، وغيره؛ اِن جي معنيٰ ته ماڻهو اُنهن ۾ مخالف شين کي مدمقابل رکي، پوءِ اُنهن بابت سوچي سگهي ٿو.

عقل کي ڪم آڻڻ جي هِن طريقي کي، سوچ جي هِن دستور کي، هِن نظريي کي مابعدالطبيعات ٿو چئجي، ڇاڪاڻ ته آها اُنهن شين ۽ خيالن (تصورن) تي ڪم ڪري ٿي، اُنهن بابت سوچي ٿي، جيڪي طبيعات (مادي شين) کان ٻاهر آهن، جيئن آتما (روح)، پرم آتما (روح ڪل)، نيڪي، بدي، وغيره.

”مابعدالطبيعات“ جو انگريزي لفظ Meta Physics يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن جو مرڪب آهي: Meta جنهن جي معنيٰ آهي ”ٻاهر“ يا ”مٿي“، ۽ Physics، جنهن جي معنيٰ آهي ڪائنات جي مادّي منظر جي ڇاڻ. اِنهيءَ ڪري مرڪب لفظ ”ميٽافزڪس“ جو مطلب ٿيو: اهو علم جيڪو دنيا کان مٿي يا ٻاهر جي شين جو علم آهي.

۽ اِهو تاريخ جو هڪ اتفاق ٿي هو، جو هيءُ ”فيلسوفي“ نظريو ”ميٽافزڪس“ سڏجڻ ۾ آيو. ارسطوءَ، جنهن منطق جي موضوع تي پهريون ڪتاب لکيو هو (جيڪو اڄ به استعمال ۾ آهي) ڪافي گهڻا ڪتاب لکيا هئا. هُن جي مرڻ کان پوءِ هن جي شاگردن هن جي لکيتن جي فهرست ٺاهڻ شروع ڪئي؛ جڏهن فهرست ۾ هُنَن ارسطوءَ جو Physics (طبيعات) جي عنوان تي لکيل ڪتاب درج ڪيو، ته اُن کان پوءِ ڪتاب جيڪو هنن فهرست ۾ درج ڪرڻ لاءِ کنيو، اُن تي هن جو ڪوبه نالو لکيل ڪونه هو، ۽ اُن ۾ اُنهن ڳالهين بابت مواد هو، جيڪي ذهن سان، من سان، تعلق رکندڙ هيون. هنن پوءِ اُن ڪتاب جو نالو پاڻ لکيو: ”فزڪس کان پوءِ“ — يوناني ٻوليءَ ۾، Meta physics.

آخر ۾، اِنهيءَ چوڻ ۾ پيو ڪونهي، بلڪ ائين چوڻ صحيح به آهي، ته هن باب ۾ جيڪي ٻي لفظ اسان جي مطالعي

www.sindhsalamat.com

هيئت آيا آهن، يعني مابعدطبيعات، ميڪانيت ۽ منطق، تن جو پاڻ ۾ هڪ قسم جو جگري ناتو يا ڳانڍاپو به آهي. اِهي ٽيئي لفظ هميشه ڪتابن ۾، ۽ پڻ گفتگو ۾، گڏ رهندا آهن ۽ ڪم ايندا آهن. انهن مان ڪوبه هڪ لفظ ڪم آڻبو ته ٻيا به لفظ پنهنجي پاڻ ڪم آڻيا پوندا. انهن جو پاڻ ۾ سنبنڌ آهي ۽ انهن مان هڪڙو ٻين ٻن جي مدد کان سواءِ سمجهي ڏي نه سگهبو.

---

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو چوٿون

جدليات جـو مطالعو

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

باب پهريون

جدليات جي مطالعي جو تعارف

۱. ابتدائي چتاءُ.
۲. جدلياتي طريقو ڪٿان آسريو؟
۳. هيترو ڊگهو عرصو مابعدطبيعات جو نظريو جدليات تي غالب ڇو رهيو؟
۴. ارڙهين صديءَ جي ماديت مابعدطبيعي ڇو هئي؟
۵. جدلياتي ماديت وجود ۾ ڪيئن آئي — هيگل ۽ مارڪس

۱. ابتدائي چتاءُ

جڏهن ماڻهو جدليات بابت ڳالهائيندا آهن، ته هڪدم پُراسرار ٻنجي ويندا آهن، ڇو ته آن ۾ ڏاڍا ڪي مخفي مونجهارا هئا، جيڪي کولڻا ۽ سلجهائڻا آهن. آن بابت پوري ڄاڻ نه رکندي، انهن جي گفتگو پنهنجي مقصد کان هٽي، ڪٿان جي ڪٿي وڃي پهچندي آهي. هيءُ سچي ڏاڍي ڏک جهڙي ڳالهه آهي ۽ آن سان گهڻيون غلطفهميون پيدا ٿين ٿيون، جن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. لفظي طور، ”جدليات“ لاءِ انگريزي لفظ Dialectics جي معنيٰ رکي آهي ”بحث مباحثي جو فن“، ۽ ائين جڏهن ڪو ماڻهو ڪافي سٺي دليلبازي ڪندو آهي، آن کي،

www.sindhsalamat.com

۽ پڻ، معنيٰ کي ڪجهه چڪي، آنهيءَ ماڻهوءَ کي به جيڪو سٺو ڳالهائيندو آهي، انگريزيءَ ۾ Dialectician يعني ڳالهه ٻولهه جو پڪو، گفتگو جو ڄاڻو يا ماهر چيو ويندو آهي.

اسين جدليات جو بهرحال اِنهيءَ معنيٰ ۾ مطالعو ڪونه ڪنداسين.

فلسفي جي نقطي نگاهه کان، جدليات جي هڪ خاص اهميت آهي. جدليات جو سمجهڻ، اَن جي فيلسوفي معنيٰ ۾، اَن جي عام ”مشهوريءَ“ جي ابتڙ، هر ماڻهوءَ جي پوري وس ۾ آهي. پر، تڏهن به، جدليات جيتوڻيڪ سيني جي سمجهه ۾ اچڻ جهڙي آهي، اَن جون پنهنجون ڪي مشڪلاتون به آهن، جن جو خاص طور سمجهڻ واقعي اسان لاءِ ضروري آهي.

گهرو هنرن ۾، ڪي سادا ۽ سولا هوندا آهن، ۽ ٻيا ڪي وڌيڪ مشڪل. مثلاً سٽڻ جون ڊيريون ٺاهڻ سولو ڪم آهي. ٻئي پاسي پٽڻ جو گلڪاريءَ وارو اوچو ڪپڙو اُڻڻ اهڙو ڪم آهي جنهن لاءِ گهڻيءَ ڪاريگريءَ، دانائيءَ ۽ آڱرين جي چستيءَ ۽ ڦڙتائيءَ جي ضرورت آهي.

اسان جا هٿ ۽ آڱريون اسان جي ڪم جا اوزار آهن. ۽ سوچ به اسان جي ڪم جو اوزار آهي. ۽ جيڪڏهن اسان جون آڱريون هميشه نازڪ ۽ تز ڪم ڪرڻ لائق نه آهن، ته ساڳي حالت اسان جي مغز سان آهي. ”انساني پورهئي“ جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته ماڻهو شروع ۾ فقط ٿلهو ۽ کورو ڪم ڪرڻ ڄاڻندو هو. ڄاڻ ۾ واڌاري هن کي وڌيڪ سنهي ۽ وڌيڪ پيلي ۽ نزاڪت واري ڪم ڪرڻ لائق بڻايو آهي. خيال ۽ سوچ جي تاريخ ۾ پڻ بلڪل اِها ساڳي ڳالهه ملي ٿي. مابعدالطبيعات، سوچڻ ويچارڻ ۽ خيال ڪرڻ جو اهو طريقو آهي، جيڪو، اسان جي آڱرين وانگر، رڳو ٿلهيءَ ۽ کهريءَ هلچل ۽ چرپر جي لائق آهي (جيئن مابعدالطبيعاتي ڪوڪن کي ٿي ٻيهي ڪوڪا هڻڻ يا اَن جا ويهي خانا کولڻ).

www.sindhsalamat.com

جدليات مابعدطبيعات کان هن ۾ مختلف آهي ته اُها ڪافي سلسلي ۽ سٺوپرائيءَ سان سوچڻ جي سکيا رکي ٿي. جدليات سوچڻ جو هڪ تز ۽ قابليت وارو طريقو آهي ۽ اُن وٽ پنهنجي ڪم جي پرک ۽ پڻ غلطين جي سڌارڻ جي هڪ پروسي جوڳي وات به آهي.

خيال جي ترقي به ساڳي اُئين ٿي آهي جيئن هٿ جي ڪم جي ترقي ٿي آهي. اُن جي به ساڳي تاريخ آهي. اُن ۾ ڪنهن به غيب يا اسرار جي ڳالهه جو ڪو دخل نه رهيو آهي. اُن جي ارتقا جو مطالعو اِن سلسلي ۾ سڀني وهمن کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏي ٿو.

جدليات کي سمجهڻ ۾ جيڪي مشڪلاتون اسان کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، آهي هِن حقيقت مان اُٿن ٿيون ته پنهنجي تعليم ۽ مطالعي جا ٢٥ سال شايد اسين 'ڪوڪن' کي ٿي ڪوڪا هڻندا تا رهون، ۽ اوچتو پوءِ اسان کي 'ريڊيو' جي پرزن ۽ اوزارن جي ڳاهڻ تي ويهاريو ٿو وڃي! پوءِ ته اِها پڪ آهي ته اسان کي گهڻيون ئي تڪليفون ڏسڻيون پونديون — اسان جا هٿ، جو اهڙا ڳرا هوندا ۽ اسان جون آڱريون، جي اهڙيون اناڙي ۽ جڏيون هونديون! هِن ڪم لاءِ گهربل ڦڙتائي ۽ مهارت اسان ۾ ضرور آهستي آهستي ٿي ايندي. پوءِ جيڪو ڪم شروع ۾ اسان کي تمام مشڪل لڳو هو، آهو اسان کي اوس آسان ٿي لڳندو.

جدليات جي حالت ۾ به صحيح ڳالهه اِها آهي. اسين ننڍپڻ جي قديم مابعدطبيعاتي طريقي جي اثر ۽ عادتن جي بار هيٺ دبيا ۽ پٺتيا تا رهون، ۽ اسان کي جدلياتي طريقي جي ڪوملتا ۽ پورنتا حاصل ڪرڻي آهي، ۽ اُن ۾ به اسين ڏسنداسين ته ڪابه پراسرار ڳالهه، ڪابه مثلاً ۽ مشڪل ڳالهه ڪانهي.

www.sindhsalamat.com

٢. جدلياتي طريقو ڪٿان آيو؟

اسان کي خبر آهي ته مابعدطبيعات دنيا کي بيٺل ۽ مقررشدہ جو هڪڙو ميڙ سمجهي ٿي، ۽ اُن جي ابتڙ، جيڪڏهن اسين فطرت تي نظر ٿا وجهون ته اسين هر شيءِ ڦرندي گهرندي ۽ چرندي پُرندي ڏسون ٿاہ خيال جي سلسلي ۾ به اسين ساڳي اها ڳالهہ ڏسون ٿا. اِن مشاهدي مان هيءَ ڳالهہ صاف آهي ته مابعدطبيعات ۽ حقيقت جي وچ ۾ ڪو ميل يا موافقت ڪانهي، انهيءَ ڪري، سڌن صاف لفظن ۾ ڳالهہ جو تت پيش ڪندي، ائين چئي سگهجي ٿو ته "جيڪو مابعدطبيعات جي ڳالهہ ڪري ٿو آهو چئي عدم تحرڪ يا نسچلتا جي ڳالهہ ٿو ڪري، ۽ جيڪو جدليات جي ڳالهہ ڪري ٿو آهو چئي تحرڪ ۽ چرپر جي ڳالهہ ٿو ڪري. تحرڪ ۽ تبديل، جيڪي اسان جي چوڌاري موجود هر شيءِ تي حاوي آهن، آهي جدليات جو اصل بنياد آهن.

"جڏهن اسين فطرت تي سوچيون ٿا، يا انسان ذات جي تاريخ تي، يا اسان جي پنهنجي ذهني ڪارڪردگيءَ تي، ته پهرين تصوير جيڪا اسان جي آڏو اچي ٿي آها لاڳاپن ۽ لاڳاپن جي لاڳاپن جي آهي، جنهن ۾ ڪابہ شيءِ جيئن آها هئي، جتي هئي ۽ جيڪي ڪجهہ هئي، آها آئين نٿي رهي، پر هر شيءِ چُري ٿي، بدلجي ٿي، وجود ۾ اچي ٿي ۽ وجود مان نڪري وڃي ٿي." (اينگلس، "اُنٽي دهرنگ")

اينگلس جي هِن انتهائي چٽي بيان پٽاندر، اسين ڏسون ٿا ته جدلياتي نقطي نگاهہ کان هر شيءِ بدلجي ٿي، ڪابہ شيءِ جتي آهي آتي پُتڏجي ڪانہ ٿي بيهي، ۽ اِنهيءَ ڪري هيءَ نقطي نگاهہ حقيقت سان عين مطابقت ۾ آهي، اُن سان پوري نهڪيل آهي. ڪابہ شيءِ جنهن جاءِ تي آهي آتي آها بيهي نٿي رهي، چو ته هر آها شيءِ جيڪا اسان کي ڏسڻ ۾ اڻ چرندڙ لڳي ٿي، سا به سچ پچ چرندي ٿي رهي — سج جي چوڌاري ڌرتيءَ جي ڦيري

www.sindhsalamat.com

سان، ۽ ڏرتيءَ جي پنهنجي محوري ڦيري سان. مابعدطبيعات ۾ ساڪيائپ جي اصول جي تقاضا آهي ته هر شيءِ سدا اهڙي ساڪي رهي جهڙي اُها آهي. ۽ هيڏانهن اِن جي ابتڙ اسين ڏسون ٿا ته ڪابه شيءِ جهڙي آهي اهڙي ڪانه ٿي رهي.

اسان کي اهو تاثر آهي ته اسين سدائين ساڪيا رهون ٿا، پر اينگلس پوءِ به اسان کي ٻڌائي ٿو ته "ساڳيون شيون ساڳيون نه پر مختلف آهن!" اسين سمجهون ٿا ته اسين ساڪيا آهيون ۽ اسين توڙي ڪي بدلجي ٿا وڃون! ٻارُ مان جيئن آءُ هئس، آءُ وڏو ٿيس، ۽ هيءَ وڏو جسماني طور ڪڏهن به ساڳيو نٿو رهي: هيءَ هرروز پوڙهو ٿيندو ٿو رهي.

اِنهيءَ ڪري اِهو تحرڪ نه آهي جيڪو هڪ ٽُڪِڙو روپ آهي، جيئن Eleaties جو چوڻ هو، پر اِهو عدم تحرڪ آهي، نسلچلتا آهي، جيڪا نُڪِتِي آهي، ڇو ته حقيقت ۾ هر شيءِ چُري ٿي ۽ بدلجي ٿي.

تاريخ پڻ ثابت ڪيو آهي ته شيون جيئن هيون تيئن ساڳيون نٿي رهيون. ڪا هڪ گهڙي به سماج بيٺل يا بي تحرڪ ڪونهي. پهرين، قديم زماني ۾، غلامدار سماج هو، پوءِ جاگيرداري سماج اُن جي جاءِ تي آيو، پوءِ سرمايهداري سماج ان جي جاءِ ورتي. هنن سماجي نظامن جي مطالعي مان اسين ڏسون ٿا ته لڳاتار، اڻ لڪائتي نموني، اُهي عنصر جيڪي نئين سماج جي جڻ لاءِ ذميدار هئا، اُهي انهن جي اندر نمودار ٿيندا ۽ وڌندا ٿي رهيا، ساڳيءَ طرح سرمايهداري سماج هرروز بدلبو ٿو رهي ۽ اهو توڙي ڪي سوويت يونين ۾ بدلجي پيو ٿي پيو آهي. ۽ ڇاڪاڻ ته ڪوبه سماج اَچل نه ٿو رهي، اشتراڪي سماج جيڪو سوويت يونين ۾ وجود ۾ آيو آهي. اُهو به بدلجي پيو سماج بڻجڻو آهي. اهو هاڻي ڪي ڏسجي پيو ته بدلبو رهي ٿو، ۽ اهوئي سبب آهي، جو مابعدطبيعي سمجهي نٿا سگهن ته آئي ڇا ٿي رهيو آهي. هو هڪ تبديل ٿيل سماج کي پنهنجن خاص اڏسن ۽ جذبن سان توريندا

www.sindhsalamat.com

ٽڪيندا ٿا رهن، جيڪي سندن آدما ۽ جذبا آنهن ماڻهن جا آهن جيڪي اجا تائين سرمايه داري گهاٽي ۾ پڏا وهندا ٿا رهن.

اسان جا خود جذبا ۽ آدما بدلجن ٿا ۽ اسين اُن جو ڪو نوٽيس ڪونه ٿا وٺون. اسين ڏسندا پيا آهيون ته جيڪا ٿلهي همدردي هئي سا بدلجي محبت ٿي پوي ٿي، ۽ پوءِ ڪڏهن آها محبت بگڙجي نفرت بنجيو وڃي.

اسين جو ڪجهه هرهنڌ، فطرت ۾، تاريخ ۾، ۽ خيالن ۾، ڏسون ٿا، آها هلچل آهي، تبديل آهي — جدليات پنهنجي ڳالهه اِنهيءَ قول سان شروع ڪري ٿي.

يوناني به انهيءَ اعليٰ حقيقت کان متاثر ٿيا هئا ته تبديل ۽ تحرڪ هرهنڌ موجود هئا. اسين مٿي ڏسي آيا آهيون ته آنهن جو هرڪليٽس، جنهن کي ”جدليات جو ابو“ سڏيو ويو آهي، پهريون شخص هو، جنهن دنيا جو جدلياتي نظريو پيش ڪيو هو ۽ چيو هو ته دنيا تحرڪ ۾ هئي، جامد ۽ بيٺل نه هئي. هرڪليٽس جي هيءَ ڳالهه اڳتي وڌي سوچ جو هڪ طريقو، هڪ دستور، بنجي ويو.

بهرحال، هي جدلياتي طريقو تمام گهٽيءَ مدت کان پوءِ ڏي فڪر ۽ فلسفي جي دنيا ۾ پاڻ کي مڃائي سگهيو، انهيءَ ڪري اسان لاءِ هي سمجهڻ ضروري آهي ته —

۳. هيترو ڊگهو عرصو مابعدطبيعات جو نظريو جدليات تي غالب ڇو رهيو؟

اسان ڏٺو آهي ته جدلياتي تصور تاريخ ۾ ڏاڍو آڳاٽو پيدا ٿيل هو، پر ماڻهن جي ناڪافي ڄاڻ مابعدطبيعي تصور کي وڌڻ جو موقعو ڏنو. هتي اسين تصوريت ۽ مابعدطبيعي تصور کي هڪٻئي سان متوازي بيهاري سگهون ٿا — تصوريت جيڪا ماڻهن جي وڏيءَ اڻڄاڻپ جي ڄائي هئي، ۽ مابعدطبيعات جيڪا سندن ناڪافي ڄاڻ مان آسريل اوائلي جدليات جي ڄائي هئي.

www.sindhsalamat.com

اُئين ڇو ممڪن هو ۽ ڪيئن ممڪن هو؟

هيءَ هڪڙي بنيادي حقيقت آهي ته ماڻهوءَ پنهنجو ۽ پنهنجي سڄي آسپاس جو، يعني فطرت جو مطالعو پوريءَ اڻڄاڻائيءَ جي حالت ۾ شروع ڪيو. جو ڪجهه ماڻهن ڏٺو وائٺو تي، اُن سان پنهنجي ردعمل ڪي ناهڻ لاءِ اُن کي هنن سڃاڻڻ چاهيو، ۽ اُن لاءِ اُن سڀ کي هنن، هڪ هڪ جي الڳتا ۾ ڏسڻ کان گهٽو پوءِ، دفعن ۾، ٽولن ۾، قسمن ۾، سڃاڻڻ سان شروعات ڪئي. پر هين جڳن جي طويل ۽ لڳاتار الڳتا ۽ درجيبنديءَ جي مشق سان ذهن جي هڪ عادت، اُن جو هڪ رخ يا دستور، ٺهي ٿو. الڳ الڳ ڏسندي، دفعن ۽ ٽولن ۾ ورهائيندي ۽ اُنهن کي هڪٻئي کان ڇني جدا ڪندي ڪندي، اسان جو ذهن اُئين ڇنڻ ۽ حصن ڪرڻ تي هري وڃي ٿو، ۽ اِن ۾ اسين مابعدطبيعي طريقي جون ابتدائي خاصيتون يا نشانيون ڏسون ٿا، ۽ اُئين ڄاڻ جي نقص يا اڻ پوراڻيءَ جي حالت مان مابعدطبيعات جي ابتدا ٿي. ڏيڍ سؤ سال اڳ، خود سائنس جو مطالعو به ڏار ڏار ڪيو ويندو هو — هڪٻئي کان اُنهن کي الڳ الڳ ڪري. مثال طور، ڪيميا، طبيعات ۽ حياتيات جا علم جدا جدا پڙهيا ويندا هئا ۽ اُنهن جي وچ ۾ ڪو ڳانڍاپو ڪونه ڏٺو ويندو هو. هيءُ طريقو لڳاتار سائنسن سان، اُنهن مان هرهڪ جي اندر به، لاڳو ڪيو ويندو هو. طبيعات ۾ 'آواز'، 'گرمي'، 'بجلي'، 'مقناطيس' وغيره حصا شامل هئا، ۽ اُئين سمجهيو ويندو هو ته طبيعات جا هي جدا جدا موضوع هئا ۽ پاڻ ۾ لاڳاپيل نه هئا: اُنهن مان هرهڪ جو مطالعو جدا جدا پاڻ هيٺ ڪيو ويندو هو.

اسين اِن ۾ مابعدطبيعات جي ٻي خاص ڳالهه به ڏسي سگهون ٿا، جيڪا گهرندي آهي ته شين جي وچ ۾ لاڳاپا نظرانداز ڪيا وڃن، جو اُنهن ۾ ڪا مشترڪ ڳالهه ڪانهي.

ساڳيءَ طرح، شين بابت سندن اچل ۽ ٿاٺيڪيءَ حالت ۾ سوچڻ وڌيڪ آسان آهي. مثال طور، فوٽوگرافيءَ کي وٺو؛

اسين ڏسون ٿا ته ڀرپائين شين کي سندن نسچلتا ۾ جهلي بيهارڻ (يعني، فوٽوگرافيءَ) جي ڪوشش ڪئي ويئي، ۽ اُن کان پوءِ سندن چرپر جي حالت ۾ (يعني، ’سئنيما‘ ۾). ائين ٿو لڳي ته فوٽوگرافيءَ مان سئنيما تائين ترقيءَ جي صورت ۾، سائنس ۽ انساني ذهن جي ترقيءَ جو نقشو ئي ڏسي سگهجي ٿو. اسين شين جو مطالعو اُنهن جي جامد ۽ آرامي حالت ۾ ڀرين ڪيون ٿا، ۽ پوءِ اُنهن جي متحرڪ حالت ۾. ۽ ائين ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ ته ڇاڻ اٽڪل پوري هجي ٿي. سڪڻ لاءِ، ڇاڻ لاءِ، آسان ۾ آسان نقطي نگاهه جو انتخاب ڪيو ٿو وڃي، ۽ بيٺل ۽ ثابت ٿيل شيون ذهن ۾ آڻڻ ۽ سمجهڻ پڪ ئي پڪ وڌيڪ آسان لڳن ٿيون.

هيءَ ساڳي صورتحال اسين حياتيات ۾ به ڏسون ٿا: مثال طور، حيوانيات ۽ نباتيات جي مطالعي ۾. ڇاڪاڻ ته عالمن کي اُنهن جي پوري ڄاڻ ڪانه هئي، تنهنڪري ڀرين هُنن جانورن کي قبيلن ۽ قسمن ۾ ورهايو، ائين سوچيندي ته اُنهن ۾ ڪا مشترڪ شيءِ ئي ڪانه هئي ۽ وڌيڪ هي ته آهي هميشه اِئين ئي ۽ آهڙا ئي رهيا هئا (مابعدطبيعات جي تين خاص ڳالهه).

۽ انهيءَ سوچ مان ئي آهو نظريو اڀريل آهي، جنهن کي ”پائداريت“ (Fixism) سڏيو ويو آهي، جيڪو هڪ مابعدطبيعي نظريو آهي ۽ ماڻهوءَ جي اڻ ڄاڻائيءَ جو نتيجو آهي.

۴. ارڙهين صديءَ جي ماديت مابعدطبيعي ڇو هئي؟

اسان کي خبر آهي ته ميڪانيت جو ارڙهين صديءَ جي ماديت ۾ وڏو حصو هو، ايتري قدر جو هن ماديت کي اڪثر ”مابعدطبيعي ماديت“ سڏيو ويندو آهي. اِئين ڇو هو؟ ڇاڪاڻ ته ماديءَ نظريو سڀني سائنسن جي ترقيءَ ۽ واڌ سان ٻڌل آهي ۽ ڇاڪاڻ ته سائنسن ۾ ميڪانيت ئي هئي، جا اُن صديءَ ۾ ڀرين وڌي اڳتي آيل هئي بلڪ پنهنجي ڪافي اوچ تي رسيل هئي. عام ڳالهه ٻولهه ۾، ميڪانيت کي ”مشينين جو علم“ سمجهيو

www.sindhsalamat.com

ويندو هو. سائنسي ٻوليءَ ۾، ان جي معنيٰ آهي ”تحرڪ جو، چرپر جو، علم“ — تحرڪ ’حالت ـ بدل‘ جي مفهوم ۾. ۽ ميڪانيڪا پهرين سائنس هئي، جا وڏي انهيءَ ڪري اڳتي آئي هئي، جو ميڪانيڪي تحرڪ سڀ کان وڌيڪ سادو تحرڪ آهي. صوف جي ڦٽ ۾ صوف جو مطالعو، جنهن کي هوا لوڏي ٿي، ڪافي گهڻو آسان آهي انهيءَ تبديل جي مطالعي کان جيڪا صوف ۾ واقع ٿئي ٿي، جڏهن آهو پچي ٿو. صوف تي هوا جي اثر جو مطالعو پڇاڙ صوف جي مطالعي کان وڌيڪ آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. پر آهو مطالعو فقط ”ڪجهه قدر“ يا ”اڌورو“ مطالعو آهي، ۽ انهيءَ ڪري مابعدطبيعات ڏي وٺي وڃي ٿو.

جيئن ته يونانين اهو ڏٺو ته هر شيءِ چُري ٿي، پر هو اِن پنهنجي ڏٺ مان پورو فائدو وٺي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته سندن ڄاڻ ناڪافي هئي. جڏهن شين جو ۽ منظر جو مشاهدو ڪيائون ٿي، تڏهن انهن جي ڪلاس بندي (درجيبندي) ڪيائون ٿي، ۽ ”جاءِ بدل“ جو (”حالت بدل“ جو نه) مطالعو ڪيائون ٿي، بس؛ ۽ اڻين هو ميڪانيت تائين رسي سگهيا. سائنس جي ڄاڻ جي گهٽتائيءَ سندن ذهن ۾ مابعدطبيعي نظريي کي جنم ڏنو ۽ زور وٺايو.

اسين ڄاڻون ٿا ته ماديت هميشه سائنسن سان بدل رهي ٿي، ۽ پڻ هي ته ارڙهين صديءَ ۾ سائنس مابعدطبيعي اثر ۽ مزاج جي غالبي هيٺ هئي. اُن دور ۾، سڀني سائنسن مان ميڪانيت ئي هئي جيڪا وڌ ۾ وڌ اسريل ۽ اڳتي وڌيل هئي، انهيءَ ڪري ئي اينگلس کي اُن دور بابت چوڻو پيو ته ”ارڙهين صديءَ جي ماديت کي مابعدطبيعي ۽ ميڪانيڪي ٿيڻو ئي هو، ڇاڪاڻ ته ان دور جون سائنسون اُئين هيون.“

مطلب ته هيءَ مابعدطبيعي ۽ ميڪانيڪي ماديت (جڙ واڌ) ماديي (جڙ وادي) هئي، اِنهيءَ ڪري، جو فلسفي جي بنيادي سوال جو اُن هيءُ جواب ڏي ٿي ته ابتدائي عنصر مادو هو، ۽ آها مابعدطبيعي هئي اِنهيءَ ڪري، جو ان ڪائنات کي بيٺل ۽ مقرر

www.sindhsalamat.com

شين جو ميڙاڪو ٿي تصور ڪيو، ۽ اها ميڪانيڪي هئي انهيءَ ڪري، جو آن هر شيءِ جو مشاهدو ۽ مطالعو ميڪانيت جي روشنيءَ ۾ ڪيو ٿي.

اڳتي هلي، اهو ڏينهن آيو، جڏهن ماڻهن، گڏيل تحقيق جي روشنيءَ ۾، ائين ڏٺو ته سائنسون جامد نه هيون، انهن ۾ تبديليون اينديون ٿي رهيون. ڪيميا کي حياتيات ۽ طبيعات کان ڌار ڪرڻ کان پوءِ، هنن کي معلوم ٿيو ته هڪ کي ٻين جي آڌار کان سواءِ سمجهڻ ۽ ان جو وڌيڪ مطالعو ڪرڻ ناممڪن ٿيندو ٿي ويو. مثلاً، هاضمي جو مطالعو، جيڪا حياتيات جي دائري جي ڳالهه هئي، ڪيميا جي مطالعي کان سواءِ ممڪن نه پئي ٿيو. انهيءَ طرح، اوڻيهين صديءَ جي شروع تائين ائين سمجهه ۾ آيو ته سائنسون پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون، ۽ پوءِ سائنسن ۾ مابعدطبيعي اثر ۽ مزاج جو خاتمو ٿيڻ شروع ٿيو — ڇاڪاڻ ته فطرت جو وڌيڪ اونهو علم حاصل ٿي سگهيو هو. اوسين تائين طبيعي روپن جو ڌار ڌار مطالعو ڪيو ويندو هو؛ هاڻي ماڻهو انهيءَ ڏسڻ تي مجبور هئا ته سڀيئي روپ هڪ ساڳيءَ فطرت جا روپ هئا. انهيءَ طرح، برقيت ۽ مقناطيسيت جيڪي سائنسون الڳ الڳ مطالعي هيٺ هونديون هيون، اڄ گڏجي هڪ سائنس ٿي پيون آهن — جنهن کي برقي - مقناطيسيت جي سائنس ٿو چئجي.

ساڳيءَ طرح، آواز ۽ حرارت جو مطالعو ڪندي، اهو ڏٺو ويو ته ٻيئي منظر فطرت جي ساڳئي روپ مان نڪتا ٿي. مطرقي جي ڌڪ هڻڻ سان آواز ۽ حرارت ٻيئي پيدا ٿيا ٿي. تحرڪَ ئي حرارت ٿي پيدا ڪئي، ۽ اسان کي خبر آهي ته آوازُ هوا جون لهرون آهن؛ لهرون پڻ تحرڪُ آهن. انهيءَ طرح اهي ساڳيءَ فطرت جا ٻه روپ آهن.

حياتيات ۾، وڌيڪ کان وڌيڪ تفصيلي درجيبندي ڪرڻ سان، ائين به ڏٺو ويو آهي ته اهڙيون جنسون به موجود آهن، جيڪي نه نباتات جي درجي ۾ آيون ٿي ۽ نه حيوانات جي

www.sindhsalamat.com

درجي ۾. انهيءَ ڪري ڀرتن ۽ جيوانن ۾ ابترو ڪو ڇيتو ويچو ڪونه هو. ائين لاڳيتو مطالعي کي اکتي ۽ اکتي وڌائيندي، هيءَ نتيجو حاصل ڪيو ويو ته حيوان جيئن آهن تيئن سدائين نه هئا. حقيقت ائين "پائداريت" (يڪجائيت) کي ۽ مابعدطبيعاتي مزاج کي سدائين رد پئي ڪيو آهي.

سائنس ۾ هيءَ سچي تبديل اوڻيهين صديءَ ۾ واقع ٿي، ۽ ان سان ئي ماديت جدلياتي بنجي سگهي آهي. جدليات سائنس جو جوهر آهي، ستتُ آهي، جيڪي ترقي ڪندي ۽ پاڻ وڌائيندي ۽ سڌارينڊي، مابعدطبيعي تصور کي رد ڪري، پوريءَ طرح اَن کان پاڻُ آجو ڪري ڇڪيون آهن. ماديت پاڻ کي تبديل ڪري سگهي آهي، ڇاڪاڻ ته خود سائنسون بدليون آهن. مابعدطبيعي سائنس سان مابعدطبيعي ماديت نهڪيل هئي، ۽ نيئن سائنسن سان نئين ماديت، جدلياتي ماديت، نهڪيل آهي.

٥. جدلياتي ماديت وجود ۾ ڪيئن آئي؟ — هيگل ۽ مارڪس

جيڪڏهن اهو پڇيو وڃي ته مابعدطبيعي ماديت جي تبديل جدلياتي ماديت جي صورت ۾ ڪيئن عمل ۾ آئي، ته عام طرح جواب هيءُ ملي ٿو ته

(١) ارڙهين صديءَ جي مابعدطبيعي ماديت اڳي ئي موجود هئي.

(٢) سائنسون تبديل ٿيون.

(٣) مارڪس ۽ اينگلس وچ ۾ پيا؛ هنن مابعدطبيعي ماديت کي ڪٽي ٻه حصا ڪيو. اُن جي مابعدطبيعات کي اڇلائي، ڦٽي ڪري، هنن ماديت کي باقي رکيو ۽ اُن سان جدليات کي ڳنڍي ڇڏيائون.

جيڪڏهن اسان وٽ ڳالهين جي پيش ڪرڻ جو اهو رخ آهي، ته آهو مابعدطبيعي طريقي جو ئي رخ آهي، جيڪو ڳالهين

www.sindhsalamat.com

کي آسان بنائڻ چاهيندو آهي ته جيئن اُهي اُئين خانا ناهي، خاڪن جي صورت ۾ پيش ڪري سگهجن. اُن جي برعڪس اسان کي هميشه ذهن ۾ هي خيال رهڻ گهرجي ته اصل حقيقتون ڪڏهن به ڪٿي اِئين ناهي نڪي، الڳاڻي، ناهوڪيون ڪري بيهارڻ نه گهرجن. اصل حقيقتون جيئن آهي ظاهر ۾ ڏسبيون آهن، اُن ڪان سدائين گهڻيون مشڪل ۽ منجهيل هونديون آهن. انهيءَ ڪري مابعدطبيعي ماديت ڪان جدلياتي ماديت ۾ تبديل ايتري سادي ڳالهه ڪانه هئي.

حقيقت ۾، جدليات جو وستار جرمن تصوّري فيلسوف هيگل (1770–1831) جي هٿان ٿيو. سائنس ۾ جيڪا تبديل واقع ٿيل هئي، اُن کي هن خوب سمجهيو ٿي. هرڪليٽس جي اوائلي خيال کي ذهن ۾ رکندي، هُن، سائنسي ترقيءَ جي مدد سان، ڏٺو ته ڪائنات ۾ مادو تحرڪ ۽ تبديل جو ئي ڪرشمو هو، ۽ ڪابه شيءِ الڳ ۽ تنها ڪانه هئي، پر هر شيءِ باهمي آڌار تي هلندڙ هئي، ۽ ائين هو جدليات جو علم پيدا ڪري سگهيو. اِهو هيگل جي ڪري ئي آهي، جو اج اسين دنيا جي جدلياتي تحريڪ جي ڳالهه ڪريون ٿا. هيگل پهريائين جنهن ڳالهه کي پوريءَ طرح سمجهيو سا خيالن جي تحريڪ جي ڳالهه هئي، ۽ قدرتي طور هُن اُن کي * Dialectic (ڳالهه ٻولهه جو دليل دلائل جو فن يا ترڪيب) سڏيو، ڇاڪاڻ ته اُها ذهن جي ترقيءَ جي ڳالهه هئي ــــ جيڪا بحث مباحثي ۾، خيالن جي ڏي وٺ ۽ دليل دلائل جي تڪراءَ سان واقع ٿيندي هئي.

پر هيگل وري به هڪ تصوّري فيلسوف هو، يعني هُن ابتدائي اهميت ذهن (Mind) کي ڏني ٿي، ۽ اُن جي نتيجي ۾ هن تحرڪ ۽ تبديل جو هڪڙو خاص نظريو ايجاد ڪيو. هن سمجهيو ٿي ته ذهن جون تبديليون مادي ۾ تبديلين جو سبب هيون.

---

* Dia = وچ ۾، هڪٻئي سان + Lectic = (ڳالهائڻ جو) فن.

www.sindhsalamat.com

مثال طور موجد کي يا ڪاريگر کي هڪ خيال آهي، ۽ هو اُن کي عمل ۾ آڻي ٿو، ۽ ائين، هيءُ خيال، عمل ۾ آيل خيال، ئي آهي، جيڪو مادي ۾ تبدلايون پيدا ڪري ٿو.

هيگل، انهيءَ طرح، تحقيق، هڪ Dialectician يعني دليل دلائل جي فن جو (ڳالهين جي ڏي وٺ جو) ماهر آهي، جدلياتي آهي، پر هو اُن صلاحيت کي تصوريت جو ماتحت يا زيردست بنائي ٿو ڇڏي.

اِن کان پوءِ مارڪس (1819-1883) ۽ اينگلس پيدا ٿيا، جي هيگل جا ٿلها پوئلڳ يا هر ڳالهه ۾ پوئلڳ نه، پر هن جي ماديت جا پوئلڳ هئا، ۽ انهيءَ ڪري هنن ابتدائي اهميت ماديءَ کي ڏني. هنن هيگل جي جدليات جو (ڳالهين جو، دليل دلائل جو، فڪر جو) مطالعو ڪيو، ۽ ائين سمجهيو ته هُن صحيح ڳالهيون ڀڌايون ٿي، پر ابتيون ڪري ٿي ڀڌايون. هِن سلسلي ۾ اينگلس جو چوڻ هو ته ”هيگل وٽ جدليات مٿي پر بيٺل هئي؛ اُن کي موٽائي پيرن پر بيهارڻو هو“. مطلب ته مارڪس ۽ اينگلس، هيگل جي منجهاڊل خيال جي تحريڪ جي ابتدائي سبب (محرڪ) جو درجو موٽائي مادي حقيقت کي ڏنو، ۽ هُنن اُن کي هيگل جي ئي اصطلاح ۾، ”جدليات“ سڏيو.

هُنن سوچيو ته هيگل اِنهيءَ چوڻ ۾ صحيح هو ته خيال ۽ ڪائنات سدائين تبديل ٿيندا ٿي رهيا، پر ائين چوڻ ۾ غلط هو ته تصورن جي تبديلين ئي شين ۾ تبديلين جو اڳواٽ فيصلو ٿي ڪيو يا آنهن کي اڳواٽ مقرر ٿي ڪيو. اُن جي ابتڙ، شيون ئي هيون، جن اسان کي تصور ڏنا ٿي، ۽ تصور تبديل ٿيا ٿي ڇاڪاڻ ته شيون تبديل ٿي ٿيون.

اڳي ماڻهن گهوڙي گاڏين ۾ سفر ٿي ڪيو. اڄ اسين ريل گاڏين ۾ سفر ٿا ڪريون. اِهو اِنهيءَ ڪري نه آهي ته اڄ اسان وٽ ريل گاڏيءَ جي سفر جو تصور آهي، تنهنڪري سفر

www.sindhsalamat.com

جو هيءُ ذريعو اسان وٽ موجود آهي. پر ڇاڪاڻ ته اسان جي سفر جا ذريعا بدليا آهن، انهيءَ ڪري اسان جي سفر جا تصور به بدليا آهن.

انهيءَ ڪري اسان کي ائين چوڻ ڪان پاسو ڪرڻ کپي ته ”مارڪس ۽ اينگلس وٽ هڪ پاسي ارڙهين صديءَ ڪان آيل فرينچ ماديت موجود هئي ۽ ٻئي پاسي هنن هيگل جي جدليات جو ابياس ڪيو هو، ۽ پوءِ هنن کي رڳو آنهن ٻن کي پاڻ ۾ ڳنڍي هڪ ڪرڻو هو.“

انهيءَ طرح جي ڳالهه ۾ تمام گهڻي سادگي ۽ هٺراڌو ڳالهه جي ناهه ثوهه معلوم ٿئي ٿي، ۽ اُن ۾ ڳالهين ۽ واقعن جا ڪيئي روپ وسارڻا ۽ نظرانداز ڪرڻا پون ٿا جيڪي حقيقت ۾ گهڻا مشڪل ۽ منجهيل آهن — سوچ جو اِهُو هڪ مابعدطبيعي نمونو آهي.

مارڪس ۽ اينگلس برابر هيگل جي جدليات کنئي، پر هُنن اُن کي نئين صورت ڏني. هنن ماديت کي به اوتري قدر ئي تبديل ڪيو، ۽ اِئين هو اسان کي جدلياتي ماديت ڏيئي سگهيا.

www.sindhsalamat.com

باب ٻيو

جدليات جا قاعدا

پهريون قاعدو: جدلياتي تبديل

١. جدلياتي تحرڪ جو ڇا مطلب آهي؟
٢. ”جدليات جي نظر ۾ ڪابہ شيءِ آخري نہ آهي، ڪابہ ڪلي يا مطلق نہ آهي ۽ ڪابہ مقدس نہ آهي.“ (اينگلس)
٣. سلسلو.

١. جدلياتي تحريڪ جو ڇا مطلب آهي؟

جدليات جي پهرئين قاعدي جي ابتدا هن ڳالهہ سان ٿئي ٿي تہ ”ڪابہ شيءِ ساڳيءَ جاءِ تي نٿي رهي.“ ”جدلياتي“ لفظ چوڻ معني ”تحرڪ“ چوڻ، ”تبديل“ چوڻ. انهيءَ ڪري جڏهن ڪو جدلياتي نقطي نگاهہ رکڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، تہ آهو تحرڪ ۽ تبديل جي نقطي نگاهہ رکڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري. جڏهن اسين شين جو مطالعو جدليات مطابق ڪرڻ چاهينداسين، تہ اسين انهن جي تحرڪ جو ۽ تبديلين جو مطالعو ڪنداسين.

مثال طور، هيءَ صوف ڪٿو. هن صوف جي مطالعي ڪرڻ جا ٻہ رستا آهن: هڪڙو مابعدطبيعي نقطي نگاهہ کان، ٻيو جدلياتي نقطي نگاهہ کان.

www.sindhsalamat.com

پهرئين رستي سان اسين هِن ميوي جو، اُن جي شڪل جو، اُن جي رنگ جو بيان ڪنداسين. اسين اُن جون خاصيتون ٻڌائينداسين، اُن جي سواد جي ڳالهه ڪنداسين. اِن سلسلي ۾ اسين صوف جي ناسپتيءَ سان ڀيٽ ڪنداسين، اُنهن جون هڪجهڙايون، انهن جا فرق ڏسنداسين، ۽ آخر ۾ هِن نتيجي تي پهچنداسين: صوف صوف آهي، ۽ ناسپاتي ناسپاتي آهي. ائين ئي هوندو هو، ائين ئي ٿيندو هو، جڏهن اڳي شين جو مطالعو ڪيو ويندو هو— اِن ڳالهه جي ثابتيءَ طور بيشمار ڪتاب اهڙن بيانن ۽ وچورن سان ڀريا پيا آهن.

جيڪڏهن هِن صوف جو مطالعو اسين جدلياتي نقطي نگاهه کان ڪرڻ چاهيون، ته اسين تحريڪ يا چرپر جو نقطي نگاهه وٺنداسين — صوف جي اُنهيءَ چرپر جو نه جڏهن آهو لڏي ٿو ۽ پنهنجي جاءِ بدلائي ٿو، پر اُن جي وڌڻ ۽ پچڻ جي چرپر جو. پوءِ اسين ڏسنداسين ته پڪلُ صوف سدائين اهو نه هو جيئن آهو اُن گهڙيءَ اسان جي آڏو هو. اُن کان اڳ آهو ساٿو صوف هو، اُن کان بہ اڳ آهو گل هو ۽ اُن کان اڳ مکڙي هو، ۽ ائين اسين صوف جي وڻ جي اُنهيءَ حالت تائين وڃي رسنداسين جيئن آهو بهار جي موسم ۾ هو. تہ صوف سدائين صوف نہ رهيو آهي، اُن جي هڪ تاريخ آهي؛ ۽ اِنهيءَ ڪري آهو اِئين رهڻو نہ آهي جيئن آهي. جيڪڏهن آهو وڻ مان ڪرندو، تہ اهو سڙڻ شروع ڪندو، ڪنو ٿيندو؛ اُن جون ڳڙيون ٻاهر نڪري اينديون، جيڪي، نيڪ ذاڪ حالتون هونديون، تہ ڦٽي پونديون ۽ نيٺ وڌنديون ۽ وڏي وڻ ٿينديون. هيءَ صوف جيئن سدائين آهو نہ رهيو آهي جهڙو اڄ آهي، تيئن اڳتي بہ اُئين نہ رهندو جيئن هائي اهو آهي.

هيءَ هڪڙو مثال آهي شين جي مطالعي جو جنهن کي تحرڪ جي نقطي نگاهه جو مطالعو چئجي ٿو. هيءَ ماضيءَ ۽ مستقبل جي نقطي نگاهه جو مطالعو آهي. هِن مطالعي ۾ سڄي ٻڄڙي

www.sindhsalamat.com

صوف کي ائين ڏٺو وڃي ٿو جيئن فقط اُهو گذر جي حالت ۾، عبوري حالت ۾، آهي — پنهنجي ماضيءَ ۽ مستقبل جي وچ جي حالت ۾، جيئن اُهو هو ۽ جيئن اُهو ٿيندو، اُن جي وچ واريءَ حالت ۾.

شين جي مشاهدي جي هن طريقي کي اُن جي پوريءَ اهميت مطابق سمجهي سگهجي، اُن لاءِ هيٺ اسين ٻه وڌيڪ مثال ڏيون ٿا: ڌرتيءَ جو مثال ۽ سماجي نظام جو مثال. جيڪڏهن مابعدطبيعي نقطي نگاهه وٺنداسين، ته اسين ڌرتيءَ جي شڪل، اُن جي سيني تفصيلن سان؛ بيان ڪنداسين. اسين ڏسنداسين ته ان جي مٿاڇري تي سمنڊ، زمينون ۽ جبل آهن؛ اسين مٽيءَ جي خصلت جو مطالعو ڪنداسين — ۽ اُهو ٻه ساڳئي نقطي نگاهه کان. پوءِ اسين ڌرتيءَ کي ٻين گرهن سان يا چند سان ڀيٽي سگهنداسين، ۽ آخر هن نتيجي تي پهچنداسين ته ”ڌرتي ڌرتي ئي آهي.“

ڌرتيءَ جي تاريخ جو مطالعو، جدلياتي نقطي نگاهه کان ڪندي، اسين ڏسنداسين ته اُها هميشه اُها نه هئي جيڪا هينئر آهي، ته اُن ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن، ۽ اِن طرح اُن ۾ پيون تبديليون ٻه اينديون. انهيءَ ڪري اج اسان کي ائين ئي سوچڻ ۽ سمجهڻ کپي ته ڌرتيءَ جي اج سڄي پڇڙي حالت فقط اُن جي گذريل تبديلين ۽ ايندڙ تبديلين جي وچ جي حالت آهي — هڪ گذر جي حالت، جنهن ۾ جيڪي تبديليون عمل ۾ اينديون ٿيون رهن اُهي جيتوڻيڪ اڻ لکيون آهن پر اهي صوف ۾ واقع ٿيندڙ تبديلين کان تمام وڏي پيماني جون تبديليون آهن.

هاڻي اچو ته سماجي نظام جي مثال کي وٺون، جيڪو مارڪس وادين لاءِ خاص دلچسپيءَ جو موضوع آهي.

وري ٻه پنهنجن ٻن طريقن کي لاڳو ڪندي، پهرين مابعدطبيعي نقطي نگاهه کان ڏسنداسين، ته اسان کي ٻڌايو ويندو ته هتي سدائين شاهوڪار ۽ غريب رهيا آهن. ۽ اِهو ڏسنداسين ته ان ۾ وڏيون وڏيون بئنڪون، وڏا وڏا ڪارخانا آهن. اسان کي

سرمايه داري سماجي نظام جا تفصيلي انگ اکر ۽ ان جون گهٽيون ڳالهيون پيدايون وينديون، ۽ آهي سڀ اڳين سماجي نظامن سان (جاگيرداري ۽ غلام داري سماجن سان) پيٽي، اُنهن جا فرق ۽ انهن جون هڪجهڙايون پڌرايون وينديون، ۽ آخر ۾ ائين چيو ويندو ته "سرمايه داري سماج اِهو آهي جيڪو آهي."

جدلياتي نقطي نگاهه کان، اسان کي خبر پوندي ته سرمايه داري سماج هميشه اُهو نه رهيو آهي جهڙو هينئر آهي. جيڪڏهن اسين ڏسنداسين ته ماضيءَ ۾ پيا سماجي نظام موجود رهيا آهن، ته اِن ڳالهه مان اسين هيءُ نتيجو ڪيدداسين ته سرمايه داري سماجي نظام سيني پين سماجي نظامن ني وانگر، آخري نه آهي، اُن جو ڪو بنياد اهڙو ڪونهي جنهن کي چُهي ٿي نه سگهجي، ۽ اُهو اسان لاءِ، اُن جي برعڪس، فقط هڪڙي عارضي حقيقت آهي ــــ ماضيءَ ۽ مستقبل جي وچ جو هڪ گذرندڙ دؤر

هنن مثالن مان اسين ڏسي سگهون ٿا ته شين کي جدلياتي نقطي نگاهه کان ڏسڻ معنيٰ هر شيءِ کي عارضي حقيقت طور ڏسڻ، جنهن کي ماضيءَ جي هڪ تاريخ آهي، ۽ جنهن جي اڏو لازمي طور مستقبل جي تاريخ به آهي، جنهن کي هڪ شروعات ۽ پڻ هڪ اٽل پڇاڙي آهي.

٣. "جدليات جي نظر ۾ ڪابه شيءِ آخري نه آهي، ڪابه ڪلي يا مطلق نه آهي ۽ ڪابه مقدس نه آهي..."

"جدليات جي نظر ۾ ڪابه شيءِ آخري، مطلق ۽ مقدس نه آهي. اُها هر شيءِ ۾ ۽ هر شيءِ جو عارضي چريتر يا ڪِنُ ڪولي پڌائي ٿي؛ اُن جي اڏو سواءِ ٿيڻ ۽ گذري وڃڻ جي هڪ اڻ ٽٽ سلسلي جي، بيءَ ڪنهن به شيءِ جي بقا ڪانهي."
(اينگلس، "فيور باخ".)

www.sindhsalamat.com

اِها هڪ وصف آهي، جيڪا اُنهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿي، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي، ۽ جنهن جو هاڻي اسين وڌيڪ مطالعو ڪنداسين.

”جدليات جي نظر ۾ ڪابه شيءِ آخري نه آهي.“ اُن جي معنيٰ آهي ته جدليات ۾ هر شيءِ جنهن جو اسين مطالعو ڪريون ٿا، اُن جو هڪ ماضي آهي ۽ جنهن جو هڪ مستقبل ٿيڻو آهي؛ ۽ انهيءَ ڪري، اُها هاڻي جيئن آهي سدائين لاءِ ائين نه هوندي، اُن جي اڄ جي حالت آخري حالت نه آهي. (اُن لاءِ مثال مٿي ڏنا ويا — صوف، ڌرتيءَ ۽ سماجي نظام جا.) جدليات جي نگاهه ۾ ڪابه طاقت، دنيا ۾ يا دنيا ڪان ٻاهر، اهڙي نه آهي، جا شين کي ڪنهن آخري صورت ۾ ڪِپائي بيهاري ڇڏي؛ انهيءَ ڪري ”ڪابه شيءِ مطلق نه آهي.“ (”مطلق“ معنيٰ ”پنهنجيءَ ذات ۾ ڪُلُ ۽ ڪافي“، ٻين لفظن ۾، ڪنهن به شرط جي محتاج نه، اِنهيءَ ڪري دائمي، مڪمل ۽ ڪائناتي.) ”ڪابه شيءِ مقدس نه آهي — اِن جي معنيٰ اِها نه آهي ته جدليات هر شيءِ کي ڌڪاري ٿي يا ڪجهه نٿي سمجهي. نه! ”مقدس شيءِ“ جي معنيٰ آهي اُها شيءِ جيڪا ماڻهو اٽلُ سمجهي، جنهن کي نه هٿ لائي سگهجي، ۽ نه جنهن لاءِ ڪجهه ڪچي سگهجي، پر جنهن کي فقط مڃجي ۽ پوڄجي. مثلاً، سرمايه داري سماجي نظام، اِن معنيٰ ۾ ”مقدس“ آهي. پر جدليات ته چوي ٿي ته ڪابه شيءِ تحرڪ کان، تبديل کان ۽ تاريخ جي عمل کان آجي ڪانهي. عارضي يا عبوري معنيٰ ”گذرندڙ“. هڪ گذرندڙ شيءِ اُها آهي، جا ضرور پوڙهي ٿئي ٿي ۽ غائب ٿي وڃي ٿي. جدليات ڏيکاري ٿي ته هر شيءِ کي آخر غائب ٿي وڃڻو آهي. جيڪا شيءِ جوان آهي، اُها پوڙهي ٿئي ٿي؛ جيڪا اڄ جيئري آهي، اُها سڀاڻي مري ٿي؛ ۽ ڪابه شيءِ، جدليات جي نظر ۾، سدائين ڪانه ٿي رهي — ”سواءِ ٿيڻ ۽ گذري وڃڻ جي هڪ لڳاتار اڻٽٽ سلسلي جي.“

www.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري جيڪڏهن جدلياتي نقطي نگاهه اختيار ڪئي وڃي، ته ڪابه شيءِ، سواءِ تبديل جيءَ، بي انت ۽ دائمي نه آهي. ان جي معنيٰ هيءَ ٿي ته ڪابه خاص شيءِ دائمي ۽ بي انت ڪانهي سواءِ ”ٿيڻ“ جي.

پر هيءَ ”ٿيڻ“ ڇا آهي، جنهن جي ڳالهه هن وصف ۾ اينگلس ڪئي آهي؟

اسان ڏٺو ته صوف جي هڪ تاريخ آهي. هاڻي اچو ته هڪ پينسل جو مثال وٺون، جنهن جي به پنهنجي تاريخ آهي.

هيءَ پينسل، جيڪا اڄ ڪجهه گھٽ پيڻل لڳي ٿي، سا ڪڏهن نئين هئي. جنهن ڪاٺيءَ جي اها ٺهيل آهي، اها هڪڙي تختي مان آئي ۽ اهو تختو هڪ وڻ مان آيو. اسين ائين ميجون ٿا ته صوف ۽ پينسل جي پنهنجي پنهنجي هڪ تاريخ آهي ۽ پيٽي سدائين اهي ساڳيون شيون نه رهيون آهن جهڙيون آهي هينئر آهن. هنن ٻن تاريخن ۾ ڪو تفاوت آهي؟ بلڪل آهي، پڪ آهي! ساڳو صوف پڇي راس ٿيو، ڇاڪ هيءَ، جو ساڳو هو، جيڪڏهن نيڪ ٺاڪ حالتون رهن، ته پڇي راس ٿيڻ ۾ ڪڏهن ناڪام ٿيندو؟ نه، اهو ضرور پچندو، بلڪل ائين جيئن، پٽ ٿي ڪرندي، آهو ضرور سڙندو، ڪنو ٿيندو ۽ ڳڙيون پاڻ ڪيندو. پر وڻ جنهن مان پينسل ٺهي، تختو ڏم به ٿي سگهي ٿو، ۽ تختي مان پينسل ڏم به ٿي سگهي ٿي. پينسل پاڻ به سچي رهي سگهي ٿي، گهڙجي نه سگهي ٿي.

اسين ڏسون ٿا ته هنن ٻن ”تاريخن“ جي وچ ۾ هڪڙو فرق آهي. صوف جيڪو ساڳو هو سو پڇي راس ٿيو، جيڪڏهن وچ ۾ ٻي ڪا غيرمعمولي حالت ڪانه ٿي ته ــــ ۽ گل ٿي هو، جيڪو صرف ٿيو. اهڙيءَ طرح، هڪڙيءَ حالت جي موجود هئڻ مان پيون حالتون لازمي طور، اڳلي نموني (جيڪڏهن ڪا شيءِ واڌ کي روڪي نٿي)، وجود ۾ اچن ٿيون.

www.sindhsalamat.com

پينسل جي تاريخ ۾، اُن جي ابتڙ، وڻُ تختو نه به ٿي سگهيو ٿي، تختو پينسل نه ٿي سگهيو ٿي، ۽ پينسل گهڙجي به نه ٿي سگهي. انهيءَ طرح هڪڙيءَ حالت جي موجود هئڻ سان، ٻي حالت اُن کان پوءِ وجود ۾ نه به اچي ٿي سگهي.

جيڪڏهن پينسل جي تاريخ پنهنجي سڀني حالتن مان پار پوي ٿي، ته اُهو ڪنهن ٻاهرين، ڌارينءَ، دخلڪاريءَ سبب. صوف جي تاريخ ۾ اسين حالتون ڪڍندي ڏسون ٿا، جيڪي هڪٻئي پٺيان وجود ۾ اچن ٿيون ـــ هڪ مان نڪرندي، ٻيي، وغيره. اهو حالتن جو هڪٻئي منجهان روان ٿيندي اچڻ، اينگلس جنهن "ٿيڻ" جي ڳالهه ڪري ٿو، اُن مطابق ٿئي ٿو. پينسل سان حالتون آهي ئي لڳولڳ آهن، پر هڪٻئي منجهان روان نٿيون ٿين. صوف هڪ فطرتي سلسلو (Process) قائم رکي ٿو.

٣. سلسلو (The Process)

(هيءُ لفظ Process اصل ۾ لاطينيءَ ٻوليءَ جو هڪ لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: واڌ، قدم قدم واڌ، وڌڻ جي حقيقت) *

سائو صوف لازمي طور ڇو پچڻ گهرجي؟ اُن ۾ اندر جو ڪجهه آهي، انهيءَ ڪري. اُن جي اندروني ڳنڍ ڳوپ ۽ پيچ تاب ڪري، جيڪو اُن کي پچڻ ڏانهن اُڌمائي ٿو، اِن ڪري، جو اُهو پچڻ کان اڳ ئي صوف هو، جيڪو پچڻ کان پوئتي رهي نٿي سگهيو.

جڏهن گل کي ڦاسجي ٿو، جيڪو هڪ صوف ٿيڻو آهي، پوءِ اُن جي ڪچي سائي صوف کي جيڪو پچڻو آهي، ته ڏسجي ٿو ته هي اندروني ڳنڍ ڳوپ ۽ پيچ تاب، جيڪي صوف کي واڌ ڏانهن اُڌمائين ٿا، آهي اندروني زور جي تاءَ هيٺ ڪم ڪن ٿا، جنهن زور کي 'خود روانيت' (Auto-dynamism) ٿو چئجي، جنهن جي معنيٰ آهي: زور، جيڪو خود وجود مان، هستيءَ مان،

* لفظ "سلسلو" به ذري گهٽ اهو ئي مفهوم رکي ٿو. (مترجم)

www.sindhsalamat.com

اِيري ٿو. جڏهن پينسل اڇا تختو هڻي، ته ماڻهوءَ جي دخل جي ضرورت هئي، ته آها هڪ پينسل ٿئي، چاڪاڻ ته تختو ڀاڻ ڪي ڪڏهن به پينسل ۾ بدلائي نه سگهي ها. آن ۾ اندروني زور، آدمي، خود روانيت ڪانه هئي، ۽ انهيءَ ڪري ڪو 'سلسلو' عمل ۾ ڪونه هو. انهيءَ ڪري جيڪو "جدليات" چوي ٿو، آهو رڳي چرپر يا "تحرڪ" نه پر آدمو يا "خودروانيت" به چوي ٿو.

اسين اڳين ڏسون ٿا ته جدلياتي چرپر پنهنجي پاڻ ۾ هڪ سلسلو رکي ٿي، خودروانيت جو سلسلو، جيڪو آن جي لازمي خصلت آهي. چاڪاڻ ته هر چرپر يا تبديل جدلياتي ڪانهي. جيڪڏهن اسين هڪ مک جهليون ٿا، جنهن جو اسين جدلياتي نقطي نگاهه کان مطالعو ڪرڻ ٿا گهرون، اسين اڳين ٿا چئون ته آها سدائين اڳين نه رهندي جيئن آها آهي؛ جيڪڏهن آن کي اسين چيپاتي ڇڏيون، ته آها به واقعي آن لاءِ هڪ تبديل ڏي ڏيندي، پر ڇا، آها تبديل جدلياتي چئي سگهبي؟ نه. اسان جي 'دخل' کان سواءِ مک چيپاتجي نه سگهي ها. هيءَ تبديل، انهيءَ ڪري جدلياتي نه آهي. اِها ميڪانيڪي تبديل آهي.

انهيءَ ڪري اسان کي پوريءَ خبرداريءَ سان ڪنهن تبديل کي جدلياتي تبديل چوڻ گهرجي. اسين سمجهون ٿا ته جيڪڏهن ذرتيءَ جو وجود جاري آهي، ته سرمايه داري سماج جي جاءِ سوشلسٽ سماج کان پوءِ ڪميونزم ضرور والارينديو. اِها جدلياتي تبديل ٿيندي. پر جيڪڏهن ذرتي ڦاٽي پوي، ته به سرمايه داري نظام غائب ٿي ويندو، خود روانيت جي تبديل سان نه پر هڪ ميڪانيڪي تبديل سان.

خيالن جي، نظريي جي، هڪڙي نظام ۾ اسين ضابطي کي ميڪانيڪي ضابطو چوندا آهيون، جو ته آهو فطري ضابطو نه هوندو آهي. پر هڪڙو ضابطو خود روانيت جي سلسلي جو نتيجو هجي ٿو — سو تڏهن جڏهن پنهنجي آزاد راهه سان آهو قبوليل هجي، يعني جڏهن آهو فطري طور ماحول مان اپريل هجي. ميڪانيڪي ضابطو ٻاهران مڙهيل هوندو آهي، يعني اهڙن ڪاهيندڙن، اهڙن آمرن،

www.sindhsalamat.com

اهڙن اڪوائن جي هئڻ جيڪي سندن حڪم هيٺ آيل ماڻهن کان مختلف هوندا آهن. ان مان اسين هاڻي سمجهي سگهون ٿا ته ڪيئن هڪ غيرميڪانيڪي ضابطو خودروانيت جي سلسلي جو ضابطو، آزاد راءِ سان قبوليل ضابطو، سڀني تنظيمن جي صورت ۾، حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونهي، ڇو ته آهو انهن جي ماحول مان فطري طور اپريل نه هوندو آهي.

انهيءَ ڪري، جدليات کي ميڪانيڪي طور استعمال ڪرڻ کان اسان کي پاسو ڪرڻ گهرجي. اهو هڪ رخ آهي جيڪو اسان جي مابعدطبيعي طور تي سوچڻ جي عادت مان اپري ٿو. اسان کي طوطي وانگر هيءُ نعرو دهرائڻ نه گهرجي ته 'شيون جيئن آهن تيئن سدائين نه رهيون آهن.' جڏهن جدليات جو هڪ ڇاڙو اڻين چوي ٿو، تڏهن هن تي لازم آهي ته هو حقيقتن کي اٿلائي پٿلائي ڏسي ۽ پوريءَ جانچ جوچ ۽ تحقيق بعد معلوم ڪري ته اڳي شيون ڇا هيون، ڪيئن هيون. ڇاڪاڻ ته رڳو اڻين چوڻ ڳالهه جو، دليل جو، خاتمو ڪونهي، پر شروعات آهي تحقيق جيءِ، مطالعي جيءِ، ته ڏسي سگهجي ته اڳي صورتحال ڇا هئي.

مارڪس، اينگلس، لينن سرمايه داري نظام جي تاريخ جو پورو پورو ۽ گهڻو مطالعو ڪيو هو. هنن آن جي ننڍي کان ننڍين تفصيلن جي به تحقيقات ڪئي. انهيءَ لاءِ ته هو آن نظام جي جدلياتي تبديلين جو جائزو وٺي سگهن. لينن سرمايه داري سماج جي تبديلين بيان ڪرڻ ۽ انهن تي تنقيدي نگاهه وجهڻ لاءِ ته جيئن خاص طرح آن جي سامراجي دور جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهي، آن جي ماضيءَ جي تاريخ ۽ پڻ موجود صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ آن سلسلي ۾ بيشمار انگ اکر گڏ ڪيا ۽ ڪيئي سال لڳاتار انهن جي مطالعي تي صرف ڪيا.

جڏهن اسين خودروانيت بابت ڳالهه ڪريون، تڏهن اسان کي خيال رکڻ گهرجي ته آن کي اسين رڳو هڪ ادبي اصطلاح

www.sindhsalamat.com

بڻائي نہ ڇڏيون. اسان کي هيءَ لفظ پوريءَ سنجيدگيءَ سان ڪم آڻڻ کپي ۽ فقط انهيءَ ماحول ۾ جتي اُن جو مفهوم پوريءَ طرح سمجهي سگهجي.

آخر ۾، هڪ شيءِ جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ، ۽ انهيءَ ڏسڻ کان پوءِ ته اُن ۾ خودروانيت جي سلسلي جون کهڙيون تبديليون آيل هيون ۽ اِن ڇوڻ کان پوءِ ته کهڙي اُن قسم جي نئين تبديل اُن ۾ ڏٺي ويئي هئي، لازم آهي ته وڌيڪ اُن جو مطالعو ڪيو وڃي ته اُٿين اُها شيءِ ڇا ڪان خودروان هئي.

اهو ئي سبب آهي، اِها ئي ڳالهہ آهي، جو جدليات، تحقيقاتي عمل، ۽ سائنسون پاڻ ۾ بلڪل ايتري قدر ويجهيون ڳنڍيل آهن.

جدليات، شين جي مطالعي کان سواءِ ئي، شين جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ذريعو نہ آهي؛ اِها شين جي ابتدا ۽ اُنهن جي آخر جي تجسس ۽ تحقيق کان پوءِ، تہ آهي ڪٿان آيون آهن ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيون هيون، شين جي پوري مشاهدي ۽ پوري مطالعي جو ذريعو آهي.

---

www.sindhsalamat.com

باب ٽيون

پهريون قاعدو: ڏي وٺ جو عمل

١. سلسلن جا ڳنڍ پيچ.
٢. اوڻيهين صديءَ جون وڏيون کوجنائون.
(١) جيوگهرڙيءَ ۽ اَن جي واڌ جي کوجنا.
(٢) توانائيءَ جي تبديليءَ جي کوجنا
(٣) ماڻهوءَ ۽ حيوانن جي ارتقا جي کوجنا.
٣. تاريخي واڌ يا پيچدار واڌ
٤. نتيجو.

١. سلسلن جا ڳنڍ پيچ

اسان مٿي، صوف جي تاريخ جي نسبت سان ڏٺو ته ”سلسلو“ ڇا آهي. اچو ته هيءَ مثال وري پنهنجي اڳيان آڻيون. اسين اِها جانچ ڪري چڪا آهيون ته صوف ڪٿان آيو ۽ پنهنجي جانچنا ۾، اسان کي موٽي وڻ تائين وڃڻو پيو هو. پر جانچنا جي هن سوال ۾ خود وڻ به اچي وڃي ٿو. صوف جو مطالعو اسان کي وڻ جي شروعاتي دؤرن ۽ حالتن جي مطالعي ڏانهن به وٺي وڃي ٿو. وڻ ڪٿان آيو؟ صوف مان. آهو صوف مان اسريو، جيڪو پٽ تي ڪري پيو، سڙيو، مٽيءَ ۾ ڪنو ٿيو ۽ جنهن اُتي ڦُٽي، سلهي کي جنم ڏنو. ۽ اِها ڳالهه اسان کي مٽيءَ ڏانهن وٺي ٿي

www.sindhsalamat.com

اچي، ۽ حالتون جن ۾ صوف جون ڳڙيون ڦٽي سگهن ٿيون، ۽ هوا، سج، وغيره، جا اثر، وغيره — انهن ڳالهين جي جانچنا ۽ تحقيق ڏانهن. اهڙيءَ طرح، صوف جي مطالعي کان شروعات ڪندي، اسين مٽيءَ جي تپاس تائين پهچي وڃون ٿا — صوف جي سلسلي کان ٿيندي، وڻ جي سلسلي تائين، جيڪو سلسلو پنهنجيءَ پٺر ۾ اسان جي جانچنا کي وري مٽيءَ جي سلسلي سان وڃي ٿو ملائي. اِئين اسان وٽ هي ”سلسلن جا ڳنڍپيچ“ آهن. ۽ اِها ڳالهه اسان کي جدليات جي ٻئي قاعدي — ڏي-وٺ جي عمل — جي توصيف ۽ مطالعي ڏانهن وٺي ٿي اچي. هتي پهرين اچو ته سلسلن جي ڳنڍپيچ جو هڪ پيو مثال وٺون — ”پئرس جي مزدورن جي يونيورسٽيءَ“ جو مثال.

جيڪڏهن اسين هن اسڪول جو جدلياتي نقطي‌نگاهه کان مطالعو ڪنداسين، ته جانچينداسين ته آهو ڪٿان آيو آهي، ۽ آن جو پهريون جواب هوندو: ۱۹۳۲ع جي سرءُ جي موسم ۾ ڪامريڊن جي هڪ ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پئرس ۾ مارڪسزم جي مطالعي لاءِ مزدورن جي هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي. پر هن ڪاميٽيءَ کي مارڪسزم جي مطالعي جو خيال ڪيئن آيو؟ ظاهر آهي ته اِنهيءَ ڪري، جو مارڪسزم موجود آهي. پر پوءِ هيءُ مارڪسزم ڪٿان آيو آهي؟

اسين ائين ڏسون ٿا ته جانچنا جا سلسلا اسان کي وڌيڪ تفصيلي ۽ اصلي مطالعن ڏانهن وٺي ٿا وڃن. هيءَ جانچ ڪندي ته مارڪسزم ڪٿان آيو آهي، اسان کي معلوم ٿيندو ته هيءُ متتُ پورهيت طبقي جو خاص شعور آهي؛ ائين پوءِ پڇي سگهبو ته پورهيت طبقو به موجود آهي؟ (البت اِن جواب جي ”هائو“ يا ”نه“ جو آڌار اِنهيءَ تي هوندو ته ماڻهو مارڪسزم جي فائدي ۾ آهي يا خلاف)؛ ۽ پوءِ اسين وري هيءُ سوال پڇنداسين: پورهيت طبقو ڪٿان ٿو اچي؟

www.sindhsalamat.com

اسان کي چاڻ آهي ته اِها هڪ اقتصادي سرشتي جي پيداوار آهي، جنهن کي ’سرمايه داري‘ ٿو چئجي. اسين هي به ڄاڻون ٿا ته سماج جي طبقن ۾ تقسيم ۽ طبقاتي جدوجهدُ، جيئن اسان جا دشمن غوغا ڪن ٿا، مارڪسزم مان پيدا نه ٿيو آهي، پر، اُن جي ابتڙ، مارڪسزم، پنهنجيءَ اُن ڳالهه ۾ جيڪا سماجي مسئلن سان لاڳاپيل آهي، طبقاتي جدوجهد جي وجود کي تسليم ڪري ٿو ۽ اُن جي اڄڪلهه زور جو بنياد پورهيت طبقي ۾ موجود ڏسي ٿو.

اِئين، سلسلي کان سلسلي ڏانهن وينديءَ، اسين سرمايه داري نظام جي وجود جون جيڪي حالتون آهن، تن جي جانچنا جي سوال تائين پهچون ٿا. ۽ اهڙيءَ طرح اسان جي اڳئين سلسلن جو ڳنڍ ٻيچ نروار ٿي پيهي ٿو، جيڪو ڏيکاري ٿو ته هرڪا شيءِ هرڪنهن شيءِ تي اثر وجهي ٿي. اِنهيءَ کي ”ڏي-وٺ (هڪٻئي جي موٽ) جي عمل جو قاعدو“ چئجي ٿو.

هن صوف جي مثال ۽ مزدورن جي يونيورسٽيءَ جي مثال کي پوري ڪرڻ لاءِ، اچو ته ڏسون ته هڪ مابعدطبيعي ذهن رکندڙ اُنهن جي ”ڪٿان؟“ واري سوال کي ڪٿي ڇڏي ها. صوف جي مثال ۾، هو فقط اِئين سوچي ڳالهه کي ڇڏي ڏئي ها ته ”صوف وڻ مان اچي ٿو.“ اِن کان اڳتي هو وڌي ئي ڪين ها.

مزدورن جي يونيورسٽيءَ جي سلسلي ۾، اُن جي شروعات متعلق اِئين چئي هو خوش ٿي ويهي ها ته اُها ماڻهن جي هڪڙي ٽولي جي قائم ڪيل هئي، جن ”فرينچ عوام کي برغلائڻ ٿي گهريو.“

پر هڪ جدلياتي ڇاڻو عمل جي سچي اُها سلسليبندي ڏسي ٿو، جيڪا هڪ حالت ۾ صوف پيدا ٿي ڪري؛ ۽ ٻيءَ حالت ۾ مزدورن جي يونيورسٽي، هو مخصوص حقيقت کي، خاص ڳالهه کي، وسيع سچ سان ملائي ٿو. هو صوف کي وڻ سان ڳنڍي

www.sindhsalamat.com

ٿو، ۽ پوءِ وڏي پوڻتي وڃي ٿو، پوڻتي فطرت ڏانهن. صوف رڳو وڻ جو ئي ميوو نه آهي، پر سڄيءَ فطرت جو "ميوو" پڻ آهي.
مزدورن جي يونيورسٽي رڳو پورهيت طبقي جو ئي "ميوو" نه آهي، پر سرمايه داري سماج جو، سڄيءَ انساني تاريخ جو، "ميوو" پڻ آهي.

اسين اڳين ڏسون ٿا ته مابعدطبيعي شخص جي ابتڙ، جيڪو دنيا کي اڻبدل شين، مقرر شين، جو هڪ ميڙ' يا مجموعو تصور ٿو ڪري، جدلياتي چاڻو دنيا کي سلسلن جو هڪ ميڙ يا مجموعو سمجهي ٿو، جو ته اُن کي هو اُئين ڏسي ٿو. ۽ جيڪڏهن جدلياتي نقطي نگاهه فطرت ۽ سائنس بابت صحيح آهي، ته سماج بابت به اُها صحيح آهي.

"جانچ جوئنچ ۽ سوچ جو پراڻو طريقو، جنهن کي هيگل 'مابعدطبيعي' سڏي ٿو، جنهن شين کي اُئين ڏسڻ تي چاهيو چڻ آهي بيٺل ۽ مقرر هيون، اُن ۾، پنهنجي وقت جي لحاظ کان، ڪافي ڪجهه تاريخي سچائي هئي" (اينگلس، "فيورباخ".)

اُنهن ڏوُرن ۾، هر شيءِ جو ۽ سماج جو مطالعو هو اُئين ڪندا هئا، چڻ هر شيءِ ۽ پڻ سماج' مجموعي طور کي "بيٺل، بدل، مقرر" شيون هئا يا شين جا ٺهيل مرڪب هئا، جيڪي نه رڳو ڪڏهن ڪونه ٿي بدليا، پر، خصوصاً سماج جي حالت ۾، ڪڏهن به گهڻ ٿيڻ وارا نه هئا.

اينگلس اسان جي آڏو هيءُ هڪ "وڏو بنيادي خيال" پيش ڪري ٿو ته،

"دنيا کي ٺهيل ڏڪيل شين جو هڪ مرڪب نه پر سلسلن جو هڪ مرڪب سمجهڻو آهي، جنهن ۾ شيون جيڪي ظاهري طور اُئين ٿي بيٺل ۽ ڪٽل ڏسجن ٿيون جيئن اسان جي مٿي ۾ اُنهن جا ذهني عڪس يا تصور بيٺل معلوم ٿين ٿا، لڳاتار وجود ۾ اچڻ ۽ گم ٿي وڃڻ جي هڪ سگهاري ۽ بي روڪ تبديلي جي عمل ۾ مصروف آهن، جنهن جي نتيجي

www.sindhsalamat.com

۾، سيني ظاهري ڏسجندڙ حادثن ۽ سيني وقتي واپسين ۽ پوئتاڻين جي باوجود، حقيقتاً سدائين هڪ پيش قدم واڌ جوئي اظهار ٿيندو رهي ٿو.“ (اينگلس، ”فيورباخ“.)

اِئين سرمايه داري سماج کي پڻ ٺهيل ٺڪيل شين جو هڪ مرڪب هرگز سمجهڻ نه کپي، پر، اُن جي ابتڙ، اُن جو پڻ سلسلن جي هڪ مرڪب طور ٿي مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.

مابعدطبيعي عالم مڃين ٿا ته سرمايه داري سماج سدائين وجود ۾ ڪونه هو، ۽ چون ٿا ته اُن جي برابر هڪ تاريخ آهي، پر هو دعوا ڪن ٿا ته اِن سماج جي وجود ۾ اچڻ سان سماج پنهنجي ارتقا پوري ڪري چڪو آهي ۽ اڳتي اهو اِئين ئي ”پائدار“ ۽ ”محڪم“ رهندو. هو سيني شين کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي ”ٺهيل ٺڪيل“ سمجهن ٿا، اُنهن کي هو نئين هڪ سلسلي جي ابتدا، تبديل جي سلسلي جي هڪ عارضي حالت، طور نٿا مڃين. خدا جي هٿان دنيا جي تخليق جي ڪهاڻي دراصل هنن جي طرفان سمجهائي آهي اِن ڳالهه جي ته هن دنيا کي هو ٺهيل ٺڪيل شين جو هڪ اچل ۽ اڻ مٽ مرڪب سمجهن ٿا. هرروز خدا پنهنجو هڪ مقرر ڪم پورو ٿي ڪيو: هن پوٽا ۽ جانور ڏاهيا ۽ ماڻهو ڏاهيو — سڄي جا سڄا، جيئن هاڻي آهن، بلڪل اِئين: اِهو ئي سندن ”پائداريت“ يا ”محڪمتا“ جو نظريو آهي.

جدليات شين جي توڙڪ اُن جي ابتڙ نموني ڪري ٿي. اُها شين کي ڄميل يا ڪٽيل نه پر متحرڪ سمجهي ٿي. جدليات لاءِ ڪابه شيءِ نهي پوري ٺيل ڪانهي؛ اُن لاءِ هر شيءِ جنهن به صورت ۾ آهي اُن ۾ اُها شيءِ هڪ سلسلي جي پڇاڙي ۽ ٻئي جي شروعات جي حالت ۾ آهي — سدائين اُها بدلبي ٿي رهي، سدائين اُها وڌندي ٿي رهي. اِنهيءَ ٿي ڪري، اسان کي سرمايه داري سماج جي تبديل ٿيڻ ۾ اُن جي جاءِ تي سوشلسٽ سماج جي اچڻ ۾ ايترو يقين آهي — ڇاڪاڻ ته ڪابه شيءِ

www.sindhsalamat.com

پورنيءَ طرح مڪمل نه آهي: هر شيءِ ۾ واڌارو هميشه واقع ٿيندو ئي رهندو.

پر هيتي اسان کي هيءَ خاص ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جدليات کي اسين اهڙي ڪا اٽل ۽ خودڪار چيز هرگز نه سمجهون، جو ڪنهن کي اهو نتيجو ڪڍي اسان کي چرڻو پوي ته ”اوهين ته دعوا ٿا ڪريو ته جيڪا تبديل اوهين چاهيو ٿا آها ضرور اچڻي آهي، ته پوءِ اوهين اُن جي آڻڻ لاءِ ايڏي جفاڪشي ڇو ٿا ڪريو؟“ چاڪاڻ ته، جيئن مارڪس چيو، ”سوشلزم جي جڙ لاءِ دائي ضروري آهي“، اِنهيءَ ڪري اُن لاءِ انقلاب جي اشد ضرورت آهي. پر، وري به، ڳالهه ايڏي سادي ۽ سولي ڪانهي. هن ۾ اُنهن ماڻهن جي ڪردار کي هرگز وسارڻ نه کپي، جيڪي هن تبديل کي تيز ڪري سگهن ٿا يا روڪي سگهن ٿا (اسين هن ڳالهه تي هن ڀاڱي جي پنجين باب ۾ وري ويچار ڪنداسين، جڏهن تاريخي ماديت جو ذڪر ڪنداسين).

هن مهل جنهن ڳالهه جو بيان ڪري رهيا آهيون آها آهي سلسلن جي ڳنڍ پيچ جي حقيقت جي ڳالهه، جيڪا شين جي اندروني زور، آدمي (خود روانيت) جو نتيجو آهي. جدليات لاءِ، جيئن اسان متي چيو، **ڪابه شيءِ پوري جي پوري ڏٺل نه آهي.** شين جي واڌ ۾ ڪوبه آخري مرحلو ڪونهي. دنيا ۾ هڪ ناٽڪ جي پوري ٿيڻ سان ٻئي ناٽڪ جو پهريون ڏيک شروع ٿي وڃي ٿو.

۳. اوڻيهين صديءَ جون وڏيون ڪوجناڻون

اسان کي خبر آهي ته جيڪي ڳالهيون مابعدطبيعي سوچ جي ڪمزوريءَ جو سبب بڻيون، ۽ جن سائنسدانن کي، ۽ پوءِ مارڪس ۽ اينگلس کي، شين تي اُنهن جي جدلياتي تحرڪ جي حالت ۾ ويچار ڪرڻ تي مجبور ڪيو، آهي اوڻيهين صديءَ جون

www.sindhsalamat.com

حاصل ڪيل ڪوجنائون هيون. اهڙيون سڀ ڪان متيريون ٿي ڪوجنائون ان دور جون چئي سگهجن ٿيون، جن جو خاص ذڪر اينگلس به پنهنجي ڪتاب "لدوگ فيورباخ" ۾ ڪيو آهي، جيڪي جدليات کي اڳتي ڪرڻ لاءِ ذميدار هيون:

(١) جيوگهرڙي ۽ ان جي واڌ جي ڪوجنا۔

هن ڪوجنا کان اڳ "پائداريت" يا محڪمتا کي شين تي سوچ ويچار جو بنياد مڃيو ويندو هو. جنسن کي، ذاتين کي، هڪٻئي کان علحده سمجهيو ويندو هو. ان کان به وڌيڪ، حيوانن جي دنيا کي نباتات جي دنيا کان بلڪل علحده ۽ الڳ شمار ڪيو ويندو هو. ۽ پوءِ هيءَ ڪوجنا سامهون آئي، جنهن ارتقا جي خيال کي مخصوص شڪل ڏني، جيڪو ارڙهين صديءَ جا مفڪر ۽ سائنسدان اڳي ئي پيش ڪري چڪا هئا. هن ڪوجنا وسيلي اسان ئي اها ڳالهه سمجهائي ويئي ته حياتي (جڙيوت) موتن ۽ جنمن جي هڪ ڊگهي قطار، اڪٽ لاڳيتائي، آهي، ۽ هر جيئرو وجود جيوگهرڙن جو هڪ ميلُ يا سنگُ آهي. هن مشاهدي حيوانن ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ ڪا وڏي ڀيڻل ڪانه ڇڏي، ۽ ائين "پائداريت"، "يڪجائيت"، (Fixism)، جي مابعدطبيعي تصور کي ختم ڪري ڇڏيو.

(٢) توانائيءَ جي تبديليءَ جي ڪوجنا۔

اڳي سائنسن جو خيال هو ته، مثال طور، آواز، حرارت ۽ روشني هڪٻئي کان الڳ الڳ شيون هيون. هاڻي اها ڳالهه معلوم ڪئي ويئي ته هي سڀئي ۽ ٻيا فطرت جا منظر تبديل ڪري، هڪ کي ٻئي جي صورت ۾ آڻي سگهياسون ٿي، ۽ جيئن باحيات فطرت ۾ تيئن خود بيجان، سيتلُ، ماديءِ ۾ به واقعي سلسلن جا ڳنڍ پيچ موجود هئا. هن انڪشاف به مابعدطبيعي سوچ کي وڏو ڌڪ هنيو.

www.sindhsalamat.com

(۳) ماڻهوءَ ۽ حيوانن جي ارتقا جي ڪڙا.

اينگلس چوي ٿو تہ ڊارون ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سيئي جيئرين شين تمام ننڍڙن جيوڙن جي اوسر جي هڪ طويل سلسلي جا نتيجا آهن جيڪي جيوڙا شروع ۾ هڪ گهرڙا هئا؛ اهي سموڙا جيوَ هڪ جيوَ گهرڙي مان شروع ٿيل هڪ طويل سلسلي جي پيداوار آهن.

هنن انڪشافن جي بنياد تي اينگلس هن نتيجي جو اعلان ڪيو تہ هنن ٽن وڏين ڪوجنائن جي اِها پلائي آهي، جو اسين فطرتي مناظرن جي ڳنڍ پيچ جو نہ رڳو الگ الگ دائرن جي اندر پر مختلف دائرن جي وچ ۾ پڻ مشاهدو ڪري سگهون ٿا.

مطلب تہ اِهو سائنسن جي ڪري ئي هو، جو هن ٻئي قاعدي جي نوعيت ممڪن ٿي سگهي، جنهن کي "ڏي-وٽ جي عمل جو قاعدو" چيو وڃي ٿو.

نباتات، حيوانات ۽ معدنيات جي دنيائن جي وچ ۾ ڪو ويڇو يا سنڌو ڪونهي. پر فقط سلسلا آهن — هر شيءِ ٻين شين سان ڳنڍيل آهي. ۽ اِها ڳالهہ سماج لاءِ بہ اهڙي ئي صحيح آهي. انساني تاريخ ۾ ڪيئي سماجي نظام موجود ٿِي رهيا آهن، انهن کي بہ سلسليبندين جي هڪ قطار يا جلوس طور ٿي ويچار هيٺ آڻي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هر نظام لازمي طور پنهنجي اڳ واري نظام مان ئي اُسري مٿي ايندو ٿي رهيو.

انهيءَ طرح، اسان کي سائنس، فطرت ۽ سماج کي ڪڙو ڪڙي ۾ مليل سلسلن جي هڪ ئي زنجير سمجهڻ گهرجي، جن جي اڳتي ڇورينڌڙ قوت جيڪا انهن جي ترقيءَ ۽ واڌ کي ممڪن بنائي ٿي ۽ اُن لاءِ ذميوار آهي، اُهو سندن خودروانيت (Auto-dynamism) جو زور آهي، جيڪو منجهن موجود آهي.

www.sindhsalamat.com

٣ تاريخي واد يا پيچداري واد

هن سلسلي کي سمجهڻ لاءِ، جنهن کي چاٽڙ ُ هاڻي اسان شروع ڪيو آهي، اسان کي ڳالهه تي وڌيڪ اونهو ويچار ڪرڻو پوندو. ۽ اُن لاءِ صوف جي مثال کي هڪ دفعو وري ٿا کڻون، جيڪو اسان ڏٺو ته عمل جي ڪڙو ڪڙي ۾ مليل ساسان جو ئي نتيجو آهي. صوف ڪٿان ٿو اچي؟ صوف وڻ مان ٿو اچي. وڻ ڪٿان ٿو اچي؟ صوف مان. اِن مان اسين ائين سمجهي ويهنداسين ته اِها چڻ هڪ 'ڪاري' دائري يا 'ٻوهه' جي ليڪي' واري ڳالهه آهي، جنهن مان ٻاهر نڪرڻ ئي محال آهي، ڇو ته اُن ۾ اسين وري وري اُنهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي اچي ٿا پهچون جتان شروع ڪيو هوسين! وڻ، صوف، وڻ، ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن اسين آني ۽ ڪڪڙ جو مثال وٺنداسين، ته به اِها ئي ڳالهه ٿيندي. آنو ڪٿان ٿو اچي؟ ڪڪڙ مان. ڪڪڙ ڪٿان ٿي اچي؟ آني مان. جيڪڏهن شين تي اسان اِئين ٿا ويچار ڪريون، ته اسان کي ڪو 'سلسلو' ڪونه ٿو ملي، پر فقط 'ڪارو' گول يا 'ٻوهه جو جو پيڙ'' ملي ٿو؛ ۽ اِنهيءَ ئي گولائين چڪر جي ڳالهه ''دائمي ڦيري'' يا ''آدي چڪر'' جو تصور پيدا ڪيو، جنهن جي معني آهي ته اسين سدائين، وري وري، ساڳئي هنڌ پيا ايندا سين، جتان پهريائين نڪتا هئاسين.

پر اچو ته ڏسون ته مسئلي جي اصل صورت ڇا آهي.

(١) هيڏانهن هيءُ صوف آهي.

(٢) هين صوف جي ڪني ٿيڻ يا وڙڻ ڪان پوءِ، اُن مان وڻ ُ يا وڻ ٌ آسرياءِ.

(٣) هر وڻ ُ صوف ُ نه پر صوف ٌ ڏئي ٿو.

اِنهيءَ ڪري اسين موٽي ساڳئي شروع واري نقطي تي ڪونه ٿا پهچون جتان روانا ٿيا هئاسين؛ اسين صوف وٽ واپس برابر اچون ٿا پر هڪ ٻيءَ سطح تي آڻي اچوز ٿا.

www.sindhsalamat.com

ساڳيءَ طرح، جڏهن وڻ کان شروع ٿا ڪريون، ته صورت هيءَ ٿي بيهي:

(١) هڪڙو وڻ جيڪو ڏئي ٿو

(٢) ميوا ۽ اهي ميوا پيدا ڪندا.

٣ وڻ.

هتي پڻ اسين واپس وڻ وٽ پهتاسين، پر هڪ ٻيءَ سطح تي. ٻين انيڪ ڳالهين سان گڏ، اِئين اسان جو نقطي نگاهه به وسيع ۽ گهيرو ٿي وڃي ٿو.

اِنهيءَ طرح اسين 'ڪاري' چڪر ۾ اٽڪيل نه آهيون، جيئن ظاهري طور اِنهن مثالن کي ڏسندي اسين سمجهڻ تي آماده ٿي ٿيا سين: اصل ۾، اسين واڌ يا ترقيءَ جي هڪ سلسلي سان جڙيل آهيون، جنهن کي اسين تاريخي واڌ يا تاريخي ترقي ٿا سڏيون. تاريخ ڏيکاري ٿي ته وقت، سواءِ ڪنهن نشان ڇڏڻ جي، ڪونه ٿو گذري. وقت گذري ٿو پر ساڳيون ڳالهيون ڪونه ٿيون موٽن. دنيا، فطرت ۽ سماج تاريخي ترقيءَ يا واڌ جي هڪ صورت آهي، جنهن کي "پيچدار (گولائين، چوڙيدار)" (Spiral) واڌ چئجي ٿو.

هيءَ "پيچدار واڌ" جو اصطلاح اسان اِنهيءَ ڪري استعمال ڪيو آهي ته اُن سان هڪ ڳالهه واضح ٿئي. اِها هڪ تشبيهه آهي، جنهن جي مراد هِن حقيقت جو اظهار آهي ته شيون اُسرن ٿيون، وڌن ٿيون، ارتقا ڪن ٿيون، هڪ دائرائي يا چوڙيدار سلسلي سان، گولائينءَ سِڙهيءَ جي سلسلي سان، پر آهي روانگيءَ واري نقطي تي هرگز موٽي ڪونه ٿيون اچن: آهي اُن کان ڪجهه مٿيري، ٻيءَ هڪ سطح تي موٽن ٿيون؛ ۽ اِئين اُنهن جو سلسلو جاري رهي ٿو ـــ جنهن کي "چڙهندڙ پيچداري سلسلو" به سڏيو ويو آهي. اِنهيءَ ڪري دنيا، فطرت ۽ سماج سڀني جي هڪ تاريخي ترقي يا واڌ (پيچدار سلسلي سان) ٿئي ٿي، ۽ اسان کي وري به وسارڻ نه کپي ته هِن واڌ جي محرڪ قوت "خود روانيت جو زور" ئي آهي.

www.sindhsalamat.com

٤. نتيجو

جدليات متعلق هنن پهرين ٻابن ۾ اسان ٽن پهرين قاعدن جو مطالعو ڪيو ـــ هڪڙو "تبديل جي قاعدي" جو ۽ ٻيو "ڏي وٺ جي عمل جي قاعدي" جو. هي مطالعو اسان لاءِ اڳتي "تضاد جي قاعدي" جي سمجهڻ لاءِ ازحد ضروري هو: ڇاڪاڻ ته آهو ئي قاعدو آهي، جنهن جو مطالعو اسان تي آنهن قوتن جي حقيقت واضح ڪندو، جيڪي جدلياتي تبديل پيدا ڪن ٿيون ـــ "خود روانيت" جي عمل جو محرڪ زور به آهي ئي آهن.

جدليات جي مطالعي جي پهرئين باب (ص ص ١٦٤-١٦٩) ۾ اسان معلوم ڪيو ته ڪهڙا آهي سبب هئا، جو هي نظريو تاريخ جو ايڏو ڊگهو عرصو مابعدطبيعي نظريي جي غلبي هيٺ دٻيو رهيو، ۽ ڇو خود ارڙهين صديءَ جيماديت به مابعدطبيعي اثر جو شڪار رهي. هاڻي، اوڻيهين صديءَ جي ٽن وڏين کوجنائن جي تڪڙي تڪڙي جائزي وٺڻ ڪان پوء، جن ماديت کي آسرڻ ۽ جدلياتي صورت اختيار ڪرڻ جو موقعو ڏنو، اسين بهتر طريقي سان سمجهي سگهون ٿا ته اسان لاءِ پهريائين هن فلسفي جي هيٺين ٽن وڏن دورن جو مطالعو ڇو ضروري هو: پهريون دؤر ـــ قديم دؤر جي ماديت (آئن جو نظريو)؛ ٻيو دؤر ارڙهين صديءَ جي ماديت (ميڪانيڪي ۽ مابعدطبيعي)؛ جيڪو آخرڪار آن جي ٽئين دؤر، جدلياتي ماديت، جو سبب بنيو.

اسين ائين چئي آيا آهيون ته ماديت سائنس جي ڏي ڄائي آهي ۽ آن جو سڄو مدار سائنس تي ئي آهي. هينئن ٽن ٻابن جي پڙهڻ ڪان پوء ڏسي سگهون ٿا ته اها ڳالهه واقعي ڪيتري قدر نه صحيح آهي! اسان جدلياتي تحرڪ ۽ تبديل ۽ آن ڪان پوء "ڏي وٺ جي عمل جي قاعدي" جي هن مطالعي مان پڻ ڏٺو ته ماديت جي سڄي سوچ، ان جا سمورا دليل دلائل سائنس جي بنياد تي ٻڌل آهن.

www.sindhsalamat.com

اج جڏهن سائنسي مطالعا بيحد مخصوص ٿي چڪا آهن ۽ وڏي مهارت گهرن ٿا ۽ جڏهن سائنسدانَ (عموعي طور جدلياتي ماديت کان اڻواقفيت سبب) ڪڏهن مجموعي سائنسن جي نسبت سان پنهنجي مخصوص ڪوجنائن جي اهميت کي پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهن، اِهو فلسفي جو ئي خاص ڪم ٿي سگهي ٿو، جيئن اسين متي شروع ۾ پڻ چئي آيا آهيون، ته اُهو دنيا ۽ اُن جي انتهائي عمومي، پر ساڳئي وقت بنيادي، مسئلن جي سمجهاڻي پيش ڪري: مخصوصاً اِهو جدلياتي ماديت جو ئي خاص ڪم ٿيندو ته آها هرهڪ سائنس جي سڀني خاص ڪوجنائن کي گڏ ڪري، اُنهن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري، ۽ اُئين هڪ اهڙي جامع نظريي کي تشڪيل ڏئي، جو اُن سان اسين، جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ، جيئن ڊيڪارٽي چوندو هو، ”فطرت جا مالڪ ۽ ماهر“ ٿي سگهون.

---

www.sindhsalamat.com

باب چوٿون

ٽيون قاعدو: تضاد

١. حياتي ۽ موت.
٢. شيون پاڻ کي پنهنجي مخالف صورتن ۾ تبديل ڪن ٿيون.
٣. اثبات (هائوڪار)، نفي (ناڪار)، ۽ نفيءَ جي نفي (ناڪار جي ناڪار).
٤. مادي جو جوهر.
٥. ضدن جو اتحاد (ابتڙن جو ايڪو).
٦. غلطيون جن کان بچڻ گهرجي.
٧. جدليات جا عملي نتيجا.

اسين ڏسي چڪا آهيون ته جدليات شين کي سدائين بدلجندڙ، لڳاتار اسرندڙ، ارتقا ڪندڙ، هڪ لفظ ۾ چئجي ته جدلياتي تحرڪ ۾ سدا مصروف، ڏسي ٿي ۽ اهو جدليات جو پهريون قاعدو آهي. هيءُ جدلياتي تحرڪ ممڪن انهيءَ ڪري آهي، جو هر شيءِ، جنهن گهڙيءَ اسين اُن جو مطالعو ڪريون ٿا، فقط سلسلن جي ڪڙيبنديءَ يا ڳنڍ پيچ جو ڏي نتيجو آهي — يعني اهڙين حالتن جي لڳ لاڳاپي ۽ ڳنڍ پيچ جو، جيڪي هڪٻئي مان اسرنديون رهن ٿيون. ۽، پنهنجي مطالعي کي اڳيرو ڪندي، اسان اهو به ڏٺو ته سلسلن جي هيءَ ڪڙيبندي، لازمي طور بڌڪ

www.sindhsalamat.com

اٿل نموني، وقت جي ڏارا سان، ترقيءَ جي، واڌ جي، هڪ تحريڪ بڻجي ٿي — ”باوجود وقتي ۽ عارضي روڪن، اٽڪائن ۽ پٺ پوئتي هٽڻ جي.“

اسان هن واڌ کي هڪ تاريخي يا پيچدار (گولائين سيڙهيءَ واري) واڌ سڏيو آهي، ۽ اسان کي خبر آهي ته هيءَ واڌ هيءَ ترقي، خود روانيت جي پيداوار آهي. هن خود روانيت جا ڪهڙا قاعدا آهن؟ ڪهڙا قاعدا آهن، جيڪي حالتن کي هڪٻئي مان اٿين آزمائين ٿا، اٿين اُڀارين ٿا؟ اهي آهي قاعدا آهن، جن کي ”جدلياتي تحرڪ جا قاعدا“ سڏجي ٿو.

جدليات سيکاري ٿي ته شيون مدامي نه آهن: آهي شروع ٿين ٿيون، جوين ۾ اچن ٿيون، پوڙهيون ٿين ٿيون ۽ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ختم ٿين ٿيون. سڀ شيون اِنهن حالتن مان لنگهن ٿيون: جم، جوين، پوڙهپڻ ۽ پڄاڻي. اٿين ڇو آهي؟ شيون مدامي ڇو نه آهن؟

اِهو اسان جي آڏو هڪ قديم سوال آهي، جيڪو هميشه انسان ذات جي جذباتي دلچسپيءَ جو سبب رهيو آهي. اسان کي ضرور مرڻ ڇو گهرجي؟ هن ضرورت کي سمجهي نه سگهڻ ڪري، ماڻهن سڄيءَ تاريخ ۾ ابدي حياتيءَ جو خواب لڌو آهي، ۽ صورتحال کي بدلائڻ لاءِ رٿائون ۽ طريقا پئي سٽيا ۽ سوچيا آهن — مثلاً وچين دؤر ۾ جادوءَ جا اسم، منتر ۽ نقش، ۽ ڪيميا جا نسخا (سدا جوان يا جيئري رهڻ جو معجونون، خوراڪون، ميوا) ۽ آب حيات جا قصا، وغيره. ته اٿين، جيڪا شيءِ جمي ٿي، سا مرڻ تي مجبور ڇو آهي؟ هيءُ هڪ وڏو جدلياتي قاعدو آهي، جنهن کي مابعدطبيعات جي مقابلي ۾ سمجهڻ ضروري آهي.

١. حياتي ۽ موت

مابعدطبيعي نقطي نگاهه کان، شين کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ الڳتا ۾ ڏٺو وڃي ٿو، پنهنجي پنهنجي ذاتي حوالي سان؛ ۽ جيڪڏهن ته مابعدطبيعات شين جو مطالعو اٿين ڪري ٿي، اِنهيءَ ڪري

www.sindhsalamat.com

آها اُنهن تي فقط هڪ پاسائين رستي سان سوچي ٿي. اِنهيءَ ڪري ٿي، اُنهن لاءِ جيڪي اِئين شين کي فقط هڪ پاسي کان ڏسن ٿا، جئي سگهجي ٿو ته آهي مابعدطبيعي آهن. مطلب ته جڏهن ڪو مابعدطبيعي شخص فطرت جي اِن سٽاءَ کي چڪاسي ٿو، جنهن کي اسين حياتي چئون ٿا، ته هو اُن کي ٻئي ڪنهن سٽاءَ سان ملائي، ائين ڪونه ٿو ڪري. هو حياتيءَ کي، جيئن پنهنجي ذات ۾ آها پاڻ آهي ۽ پاڻ تائين آهي، فقط ائين هڪ رخ سان چڪاسي ٿو، هو اُن کي رڳو اُن جي هڪ پاسي کان ڏسي ٿو. جيڪڏهن هو موت جي چڪاس ڪري ٿو، ته آها به هو ائين ڪري ٿو، پنهنجي هڪ پاسائين نقطيءِ نگاهه کان؛ ۽ پوءِ آخر ۾ ائين ئي پڌائيندو ته ”حياتي حياتي آهي ۽ موت موت“. ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه به مشترڪ يا ساڳيو ڪونهي، ماڻهو ساڳئي وقت جيئرو به هجي ۽ مئل به ائين نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته حياتي ۽ موت ٻه مخالف شيون آهن، هڪٻئي کان بلڪل ابتڙ.

شين کي اِنهيءَ نموني چڪاسڻ جي معنيٰ ته اُنهن کي بلڪل ئي سٺاچري نموني چڪاسڻ. جيڪڏهن ماڻهو اُنهن کي ڪجهه وڌيڪ ڌيان سان چڪاسڻ گهري ٿو، ته فوراً هن کي ائين ڏسڻ ۾ ايندو ته اُنهن کي هڪٻئي جي بلڪل ئي مدمقابل يا آمهون سامهون نٿو بيهاري سگهجي، ڇاڪاڻ ته موت نيٺ به جيئريءَ شيءِ مان اُيري ٿو، ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اُنهن کي بلڪل ئي الڳ به نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته تجربو پڌائي ٿو ۽ حقيقت به ائين ڏيکاري ٿي ته موتُ حياتيءَ کي جاري رکي ٿو ۽ حياتي؟ ڇا آها موت مان اُيري سگهي ٿي؟ هائو، اُيري سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته، مثال طور، مئل جسم جا عنصر بدلجن ٿا ۽ ٻين حياتين کي جنم ڏين ٿا، ۽ پڻ ڌرتيءَ جو پاڻ بنجن ٿا، جيڪا پوءِ وڌيڪ پيلي ٿئي ٿي. موت گهڻين حالتن ۾ حياتيءَ جي مدد ڪري ٿو، موتُ حياتيءَ کي جمڻ جو موقعو ڏئي ٿو؛ ۽ خود جيئرن جسمن ۾، حياتي ممڪن رڳو اِنهيءَ

www.sindhsalamat.com

ڪري آهي، جو آني آنهن جيو ڳهرڙن جي لڳاتار جاءِ-مٽ جاري آهي، جيڪي مرن ٿا ۽ نوان چاول جيو ڳهرڙا آنهن جي فوراً جاءِ وٺن ٿا. اُئين، حياتي ۽ موت لڳاتار هڪ ماں ٻئي ۾ بدلبا رهن ٿا. ۽ ، سڀني شين ۾، اسين اِهو اعليٰ قاعدو عمل ۾ ڏسون ٿا: هرهنڌ، شيون اُئين پاڻ کي بدلائي پنهنجي مخالف شين جي صورت وٺن ٿيون.*

٣. شيون پاڻ کي پنهنجي مخالف صورتن ۾ تبديل ڪن ٿيون.

جيڪڏهن اسين صحيح ۽ غلط جي ڳالهه کي جانچيون ٿا، ته اسين اُئين ٿا سمجهون ته ڇڙ ٻنهي ۾ ڪا مشترڪ شيءِ ڪانهي — صحيح صحيح آهي، غلط غلط آهي. پر اِهو نقطي نگاهه هڪ طرفو آهي، ڇو ته اِهو ٻن مخالف شين کي هڪٻئي جي سڌيءَ ۽ سخت مخالفت ۾ آڻي ٿو بيهاري — بلڪل اُئين جيئن آهو حياتيءَ ۽ موت کي آمهون سامهون، مخالفت ۾، ٿو بيهاري. ۽ آن هوندي به، جيڪڏهن اسين چئون ٿا: ”هو ڏسو، مينهن پيو وسي“، ته ڪڏهن اُئين به ٿيندو آهي، جو اسان اڃا چئي بس نه ڪئي هوندي ته مينهن اڳي ئي بند ٿي ويو هوندو. اسان جو چوڻ صحيح هو جڏهن اسان چوڻ شروع ڪيو هو، ۽ آهو پورو ٿي نه ٿيو ته ڦري غلط بڻجي ويو. (يونانين ڪافي عرصو اڳي هيءَ ڳالهه ڏسي ورتي هئي، ۽ چوندا هئا ته ”اوهين جيڪڏهن غلطيون ڪرڻ نٿا چاهيو ته اوهان لاءِ ضروري آهي ته ڪجهه به

* مابعدطبيعي چاڙو چون ٿا ته ابتڙ شيون ڪُلي طور هڪٻئي کان مخالف آهن. حقيقت، بهرحال، اسان کي ڏيکاري ٿي ته ابتڙ شيون پاڻ کي تبديل ڪن ٿيون، هڪ کان ٻيءَ جي صورت ۾، ۽ پيو ته شيون ڪڏهن به سدائين پاڻ جهڙيون ساڳيون نٿيون رهن، پر بدلجيو پنهنجي مخالف شين جهڙيون ٿي پون ٿيون.

www.sindhsalamat.com

نه چئو!“) ساڳيءَ طرح، وري اچو ته صوف جو مثال وٺون. اوهين هڪڙو پڪل صوف پٽ تي پيل ڏسو ٿا، ۽ چئو ٿا ته ”اهو پڪل صوف آهي.“ پر آهو ڪجهه وقت پٽ ۾ پيو رهيو آهي ۽، اڳي ئي، اهو سڙڻ شروع ٿي ويو هوندو، اِنهيءَ ڪري اوهان جي آها صحيح ڳالهه آئي ائين غلط ٿي رهي آهي.

سائنسون پڻ اسان کي قاعدن جا بيشمار مثال ڏين ٿيون جيڪي ڪيترا ئي سال اڳ ”پورا سچ“ سمجهيا ويندا هئا، پر ڪنهن وقت سائنسي پيشقدمين اِها خبر ظاهر ڪئي ته آهي ”غلط“ هئا. ائين اسين ڏسون ٿا ته صحيح ڳالهه بدلجي غلط ٿي پوي ٿي. پر ڇا، غلط ڳالهه به بدلجي صحيح ٿئي ٿي؟

تهذيب جي شروع ۾، خاص طرح مصر ۾، ماڻهو سمجهندا هئا ته خدائن پاڻ ۾ زور آزمائي ڪئي ٿي، انهيءَ ڪري سج اڀريو ٿي ۽ سج لٿو ٿي؛ اِها هڪ غلطي هئي — اِنهيءَ طرح، جو هنن چيو ٿي ته خدائن سج کي پٺي ڇڪيو يا ڌڪيو ۽ انهيءَ طرح هنن پئي سج کي چوريو پوريو، ۽ سائنس هاڻي اڏوگابرو اُنهن جي اُن پارائيءَ سوچ کي ’صحيح‘ ثابت به ڪيو آهي — ائين چئي ته سج پڇ به ته قوتون (Natural Forces) آهن جيڪي سج کي تحرڪ ۾ رکن ٿيون. انهيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته ڪڏهن غلط ڳالهه صحيح ڳالهه جي بلڪل ابتڙ يا ڪُلي مخالف به ڪانهي.

ائين جيڪڏهن شيون بدلجي پنهنجي مخالف شين جي صورت وٺن ٿيون، ته اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿئي؟ حياتي موت ۾ ڪيئن ٿي بدلجي؟

جيڪڏهن فقط حياتي هجي ها، سؤ في سيڪڙو حياتي، ته موت ڪڏهن به نه هجي ها، ۽ جيڪڏهن موت موت ئي هجي ها، سؤ في سيڪڙو موت، ته اهو ناممڪن هجي ها، جو اُنهن مان هڪڙي صورت بدلجي ٻي صورت ٿئي ها. پر اسين ڏسون ٿا ته

www.sindhsalamat.com

حياتيءَ ۾ اڳي ئي موت موجود آهي، ۽ انهيءَ ڪري موت ۾ به حياتي آهي.

غور سان نهاريندي، اسين ڏسون ٿا ته هڪ جيئرو وجود جيوگهرڙن جو ٺهيل آهي، اهي جيوگهرڙا نوان پيا ٿين، ۽ اهي گم ٿين ٿا ۽ ساڳيءَ جاءِ تي وري ظاهر ٿين ٿا. اهي هڪ جيئري وجود ۾ لڳاتار جيئن ٿا ۽ مرن ٿا، جنهن ۾، انهيءَ طرح، حياتي ۽ موت ٻيئي موجود آهن.

سوويت يونين ۾، مخصوص حالتن هيٺ، مثلن جسمن جو رت محفوظ ڪيو وڃي ٿو ۽ آهو ٻين جسمن ۾ رت اوتڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو: اهڙيءَ طرح مثلن جي رت سان هڪ جيئري ماڻهوءَ کي جيئرو رکي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري اسين چئي ٿا سگهجي ته موت جي گود ۾ حياتي موجود آهي.*

"انهيءَ ڪري حياتي پڻ هڪ تضاد آهي، جيڪو خود شين ۽ فطري سرشتن ۾ موجود آهي، ۽ جيڪو هردم پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ حل ڪري ٿو: ۽ جيئن ئي تضاد بند ٿو ٿئي، ته حياتي پڻ پوري ٿي ٿئي، ۽ موت پهچيو وڃي" (اينگلس، "اينٽي ڊهرنگ".)

انهيءَ ڪري شيون نه فقط "هڪ ٻئي" ۾ بدلجن ٿيون، پر آن کان وڌيڪ ڳالهه هيءَ آهي ته "هڪ شيءِ نه رڳو پاڻ آهي پر ٻي شيءِ پڻ آهي جيڪا آن جي مخالف آهي، ڇاڪاڻ ته هر شيءِ ۾ آن جي مخالف شيءِ به هجي ٿي. هر شيءِ، پنهنجي اندر ۾، هڪ ئي وقت، پاڻ کي ۽ پنهنجيءَ مخالف شيءِ کي موجود رکي ٿي. جيڪڏهن هڪڙيءَ "شيءِ کي داڙهي جي مثال

* هيءَ ويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. هيلتائين ميڊيڪل سائنسن جي داڙهي ۾ تحقيق ۽ کوجنا ڪيترين بلندين تائين پهتي آهي، اهو انساني عقل جي حاصلات جو هڪ معجزاتي داستان آهي. (مترجم)

www.sindhsalamat.com

سمجھون، ته چئي سگھون ٿا ته ھڪ قوت اُن ۾ آھي، جيڪا ڇڻ دائري جي وچين نقطي ڏانَ اُن کي ڪناريءَ طرف آڏمائي ٿي — وڏڻ لاءِ، جيئڻ لاءِ؛ ۽ ٻي قوت اُن ۾ آھي، جيڪا ڇڻ ڪناريءَ کان اُن کي وچ ڏانھن ڌُوھي ٿي — سُسَڻ لاءِ، مرڻ لاءِ.

اھڙيءَ طرح، ھر شيءِ جي اندر مخالف قوتون آھن، ضدَ آھن. ھِنن قوتن جي وچ ۾ ڇا ٿو واقع ٿئي؟ ڇڪتاڻ، ڪشمڪش، جنھن ۾ اھي پنھنجو وَسُ ڪن ٿيون. اُن ڪشمڪش جي نتيجي طور، شيءِ رکو ھڪ ٿي رخ ڏانھن ڇوريندڙ ھڪ ٿي قوت جي اثر ھيٺ ڪانه ٿي چري، پر سچ پچ مخالف رخن ڏانھن ڇوريندڙ ٻن قوتن جي اثر ھيٺ چُري ٿي — واڌ جي ھاڪاري (اثباتي رخ) ڏانھن ۽ واڌ جي نھڪاري (منفي رخ) ڏانھن، حياتيءَ ڏانھن ۽ موت ڏانھن. ٿمين جي ھِن اثبات ۽ نفيءَ جي معنيٰ ڇا آھي؟

حياتيءَ ۾ قوتون آھن، جيڪي حياتيءَ کي بحال رکن ٿيون، جاري رکن ٿيون، جيڪي حياتيءَ جي اثبات ڏانھن (ھاڪار ڏانھن، ھجڻ ڏانھن) تاڻين ٿيون. حياتيءَ ۾ اھڙيون قوتون پڻ آھن، جيڪي نفيءَ ڏانھن (نھڪار ڏانھن، مرڻ ڏانھن) تاڻين ٿيون. سيني شين ۾ ڪي قوتون اثبات ڏانھن ۽ ٻيون نفيءَ ڏانھن تاڻين ٿيون، ۽ ھن اثبات ۽ نفيءَ جي وچ ۾ ٽڪرُ آھي، ضد آھي، تضاد آھي.

جدليات اٿين ته برابر تبديل جو، ڦيرگھير جو، مشاھدو ڪري ٿي، پر شيون بدلجن ٿيون ڇو ٿيون؟ ڇاڪاڻ ته شيون پنھنجي پاڻ سان موافقت ۾ نه آھن. ڇاڪاڻ ته اُنھن جي قوتن ۾ ڪشمڪش آھي — اُنھن جي پنھنجين اَبتڙ، وروڌي يا متضاد قوتن جي وچ ۾، ڇاڪاڻ ته اُنھن ۾ ٽڪر آھي، تضاد آھي. ھيءُ جدليات جو ٽيون قاعدو آھي: **شيون بدلجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اُنھن جي اندر ۾ تضاد آھي.**

www.sindhsalamat.com

(اسين هِن ڳالهين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪافي ڪجهه ڏکين لفظن جي ڪم آڻڻ تي مجبور آهيون — جيئن ”جدلياتي“، ”خودروانيت“، وغيره. يا اهڙا اصطلاح به جيڪي روايتي منطق جي ابتڙ ڏسجن ٿا ۽ سمجهڻ ۾ به ڏکيا لڳن ٿا. پر اهو انهيءَ ڪري نه ته اسين، سرمايه پسند عالمن وانگر، ڳالهين کي منجهائيندي خوش ٿا ٿيون، پر اسين چاهيون ٿا ته هيءُ مطالعو جيتوڻيڪ ابتدائي مطالعو آهي، پر جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو اهو پورو هجي، ۽ اڳتي هلي، اسان کي مارڪس ۽ اينگلس جي فيلسوفي ڪتابن جي پڙهڻ ۾ آساني پيدا ٿئي، جن پنهنجين لکڻين ۾ اهي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن. ۽ جيئن ته اسان کي اهڙي ٻولي استعمال ڪرڻي ٿي پوي ٿي، جيڪا ڪجهه غير رواجي آهي، هِن مطالعي جي دائري ۾ اسان جي، بهرحال، ڪوشش اها ئي آهي ته ٻولي وري به اهڙي هجي، جا، ڪجهه ڪوشش سان، سڀني جي سمجهڻ لائق ٿي سگهي.)

٣. اثبات، نفي، ۽ نفيءَ جي نفي (هائوڪار، ناڪار، ۽ ناڪار جي ناڪار.)

هِتي اسان کي ضرور هڪ فرق سمجهڻ گهرجي — لفظي تضاد ۽ جدلياتي تضاد جي وچ ۾: لفظي تضاد، جنهن جي معنيٰ آهي ته جڏهن اوهان کي ڪو چوي ”هائو“، ته اوهين جواب ۾ چئو ”نه“؛ ۽ جدلياتي تضاد جنهن جو مثال اسان مٿي شين ۾ ڏنو، جيڪو حقيقتن جو تضاد آهي.

جڏهن اسين هِن تضاد جي ڳالهه ڪريون ٿا جيڪو سرمايه داري سماج جي ڍنچي ۾ موجود آهي، اُن جي معنيٰ اها نه آهي ته ڪن نظرين بابت ڪي چون ’هائو‘ ۽ ٻيا چون ’نه‘؛ اُن جي معنيٰ آهي ته حقيقتن جو هڪ تضاد آهي، يعني ڪي حقيقي قوتون آهن جيڪي سچ پچ هڪٻئي سان ڪشمڪش ۾ رڌل آهن: پهرين هڪڙي قوت، جيڪا پنهنجو هجڻ، پاڻ کي

www.sindhsalamat.com

مڃائڻ چاهي ٿي، ۽ اها قوت، سرمايه دار طبقو آهي، جيڪو پاڻ کي قائم رکڻ (پنهنجي اثبات، پنهنجي هائوڪار، پنهنجي هستيءَ) لاءِ وس ڪري ٿو؛ ۽ ٻي سماجي قوت، جيڪا سرمايه دار طبقي جو نه هجڻ چاهي ٿي، يعني اُن جي نفيءَ (ناڪار، نيستيءَ) لاءِ وس ڪري ٿي، ۽ اها قوت پورهيت طبقو (Proletariat) آهي. هيءُ تضاد حقيقتن جو تضاد آهي، ڇاڪاڻ ته سرمايه دار طبقو پنهنجي مخالف يا پنهنجي ضد، پورهيت طبقي، کي پيدا ڪرڻ کان سواءِ پاڻ ٿي موجود رهي نٿو سگهي — جيئن مارڪس چيو آهي: ”ڇا به هجي، پر سرمايه دار طبقو، پنهنجي دفنائجڻ لاءِ، پنهنجا قبر کوٽيندڙ (گورڪن) پاڻ ٿي پيدا ڪري ٿو.“

اُن صورتحال کي روڪڻ لاءِ، سرمايه دار طبقي کي پنهنجي ٿي وجود تان هٿ کڻڻو پوندو، جيڪا ڳالهه اُن لاءِ ممڪن ٿي ناهي. اِنهيءَ طرح پاڻ کي مڃائڻ جي سعيي ۾، پنهنجي حياتيءَ لاءِ پنهنجا وس هلائيندي، هو پنهنجي نفيءَ (پنهنجي ناڪار) جا سامان پاڻ پيدا ڪري ٿو.

ڪڪڙ جي آني جو مثال وٺو، جيڪو اُن لاءِ آهي ۽ آهو قوڙجي رهيو آهي: اسين ڏسون ٿا ته آني ۾ هڪڙو جيوڙو آهي، جيڪو حرارت جي خاص درجي تي ۽ خاص حالتن ۾، وڌي ٿو. هيءُ جيوڙو، وڌندي، ڪڪڙ جي ٻچي کي اُنپائي ٿو: ائين هيءُ جيوڙو توڙي ٿي آني جي نفي آهي. اسين ڏسون ٿا ته آني ۾ ٻه قوتون آهن، هڪ اها جيڪا اُن کي آني ٿي رهڻ لاءِ آزمائي ٿي، ۽ ٻي جيڪا اُن کي ٻچي ٿيڻ لاءِ آزمائي ٿي. آنو، ائين، پاڻ سان بي اتفاقيءَ ۾، اُڻ موافقت يا اَڻ ٺاهه ۾، تڪرار ۾، آهي؛ ۽، اِئين سڀئي شيون پنهنجي پاڻ سان اڻ ٺاهه ۾ آهن.

هيءَ ڳالهه سمجهڻ ۾ شايد مشڪل هجي، ڇاڪاڻ ته اسين مابعدطبيعي طرز جي سوچ ويچار تي هريل آهيون، ۽ انهيءَ ڪري ٿي ضروري آهي ته اسان کي نئينءَ طرح شين کي اُنهن جي حقيقت ۾ ڏسڻ تي پاڻ کي هيرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ

www.sindhsalamat.com

ڪپي. شيءِ هڪ اثبات جي وجودجڻ سان شروع ٿئي ٿي، جيڪا اثبات نفيءَ مان اڪيون ڪولي اڀري ٿي. ڪڪڙ جو ٻچو (ڇوزو) هڪ اثبات آهي، جيڪا آني جي نفيءَ مان اڀري ٿي. اِهو سلسلي جي هڪ حالت يا صورت آهي. پر ڪڪڙ، پنهنجي واري ٿي، ان ڇوزي جي بدليل حالت ۾ ايندي، ۽ آن تبديل جي بنياد ۾ قوتن جو تضاد موجود رهندو — هڪڙيون قوتون آهي جوڪي چوزي مان ڦري ڪڪڙ ٿيڻ لاءِ پنهنجو زور پريندڙيون ۽ ٻيون قوتون چوزي جي چوزي ٿي رهڻ لاءِ پنهنجو وس ڪنديون ۽ آن ڪشمڪش ۾ ڪڪڙ ڇوزي جي نفي ٿيندي، جيڪو خود آني جي نفيءَ مان اڀريو هو.

ڪڪڙ، اِنهيءَ ڪري، نفيءَ جي نفي ٿيندي. ۽ جدليات جي حالتن جي اِها عام سبيل يا واٽ آهي.

(١) اثبات (Thesis) جنهن کي، دعوا يا ماهڙو به چئجي ٿو.

(٢) نفي (Anti-Thesis)، جنهن کي ضد، تضاد يا آبتڙ به چئجي ٿو.

(٣) نفيءَ جي نفي (Synthesis)، جنهن کي ترڪيب، تصفيو يا نبيرو چئجي ٿو.

هي ٽي لفظ جدلياتي واڌ جو ٽتت پيش ڪن ٿا. اِهي حالتن يا صورتن جي سلسليبنديءَ جي ترجمانيءَ لاءِ ڪم آندا وڃن ٿا، انهيءَ حقيقت جي ظاهر ڪرڻ لاءِ ته هر حالت پنهنجي اڳينءَ (سابق) حالت جي نابودي آهي.

نابودي نفي آهي، ناڪار آهي. ڪڪڙ جو ٻچو آني جي نفي آهي. ڇو ته آهو پنهنجي چڄ سان آني کي نابود ٿو ڪري؛ آن جو سنگ، ساڳيءَ طرح، آن جي داڻي جي نفي آهي. داڻو مٽيءَ ۾ ڦٽي ٿو؛ هيءُ ڦوٽهڙو داڻي جي نفي آهي ۽ ٻوٽو اڀپائي ٿو؛ هيءُ ٻوٽو، پنهنجي واري ٿي، ڦولاربو ۽ سنگ اڀپ ٿيندو، جيڪو ٻوٽي جي نفي يعني نفيءَ جي نفي ٿيندو.

www.sindhsalamat.com

انهيءَ طرح، اسين ڏسون ٿا ته نفي، جنهن جي ڳالهه جدليات ڪري ٿي، اُها نابوديءَ بابت ڳالهائڻ جو هڪ مختصر طريقو آهي. جيڪا شيءِ گم ٿي وڃي ٿي، جيڪا نابود ٿي وڃي ٿي، اُن جي نفي ٿئي ٿي.

(١) جاگيرداري انساني غلام داريءَ جي نفي هئي.
(٢) سرمايه داري جاگيرداريءَ جي نفي هئي.
(٣) اشتراڪيت سرمايه داريءَ جي نفي ٿيندي.

جيئن تضاد بابت اسان لفظي ۽ منطقي تضاد جو فرق ڪيو هو، تيئن اسان کي لفظي نفيءَ کي به سمجهڻ گهرجي ته اُها ڇا آهي، جيڪا رڳو ”نه“ ٿي چوي؛ ۽ جدلياتي نفيءَ کي به سمجهڻ گهرجي ته اُها ڇا آهي، جنهن جو مطلب ”نابودي“ آهي.

بهرحال، جڏهن نفيءَ مان مطلب نابودي ونجي ٿو، ته اُن مان بئي ڪنهن نموني جي نابودي نه پر جدلياتي نابوديءَ جي مراد هجي ٿي. اهڙيءَ طرح، جڏهن اسين مک کي چيپاڙيون ٿا، ته اُها پنهنجي اندروني نابوديءَ سبب، جدلياتي نابوديءَ سبب، ڪانه ٿي ختم ٿئي، اُن جي نابودي خود-روانيت جي سلسليبنديءَ جو نتيجو نه آهي، اِها خالص ميڪانيڪي تبديل جو نتيجو هجي ٿي.

نابودي، نفي فقط تڏهن آهي، جڏهن اُها اثبات جي پيداوار آهي، جيڪڏهن اُها اثبات مان اُسريل هجي. اهڙيءَ طرح ڦوڙيل اَنو، اَني هجڻ جي طفيل خود پنهنجي اثباتي عمل سبب، پنهنجي نفيءَ کي اُتپائي ٿو، اُهو ڇُوزو ٿئي ٿو، ۽ ڇوزو آني جي نابوديءَ يا نفيءَ جي علامت آهي، ڇو ته اُهو ڏي نيٺ اُن جي کوپي کي ٽڪي ٿو ۽ ختم ڪري ٿو ڇڏي.

ڪڪڙ جي بچي ۾، اسين هڪبئي جون ورونڌي به قوتون ڏسون ٿا: ”ڇوزو“ ۽ ”ڪڪڙ“، واڌ جي سلسلي جي عمل ۾ مصروف: ڪڪڙ آنا لاهيندي، جنهن مان نفيءَ جي هڪ نئين نفي اُتپندي، هِن آنن مان پوءِ سلسلن جي هڪ نئين ڳنڍ پيچ

www.sindhsalamat.com

جو ڪڙو-ڪڙي جي ميلَ جو، عمل شروع ٿيندو. اُئين اَن ۾ پڻ اسين هڪ اثبات ڏسون ٿا، پوءِ نفي ۽ نفيءَ جي نفي.

هڪ ٻئي مثال لاءِ، اچو ته خود ماديت جي فلسفي جو مثال وٺون.

شروع شروع ۾، اسان کي قديم، پاڻمرادي ماديت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا، چاڪاڻ ته اَڻ چاڻ هئي، انهيءَ ڪري اَن پنهنجي پاڻ نفي ڪئي، يعني اَن تصوريت کي جنم ڏنو. بهرحال، تصوريت، جنهن قديم ماديت جي نفي ڪئي، خود اَن جي نفي جديد ماديت ٿيي ڪري جنهن کي جدلياتي ماديت ٿو چئجي، جو ته فلسفو وڌي ٿو ۽ سائنس سان هٿيارٻند ٿي، تصوريت جي نابوديءَ جو سبب بڻجي ٿو. اِن ۾ به اسان کي اِها ئي اثبات، نفي ۽ نفيءَ جي نفيءَ جي صورت ملي ٿي.

اُئين سماج جي ارتقا ۾ پڻ اسين اِن پيچدار ڦيري جو مشاهدو ڪريون ٿا.

تاريخ جي شروعات ۾ اسين اوائلي اشتماليت (Communism) ڏسون ٿا، جنهن ۾ طبقا ڪونه هئا ۽ آها متيءَ جي (زمين جاي، ڌرتيءَ جي) گڏيل مالڪيءَ تي ٻيڌل هئي. پر مالڪيءَ جي هيءَ صورت پيداوار جي واڌ جي اَڏو رڪاوٽ ثابت ٿي، ۽ اُنهيءَ حقيقت جي زيراثر اَن ۾ اَن جي پنهنجي ئي نفيءَ جي صورت پيدا ٿي: ذاتي ملڪيت ۽ ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جي استحصال (ڀرماريءَ) تي ٻيڌل طبقيوار سماج جي صورت. هيءَ سماج به، بهرحال، پنهنجي اندر ۾ پنهنجي نفيءَ جي صورت موجود رکي ٿو، چاڪاڻ ته پيداواري ذريعن جي اعليٰ ڪان اعليٰ واڌ سماج جي طبقيوار تقسيم جي نفيءَ کي، ذاتي ملڪيت داريءَ جي نفيءَ کي، لازم بڻائي ٿي — ۽ اُئين اسين جنهن نقطي تان شروع ٿيا هئاسين، يعني اشتمالي سماج تان، اُتي واپس اچون ٿا، پر ٻيءَ هڪ سطح تي: تاريخ جي شروع ۾ اسان وٽ اپت جي،

www.sindhsalamat.com

پيداواري شين، جي اڻاٿ بلڪ اڻ هوند هئي؛ اڄ اسان جي پيداواري صلاحيت نهايت وڏي انداز ۾ اوچي قسم جي آهي.

اوهين ڏسي سگهو ٿا ته هنن سڀني مثالن ۾، جيڪي اسان پنهنجي آڏو رکيا آهن، اسين واپس شروعاتي نقطي تي ٿي آيا آهيون — پر ٻيءَ هڪ سطح تي — پيچدار، گولائين سيڙهيءَ وانگر، ترقيءَ (واڌ) جي هڪ مٿيريءَ سطح تي.

انهيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته "تضاد" جدليات جو هڪ وڏو قاعدو آهي. ته، ارتقا متضاد (ورودي ۽ ابتڙ) قوتن جي هڪ ڪشمڪش آهي. ته، نه رڳو شيون پاڻ کي ٻين شين جي صورت ۾ تبديل ڪن ٿيون، پر هر شيءِ پاڻ کي پنهنجي مخالف شيءِ ۾ بدلائي ٿي. ته، شيون پنهنجي پاڻ سان مطابقت ۾، ناهم ۾، نه آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي اندر ۾ مخالف قوتن جي ڇڪتاڻ موجود آهي، ڇو ته انهن ۾ هڪ قسم جو اندروني تضاد موجود آهي.

نوٽ:- اسان کي هيءَ ڳالهه سدائين ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته "اثبات، نفي ۽ نفيءَ جي نفي" جدلياتي ارتقا جو رڳو هڪ اختصار يا تت آهي؛ ماڻهوءَ کي دنيا ۾ هلندي چلندي، هرهنڌ، هروقت، اهي ٽي ئي حالتون ڏسڻيون نه آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هن کي فقط پهرين يا ٻي حالت ئي ڏسڻ ۾ ايندي، ڇو ته ارتقا ڪٿي به ڪا پنهنجي، پڇاڙيءَ تي پهچي ڪانه سگهي آهي. اسان کي اهي تبديليون سڀني شين ۾ ميڪانيڪي طرح ڏسڻ جي چاهنا رکڻ نه گهرجي. سڀ کان مٿي، اوهان کي ياد رکڻو هيءَ ڳالهه رکڻ کپي ته جدليات جو وڏو ۽ مکيه قاعدو تضاد آهي. سڀ کان بنيادي ۽ ضروري ڳالهه اها آهي.

٤. مادي جو جوهر

اسان کي اڳي ئي خبر آهي ته جدليات سوچڻ ويچارڻ جو، نورتڪ ڪرڻ جو، هڪ طريقو آهي، جيڪو اسان کي بهتر مشاهدي ڪرڻ ۽ بهتر مطالعي ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com

۽ آهو اسان کي هر شيءِ جي اصل جي کوجنا ڪرڻ ۽ اُن جي تاريخ بيان ڪرڻ جو تاڪيد ٿو ڪري.

سوچ ويچار جو پراڻو طريقو، جيئن اسان ڏٺو آهي، خاص پنهنجي وقت يا دؤر ۾ واقعي ضروري هو. پر جدلياتي طريقي سان مطالعي ڪرڻ جو مطلب آهي ته اهو مشاهدو ڪيو وڃي ته سڀئي شيون جيڪي ظاهر ۾ اَچل ۽ جامد ٿيون لڳن، غيرمتحرڪ ٿيون ڏسجن، اهي رڳو سلسلن جا ڳنڍ پيچ آهن، جن سلسلن ۾ هر شيءِ جي هڪ شروعات آهي ۽ هڪ خاتمو يا پڄاڻي آهي، جتي هر شيءِ ۾:

”هر طرح جي ظاهري ڏسجندڙ حادثن ۽ سڀني وقتي واپسين ۽ پوئتائين جي باوجود، آخر ۾ هڪ اڳيري واڌ يا ترقي ڏي پنهنجيءَ حقيقت کي مڃائي ٿي.“ (اينگلس.)

جدليات ڏي فقط اسان کي شين جي واڌ کي، يعني اُنهن جي ارتقا کي سمجهڻ لائق بنائي ٿي، اها ڏي فقط اسان کي پراڻين شين جي نابود ٿيڻ ۽ نين شين جي ڄاپڻ کي سمجهڻ جو موقعو ڏئي ٿي. اسان کي فقط جدليات ڏي سڀني واڌن کي، اُنهن جي تبديل ٿيندڙ صورتن ۾، سمجهڻ لائق بنائي ٿي، جن ۾ اسين اُنهن مان هڪ هڪ کي مخالف شين جي هڪ ڪُل طور سڃاڻي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ ته، جدلياتي نظريي مطابق، شين جو فطري واڌارو، يعني اُنهن جي ارتقا، مخالف قوتن ۽ نظامن جي هڪ لڳاتار ڪشمڪش آهي.

مطلب ته جدليات لاءِ، سچو ۽ اصل قاعدو آهي تحرڪ ۽ تبديل جو مشاهدو. ”ڪابه شيءِ اُئين ڪانه ٿي رهي جيئن اُها آهي، ڪابه شيءِ اُتي ڪانه ٿي رهي جتي اُها آهي.“ (اينگلس.) اسين هاڻي ڄاڻون ٿا ته هن قاعدي جي سمجهاڻي هيءَ آهي ته شيون رڳو هڪڙيون ٻين ۾، پاڻ کي تبديل ڪرڻ سان نه، پر پنهنجين مخالف شين جي صورت ۾ پاڻ کي تبديل ڪرڻ سان ڏي بدلجن ٿيون. تضاد، انهيءَ ڪري، جدليات جو هڪ وڏو قاعدو آهي.

www.sindhsalamat.com

اسين مطالعو ڪري چڪا آهيون ته جدلياتي نقطي نگاهه کان تضاد ڇا آهي، پر اسان کي اُن تي وري به غور ڪرڻ گهرجي، ته جيئن اسان جو ذهن اُن ۾ وڌيڪ واضح ٿئي ۽ اُن باري ۾ ڪي به غلطفهميون باقي نه رهن. اسان لاءِ واقعي اها ڳالهه بيحد ضروري آهي ته اسين هن ڳالهه کي پوريءَ طرح ذهن نشين ڪريون، جيڪا حقيقت جي عين مطابق به آهي، ته ”شيون پاڻ کي پنهنجي مخالف شين جي صورت ۾ تبديل ڪن ٿيون.“ اها ڳالهه برابر اسان جي ذهن کي هڪ قسم جو جهٽڪو به ڏئي ٿي، ۽ اسان کي حيرت ۾ پڻ وجهي ٿي ڇڏي، ڇو ته اسين پراڻيءَ مابعدطبيعي طرز سان سوچڻ تي هريل آهيون. پر اسين ڏسي چڪا آهيون ته شين جي اِها پنهنجي مخالف صورت ۾ تبديل ڇو ٿي واقع ٿئي: تفصيل سان، ۽ مثالن رستي، اسان اِهو ڏٺو ته حقيقتاً اِهي ئي ٿيون: ۽ ڇو اهي آهي، جو شيون پنهنجي مخالف شين جي صورت ۾ بدلجن ٿيون.

انهيءَ ڪري اسين چئي سگهون ٿا، ۽ پوري اعتماد سان چئون ٿا، ته شيون پاڻ کي تبديل ڪن ٿيون، بدلجن ٿيون، ارتقا ڪن ٿيون ـــ انهيءَ ڪري، جو آهي پنهنجي پاڻ سان تضاد ۾ آهن: انهيءَ ڪري، جو آهي پنهنجي اندر ۾ پنهنجا ضد سانڍين ٿيون: انهيءَ ڪري، جو آهي پنهنجي وجود ۾ ضدن جو اتحاد (ابتڙن جو ايڪو) آهن.

٥. ضدن جو اتحاد (ابتڙن جو ايڪو)

اهڙي ڪا ڳالهه ڪرڻ فوراً نامعقول لڳي ٿي. ”ڪا شيءِ ۽ اُن جو ضد، پنهي ۾ ڪجهه به مشترڪ ڪونهي، ڪا به ساڳي ڳالهه ڪانهي“ ـــ عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي. پر جدليات مطابق، هر شيءِ ساڳئي وقت پاڻ به آهي ۽ پنهنجو ضد به آهي، هر شيءِ ضدن جو هڪ اتحاد آهي، ۽ اها ڳالهه اسان لاءِ پوريءَ طرح سمجهائڻ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com

مابعدطبيعي خيال واري ماڻهوءَ لاءِ، ضدن جو اتحاد هڪ ناممڪن ڳالهه آهي. هن جي نظر ۾، شيون ڍڪيون هڪٻيون ٿي نهيل هجن ٿيون، پنهنجي پاڻ سان مطابقت ۾ هونديون آهن، ۽ هاڻي اوهين وري ان جي ابتڙ هڻن کي مڃايو ٿا ته شيون به ـ سڙيون نهيل آهن — هڪ پاڻ ۽ ٻيو پنهنجي مخالف شين جون! ۽ انهن ۾ به قوتون آهن، جي ٽڪراءَ ۾ آهن، چاڪاڻ ته، اوهين چئو ٿا ته شيون اندروني طور پنهنجي پاڻ ساڻ ناهه ۾ نه آهن ۽ آهي پاڻ پنهنجي ترديد ڪن ٿيون!

جيڪڏهن اسين ڄاڻ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ، علم (سائنس) ۽ جهالت جو مثال وٺون ٿا، ته اسان کي خبر آهي ته مابعدطبيعي نقطي نگاهه کان اهي ٻيئي مخالف آهن، هڪٻئي جي بلڪل ابتڙ. جيڪو جاهل آهي آهو سائنسدان ڪونهي، ۽ جيڪو سائنسدان آهي، آهو جاهل ناهي. پر جيڪڏهن حقيقتن تي نظر وڌي وڃي، ته اسين ڏسنداسين ته هنن ٻنهي ۾ اهڙيءَ ڪنهن سخت يا اٽل مخالفت جي ڳالهه ڪانهي. اسان کي خبر آهي ته اول اڻ ڄاڻائيءَ (جهالت) جو راڄ هو، ۽ پوءِ سائنس ميدان تي آئي؛ ۽ اِن مان اسين اِها حقيقت ثابت ٿا ڪريون ته هڪ شيءِ بدلجي پنهنجي ابتڙ صورت ۾ اچي ٿي، جهالت پاڻ کي سائنس ۾ تبديل ڪري ٿي ڇڏي.

ڪابه اڻ ڄاڻائي ڄاڻ کان سواءِ، ڪابه جهالت علم (سائنس) کان سواءِ ڪانهي. سؤ في صدي جهالت جو ڪو وجود ڪونهي. هڪ ماڻهو کهڙو به جاهل هجي، پر هو شين کي سڃاڻي سگهي ٿو، جيئن، گهٽ ۾ گهٽ، هن جو پنهنجو ڪاڌو: **سچي اڻ ڄاڻائي، مطلق جهالت ڪٿي به ڪانهي.** جهالت ۾ هميشه ڪا نه ڪا ڄاڻ هجي ٿي. انهيءَ طرح سائنس جو 'جيوڙو' جهالت ۾ تونئي ئي موجود آهي؛ انهيءَ ڪري اِهو چوڻ بلڪل صحيح آهي ته هڪ شيءِ جو ضد خود اُن شيءِ ۾ ئي موجود هجي ٿو.

هاڻي اچو ته سائنس (علم) کي ڏسون. ڇا ڪا سؤ في صدي سائنس به ٿي سگهي ٿي؟ نه. ڪجهه نه ڪجهه هميشه آهي، جو

معلوم ڪونهي. ليئن چيو هو ته ”علم جي ڳالهه، اڻ ڪٿ آهي“، جنهن جي معنيٰ آهي ته ڪا نه ڪا ڳالهه ڄاڻڻ لاءِ، سمجهڻ لاءِ، سدائين باقي آهي. سچي ڄاڻ، مطلق علم ڪٿي به موجود ڪونهي. سڀ علم، سڀ سائنس جهالت جو، اڻ ڄاڻائيءَ جو، ڪجهه حصو پاڻ وٽ ضرور موجود رکي ٿي. جو سچ پچ ڪجهه آهي، سو نسبتي علم، ۽ نسبتي جهالت آهي — يعني سائنس ۽ جهالت جو ميل، جيئن پنهي جو ڪو مرڪب يا ڪا گڏيل کچڙي!

انهيءَ ڪري، هن مثال ۾ اسين شين جي پنهنجي مخالف صورتن ۾ تبديل ٿيڻ جي ڳالهه ڪانه ٿا ڏسون، پر هيءُ مثال ساڳيءَ هڪ ئي شيءِ ۾ مخالف صورتن جي وجود، يا ضدن جي اتحاد، جو مثال آهي.

اهڙين اسين آهي مثال وري پنهنجي آڏو آڻي سگهون ٿا، جيڪي اڳ ڏسي آيا آهيون: جيئن حياتيءَ ۽ موت جو مثال، صحيح ۽ غلط جو مثال، ۽ ائين چئي سگهنداسين ته پنهي حالتن ۾، جيئن سڀني شين ۾، ضدن جو اتحاد موجود آهي — يعني هر شيءِ پنهنجي وجود ۾ هڪ ئي وقت پاڻ به آهي ۽ پنهنجو ضد به آهي. انهيءَ خيال کان اينگلس چيو هو ته

”جي تحقيق ۽ پڇاڳاڇا هر حالت ۾ انهيءَ نقطي نگاهه کان ٿئي ته هوند آخري جوابن ۽ ابدي سچ لاءِ گهُر“ هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي: اُن حالت ۾ ماڻهو سچي حاصل ڪيل علم جي لازمي حدن کان سدائين باخبر رهندو، ۽ انهيءَ حقيقت کان به ته علم اُنهن حالتن کان متاثر رهي ٿو، جن ۾ اهو حاصل ٿئي ٿو. ساڳئي وقت ماڻهو اُنهيءَ تضاد جي هيبت کان به محفوظ رهي سگهندو، جيڪو اڄ جي علم پرانيءَ مابعدطبيعات لاءِ اڃا به اڙو ئي اجيت آهي — تضاد صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ نيڪ ۽ بد جي وچ ۾، ساڳيائپ ۽ نرالپ جي وچ ۾، قديم ۽ حادث جي وچ ۾ — چيو ته هن کي

www.sindhsalamat.com

چاڻ هوندي ته اِنهن تضادن جو فقط نسبتي جواز آهي؛ ته آهو جيڪو هاڻي صحيح مڃجي ٿو اُن جو لڪل غلط پاسو به آهي جيڪو پاڻ کي پوءِ ظاهر ڪندو، بلڪل ائين جيئن هاڻي جنهن کي غلط ٿو مڃجي اُن جو صحيح پاسو به آهي، جنهن جي آڌار تي آهو اڳي صحيح مڃيو ٿي ويو.“
(اينگلس، ”فيورباخ“.)

اينگلس جي تحرير جو هيءُ اقتباس پوريءَ طرح ڏيکاري ٿو ته جدليات کي ڪيئن سمجهڻ گهرجي ۽ تضادن جي اتحاد جي صحيح معنيٰ ڇا آهي.

٦. غلطيون، جن کان بچڻ گهرجي.

جدليات جي هن عظيم قاعدي، تضاد، جو پوريءَ طرح سمجهڻ تمام ضروري آهي، جيئن اُن جي غلطفهمين کان بچي سگهجي.

پهرين ڳالهه ته اِن کي هرگز ميڪانيڪي طريقي سان ورتو نه ڪپي. ائين هرگز سوچڻ نه ڪپي ته هر علم ۾، سچي علم ۾، صحيح واڌو غلط ڳالهه موجود آهي، يا سچ واڌو ڪوڙ موجود آهي.

جيڪڏهن هن قاعدي کان ائين ڪم ورتو، ته اُنهن ماڻهن جي ڳالهه صحيح ثابت ٿيندي جيڪي چون ٿا ته سڀني راين ۾، سڀني خيالن ۾، هڪ حصو صحيح واڌو هڪ حصو غلط آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري ”اچو ته جو حصو غلط آهي آهو ڪيدي ڇڏيون، ته پوءِ جيڪي رهندو آهو صحيح رهندو، مفيد ۽ چڱو هوندو.“ مثلاً، ائين ڪن نام نهاد مارڪسي دائرن ۾ چيو وڃي ٿو، جتي ائين سمجهيو وڃي ٿو ته مارڪسزم اِنهيءَ ڏيکارڻ ۾ ته صحيح آهي ته سرمايہ داريءَ ۾ ڪارخانا، بئنڪون، ڀاڱيواريون ۽ وڏا وڏا وقفَ آهن، جيڪي سچي اقتصادي زندگي پنهنجن هٿن ۾ جهلي بيٺا آهن ٿا، ۽ آهو ائين چوڻ ۾ به صحيح آهي ته هيءَ اقتصادي زندگي

ڏاڍي غلط ۽ نقصاني انداز سان هلي رهي آهي؛ پر اُن ۾ جا ڳالهه غلط آهي، سا اُن جي طبقاتي ڪشمڪش آهي؛ ”طبقاتي ڪشمڪش جي ڳالهه ڪيدي ڇڏيو، ته باقي مارڪسزم ڏاڍو هڪ ٺيڪ ۽ مفيد نظريو آهي.“ وڏيڪ، هنن حلقن ۾، اڻين به چيو ويندو آهي ته ”مارڪسزم سماج جي مطالعي لاءِ ته تمام هڪ صحيح ۽ ڪارائتو اصول آهي، پر اُن سان جدليات ڪي چو ملائجي؟ آهو اُن جو غلط پاسو آهي. جدليات کي ڪيدي ڇڏيو، ۽ باقي جيڪو صحيح ۽ سچو مارڪسزم آهي آهو رکو!“

دراصل، ضدن جي اتحاد جي اِها هڪ ميڪانڪي تشريح آهي. اِن جو هي ٻيو مثال وٺو. ضدن جي هِن نظريي جي پڙهڻ کان پوءِ، پروڌان (Proudhon: 1809–65) سوچيو ته هر شيءِ جو چڱو پاسو به آهي ۽ برو پاسو به آهي؛ ۽ انهيءَ طرح سماج کي ڏسندي ته اُن ۾ سرمايہ پسند (Bourgeoisie) به آهن ۽ پورهيت (Proletariat) به آهن، هن چيو ته ’اڇو ته آهو جيڪو اُن جو برو پاسو آهي يعني اُن جا پورهيت، تن کي ڪيدي ڇڏيون.‘ ۽ اڻين هن پنهنجي ’ڏراوتن جي سرشتي‘ جي ڳالهه ڪئي، جنهن سرشتي ۾، هن جي چوڻ موجب، ملڪيت جي حصيداريءَ کي عمل ۾ آڻبو هو، جنهن جي معنيٰ ته پورهيت به ’مالڪ‘ بنجي پوندا هئا؛ ۽ اُن طرح ميدان ۾ سواءِ سرمايہ دارن جي ٻيو ڪوبہ ڪونہ هوندو ۽ سماج سڌري پوندو ۽ ٺيڪ ٺاڪ حالت ۾ اچي ويندو!

بهرحال، اسين پليءَ پٽ چاڻون ٿا ته پورهيت طبقو سرمايہ دارن کان سواءِ ٿئي ئي ڪونہ، ۽ سرمايہ دار طبقو پورهيتن جي طفيل ئي جيئي ٿو؛ اِهي به ضد آهن، جيڪي هڪٻئي کان الڳ نٿا ٿي سگهن. سرمايہ داري سماج ۾ هيءُ ضدن جو اتحاد اندريون، حقيقي، ضد آهي؛ هيءُ هڪ آڇُتُ ايڪو آهي. انهيءَ ڪري ضدن کي دٻائڻ لاءِ، هٽائڻ لاءِ، اِهو ڪافي ناهي ته هڪٻئي کي ٻئي مان ڪاٽي الڳ ڪجي. ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جي استحصال

www.sindhsalamat.com

جي بنياد تي هلندڙ سماج ۾ ٻن وروڌي، آمهون سامهون بيٺل طبقن جو وجود اٽل آهي: سرمايه دار طبقي ۽ پورهيت طبقي جو وجود.

سرمايه داري سماج جي خاتمي لاءِ، غيرطبقاتي سماج جي وجود لاءِ، ٻيئي طبقا — سرمايه دار طبقو ۽ پورهيت طبقو — ختم ٿيڻ گهرجن. فقط اِن طرح ئي آزاد ٿيل انسانن کي اهڙي سماج جي ڏاهڻ جو موقعو ملندو، جيڪو مادّي ۽ ذهني طور اڳتي وڌيل ۽ سڌريل هوندو، ۽ آتان وڌي هو سوشلزم جي اعليٰ درجي تي، يعني ڪميونزم تي، رسي سگهندو — جيڪو اُهو ڪميونزم نه هوندو، جيئن اسان جا دشمن الزام هڻن ٿا، جنهن ۾ سڀئي ماڻهو ”غربت ۾ برابر“ هوندا.

اِنهيءَ ڪري جڏهن اسين ضدن جي اتحاد جي ڳالهه سمجهايون، يا اُن کي ڪنهن مثال يا ڪنهن تحقيق جي سلسلي ۾ استعمال ڪريون، ته اسان کي تمام گهڻي هوش ۽ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي. اسان کي هميشه ۽ هرهنڌ اُن کي ڳولڻ جي يا ميڪانيڪي طريقي سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ نه کپي، مثلاً ’نفيءَ جي نفيءَ‘ واريءَ ڳالهه کي، هڪ هردم تيار نسخي يا منتر وانگر، رڳو اِنهيءَ لاءِ ته هميشه ۽ هرهنڌ اسان کي ڪو ’ضدن جو اتحاد‘ هٿ اچي، ته اسين خوش ٿيون! ياد رکڻ گهرجي ته اسان جو علم اڃا به عام طور تمام محدود آهي: ۽ اسين ڳالهين جي ڪنهن پيچ ۾ گمراهه به ٿي سگهون ٿا.

اهم ڳالهه آهي اصول جي: جدليات ۽ اُن جا قاعدا اسان کي شين جي مطالعي ڏانهن ڇڪين ٿا، ته اسين اُنهن جي ارتقا جي دريافت ڪريون، ۽ انهن ضدينَ (Opposites) جي، آمهون سامهون قوتن جي، دريافت ڪريون، جيڪي اُن ارتقا کي لازم بنائين ٿيون. اِنهيءَ ڪري اسان کي ضدن جي اتحاد جو، جيڪو شين ۾ موجود آهي، مطالعو ڪرڻ کپي، ۽ هِن ضدن جي اتحاد جي معنيٰ هيءَ آهي ته هڪ مثبت ڳالهه ڪڏهن به سچي مثبت يا مطلق مثبت ڳالهه نه آهي، ڇاڪاڻ ته آها پنهنجي پاڻ ۾

www.sindhsalamat.com

هڪ حصو نفيءَ جو بہ رکي ٿي. ۽ اصول جو جوهر اِهو آهي:
ڇاڪاڻ تہ شيون پنهنجي پاڻ ۾ پنهنجي نفي رکن ٿيون، انهيءَ ڪري ئي آهي پاڻ کي تبديل ڪن ٿيون. نفي "ڳارينڊڙ" آهي، "گهولڪ" آهي، جيڪڏهن اِهو نہ هجي تہ شيون هوند ڪينَ بدلجن. جيئن تہ حقيقتاً شيون پاڻ کي تبديل ڪن ٿيون، اِهو لازمي آهي تہ آهي پاڻ وٽ هڪ گهولڪ اصول، هڪ ڳارينڊڙ عامل پاڻ وٽ رکنديون هجن. اسين اڳوات چئي سگهون ٿا تہ اهو موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ اسين شين کي ارتقا ڪندي ڏسون ٿا، پر هڪ زير ويچار شيءِ جي تفصيلي مطالعي کان سواءِ اسين اهو لهي نٿا سگهون، ڇاڪاڻ تہ سيني شين ۾ هن اصول جي ساڳي صورت نہ آهي.

٧. جدليات جا عملي نتيجا

عملاً ائين، جدليات اسان کان ڪڏهن بہ شين جي هڪ پاسي کي نہ پر ٻنهي پاسن کي ڏسڻ جي تقاضا ڪري ٿي؛ ۽ سچ تي ڪڏهن بہ اُن جي ڪچ ڏيءَ کان سواءِ، ڇاڻ تي ڪڏهن بہ اُن جي اڇاڻائيءَ کان سواءِ، سوچڻ ويچارڻ جي تقاضا نٿي ڪري. مابعدطبيعات جي وڏي غلطي بلڪل اِها ئي آهي تہ آها شين جي فقط هڪ پاسي تي ويچاري ٿي، ڳالهين بابت يڪطرفو فيصلو ڪري ٿي، ۽ اُن ۾ جڏهن اسين گهٽيون چڪون ڪريون ٿا، تہ اُن حد تائين آهي سدائين اِنهيءَ ڪري هونديون آهن، جو شين جو اسين رڳو هڪ ئي پاسو ڏسندا آهيون؛ ۽ اِهو انهيءَ ڪري ائين هوندو آهي، جو اڪثر اسين يڪطرفو سوچَ ويچارُ ڪندا آهيون.

مابعدطبيعي ماديت بہ اِنهيءَ ڪري غلط هجي ٿي، جو آها سوال جو فقط هڪ ئي پاسو ڏسي ٿي. سڄيءَ ڪائنات کي آها هڪ مشين طور، هڪ ڪَلَ ـ پرزائين ڪسات طور ڏسي ٿي.

www.sindhsalamat.com

ڇا، اهڙي ڪا ديو-مشين آهي؟ هائو. ڇا، آها ڪو وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي؟ هائو. ته پوءِ مابعدالطبيعي ماديت ائين چوڻ ۾ صحيح آهي. پر حقيقت ۾ ائين ڪونهي، ۽ انهيءَ ڪري ڪائنات ۾ فقط ڪو ميڪانيڪي تحرڪ ئي ڏسي سگهجي، اِها ڳالهه غلط آهي.

اسين عام طور شين ۽ ماڻهن جي فقط هڪ ئي پاسي کي ڏسڻ ڏانهن مائل هوندا آهيون. جيڪڏهن اسين هڪڙي ڪامريڊ بابت ڪو فيصلو ڪندا آهيون ته تقريباً سدائين اسين هن جي فقط چڱي يا بري پاسي کي ڏسندا آهيون. سچ پڇ ته بنهي پاسن کي ڏسڻ گهرجي، اُن ڪان سواءِ اسان لاءِ پنهنجي تنظيم ۾ ڪل-وقتي ساٿين جي داخلا ۽ شموليت ممڪن ئي ڪانه ٿيندي. سياسي ڪم ڪار ۾ يڪطرفي فيصلي جو طريقو گروه بنديون پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان کي ڪو مخالف گڏجي ٿو، جيڪو ڪنهن فسطائي تنظيم سان لاڳاپيل آهي، ته اسين هُن بابت پنهنجي راءِ هُن جا ”اڳواڻ“ ساٿيون رکي قائم ڪريون ٿا، پوءِ حقيقت ۾ هو ڪٿي رڳو معمولي ڪلارڪ ئي ڇو نه هجي، جيڪو ممڪن آهي ته پنهنجي تنظيم کان ڪافي ناراض به هجي، ۽ هيڏانهن اسين هُن بابت يڪطرفو فيصلو اِهو ڪريون ٿا ويهون ته هو وڏو ڪو ڪيٽُ فسطائي اڳواڻُ آهي!

جيڪڏهن هن حالت ۾ اسين ضدين جي اتحاد کي خيال ۾ رکنداسين، ته اسان کي ڳالهين جي گهڻ-پاسائين سُرت رکڻي پوندي. اسين پوءِ ڏسنداسين ته هيءُ فسطائي هڪ پاسي ته فسطائي آهي، پر ٻئي پاسي هو هڪ مزدور آهي، پورهيت آهي، ۽ هُن ۾ اِهو هڪ تضاد آهي. پوءِ اسين اِها ڳالهه جانچيندا سين ۽ معلوم ڪنداسين ته هن آخر اهڙيءَ تنظيم ۾ شرڪت ڇو ڪئي آهي، ۽ پڻ اِها ڳالهه، ته اُن ۾ هُن کي ڇو داخل ٿيڻ ته ڪيهڙو هو. ۽ پوءِ اسين هُن تي بحث ڪنداسين ۽ هُن بابت فيصلو به ڪنداسين، پر گروهبنديءَ جي خيال کان نه ۽ پڻ يڪطرفائيءَ وارو هرگز نه.

مطلب ته انهن اسان کي شين بابت ويچار، جدليات پٽاندڙ، سڀني ممڪن پاسن کان، ڪرڻ گهرجي.

ڳالهه جي اختصار طور ۽ هڪ نظرياتي نتيجي جي صورت ۾، اسان کي آخر ۾ انهن چوڻو پوندو ته ”شيون بدلجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته آهي اندروني تضاد رکن ٿيون (آهي پاڻ ۾ سندن ضد). ضدين هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آهن ۽ تبديليون هن ٽڪراءَ مان اڀرن ٿيون، ۽ اهڙيءَ طرح تبديل تضاد جو، ٽڪراءَ جو، حل آهي.

سرمايه داريءَ ۾ هيءَ اندروني تضاد، هيءَ پورهيت طبقي ۽ سرمايه دار طبقي جو تضاد، موجود آهي: هيءَ تضاد تبديل چاهي ٿو، ۽ سرمايه داري سماج جي سوشلسٽ سماج ۾ تبديل هن تضاد جو حل آهي ۽ انهن ڏي آهو تضاد ختم ٿيندو. جتي تضاد آهي اتي تحرڪ آهي، تبديل آهي. تضاد اثبات جي نفي آهي، ۽ جڏهن ٿيون شرط، نفيءَ جي نفي، پورو ٿئي ٿو، تڏهن حل نڪري اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته اُن سان تضاد جو اصل سبب ختم ٿي وڃي ٿو.

اِنهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته جيئن سائنسون — ڪيميا، طبيعات، حياتيات، وغيره — پنهنجن مخصوص تبديلين جي قاعدن جو مطالعو ڪن ٿيون، تيئن جدليات خود ”تبديل“ جي سڀ کان عام قاعدن جو مطالعو ڪري ٿي. اينگلس جو چوڻ آهي ته ”جدليات بي ڪا سائنس نه، پر تحرڪ ۽ تبديل جي عام قاعدن جي ٿي سائنس آهي.“ (اينگلس، فيورباخ.)

---

www.sindhsalamat.com

باب پنجون

چوٿون قاعدو: مقدار جي تبديل معيار ۾
يا
ڇلانگن واريءَ ترقيءَ جو قاعدو

١. اصلاح يا انقلاب:
(١) سياسي دليل.
(٢) تاريخي دليل.
(٣) سائنسي دليل.

٢. تاريخي ماديت.
(١) تاريخ ڪيئن سمجھائجي.
(٢) تاريخ ماڻھن جو ڪم آھي.

جدليات تاريخ سان ڪيئن لڳي ٿي، انھيءَ مسئلي کي سمجھڻ کان اڳ اسان لاءِ جدليات جي آخري قاعدي جو مطالعو ڪرڻ ضروري آھي. اھا ڳالھہ اسان لاءِ آسان بہ ٿيندي، ڇو تہ اِن ۾ اسان جو سچو اڳيون مطالعو بہ اسان کي مدد ڏيندو، جنھن ۾ اسين 'نفيءَ جي نفي' ۽ 'ضدين جو اتحاد' ڇا آھن، اڳي ئي سمجھي آيا آھيون.

ھميشہ وانگر اڄ بہ مثالن سان شروعات ڪريون.

www.sindhsalamat.com

١. اصلاح يا انقلاب

سماجي نظام جي ڳالهه ڪندي، پڇيو وڃي ٿو ته ڇا، سڌارن (اصلاحات) ذريعي اڳتي وڌجي يا انقلاب ذريعي؟ هيءَ ڳالهه سڌائين وڏي بحث هيٺ پئي رهي آهي ته سرمايه داري سماج کي اشتراڪي سماج ۾ تبديل جو مقصد هڪٻئي پويان سڌارن (اصلاحات) وسيلي حاصل ٿيندو يا هڪ ئي اوچتيءَ تبديل يعني انقلاب وسيلي؟

هن مسئلي لاءِ، جو ڪجهه اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، اُن کي ذهن ۾ رکڻو آهي. هر تبديل مخالف قوتن جي وچ ۾ ڪشمڪش جو نتيجو آهي. جيڪڏهن ڪا شيءِ ارتقا ڪري ٿي، ته اُها اِنهيءَ ڪري ائين ڪري ٿي، جو اُها پنهنجي پاڻ ۾ پنهنجي مخالف صورت کي موجود رکي ٿي — ڇو ته هر شيءِ ضدن جو ئي اتحاد آهي. شين ۾، ڳالهين ۾، ضدين جو ٽڪراءُ يا مقابلو ڏسجي ٿو، ۽ اُن مان اُنهن جي پنهنجين مخالف صورتن ۾ تبديل جا منظر سامهون اچن ٿا. **هيءَ تبديل عمل ۾ ڪيئن ٿي اچي؟** هن وقت اسان جي آڏو نئون مسئلو اهو آهي.

ائين سمجهي سگهجي ٿو ته هيءَ تبديل ٿوري ٿوري ٿي، ننڍين ننڍين تبديلين جي هڪ سلسلي سان واقع ٿئي ٿي؛ جيئن اسان ڏٺو ته ڪچو صرف تمام ننڍين ننڍين تبديلين جي هڪڙي ڪنهن سلسلي ذريعي ئي بدلجي هڪ پڪل صوف جي صورت وٺي ٿو.

گهڻا ماڻهو، انهيءَ ساڳيءَ طرح سمجهن ٿا ته سماج پاڻ کي ٿورو ٿورو بدلائي ٿو ۽ هنن ٿورڙن تبديلين جي سلسلي جي نتيجي طور سرمايه داري سماج آهستي آهستي بدلجي اشتراڪي سماج جي صورت ۾ اچي ويندو. اهي ننڍيون ننڍيون تبديليون اصلاح آهن، سڌارا آهن، ۽ اُنهن جو اِهو جملي نتيجو ٿيندو، يعني ائين

www.sindhsalamat.com

ھِنَ آھستي آھستي واقع ٿيندڙ ننڍين ننڍين ڦيرين گھيرين جو ڳنڍيل نتيجو اھو ٿيندو، جو اسين ھڪ نئين سماج ۾ داخل ٿينداسين.

ھيءُ ھڪ خيال آھي، نظريو آھي، جنھن کي ’اصلاحيت‘ يا ’اصلاح پسندي‘ چئبو آھي ۽ جيڪي ھن خيال جا حامي آھن، انھن کي اصلاحي يا اصلاح پسند سڏيو وڃي ٿو، انھيءَ لاءِ نه ته ھو اصلاحات جو مطالبو ڪن ٿا، پر انھيءَ لاءِ جو ھو سمجھن ٿا ته اصلاحات ڪافي آھن، ۽ انھن جي جمع ٿيڻ سان آھي ڏاڍي آڻ لڀڪھي انداز سان سماج کي بدلائي ڇڏيندا. اچو ته ھِنَ ڳالھ کي ڏسون ته ڇا، اھا صحيح آھي؟

(۱) سياسي دليل

جيڪڏھن اسين حقيقتن کي ڏسون ٿا، يعني ٻين ملڪن ۾ ڇا ٿيو آھي اُن کي ڏسون ٿا، ته اسان کي خبر پوي ٿي ته جتي اِھو دستور آزمايو ويو آھي اُتي اُھو ڪامياب نه ٿيو آھي. سرمايه دار سماجي نظام جي تبديل — اُن جي صورت جي تبديل، اُن جي جاءِ-مٽ — فقط ھڪڙي ملڪ ۾، يعني سوويت يونين ۾، واقع ٿي آھي، ۽ اسان اِھو ڏٺو ته اِھو اُن جو وناس يا خاتمو اصلاحات جي ڪنھن سلسلي ذريعي نه پر انقلاب جي ذريعي عمل ۾ آيو. [۽ ٻئي ھنڌ به، ھيلتائين، جتي جتي اُن جو خاتمو ٿيو آھي، اُتي اصلاحي رستي سان نه، پر انقلابي رستي سان اِئين واقع ٿيو آھي. - مترجم.]

(۲) تاريخي دليل

ڇا، عمومي طور اِھا ڳالھ صحيح آھي ته شيون ننڍيءَ ننڍيءَ ڦيرگھير سان، سڌارن سان، تبديل ٿيون ٿيون؟ اچو ته حقيقتن کي ڏسون. جيڪڏھن اسين ھِنَ ڦيرين گھيرين تي غور ڪنداسين ته ڏسنداسين ته آھي ڪي لامحدود ڪونه ٿيون واقع ٿين ۽ آھي ڪي ساندھ به ڪونه ٿيون ٿين. ڪڏھن اھڙي گھڙي به اچي

www.sindhsalamat.com

ٿي، جڏهن ننڍين ڦيرين گهيرين جي جاءِ تي وڏو هڪڙو ڦيرو، اوچتي ڇلانگ سان اچي ٿو واقع ٿئي.

اچو ته ڌرتيءَ جو مثال وٺون. اسين ڏسون ٿا ته ڏورانئين آن ۾ اوچتيون تبديليون آيون آهن، اصل آفتن جهڙيون. جنهن دور کي ”تاريخ کان اڳ جو دور“ ٿا چئون، اسان کي خبر آهي ته اُهو برفاني هرڻن جي شڪارين جو دور هو. هنن جي هڪ قديم رهت سهت هئي، هو اُنهن هرڻن جي کلن مان ’ڪپڙا‘ (پٿهرڻ، پوشاڪ) ٺاهيندا هئا، جن جو شڪار ڪندا هئا، ۽ اُنهن جي گوشت تي سندن گذارو هوندو هو.

آهستي آهستي، ڌرتيءَ ۾ تبديليون آيون ۽ هڪ ڏينهن آهو واقعو رونما ٿيو، جنهن کي ”بائيبل“ ۾ وڏو سيلاب [نوح جو طوفان] سڏيو ويو آهي، ۽ سائنس اُن کي ”لڳاتار وڏين برساتن جو دور“ سڏي ٿي، جنهن ۾ برفاني هرڻ جي شڪارين جي رهت سهت (تهذيب، سڀيتا) ختم ٿي ويئي. اُنهن مان جيڪي بچيا، تن غارن ۾ رهڻ شروع ڪيو ۽ پوريءَ طرح پنهنجي رهت سهت جو طريقو بدلائي ڇڏيائون.

هِن مثال ۾ اسين ڏسون ٿا ته ڪيئن هڪ جاگرافيائي پرلئه جي نتيجي طور ڌرتي ۽ انساني تهذيب اوچتيءَ هڪ وڏيءَ تبديل جي اثر ۾ اچي ويون.

سماجن جي تاريخ ۾ پڻ اسين اهڙيون اوچتيون تبديليون، اوچتا انقلاب، ايندي ڏسون ٿا.

خود آهي جيڪي جدليات کان اڻواقف آهن، سي به چائن ٿا ته اسان جي ڏينهن ۾ ڪيترئون ئي زورائتيون تبديليون تاريخ ۾ واقع ٿيون آهن؛ پر سترهين صديءَ تائين، بهرحال، اڻين مڃيو ٿي ويو ته ”فطرت ڪڏهن به وڏو ٽپو ڪونه ٿي ڏئي“، ڇلانگ ڪونه ٿي هڻي؛ مطلب ته ماڻهن نٿي چاهيو ته تبديل جي سانده آهستگيءَ ۾ ڪي تيز يا اوچتا جهٽڪا واقع ٿين، پر اُن دور

www.sindhsalamat.com

جي سائنس وچ ۾ دخل انداز ٿي؛ اِهو ڏنو ويو ته تيز ۽ اوچتيون تبديليون برابر عمل ۾ آيون ٿي.

اڄ، آهي جيڪي هِنن تيز ۽ اوچتين تبديلين کان انڪار نٿا ڪري سگهن، چون ٿا ته آهي اتفاق آهن، حادثا آهن — اتفاق يا حادثو آهڙيءَ کنهن ڳالهه کي چئجي ٿو جيڪا واقع ٿئي ٿي پر آها واقع نہ بہ ٿي ٿي سگهي.

اِئين سماجن جي تاريخ ۾ رڪارڊ ٿيل انقلابن جي هو انئين چئي سمجهائي ڏين ٿا ته "آهي حادثا آهن."

مثال طور، هو اسان جي ملڪ [فرانس] جي تاريخ جي حوالي سان بادشاهه لوئي سورهين (Louis xvi: 1423-83) ۽ فرينچ انقلاب بابت چون ٿا ته فرينچ انقلاب انهيءَ ڪري عمل ۾ آيو، جو لوئي سورهون هڪ نرم ۽ ڪمزور ماڻهو هو؛ "جيڪڏهن هو جبرو ۽ طاقتور ماڻهو هجي ها، ته اسان کي هيءُ انقلاب ڏسڻو ڪونہ پوي ها." انئين بہ هِن سلسلي ۾ هو بڌائڻ جي تڪليف وٺن ٿا تہ جيڪڏهن هو، يعني لوئي سورهون، وارينز شهر ۾ پنهنجي ماڻيءَ ڪاڻ تي گهڻو وقت نہ لائي ها، تہ هو گرفتار نہ ٿي سگهي ها ۽ تاريخ جو رخ ئي ڦري وڃي ها! انهيءَ ڪري هو چون ٿا، "فرينچ انقلاب هڪ حادثو ئي آهي"!

جدليات، اِن جي ابتڙ، انقلابن کي تاريخ جون ضرورتون تسليم ڪري ٿي. واقعي تبديليون سانده بہ ٿينديون رهن ٿيون، پر انئين ٿيندي ٿيندي، آهي گڏجي نيٺ تيز، اوچتيون ۽ وڏيون تبديليون بہ آڻين ٿيون.

(۳) سائنسي دليل

پاڻيءَ جو مثال وٺو. حرارت جي ھڙي درجي کان شروع ڪريو، ۽ اُن جو درجو وڌائيندا هلو — هڪ درجو، ٻہ درجا، ٽي درجا، ۽ انئين ۹۸ درجن تائين پاڻيءَ ۾ اِها آهستگيءَ سان تبديل سانده واقع ٿيندي رهي ٿي؛ پر ڇا، اڏين سڏائين ٿيندو

www.sindhsalamat.com

رهندو؟ اسين ٩٩ درجن تائين اڳتي وڌون ٿا، پر ١٠٠ درجن تائين پهچڻ سان اسين ڇا ٿا ڏسون؟ هڪ تيز ۽ اوچتي وڏي تبديلي — پاڻي ٺهڪڻ لڳي ٿو ۽ ڦري ٻاڦ جي صورت وٺي ٿو! هاڻي وري پوئتي هٽندي، پاڻيءَ کي ٺاريون ٿا ۽ آڻي هڪ درجي جي حرارت تي اُن کي پهچايون ٿا، ۽ ائين ڪندي به آهستگيءَ سان سانده تبديل تبديل جو مشاهدو ڪنداسين، پر ائين به اسين سدائين ڪين ڪري سگهنداسين، ڇو ته ٻڙي درجي تي پاڻي هڪدم ڦري برف ٿي پوندو!

هڪ درجي کان ٩٩ درجن تائين پاڻي پوءِ به پاڻي رهي ٿو، اُن جي فقط حرارت بدلجي ٿي، اِن کي **مقداري** تبديل چئجي ٿو، جنهن ۾ ”گهڻائيءَ“ جي ڳالهه هوندي آهي، ۽ جيڪا ”ڪيترو؟ (گهڻو؟)“ سوال جو جواب آهي. يعني ”پاڻيءَ ۾ ڪيتري (گهڻي) گرمي آهي؟“ جڏهن پاڻي بدلجي، برف يا ٻاڦ ٿئي ٿو، تڏهن اُن ۾ اسين هڪ **وصفي** تبديل ڏسون ٿا [جنهن کي اسين ”معياري“ تبديل به چئي سگهون ٿا]، جنهن ۾ ”وصف“ جي، ”گڻ“ جي، ”خاصيت“ جي ڳالهه آهي. آهو پاڻي نٿو رهي، آهو ڦري برف يا ٻاڦ ٿي پيو آهي.

جڏهن ڪا شيءِ فطرت ۾، سڀاءَ ۾، نٿي بدلجي، تڏهن اسين اُن ۾ هڪ مقداري (گهڻائيءَ-ٿورائيءَ واري، واڌيءَ-گهٽائيءَ واري) تبديل ڏسون ٿا (پاڻيءَ جي مثال ۾ اسان گرميءَ جي درجي ۾ تبديل ڏٺي ۽ نه اُن جي سڀاءَ ۾). جڏهن آها سڀاءَ ۾، فطرت ۾، بدلجي ٿي، جڏهن ڪا شيءِ هڪ ٻي شيءِ ٿي پوي ٿي، ته آها اُن جي تبديل وصفي تبديل هوندي آهي.

انهيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته شين جي اِرتقا، مقداري لحاظ کان، لامحدود يا بي انداز نٿي ٿي سگهي؛ آخر ۾ تبديل ٿيندڙ شين ۾ وصفي تبديل به واقع ٿئي ٿي. مقدارُ وصف يا خاصيت ۾ بدلجي وڃي ٿو، گهڻائي گڻ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اِهو هڪ عام قاعدو آهي، پر، هميشه جيئن، رکو هِن قاعدي کي به ڪنهن نُسخي يا منتر وانگر چنبڙي پوڻ نه کپي.

www.sindhsalamat.com

اوهان کي اينگلس جي ڪتاب ”اينٽي ڊهرنگ“ جي باب بعنوان ”جدليات، مقدار ۽ معيار“ ۾ ڪيترا ئي مثال ملندا، جن مان اوهين ڏسي سگهندا ته هر شيءِ ۾، جيئن فطرتي سائنس ۾، انهيءَ قاعدي جي صحت يا کرائي ثابت ٿئي ٿي ته

”مقداري تبديل اوچتو، ڪنهن نقطي تي پهچي ڪان پوءِ، شيءِ ۾ وصفي فرق آڻي ڇڏي ٿي.“

هيءَ هڪڙو نئون مثال آهي، جيڪو فرينچ اينسائڪلوپيڊيا جي اٺين جلد ۾ ايچ والين (H. Wallon) آندو آهي (جتي هُن پڙهندڙ جو ڌيان اينگلس ڏانهن به ڇڪايو آهي): ٻار ۾ اعصابي توانائي وڌندي وڌندي، هن کي ڪلڪ تي آڻيندي آزمائي ٿي، پر آها جيڪڏهن سانده وڌندي هلندي، ته ٻار جي کيل بدلجي ڪوڙهن جي صورت وٺندي ڏسبي: انهيءَ طرح جڏهن ٻار لهر ۾ ايندا آهن ۽ کهلو کلندا آهن ته پڇاڙيءَ ۾ روئي ويهندا آهن.

اسين هاڻي هڪڙو آخري مثال ڏينداسين، جنهن جي هرڪنهن کي پوري خبر به آهي — اهڙي هڪڙي ماڻهوءَ جيئي، جيڪو پارليامينٽ جو اميدوار آهي. جيڪڏهن ۵۰۰۰ ووٽ هن جي اڪثريت لاءِ ضروري آهن، ته هو ۴۹۹۹ ووٽن سان به کٽي نه سگهندو، ۽ آهو ئي اميدوار رهندو. هڪ ووٽ جي واڌ سان مقداري تبديل ڦري معياري تبديل ٿيو وڃي، ڇاڪاڻ ته جيڪو اڳ اميدوار هو، سو پوءِ پارليامينٽ جو ميمبر بڻجيو وڃي!

هن قاعدي مان اسان کي مذڪور مسئلي، يعني ”اصلاح يا انقلاب“ جي مسئلي، جو حل ملي ٿو.

اصلاحي اسان کي چون ٿا ته ”اوهان کي ته ناممڪن ڳالهيون ڪپن ٿيون، جيڪي ته فقط اتفاق سان واقع ٿينديون آهن: اوهين ’يوٽوپيائي‘ (خيالي بهشت جا ڳولائو) آهيو“. پر اسين هن قاعدي مان صاف طرح ڏسون ٿا ته نا ممڪن شين جا خواب لهندڙ ڪير آهن! فطرت جي مناظرن ۽ سائنس جو مطالعو اسان کي ٻڌائي ٿو ته تبديليون بي انداز، اڪٽ، سانده واقع ڪونه

ٿيون ٿين، پر هڪ منزل تي، هڪ نقطي تي، تبديل اچانڪ، ڌماڪي سان، اچي پر گهٽ ٿئي ٿي.

هاڻي سوال پيدا ٿيو ته هنن اوچتين تبديلين ۾ اسين ڪهڙو ڪردار ادا ڪريون ٿا؟

ان سوال جو جواب اسين ڏيڻ چاهيون ٿا ۽ تاريخ سان جدليات کي لاڳو ڪري اسين هن مسئلي جو وڌيڪ مطالعو ڪنداسين. ائين اسين هاڻي جدلياتي ماديت جي هڪ عام پڌل سنئل حصي تائين اچي پهتا آهيون، جنهن کي ”تاريخي ماديت“ ٿو چئجي.

۲. تاريخي ماديت

تاريخي ماديت ڇا آهي؟ جيئن ته اوهين هاڻي ڄاڻو ٿا ته جدليات ڇا آهي، تاريخي ماديت بابت فوراً اوهان کي هي سمجهڻ گهرجي ته اها مطالعي جو هڪ دستور آهي، جنهن ۾ سماجن جي تاريخ سان جدلياتي طريقي کي لاڳو ڪيو وڃي ٿو. ان کي بهتر طور تي سمجهڻ لاءِ اسان کي اول هن ڳالهه ۾ صاف هجڻ گهرجي ته ”تاريخ ڇا آهي؟“ تاريخ جي معنيٰ آهي تبديلي، سماج ۾ تبديلي. سماج کي هڪ تاريخ آهي، ۽ اها سانڌهه بدلبي رهي ٿي: اسين ان ۾ وڏا واقعا عمل ۾ ايندي ڏسون ٿا. ۽ ائين مسئلو هڪ صورت وٺي اسان جي آڏو اچي بيهي ٿو: جيئن ته تاريخ ۾، سماج بدلجن ٿا، اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن سان اهي تبديليون اسين سمجهي سگهون ٿا — يا، ڪهڙي اها ڳالهه آهي، جا انهن تبديلين لاءِ ذميوار آهي، يا انهن جو سبب آهي؟

(۱) تاريخ کي اسين ڪيئن سمجهون؟

ائين اسين عجب کائون ٿا ته ”جنگيون وري وري ڇو ٿيون لڳن؟ ماڻهن کي ته امن ۽ سلامتيءَ ۾ رهڻ کپي!“

www.sindhsalamat.com

اهڙن سوالن جا هتي اسين مادّي جواب ڏيڻ چاهيون ٿا. جنگ، جيئن هڪ وڏو پادري، بشپ يا ڪارڊينل سمجهائي ٿو، خدائي سزا آهي: اهو اوهان لاءِ تصورين جو جواب آهي، چاڪاڻ ته اهو واقعن جي سمجهاڻي خدا جي حوالي سان ڏئي ٿو: ان جي معنيٰ هيءَ آهي ته تاريخ جي سمجهاڻي ذهن (Mind) آهي يعني تاريخ لاءِ ذميوار يا تاريخ جو سبب ذهن آهي. ان جواب مطابق ذهن آهي، جو تاريخ اپائي ٿو ۽ ناهي ٿو.

قدرت يا قضا جي ڳالهه ڪرڻ به تصوري جواب آهي. هٽلر (Hitler) پنهنجي ڪتاب ”مين ڪئمف“ (‘ Mein Kamph”) ۾ اسان کي ٻڌايو ته ’تاريخ قدرت جو عمل آهي، ۽ هو قدرت جو ٺورائتو هو، جو اُن هن جو جنم آستان آسٽريا جي سرحد تي واقع ڪيو هو!‘

خدا کي يا قدرت کي تاريخ لاءِ ذميوار بنائڻ هڪ سهل نظريو آهي: ماڻهو ڪجهه به نٿا ڪري سگهن ، ۽ ، نتيجي طور، اسين جنگ جي خلاف ڪجهه به نٿا ڪري سگهون: اُن کي ڇڏيو ته پلي ٿئي.

ڇا، سائنسي (علمي) نقطي نگاهه کان، اسين اها ڳالهه قبولي سگهون ٿا؟ ڇا، حقيقتن جي صورت ۾، اسان کي اهڙين وسهڻ لاءِ ڪو جواز يا سبب ملي ٿو؟ نه.

بهرحال پهرين مادّي ڳالهه ، جيڪا هن بحث ۾ چٽي سگهجي ٿي سا هيءَ آهي ته تاريخ خدا جي ذميداري ، خدا جو ڪم، نه آهي، پر ماڻهن جي ذميداري، **ماڻهن جو ڪم**، آهي. انهيءَ طرح، ماڻهو تاريخ تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا ۽ هو جنگ روڪي سگهن ٿا.

(٢) تاريخ ماڻهن جو ڪم آهي

”ماڻهو پنهنجي تاريخ پاڻ بنائين ٿا: اُن جو ڇا به نتيجو نڪري، پر اُن ۾ هر ماڻهو پنهنجي هڪ شعوري مقصد جي

www.sindhsalamat.com

پوڙواري ڪري ٿو، ۽ مختلف رخن ڏانهن ڇڪيندڙ ڪيترن ئي اهڙن سيني ارادن جا جيڪي نتيجا نڪرن ٿا ۽ ٻاهرين ۽ دنيا تي انهن جا بي‌انداز ۽ قسمين قسمين جيڪي اثر مرتب ٿين ٿا، اُها ئي تاريخ آهي. اهڙيءَ طرح، اهو به هڪ سوال آهي ته هي ڪثير تعداد جا فرد ڇا ٿا چاهين؟ ارادو منحصر آهي جذبي جي ڇڪ تي ۽ سوچ ويچار تي. پر آهي 'ڪتاڻون يا ٻيرم' جيڪي جذبي جي ڇڪ ۽ سوچ ويچار کي فوري صورت ڏين ٿا، آهي الڳ الڳ قسم جا ٿين ٿا. وڌيڪ سوال اُٿي ٿو .... ته اهي ڪهڙا تاريخي اسباب' يا ڪارڻ آهن جيڪي بدلجي، تاريخ جي ويس ڏاري يا عامل فردن جي مغزن ۾ ارادن ۽ نيتن جي صورت وٺن ٿا؟" (اينگلس، "فيورباخ.")

ته اينگلس جي تحرير جو هيءُ اقتباس اسان کي ٻڌائي ٿو ته ماڻهو پنهنجي ارادي مطابق عمل ڪن ٿا، پر هي سندن ارادا سدائين هڪ ئي طرف ڏانهن اڪيتي ڪونه ٿا وڃن. تڏهن ڪهڙي آها شيءِ آهي، جيڪا اهو فيصلو ٿي ڪري، ڪهڙي آها ڳالهه آهي جيڪا ماڻهن جي عمان کي مرتب ڪري ٿي؟ هنن جا ارادا يا مرضيون جدا جدا ڇو آهن؟

ڪي تصوريت جا حامي اهو مڃيندا ته ماڻهن جا عمل آهن، جيڪي تاريخ ڻاهين ٿا ۽ اهي سندن عمل سندن ارادي جا نتيجا آهن؛ ۽ ارادو ئي آهي جيڪو عمل جو فيصلو ڪري ٿو، ۽ اسان جا خيال ۽ احساس وري اسان جو ارادو مرتب ڪن ٿا. پوءِ اسان جي آڏو هيٺيون سلسلو نهي بيهي ٿو: خيال (يا تصور) ← ارادو ← عمل، ۽ عمل کي سمجهڻ لاءِ، يعني خيال' يا تصور'، جيڪو فيصلي ڪندڙ سبب آهي اُن کي ڳولڻ لاءِ، وري اِن سلسلي کي ڦيرائي ابتو ڪنداسين.

هائي، اسين فوراً اِها ڳالهه تسليم ٿا ڪريون ته عظيم شخصن جي ۽ پڻ اصولن يا نظرين جي عمل کان هرگز انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر اِها حقيقت وضاحت يعني وڌيڪ سمجهائي

گهري ٿي. ۽ اَن جي گهربل اَها سمجهائي هرگز اِها ڪانهي ته رڳو سلسلي کي ابتو ڪري اڳو آڻي رکجي، جيئن عمل←ارادو ← خيال! اِنهيءَ ٿي قسم جي 'وضاحت' جو اثر آهي، جو اٺين چيو وڃي ٿو ته ارڙهين صديءَ ۾ ڊڊرٽ ۽ ٻين انسائڪلوپيڊيا جي عالمن 'ماڻهوءَ جي حقن' جي نظريي جي اشاعت ڪئي ۽ اَنهن پنهنجن خيالن سان ماڻهن کي جاڳايو ۽ انهن جي ارادي کي هٿ وس ڪيو، جن، نتيجي طور، فرينچ انقلاب عمل ۾ آندو: ساڳيءَ طرح سوويت يونين ۾ لينن جا خيال پکڙيا ۽ ماڻهن اَنهن خيالن مطابق عمل ڪيو. ۽ اٺين چئي، اِهو نتيجو ڪڍي ٻڌايو وڃي ٿو ته جيڪڏهن انقلابي خيال نه هوندا، ته انقلاب عمل ۾ ڪونه ايندو. اِهو ئي نقطي نظر آهي، جنهن تحت اٺين چيو وڃي ٿو ته تاريخ جون محرڪ قوتون عظيم اڳواڻن جا خيال آهن: آهي اڳواڻ ئي آهن جيڪي تاريخ ٺاهين ٿا. اوهان کي "فرانس جي اسم اعظم" واري نعري جي ته ڄاڻ آهي — جيڪو فرينچ انقلاب وقت بادشاهي ڏر طرفان سڄي فرانس ۾ هنيو ۽ هٿايو ويندو هو — ته "فرانس ڪنهن ٺاهيو؟ چاليهن بادشاهن!" اَن نعري ۾ جوابي چِٽيي اسين اڄ به لڳائي سگهون ٿا — "برابر، ۴۰ بادشاهن، جن کي ۴۰ خيال به ڪونه هُما!"

هن سوال تي ماڏي نقطي نگاهه ڇا آهي؟

اسين ڏسي آيا آهيون ته ارڙهين صديءَ جي ۽ اڄ جي ماديت جي وچ ۾ ڪيئي نقطا مشترڪ آهن، پر قديم ماديت جو به تاريخ بابت نظريو تصوري هو.

"پراڻي ماديت"، اينگلس چوي ٿو، "هر شيءِ جو فيصلو عمل جي ارادن يا 'نيتن' تي ڪيو ٿي، اَن ماڻهن کي سندن تاريخي ڪارڪردگيءَ جي سلسلي ۾ شريفن ۽ بدمعاشن جي دفعن ۾ ورهايو ٿي ۽ پوءِ چيو ٿي ته شريف سدائين ٺڳيا ۽ قربا هئا ۽ بدمعاش سدئين ڪامياب ٿيا ٿي. ۽ اٺين پراڻيءَ

www.sindhsalamat.com

ماديت، تاريخ جي مطالعي ۾ ڪاٻه روح کي گرمائيندڙ ڳالهه ڪانه ٿي ڏٺي. اسين پنهنجي لاءِ پرائيءَ ماديت جي انهيءَ نقطي نگاهه ۾ فقط هيءَ ڳالهه ٿي ڏسي ٿا سگهون ته ان ۾ اَن پاڻ سان ئي دوکو ٿي ڪيو، ڇو ته اَن تصوري محرڪات کي ئي تاريخ جي تبديلين جا آخري سبب ٿي سمجهيو، حالانڪ سندس پنهنجن بنيادي اصولن جي به تقاضا هيءَ هئي ته خود انهن سببن جي محرڪات جي تحقيق ڪئي وڃي ها.“ (”فيور باخ“.)

اهڙيءَ طرح، تصوريت جو نظريو، پوءِ اهو پنهنجي پڌري روپ ۾ يا اڻ-ڇپيءَ ۽ بي جوڙ ماديت جي ويس ۾ هجي، جنهن جي ڪجهه جهلڪ مٿي ڏنيسين، ۽ جيڪو اسان کي تاريخ جي سمجهاڻي ڏيڻ جي دعوا ڪري ٿو، دراصل گهٽي کا ڳالهه سمجهائي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته عمل جا محرڪ ڇا آهن؟ ان لاءِ چوڻ ته ارادو ۽ خيال عمل جا محرڪ آهن — اهو جواب نه پورو آهي ۽ نه صاف.

پر ارڙهين صديءَ جا فيلسوف بالڪل انهيءَ ئي جواب تي ماٺ ڪري ڇو ويٺا؟ دراصل، جيڪڏهن اَن دؤر ۾ هو ’مارڪسزم‘ جي اصطلاح ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ها، ته ڪوبه اَن تي ڪن نه ڏئي ها. ڇاڪاڻ ته اَن زماني جا ماڻهو اهو جواب سمجهي ئي نه سگهن ها. ماڻهو ڪي خيال بيهي پيش ڪري، اِها پنهنجي سِر ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي ۽ نه ڪنهن شمار ۾ اچي ٿي، اَن لاءِ ضروري آهي ته اهي خيال سمجهي به سگهجن ۽ سمجهيا به وڃن: انهيءَ طرح، خيالن جي قبول ڪرڻ ۽ پڻ خيالن جي مرتب ڪرڻ جا به خاص دور هوندا آهن.

اسان هميشه ائين پئي چيو آهي ته خيالن کي وڏي اهميت آهي، پر اسان لاءِ اِهو ڏسڻ ضروري آهي ته اهي ڪٿان نڪتا آهن.

www.sindhsalamat.com

اِنهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته اهو ڄاڻڻچيون، اِها تحقيق ڪريون، ته آهي ڪهڙا سبب آهن، ڪهڙا عوامل آهن، جيڪي خيال پيدا ڪن ٿا — مطلب ته ڳالهه، جي تهه ۾ وڃي ڪري ڏسون ته **تاريخ جا محرڪات** ڪهڙا آهن، تاريخ کي ڇوريندڙ، اڳتي نيندڙ، قوتون ڪهڙيون آهن.

---

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو پنجون

تاريخي ماديت

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

باب پهريون

تاريخ جون محرڪ (چوريندڙ، اڳتي نيندڙ) قوتون

١. هڪ غلطي جنهن ڪان بچڻ گهرجي.
٢. "سماجي وجود" ۽ شعور.
٣. تصوري نظريا.
٤. "سماجي وجود" ۽ جيئاپي جون حالتون.
٥. طبقاتي جدوجهد، جيڪا تاريخ جي محرڪ (چوريندڙ، اڳتي نيندڙ) قوت آهي.

جيئن ئي اهو سوال پڇجي ٿو ته "اسان جا خيال ڪٿان ٿا اچن؟" ته اٿين سمجهجي ٿو ته اسان کي پنهنجي پڇاڳاڇا ۽ تحقيق ۾ ڪافي ڪجهه اڳتي وڃڻو پوندو. جيڪڏهن اسين ١٨ صديءَ جي مادّي فيلسوفن وانگر ٿي ويچاريندا سين، جن سمجهيو ٿي ته "مغز مان خيال" ائين ٿي رِسي نڪري ٿو جيئن جيري مان پِت، ته اسان کي ان سوال جو جواب هيئن ڏيڻو پوندو ته فطرت ذهنُ پيدا ڪري ٿي ۽، انهيءَ ڪري، اسان جا خيال فطرت جي پيداوار آهن، ۽ آهي مغز مان آپجن ٿا. ۽ پوءِ اسان کي ائين چوڻو پوندو ته تاريخ ماڻهن جي عمل مان جُڙي ٿي، جن کي سندن ارادا آثارين ٿا جيڪي سندن خيالن جا اظهار آهن، جيڪي سندن مغز مان نڪرن ٿا. پر اها ڳالهه اهڙي آسان نه آهي ــــ اها وڌو ڏيان لهڻي ٿي.

www.sindhsalamat.com

١. هڪ غلطي جنهن کان بچڻ گهرجي

جيڪڏهن اسين عظيم [فرينچ] انقلاب جي ائين سمجهاڻي ڏيون ته آهو فيلسوفن جي مغزن ۾ چاول ’خيالن‘ جي تعميل جو نتيجو هو، ته اها هڪ محدود ۽ ناڪافي سمجهاڻي ۽ ماديت جي هڪ بيمار تشريح ٿيندي. چاڪاڻ ته جيڪا ڳالهه اسان جي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي سا هيءَ آهي ته اهي خيال جيڪي آن دور جي مفڪرن جاري ڪيا، سي عوام ڇو قبوليا ۽ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيا. ائين ڇو هو، جو اهي خيال رکو هڪڙي ٻڍرٽ جا نه هئا، ۽ ڪهڙو سبب هو، جو سورهين صديءَ کان وٺي، اڪثر دماغن ۾ اهي ساڳيا خيال ايندا ٿي رهيا؟

چا، ائين هو ڪيئن، جو مٿن ۾ سڀ مغز يا ميچالا ساڳيءَ تور جا ۽ ساڳين ورن وڪڙن جا هئا؟ نه. خيالن ۾ تبديليون واقعي اچن ٿيون، پر آهي کوپريءَ ۾ واقع ٿيندڙ تبديلين جي آپت يا پيداوار نه آهن.

هيءَ مغز جي لاڳاپي سان خيالن جي سمجهاڻي ظاهر ۾ هڪ مادّي سمجهاڻي لڳي ٿي. پر ٻڍرٽ جي مغز جي ڳالهه ڪرڻ، حقيقت ۾ ٻڍرٽ جي مغز مان نڪرندڙ خيالن جي ڳالهه ڪرڻ آهي؛ انهيءَ ڪري اها هڪ منجهيل ۽ بيجا مادّي نظر آهي جنهن ۾ اسين، خيالن جي نسبت سان، تصوري رخ کي وري اپڙندي ۽ اپرندي ڏسون ٿا.

اچو ته ’سلسلي‘ جي ڳالهه کي وري سامهون رکون:
تاريخ — عمل — ارادو — خيال. خيالن ۾ هڪ معنيٰ آهي، هڪ ڳالهه آهي: مثال طور، هيءَ خيال وٺو: پورهيت طبقو سرمايه داريءَ کي ڊاهڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو — جدوجهد ڪندي، پورهيت ائين سوچين ٿا. هو سوچين ٿا چاڪاڻ ته هنن کي مغز آهي، اها ڳالهه صحيح آهي، ۽ انهيءَ ڪري سوچڻ لاءِ مغز هڪ لازمي لازمي شرط برابر آهي، پر ڪافي شرط نه آهي. مغز ته رکو

www.sindhsalamat.com

اِنهيءَ سڌيءَ حقيقت جي سمجهاڻي ڏئي ٿو "ته خيال اچن ٿا، پر اِنهيءَ ڳالهه، جي سمجهاڻي نه ٿو ڏئي ته ڇو خاص هيءُ ۽ هيءُ خيال، ۽ ٻيا ڪي خيال ڇو نه.

"هر شيءِ جيڪا ماڻهن کي متحرڪ ڪري ٿي، سا سندن ذهنن ۾ ضرور اچي ٿي؛ پر ڪهڙي روپ ۾ آها ذهن ۾ اچي ٿي، اُن جو دارومدار تمام گهڻيءَ حد تائين حالتن تي هوندو آهي." (اينگلس، "فيورباخ".)

اِنهيءَ ڪري اسين پنهنجن خيالن جي معنيٰ جيئن، اُنهن جي اندر جا ڳالهه، يا جو مالُ يا مواد آهي، اُن جيي ڪهڙي سمجهاڻي ڏيون، يعني انهيءَ لاءِ اسين ڇا چئون ته اسان جي ذهن ۾ سرمايه داريءَ کي ڊاهڻ جو خيال ڪيئن آيو يا ڪيئن ٿو اچي؟

٣. "سماجي وجود" ۽ شعور

اسين چئون ٿا ته تصورَ يا خيالَ شين جا عڪس آهن؛ اسان جي خيالن مان جيڪي مطلب يا ارادا ليئا پائين ٿا، آهي به شين جا عڪس هوندا آهن — پر ڪهڙين شين جا؟

هن سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ اِهو ڏسڻ ضروري آهي ته ماڻهو ڪٿي ٿا رهن ۽ ڪٿي سندن خيال پاڻ کي ظاهر ٿا ڪن. اسين ڏسون ٿا ته ماڻهو هڪ سرمايه داري سماج ۾ رهن ٿا ۽ سندن خيال اُن ئي سماج ۾ پاڻ کي ظاهر ڪن ٿا ۽ اُتان ئي وٺن اچن ٿا.

"ماڻهن جو شعور اُنهن جي وجود [جي صورت] جو فيصلو ڪونه ٿو ڪري، پر، اُن جي ابتڙ، اُنهن جو سماجي وجود اُنهن جي شعور جو فيصلو ڪري ٿو." (ڪارل مارڪس، "پوليٽيڪل ايڪانامي" جي پيش لفظ مان.)

هن صف ۾، جنهن شيءِ کي مارڪس "اُنهن جو وجود" چوي ٿو، سو ماڻهو پاڻ آهن، يعني جو ڪجهه اسين آهيون؛

www.sindhsalamat.com

شعور آهو آهي، جيڪي اسين سوچيون ٿا، جو ڪجهه اسين چاهيون ٿا.

عام طرح چيو ويندو آهي ته ’اسين هڪ آدرش لاءِ جدوجهد ڪريون ٿا، انهيءَ ڪري ته آهو اسان جي ذهن ۾ پختو بيٺل آهي، جنهن مان ثابت آهي ته اسان جو شعور اسان جي وجود جو فيصلو ڪري ٿو: اسين جنهن طرح سوچيون ٿا انهيءَ طرح عمل ڪريون ٿا، اسان جون چاهنائون آن پاسي هونديون آهن.‘

پر ڳالهه کي انهيءَ طرح پيش ڪرڻ اسان جي وڏي غلطي آهي، ڇاڪاڻ ته سچي پچي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جو سماجي وجود ئي اسان جي شعور جو فيصلو ڪري ٿو.

هڪ پورهيت ”وجود“ پورهيتاڻي رستي سوچي ٿو، ۽ هڪ سرمايه دار ”وجود“ سرمايه داري رستي سان سوچي ٿو (اسين اڳتي هلي، ڏسنداسين ته اڻين هميشه ڇو نه آهي). بهرحال، عمومي طور ائين ئي ڇٽي سگهجي ٿو ته:

”ماڻهو محلات ۾ الڳ ۽ جهوپڙيءَ ۾ الڳ سوچي ٿو.“ (اينگلس، ”فيورباخ“.)

۳. تصوري نظريا

تصوري مفڪرن جو چوڻ آهي ته هڪ پورهيت ۽ هڪ سرمايه دار جيئن آهن تيئن انهيءَ ڪري آهن، جو اُنهن مان هڪڙو هڪڙيءَ طرح سوچي ٿو ۽ ٻيو ٻيءَ طرح.

ان جي ابتڙ، اسين چئون ٿا ته آهي پورهيت وانگر يا سرمايه دار وانگر انهيءَ ڪري ٿا سوچين، جو اُنهن مان هڪڙو هڪڙو آهي ۽ ٻيو ٻيو. پورهيت جو شعور پورهيت جي طرز جو انهيءَ ڪري آهي، جو هو هڪ پورهيت آهي.

اسان کي جا ڳالهه پوريءَ طرح ذهن ۾ ويهارڻ کپي سا هيءَ آهي ته تصوري نظريو عملي نتيجي کي اول ئي فرض ڪري

www.sindhsalamat.com

ٿو وٺي. هو چون ٿا ته جيڪڏهن ڪو سرمايه دار آهي ته آهو انهيءَ ڪري، جو هو سرمايه دار وانگر سوچي ٿو. انهيءَ ڪري، اڪيتي هو 'سرمايه دار' نه رهي، ان لاءِ اهو ڪافي آهي ته هُن جي انهيءَ سوچ جي طرز کي بدلايو وڃي، ۽ انهيءَ طرح سرمايه داري ڦرلٽ جي خاتمي لاءِ اهو ڪافي آهي ته 'مالڪن' کي رڳو ڳالهه جي سمجهاڻي ڏجي، 'راهه تي آڻي' ڇڏجي، هڪ ڀرپور مهم هلائي وڃي. اهو هڪ نظريو آهي، جنهن جي مسيحي سوشلسٽ [مذهبي سوشلسٽ] حمايت ڪن ٿا، جيڪي خيالي (يا يوٽوپائي) سوشلزم جا باني هئا، اُنهن جو نظريو به اهو هو.

پر اهو نظريو فسطائين جو به آهي، جيڪي سرمايه داريءَ جي خلاف "جهاد" ڪن ٿا — اُن کي ختم ڪرڻ لاءِ نه، پر اُن کي وڌيڪ "معقول" بنائڻ لاءِ. هنن جي دعوا آهي ته جڏهن "مالڪ" اهو محسوس ڪندا ته هو مزدورن تي ڏاڍ ڪري رهيا آهن، اُنهن جو استحصال ڪري رهيا آهن، ته پوءِ وڌيڪ هو ائين ڪونه ڪندا. حقيقت ۾ اهو پوريءَ طور هڪ تصوري نظريو آهي، جنهن جا خطرناڪ نتيجا ظاهر آهن.

٤. "سماجي وجود" ۽ جيئاپي جون حالتون

مارڪس اسان سان "سماجي وجود" جي ڳالهه ڪري ٿو. اِن مان هُن جو ڇا مطلب آهي؟

"سماجي وجود" جو دارومدار مادي وجود جي حالتن تي رهي ٿو، جن تحت ماڻهو سماجي نظام ۾ رهن ٿا.

وجود جي مادي حالتن جو مدار ماڻهن جي شعور تي نه پر سندن شعور جو مدار سندن مادي حالتن تي آهي.

وجود جي مادي حالتن مان اسان جو مطلب ڇا آهي؟ سماج ۾ شاهوڪار ۽ غريب ٻنهي قسمن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ هنن جي سوچ جو طريقو الڳ الڳ آهي، هنن جا خيال هڪ ۽ ساڳئي

www.sindhsalamat.com

موضوع تي به الڳ الڳ آهن. ريل گاڏيءَ جي سواري هڪ غريب ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو بيروزگار آهي، عيش جي ڳالهه آهي، پر هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ جنهن کي پنهنجي موٽر ڪار به آهي، آها هڪ تڪليف واري ڳالهه آهي.

ريل گاڏيءَ بابت غريب ماڻهوءَ جا اهي خيال انهيءَ ڪري آهن، جو هو غريب آهي يا اِنهيءَ ڪري آهن، جو هو ريل گاڏيءَ ۾ سوار آهي؟ ظاهر آهي ته هن جا اهي خيال اِنهيءَ ڪري آهن، جو هو غريب آهي. غريب هجڻ هن جي وجود جي (جيئاپي جي) حالت آهي.

اِن ڪان پوءِ جيڪڏهن اسان کي ماڻهن جي وجودي حالتن کي سمجهڻو آهي ته اِنهيءَ ڳالهه جي تحقيق به لازم آهي ته ڇو ڪي ماڻهو شاهوڪار ۽ ڪي غريب آهن.

ماڻهن جو هڪ گروهه، جن جي وجود جون مادي حالتون ساڳيون آهن، سي هڪ درجي يا 'طبقي' جي سنگ ۾ گڏجن ٿا ۽ آهي آئين سڃاڻجن ٿا: پر هيءَ طبقي جي سڃاڻپ يا خصوصيت دولت جي يا غريبيءَ جي ڳالهه تائين هرگز محدود ڪانهي. هڪ پورهيت، هڪ سرمايه دار يا سرمايه دوست کان وڌيڪ پئسا ڪمائي سگهي ٿو. پر هو پوءِ به پورهيت ئي آهي، ڇاڪاڻ ته هو ڪنهن 'مالڪ' تي، ڪنهن 'روزگار ڏيندڙ' تي، آڌاري آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته هن جو روزگار نه محفوظ آهي، نه خود اختيار. وجود جون مادي حالتون رڳو پيسي جي ڪمائيءَ يا حاصلات تائين محدود نه آهن: اُن ۾ ماڻهوءَ جي سماجي ڪارج جي ڳالهه قطعي ۽ فيصلهڪن هجي ٿي: ۽ انهيءَ ڪري ڳالهه جو هينيون سلسلو مرتب ٿئي ٿو: ماڻهو پنهنجي تاريخ ناهين ٿا، پنهنجي عمل سان، پنهنجي ارادي پٽاندر، جيڪو سندن خيالن جو مظهر هوندو آهي، جيڪي سندن مادّي وجود جي حالتن مان اپجن ٿا، يعني ڪنهن طبقي سان سندن شموليت جي حقيقت مان.

www.sindhsalamat.com

٥. طبقاتي جدوجهد، تاريخ جي محرڪ (چورينڌڙ، اڳتي نيندڙ) قوت

ماڻهو عمل ڪن ٿا، چاڪاڻ ته سندن ڪي خيال آهن. آهي اُنهن جا خيال سندن مادّي وجود جي حالتن مان اڀرن ٿا ۽ اُنهن سان ٺهڪندڙ آهن، چاڪاڻ جو هو هڪ نه ٻئي طبقي ۾ ضرور شامل آهن. ان جي معنيٰ اها ڪانهي ته سماج ۾ طبقا فقط ٻه آهن: طبقن جو ڪافي تعداد آهي، جن مان مکيه اهي ٻه آهن ـــ سرمايه دار/سرمايه دوست ۽ پورهيت، جيڪي هڪٻئي جي مقابل بيٺل آهن.

انهيءَ ڪري، خيالن جي دائرن ۾، طبقن جي وابستگي معلوم ڪري سگهجي ٿي.

سماج طبقن ۾ ورهايل آهي، جيڪي باهمي جدوجهد ۾، ڪشمڪش ۾، رُڌل آهن. انهيءَ ڪري، جيڪڏهن سماج ۾ ماڻهن جي خيالن جي تورتڪ ٿي ڪجي ته ڏسجي ٿو ته ماڻهن جا خيال پاڻ ۾ ٽڪرجندا ٿا رهن، ۽ انهن خيالن جي پٺيان اسين وري به آهي طبقا موجود ڏسون ٿا، جيڪي خود ٽڪراءُ ۾ آهن. انهيءَ ڪري، تاريخ جي محرڪ (چورينڌڙ ۽ اڳتي نيندڙ) قوت، ٻين لفظن ۾ جيڪا حقيقت يا ڳالهه تاريخ جو منطق سمجهائي ٿي، اها طبقاتي ٽڪراءُ جي، طبقاتي ڪشمڪش ۽ جدوجهد جي ئي ڳالهه آهي.

مثال طور، اسين بجيٽ جي دائمي کوٽ جي مسئلي کي ٿا ڪڻون. ڇا ٿا ڏسون؟ ڏسون ٿا ته اُن جا ٻه حل آهن: هڪ آهو، جيڪو روايتي اقتصاديات جو حل آهي، يعني خرچ ۾ تخفيف، قرض، نوان محصول، وغيره؛ ۽ ٻيو آهو جنهن ۾ کوٽ جي پورائيءَ جو بار شاهوڪارن تي وڌو وڃي.

اسين هنن خيالن جي ڇوڏاري، هڪ سياسي ڪشمڪش چالو ڏسون ٿا، ۽ اڪثر افسوس جو اظهار ڪيو ٿو وڃي، ته

هين ڳالهه ۾ اتفاق راءِ يا سهمتي نٿي ٿيي سگهي! پر هڪ مارڪس وادي سمجهڻ چاهي ٿو ۽ کوجنا ڪري ڏسي ٿو ته آن سياسي ڪشمڪش جي پٺيان حقيقت ڪهڙي آهي! ائين هو سماجي جدوجهد جو مشاهدو ڪري ٿو، جنهن ڪي طبقاتي جدوجهد ٿو چئجي — پهرئين حل جي حامين (سرمايه دوستن) ۽ جيڪي چاهين ٿا ته شاهوڪار ڪوٺ جي پورائي ڪن (يعني وچين طبقي وارا ۽ پورهيت)، تن جي وچ ۾ جدوجهد ۽ ڪشمڪش.

”ڪم از ڪم جديد تاريخ ۾، اِنهيءَ ڪري، اِها ڳالهه ثابت ٿيل آهي ته سڀ سياسي جدوجهد طبقاتي جدوجهد آهن، ۽ سماجي آجائپ يا نجات لاءِ سڀ طبقاتي جدوجهد — آنهن جي سياسي صورت ڪهڙي به هجي (چاڪاڻ ته هر طبقاتي جدوجهد هڪ سياسي جدوجهد ئي هجي ٿو) — آخري طور اقتصادي آجائپ ۽ نجات جا ئي سوال هجن ٿا.“ (اينگلس، ”فيورباخ“.)

ائين تاريخ کي سمجهڻ لاءِ، سلسلي جي زنجير ۾ اسان کي هڪڙي ڪڙِي ڳنڍڻي پوي ٿي — عمل، ارادو، خيال، جن جي پٺيان طبقا موجود ڏسجن ٿا، ۽ طبقن جي پٺيان **اقتصادي حالتون ڏسجن ٿيون. اهڙيءَ طرح، سچ پچ طبقاتي جدوجهدن ۾ ئي تاريخ جي سمجهاڻي ملي ٿي — پر، وري به، اقتصادي حالتون ئي آهن، جن جي نتيجي ۾ طبقا وجود ۾ اچن ٿا.**

ائين، جيڪڏهن اسين ڪا تاريخي حقيقت سمجهائڻ چاهيون ته اسان کي ضرور ڏسڻو پوندو ته ڪهڙا خيال آهن جي ٽڪراءَ ۾ آهن، خيالن جي پٺيان يعني آنهن سان وابسته طبقن کي ڏسڻو پوندو ۽ آخر ۾ آن اقتصادي دستور کي ڏسڻو ۽ بيان ڪرڻو پوندو جيڪو آنهن طبقن کي صورت ۽ خصوصيت ڏئي ٿو. پوءِ اِنهيءَ سوال يا اِنهن سوالن جا جواب ڳولڻا پوندا ته طبقا ۽ اقتصادي دستور ڪٿان آيا يا ڪٿان ٿا اچن (۽ جيڪي نياءَ جا

www.sindhsalamat.com

۾ حق جا ڳولائو هوندا آهن، آهي اهڙن ٻين لاڳاپيل سوالن جي پڇڻ کان ڪيپائيندا نہ آهن، ڇو تہ ڪين خبر آهي تہ هر ڳالهہ جي اصل کي ڳولڻ ضروري آهي). ۽ انهن سوالن جا جواب اسين ٻئي باب ۾ پڙهنداسين، پر هيترو اسين هتي ڏي چئي سگهون ٿا تہ —

انهيءَ ڇانڊ لاءِ تہ طبقا ڪٿان آيا يا ڪٿان اچن ٿا، اسان کي لازمي طرح سماج جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ۽ اُن مان اسين ڏسنداسين تہ طبقا سدائين ساڳيا نہ رهيا آهن. قديم يونان ۾، غلام ۽ آقا هئا؛ وچين زماني ۾ هاري (ڪيٽ غلام) ۽ جاگيردار؛ ۽ آخر ۾، ڳالهہ کي ڪٽائيندي، مزدور (هٿ پورهيت) ۽ سرمايہ دار.

اِن مختصر تفصيل مان اسين اِهو ڏسون ٿا تہ طبقا بدلجن ٿا، ۽ جيڪڏهن اسين معلوم ڪرڻ چاهينداسين تہ آهي ڇو ٿا بدلجن، تہ ڏسنداسين تہ اهو انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو اقتصادي حالتون بدلجن ٿيون (اقتصادي حالتون هي آهن: پيداوار يا آپت جو سجو ستاءُ؛ دولت جي گردش، ورهاست ۽ کپت؛ ۽ بيءَ سڀ ڳالهہ جي بنياد طور، پيداوار جو دستور، اُن جو ڍنگ يا ڪاريگري).

هِن سلسلي ۾ اينگلس چيو آهي تہ —

”سرمايہ دار ۽ پورهيت ٻئي اقتصادي حالتن ۽ خاص طرح پيداوار جي دستور جي تبديل جي نتيجي طور پيدا ٿيا. پهريائين، دستڪارن جي برادرين مان ڦري ننڍن ڪارخانن ۾ ۽ پوءِ ننڍن ڪارخانن مان وڏي، ٻاڦ ۽ ميڪانيڪي توانائيءَ تي هلندڙ وڏي پيماني جي صنعتڪاريءَ جي صورت ۾ پيداواري دستور جي تبديل سان ٻئي هي ٻہ طبقا وجود ۾ آيا.“

ڳالهہ جو تت پيش ڪندي، چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ جون محرڪ (ڇوريندڙ ۽ اڳتي نيندڙ) قوتون سلسلي جي هوندين زنجير طور بيهاري سگهجن ٿيون:

www.sindhsalamat.com

(١) تاريخ ماڻهن جو ڪم آهي.

(٢) عمل، جيڪو تاريخ ٺاهي ٿو، سندن ارادي جو نتيجو آهي.

(٣) هيءَ سندن ارادو سندن خيالن جو اظهار آهي.

(٤) هي خيالَ، جن سماجي حالتن ۾ هو رهن ٿا انهن جو عڪس هوندا آهن.

(٥) سماجي حالتن جي نتيجي طور سماج ۾ طبقا ۽ انهن جا جدوجهدَ ايرن ٿا.

(٦) خود طبقا پاڻ سماج جي اقتصادي حالتن جو نتيجو آهن.

زنجير جو هيءَ سلسلو ڪهڙين حالتن هيٺ ۽ ڪهڙين صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو، اُن لاءِ اسين اڻين چئي سگهون ٿا ته

(١) خيالَ، سياسي سطح تي ٿي، عملي صورت اختيار ڪن ٿا.

(٢) طبقاتي جدوجهد، جيڪو خيالن جي پشتيءَ ۾ موجود ڏسجي ٿو، سو سماجي سطح تي عملي ۽ زنده صورت اختيار ڪري ٿو.

(٣) اقتصادي حالتون، اقتصادي سطح تي، عملي ۽ زنده صورت وٺن ٿيون.

---

www.sindhsalamat.com

باب ٻيو

طبقا ۽ اقتصادي حالتون ڪٿان آيون؟

۱. پورهئي جي ٻهرين وڏي ورهاست.
۲. سماج جي طبقن ۾ ٻهرين ورهاست.
۳. پورهئي جي ٽين وڏي ورهاست.
۴. سماج جي طبقن ۾ ٽين ورهاست.
۵. اقتصادي حالتون ڇا جا نتيجا آهن؟
٦. پيداوار جا دستور.
۷. رمارڪ.

اسين ڏسي آيا آهيون ته، آخري طور، تاريخ جون محرڪ قوتون طبقا ۽ انهن جا جدوجهد آهن، جيڪي اقتصادي حالتن جا نتيجا آهن.

۽ اِها ڳالهه اسان سوچ جي هيٺين سلسلي وسيلي دريافت ڪئي: ماڻهن کي سندن مغز ۾ خيال آهن، جيڪي ڪين عمل تي آتساهين ٿا. هي خيال سندن مادي حالتن جي پيداوار آهن، جن ۾ هو رهن ٿا. سندن مادي وجود جون هي حالتون سندن پنهنجي پنهنجي سماجي درجي جا نتيجا آهن، جيڪو سماج ۾ هو ماڻهن ٿا، يعني سندن اَز طبقاتي درجي جا نتيجا، جنهن طبقي جا هو ڀاڱ آهن؛ خود طبقا انهن اقتصادي حالتن جا نتيجا آهن، جن ۾ سماج ڪنهن دور ۾ وتندو رهي ٿو. انهيءَ ڪري اِهو ضروري

www.sindhsalamat.com

آهي ته ڏسون ته اقتصادي حالتون، ۽ طبقا جيڪي آهي پيدا ڪن ٿيون، سي سڀ ڇا جا نتيجا آهن. هاڻي اسين انهيءَ ڳالهه جو مطالعو ڪنداسين.

ا. پورهئي جي پهرين وڏي ورهاست

جڏهن اسين سماج جي ارتقا جو مطالعو ڪريون ٿا ۽ گذريل دورن جي حقيقتن کان باخبر ٿيون ٿا، ته هڪ ڳالهه جيڪا اسين فوراً ڏسون ٿا سا اها ته سماج هميشه کان ونني طبقن ۾ ورهايل نه رهيو آهي. جدليات جي تقاضا آهي ته اسين شين جو اصل دريافت ڪريون؛ ۽ اسين هاڻي ڏسون ٿا ته قديم ماضيءَ ۾ سماج ۾ طبقا موجود نه هئا. اينگلس، پنهنجي ڪتاب "ڪٽنب، ذاتي ملڪيت ۽ رياست جي ابتدا"* ۾، ٻڌائي ٿو ته

"سماج جي سيني ابتدائي دورن ۾، پيداوار جو ڪم لازمي طرح گڏ ٿيندو هو؛ 'ڪميون' جو قسم يا طبقو الڳ ڪونه هو، ۽ پيو ڪو طبقو به ڪونه هو. شيون جيڪي ماڻهن پيدا ڪيون ٿي، انهن جو واپرائجڻ يا انهن جي کپت به گڏ ٿيندي هئي. اها قديم اشتراڪيت هئي".

سيني ماڻهن پيداوار جي ڪم ۾ حصو ورتو ٿي، فردن جي هٿن ۾ ستدن ڪم جا اوزار انهن جي ذاتي ملڪيت هئا، پر جيڪي اوزار گڏجي ڪم ٿي آيا آهي لوڪ جي، جاتيءَ جي، ملڪيت هئا. انهيءَ هڪ ابتدائي منزل تي پورهئي جي ورهاست فقط نر ۽ ماد جنسن جي وچ ۾ رواج ۾ آيل هئي. مردن شڪار تي ڪيو، مڇيون ٿي ماريون، وغيره؛ زالن گهر جي سنڀال ٿي ڪئي. ڪي به خاص يا ذاتي مفاد درپيش نه هئا.

پر ماڻهو آڻي، ان دور ۾، اهين رُڪجي ۽ بيهي ڪونه رهيو. وقت گذرڻ سان سماجي دستور ۾ ڪم جي ورهاست جي

* "The Origin of the Family, Private Property and the State" (F. Engles).

www.sindhsalamat.com

ابتدائي حقيقت ظاهر ٿي، ۽ اُن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديل جي اصل بنياد جو ڪم ڏنو.

”پر پورهئي جي ورهاست آهستي آهستي پيداوار جي هين دستور ۾ داخل ٿي.“ (اينگلس، ايضاً)

۽ هيءَ ڳالهه اِئين عمل ۾ آئي، جو ماڻهن

”اهڙا جانور ڳولي هٿ ڪيا، جيڪي هيري ميري سگهيا ٿي، ۽ هڪ ڀيرو هيريا، ته پلجي به سگهيا ٿي. سڀ کان اڳتي وڌيل قبيلن مان ڪيترن .... اِئين مال ڌارڻ کي پنهنجي مکيه ڪم طور اختيار ڪيو. اِئين آهي مالدار، ڌنار يا ڀاڳيا قبيلا پيڻ اِن ڌنارڪي ڪم ۾ پوئتي رهجي ويل ”اڻ سڌريل“ خلق کان جدا پنهنجي هڪ نرالي حيثيت وٺي بيٺا: اِها ٿي پورهئي جي پهرين وڏي سماجي ورهاست هئي“ (اينگلس، ايضاً.)

اِئين پيداوار جو پهريون دستور شڪار ڪرڻ ۽ مڇي مارڻ هو، ٻيو پيداوار جو دستور مال ڌارڻ هو، جنهن سان ڌنار قبيلن جي ابتدا ٿي. پورهئي جي اِها پهرين ورهاست آهي، جيڪا بنياد آهي سماج ۾ طبقاتي ورهاست جو.

۲. سماج جي طبقن ۾ پهرين ورهاست

”پيداوار جي هر حصي ۾ واڌ — مال جي پالنا ۾، کيتيءَ ۾، گهروُ دستڪاريءَ ۾ — ماڻهن جي پورهئي جي قوت کي اِن لائق بنايو ته آها ماڻهن جي جياپي لاءِ شين جي ضروري مقدار کان وڌيڪ عيون آپائي سگهي. ساڳئي وقت پيداوار جي آن واڌ ڪم جي مقدار کي به وڌايو، جيڪو قبيلي، ڪٽنب يا ڪٽنب جي هر ماڻهوءَ کي هر روز ڪرڻو ٿي پيو. اِئين پورهئي جي ڪُجهه ڳُهان کي مُنهن ڏيڻ لاءِ، پورهئي جي قوت ۾ واڌ آڻڻ جي ضرورت پيدا ٿي. ۽ اُن واڌ جي پورائي جنگ وسيلي ٿيڻ لڳي — جنگين ۾ هٿ آيل قيدي غلام

www.sindhsalamat.com

بڻايا ويا. آن دور جي عام تاريخي حالتن هيٺ، جڏهن پورهئي جي پهرين وڏي ورهاست عمل ۾ هئي، پورهئي جي پيداواري قوت جي واڌ سان جنهن ذريعي دولت ۾ واڌارو ٿيو ٿي، ۽ پڻ پيداوار جي ميدان جي وڌڻ ۽ وسيع ٿيڻ سان واڌو گهربل پورهئي جي قوت جي پورائيءَ لاءِ غلاميءَ جو پيدا ٿيڻ ۽ اسرڻ لازمي هو. ائين پورهئي جي پهرينءَ وڏيءَ سماجي ورهاست منجهان سماج جي پهرين وڏي ورهاست وجود ۾ آئي ـــ جنهن جي صورت ٻن طبقن ۾ ظاهر ٿي: هڪڙو مالڪ طبقو ٻيو غلام طبقو، هڪڙا استعمال ڪندڙ ۽ ٻيا استعمال ٿيندڙ، هڪڙا پورهيو وٺندڙ ۽ ٻيا پورهيو ڪندڙ....

ائين اسين وڏي، سيتا جي چائنٽ تي پهتاسين. سڀ ڪان هيٺئين ڏاڪي تي ماڻهن فقط سڌيءَ طرح پنهنجي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ اپت تي ڪئي: شين جي مٽاسٽا فقط ڪن وقتي صورتن ۾ ڪئي تي ويئي، جڏهن اوچتو آنهن مان ڪي باچتو ٿيي ٿيي پيون. جهنگلي زندگيءَ يا وحشيپڻي جي وچين ڏاڪي تي، اسين ڏسون ٿا ته ڌنار لوڪن وٽ سندن چوپايو مال هو، جيڪو سندن ڌن هو ۽ اِها سندن ذاتي ملڪيت جي هڪ صورت هئي.... ۽ آن مان آن دور ۾ شين جي باقاعدي مٽاسٽا لاءِ سازگار حالتون پيدا ٿيون."

(اينگلس، ايضاً.)

مطلب ته آن منزل تي اسان وٽ سماج جا ٻه طبقا موجود هئا: مالڪ ۽ ٻانها، آقا ۽ غلام. آن کان پوءِ سماج جي زندگي ائين جاري رهي ۽ آن ۾ نوان نوان واڌارا ايندا رهيا. اڳتي وڏي، آن ۾ هڪ نئون طبقو پيدا ٿيڻو هو ۽ وڌڻو هو.

۳. پورهئي جي ٻي وڏي ورهاست

"دولت ۾ تڪڙي تڪڙي واڌ ايندي رهي، پر آها انفرادي يعني اڪيلن شخصن جي دولت هئي. آڻن، ڌات ڪاري، ۽

www.sindhsalamat.com

پيا هنر، جيڪي جيئن پوءِ تيئن خصوصي ڪاريگريءَ جي صورت وٺندا ويا، پنهنجيءَ پنهنجيءَ پيداوار ۾ سڌاري ۽ سڌاري پيدا ڪندا ويا، ڪيتيءَ ۽ رڳو اناج تي اپايو پر آن وسيلي تيل به مليو ٿي ۽ شراب پڻ ٺهيو ٿي .... اهڙا الڳ الڳ نوع جا سڀ ڪم اڪيلي سر ڪنهن شخص جي ڪرڻ ڪان مٿي هئا؛ ۽ پوءِ پورهئي جي ٻي وڏي ورهاست عمل ۾ آئي، دستڪاري زراعت ڪاريءَ کان الڳ ٿي، هٿ جا هنر ڪيتيءَ جي ڪمن کان جدا ٿيا. پيداوار يا اپت جي لڳاتار واڌ ۽ گڏوگڏ پورهئي جي وڌندڙ پيداواري صلاحيت يا سگهه سان انساني پورهئي جي قوت جو قدر ۽ قيمت به وڌڻ لڳي. غلامي هائي سماجي سرشتي جو هڪ لازمي حصو بڻجي پيئي .... غلام هائي، ٽولن جا ٽولا، کيتن ۾ ۽ 'ڪارخانن' ۾ ڪاهجي ۽ هڪلجي وڃي ۽ ڪم ڪرڻ لڳا. پيداوار جي ٻن حصن ۾ ورهاست — زراعت ۽ دستڪاريءَ — پيداوار جي ٻن حصن ۾ ورهاست — زراعت ۽ دستڪاريءَ — پيداوار ۾ ايتري واڌ آندي، جو شين جي مٽاسٽا نه رڳو آسان پر لازم بڻجي پيئي، ۽ ائين خالص مٽاسٽا لاءِ وکر، جنس، سامان جي پيداوار جو سرشتو وجود ۾ آيو؛ ۽ آن سان گڏ وڻج واپار، تجارت، به ...." (ايضاً).

٤. سماج جي طبقن ۾ ٻي ورهاست

اهڙيءَ طرح پورهئي جي پهرينءَ وڏيءَ ورهاست انساني پورهئي جو مُلهه ۽ قدر وڌايو، جنهن سان دولت ۾ واڌ آئي، ۽ آن وري پورهئي جو اڃا ٻي وڌيڪ مُلهه وڌايو، جنهن جي نتيجي ۾ پورهئي جي ٻي وڏي ورهاست — **دستڪاري** پورهئي ۽ **زراعتي** پورهئي ۾ — لازمي بڻجي پيئي. هِن منزل تي پيداوار يعني اپت ۾ لڳاتار واڌ سبب ۽ آن سان ٻٽوڻيٽ انساني پورهئي جي قوت جي قدر ۾ واڌ سان سماج ۾ غلامن جو وجود ضروري بڻجي ويو، مٽاسٽا يا تجارت لاءِ "تجارتي سامان" جي اپت عمل ۾ آئي، ۽ آن سان، هڪ ٽيون طبقو، واپاري طبقو، **تاجر طبقو**، وجود ۾ آيو.

www.sindhsalamat.com

اڻين هين دور ۾ اسان وٽ سماج ۾ انساني پورهئي جي ٽه - حصائين ورهاست ۽ پڻ ٽي طبقا موجود ڏسجن ٿا: ڪيتي ڪندڙ، ڪاريگر، ۽ تاجر. پهريون پيرو ڏسون ٿا ته سماج ۾ هڪڙو اهڙو طبقو اڀري آيو آهي، جيڪو پيداوار جي اصل ڪم ۾ ڀاڱيوار نٿو ٿئي، ۽ اهو طبقو ٻين ٻن طبقن جو اڳتي هلي بالادست به بڻجي وڃڻو هو.

”وحشيپڻي واري دور جي آخري ڏينهن ۾، پورهئي ۾ هڪ وڌيڪ ورهاست عمل ۾ آئي — زراعت. جي پورهئي ۽ دستڪاريءَ جي پورهئي جي وچ ۾ — جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو، جو خاص طرح، تجارت لاءِ، مٽاسٽا لاءِ، سامان (جنس، وکر) جي پيداوار ۾ لڳاتار واڌ ٿيڻ لڳي، تان جو الڳ الڳ سامان جي اپتڪارن جي وچ ۾ سامان جي مٽاسٽا سماج جي زندگيءَ لاءِ هڪ **اٽل ضرورت** بڻجي پيئي. انساني سڀيتا پورهئي جي سينهي وجود ۾ آيل ورهاستن کي وڌايو ۽ پختو ڪيو، خاص طرح شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي فرق کي وڌيڪ تيز ۽ نمايان ڪرڻ سان .... ۽ پورهئي جي ٽينءَ ورهاست کي وجود ڏنو، جيڪا آن اڀرندڙ انساني سڀيتا سان ٿي خاص منسوب هئي ۽ آن لاءِ ٿي قطعي اهميت جي هئي: آن ماڻهن جو هڪڙو طبقو پيدا ڪيو، جنهن پيداوار جي ڪم ۾ ڪو حصو نه ٿي ورتو، پر ويڪو سامان يا جنس جي خالص مٽاسٽا جي ٿي ڪم ۾ مصروف رهيو — يعني، **تاجرن جو طبقو،** واپارين جو طبقو....

”هيءُ طبقو پاڻ لاءِ ڪن به ٻن اپتڪارن جي وچ ۾ لازمي ڳانڍاپي جي ڪڙيءَ جو درجو مقرر ۽ مخصوص ڪري ٿو ڇڏي. ۽ سماج ۾ اڻين پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ مفيد طبقو سڏائيندي ۽ آن دعوا هيٺ تمام تيزيءَ سان هو اڻاهه دولت جمع ڪري وٺي ٿو ۽ آن جي مناسبت سان اوترو ٿي سماجي اثر به حاصل ڪري ويهي ٿو .... ۽ سڄيءَ پيداوار تي

www.sindhsalamat.com

جيئن پوءِ ٿيئن وڏيڪ پنهنجو قبضو قائم ڪري ٿو بيهي، تان جو خاص پنهنجي مناسبت سان ۽ خاص پنهنجي نوع جي «ڪڙي ڳالهه پيدا ڪري ٿو ويهي — جنهن کي ”وقت وقت کان پوءِ جو يا دؤرائتو تجارتي گهوٽالو (Commercial Crisis) ٿو سڏجي.“ (اينگلس، ايضاً)

هائي اسين سماجي ارتقا جو اهو سلسلو ڏسي سگهون ٿا، جيڪو قديم ڪميونزم کان شروع ٿيو، ۽ جنهن انساني سماج کي وني آڻي سرمايہ داري سرشتي تائين رسايو:

(١) قديم ڪميونزم،

(٢) جهنگلي قبيلن ۽ ڏڌار قبيلن جي وچ ۾ فرق (پورهئي جي پهرين ورهاست — مالڪ يا غلام دار، ۽ غلام).

(٣) کيتيڪارن ۽ ڪاريگرن جي وچ ۾ فرق (پورهئي جي ٻي ورهاست).

(٤) واپارين جي طبقي جو جنم (پورهئي جي ٽين ورهاست)، يعني جيڪو طبقو

(٥) وقت وقت کان پوءِ يا دؤرائتا تجارتي گهوٽالا پيدا ڪري ٿو (سرمايہ داري).

مٿين مطالعي مان اسان کي هائي خبر پيئي تہ طبقا ڪٿان پيدا ٿيا. هائي اسين ڏسنداسين تہ —

٥. اقتصادي حالتون ڇا جا نتيجا آهن.

اسان لاءِ ضروري آهي تہ پهرين جيڪي مختلف سماجي سرشتا اڳ گذري چڪا آهن، تن تي هڪ مختصر نظر وجهون.

قديم سماجن کان اڳ جيڪي سماج ٿي گذريا تن جي تفصيلي مطالعي لاءِ اسان وٽ ڪي گهڻا آثار يا علامتون موجود نہ آهن، پر اسان کي، مثال طور، خبر آهي تہ قديم يونانين جي دؤر ۾ وٽن مالڪ هئا ۽ غلام هئا، ۽ واپاري طبقو بہ. اُن دؤر ۾ اُتي ڪجهہ ڪجهہ وڏي رهيو هو. اُن کان پوءِ، وچن اونداهن

www.sindhsalamat.com

دؤرن جي جاگيرداري سماج ۾ جاگيردار هئا ۽ ڪيت غلام هئا، آن سماج واپارين يا تاجرن کي به جيئن پوءِ تيئن وڌ اهميت حاصل ڪرڻ جو وجهه ڏنو ٿي. ۽ اُهي واپاري جاگيردارن جي 'ديرن' ۽ ڪوٽن جي پاهران وچي آباد ٿي ويئا ٿي يا پتڻن تي، جهوڪن تي ۽ پڙين ۽ پاڻن وغيره تي پنهنجون ڪوٺيون وجهي، گهر جوڙي ۽ بستيون بڌي، ويهي ٿي رهيا. ساڳئي وقت آنهن وچن دورن ۾، پيداوار جي سڙيل سرمايه داري دستور کان اڳ، سڄي اپٽ هڪ معمولي پيماني تي ئي عمل ۾ ايندي هئي جنهن جي بنيادي صورت هيءَ هئي ته اپتڪارُ پنهنجي اوزارن جو مالڪ به پاڻ هوندو هو، آپت جا اهي وسيلا ۽ ذريعا فرد جا ذاتي هوندا هئا ۽ آهي انفرادي استعمال جي ئي ڏانءَ جا هوندا هئا، نتيجي طور آهي معمولي، ننڍا ۽ محدود ڪم جا هئا. پيداوار جي هنن وسيلن کي يڪجا ڪرڻ ۽ وڌائڻ، ۽ انهن آنهن کي جديد وڏي پيماني واريءَ پيداوار جي طاقتور ۽ ديوقامت هتيارن جي صورت ۾ آڻڻ جو تاريخي ڪردار سرمايه داري پيداوار جي دستور ۽ آن جي اڳوڻن وارثن، شهري واپارين ۽ سرمايه دارن، ادا ڪيو.

”پندرهين صديءَ کان وٺي، سرمايه دارن هيءُ ڪم ٽن تاريخي قسطن يا صورتن ۾ پورو ڪيو: سڌي سادي سهڪاري صورت ۾، ڪاريگريءَ جي دستڪاري صورت ۾، ۽ وڏي پيماني جي صنعتڪاري صورت ۾. پيداوار جي وسيلن کي جُدائپ مان ڪڍي، آنهن کي هڪ جاءِ تي آڻي ۽ گڏ ڪري، آنهن جي اصلي فطرت کي ئي بدلايو ويو — آنهن جي انفرادي نوعيت کي بدلائي سماجي نوعيت جي صورت ۾ آندو ويو.“ (اينگلس، ”سوشلزم — يوٽوپين ائنڊ سائنٽيفڪ (Socialism—Utopian and Scientific).

اهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته طبقن (مالڪن ۽ غلامن، جاگيردارن ۽ ڪيت غلامن) جي اوسر سان گڏوگڏ، شين جي پيداوار

www.sindhsalamat.com

جون، ڦهلاءَ جون ۽ تقسيم جون حالتون به اسرنديون رهيون، جيڪي ٿي اقتصادي حالتون سڏجن ٿيون، ۽ هيءَ اقتصادي اوسر يا ارتقا پيداوار جي دستورن جي اوسر سان قدم بقدم ۽ ٻڌوٻڌ واقع ٿيندي رهي. انهيءَ طرح اهي پيداواري دستور ئي آهن، جيڪي اقتصادي حالت لاءِ ذميوار آهن.

٦. پيداواري دستور

”جيڪڏهن اڳي هڪ فرد جي قوت يا وڌ ۾ وڌ ته به هڪ ڪٽنب يا خاندان جي قوت پراڻن، الڳ الڳ، ننڍن ۽ سڌن سادن پيداواري اوزارن کي ڪم آڻڻ لاءِ ڪافي هئي، ته اُن جي بدران هاڻي هينن وڏايل، يڪجا ڪيل، هيڏن وڏن اوزارن ۽ وسيلن کي ڪم آڻڻ لاءِ مزدورن جي هڪ وڏي پلٽڻ ڪهربي ٿي! ٻاڦ ۽ مشيني اوزارن ئي هيءَ پوري جي پوري تبديل ممڪن بڻائي ۽ عمل ۾ آندي.... اڪيلي ڪاريگر جي دڪان (دُڪُڻُ) جي جاءِ تي هاڻي هڪ وڏي، ۽ وڏي ڪان وڏي، ڪارخاني ڪم ٿي ڪيو، جنهن ۾ سوين، هزارين مزورن جي سهڪار جي ضرورت رهي ٿي. ۽ اٿين پيداوار جو عمل انفرادي ڪمن ڪارين جي هڪ محدود سلسلي مان بدلجي، هڪ وڏو، گهڻ پاساٿون ۽ وسيع دائري وارو سماجي عمل بڻجي ويو.“ (اينگلس، ايضاً)

انهيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته پيداواري دستورن جي ارتقا پيداواري قوتن ۾ مڪمل تبديلي آڻي ڇڏي آهي. پر جيڪڏهن ڪم جا اوزار اٿين بدلجي اجتماعي نوع جا ٿيا آهن، ته اُنهن جي مالڪي اڃا ئي انفرادي نوع جي ئي قائم رهي آهي. مشينون، جيڪي مزدورن جي فقط ڪنهن اجتماع کي ئي مٿن لڳائي، ڪم آڻي سگهن ٿيون، اهي ساڳيون اڳي وارن ننڍن انفرادي اوزارن واڱر اڄ به هڪ ئي ماڻهوءَ جي ملڪيت آهن. اسين هيءَ به ڏسون ٿا ته ـــ

”پيداواري قوتون جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پنهنجي سماجي خصوصيت مڃائينديون رهن ٿيون ـــ جيئن آهي سچ پچ ته سماجي پيداواري قوتون آهن ـــ ائين آهي اڪثر پيداواري ذريعن کان آها پنهنجي سماجي حيثيت تسليم ڪرائين ٿيون جنهن تسليميءَ جو اظهار جائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين جي صورت ۾ ٿئي ٿو، پر اِها صورتحال به ناڪافي ثابت ٿئي ٿي. نيٺ هنن پيداواري قوتن جي انتظام جي ذميواري خود رياست کي، حڪومت کي، سنڀالڻي آهي .... سرمايه دار عملاً غيرضروري ۽ زائد ثابت ٿي چڪا آهن. سرمايه دارن جا سمورا سماجي ڪارج هونئن ته سندن پگهاردار ملازم ٿي هلائين ٿا.“
(اينگلس، ايضاً)

سرمايه داري نظام جا تضاد ائين اسان جي اڳو ابتدا رهن ٿا.

”هڪ پاسي، مقابلي جي دٻاءُ هيٺ، جيئن پوءِ تيئن مشينن کي بهتر ڪرڻو پوي ٿو.... ۽ (نتيجي ۾) مزدورن کي ڪڍڻو پوي ٿو .... ٻئي پاسي، پيداوار ۾ غيرمحدود توسيع به اوتري ئي لازم آهي. ٻنهي طرحين پيداواري قوتن ۾ ازحد واڌ، گهرج کان وڌيڪ شين جي موجودگي، پيداوار ۾ تيزي، گهوٽالا.... زائد پيداوار ... زائد مزدور جيڪي بي روزگار ويٺا آهن، جن وٽ جيئڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي.“ (اينگلس، ايضاً.)

مزدور جن جي طرز معاش يعني گذاري لاءِ پورهئي جي نوعيت سماجي ۽ اجتماعي ٿي پيئي آهي، ۽ ملڪيت ۽ دولت جيڪا انفرادي ئي رهي ٿي ـــ اِنهن ٻنهي جي وچ ۾ تضاد آهي. ۽ ائين مارڪس جي ٻوليءَ ۾ اسين چئون ٿا ته

”پيداواري قوتن جي واڌاري جي صورتن مان ڦري، هي آنهن جا سلسلا ۽ تعلقات آنهن لاءِ زنجير بڻجي پون ٿا. ۽ ائين پوءِ، سماجي انقلاب جا ڏينهن اچن ٿا.“ ڪارل مارڪس، (Preface to ”سياسي اقتصاديات جو مطالعو، پيش لفظ“ Critique of Political Economy)

www.sindhsalamat.com

٧. رسارڪ

هن باب جي خاتمي کان اڳ وري به هي پڌائڻ ضروري آهي ته هين مطالعي ۾ به اسين جدليات جون آهي سڀ ڳالهيون ۽ سڀ قاعدا موجود ڏسون ٿا، جن جو الڳ ڪجهه تفصيلي مطالعو اسين متي پنهنجي ۽ جاءِ تي (ياڳي چوٿين، باب ١-٥ ۾) ڪري آيا آهيون. حقيقت ۾ اسين هن باب ۾، تڪڙي تڪڙي، سماجي سرشتن، طبقن ۽ پيداواري دستورن جي تاريخ تي نظر وجهي چڪا آهيون. اسان ڏٺو ته ڪيئن نه هنن مطالعن جو هرهڪ حصو انهن جي پنهن حصن تي مدار رکي ٿو ۽ ڪيئن نه آهي سڀ رواڻ ۾ ڪنديل آهن. اسين ڏسون ٿا ته هي ۽ تاريخ لازمي طور تحرڪ جي، هلچل جي، لاڳيتي تاريخ آهي ۽ سماجن جي اوسر ۾ هر منزل تي جيڪي تبديليون واقع ٿين ٿيون، سي اندروني جلوجهد ۽ ڪشمڪش جو نتيجو آهن — پراڻ پسند ۽ جدت پسند، رجعت پسند ۽ ترقي پسند، عنصرن جي وچ ۾ ڪشمڪش، هڪ آها ڪشمڪش جنهن جي نتيجي ۾ هر سماج جو خاتمو ۽ هڪ نئين سماج جو جنم ٿئي ٿو. هر سماج جو هڪ ڳڻ ٿئي ٿو، هڪ خاصو ٿئي ٿو، ۽ پنهنجو هڪ ڍانچو يا نظام ٿئي ٿو، جيڪي نمايان طور آن کان اڳ واري سماج کان مختلف هجن ٿا. هي بنيادي تبديليون حقيقتن جي هڪ وڏي انبار جي ڪٺي ٿيڻ کان پوءِ عمل ۾ اچن ٿيون، جيڪي حقيقتون بذات خود ته ننڍيون ۽ معمولي لڳن ٿيون، پر آهي، اڻين ڳڏ ٿينديون ٿينديون، عين پوري هڪ وقت تي، اهڙي هڪ مخصوص صورتحال پيدا ڪن ٿيون جيڪا هڪ شديد انقلابي اٿل پٿل کي آڻي ٿي.

اهڙيءَ طرح، هتي اسين وري به جدليات جون خاص صفتون ۽ وڏا عام قاعدا عمل پيرا ڏسون ٿا، جيئن ته

شين ۽ حقيقتن جو هڪبئي تي آڌار ۽ دارومدار.
جدلياتي تحرڪ ۽ تبديل.

www.sindhsalamat.com

خ. د روانيت.

تضاد.

ڏي-وٺ جو عمل يا ٻه-طرفو عمل.

ء ڇلانگن واري ارتقا (مقدار مان معيار ۾ تبديل).

---

www.sindhsalamat.com

ڀاڱو ڇھون

جدلياتيماديت ۽ نظريا

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

باب پهريون

نظرين جو مطالعو — جدلياتي طريقي جي روشنيءَ ۾

١. مارڪسزم وٽ نظرين جي اهميت ڪهڙي آهي؟
٢. نظريو ڇا آهي؟ نظريي جو اصل ڇاآهي، ۽ نظريي جا روپ ڇا آهن؟
٣. اقتصادي نظام ۽ نظرياتي نظام.
٤. صحيح ۽ غلط شعور.
٥. نظرياتي عنصرن جو عمل ۽ ردعمل.
٦. جدلياتي ڇنڊڇاڻ جو طريقو.
٧. نظرياتي جدوجهد جي ضرورت.
٨. نتيجو.

١. مارڪسزم وٽ نظرين جي اهميت ڪهڙي آهي؟

اڪثر ائين چيو ويندو آهي ته مارڪسزم آهو هڪ مادّي فلسفو آهي، جيڪو تاريخ ۾ خيالن جي اهميت کان انڪاري آهي، جيڪو نظرياتي عنصر جي ڪردار کان انڪاري آهي ۽ فقط اقتصادي اثرن ۽ عوامل کي خيالن ۾ آڻڻ چاهي ٿو.

اها ڳالهه غلط آهي. مارڪسزم اُنهيءَ اهم ڪردار کان هرگز انڪار ڪونه ٿو ڪري، جيڪو زندگيءَ ۾ ذهنُ ادا

www.sindhsalamat.com

ڪري ٿو ۽ خيال ۽ فن ادا ڪن ٿا. بلڪ، اُن جي بلڪل ٺي ابتڙ، آهو نظرياتي مڪتبن جي خصوصي اهميت کي تسليم ڪري ٿو، ۽ اسين مارڪسزم جي ابتدائي اصولن جي هن مطالعي جو خاتمو ان ٺي ڳالهه جي جانچنا سان ڪرڻ گهرون ٿا ته نظرين سان جدلياتي ماديت جي طريقي کي ڪيئن لاڳو ڪيو ٿو وڃي؛ اسين ڏسنداسين ته تاريخ ۾ نظرين جو ڪهڙو ڪردار هجي ٿو، نظريي جي اصل جو، اُن جي جوهر جو، ڪهڙو عمل آهي ۽ نظرياتي سڌاءُ ڇا آهي؟

مارڪسزم جو هيءُ حصو جيڪو اسين هاڻي مطالع ڪريون ٿا، سو هن فلسفي جو هڪ بيحد گهٽ ڇاڻل حصو آهي. اُن جو سبب هي آهي ته گهڻي عرصي کان مارڪسزم جي رڳو سياسي اقتصاديات واري حصي کي پڙهيو ۽ پکيڙيو پئي ويو آهي. ۽ اُن طرزعمل سبب خود اسي اقتصاديات جي موضوع کي بيجا طور نه رڳو مارڪسزم جي سچي علم کان ڇني الڳ ڪيو ويو آهي، پر ائين ڪرڻ سان اُن کي اُن جي علمي بنيادن کان محروم ڪيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ ته سياسي اقتصاديات کي جنهن فڪري آڌار تي سچ پچ هڪ علم جو درجو مليو سگهيو آهي، آهو تاريخي ماديت جو فڪر آهي؛ جيڪو وري، جيئن اسان کي خبر آهي، جدلياتي ماديت جي ٺي نسبت سان آسريو ۽ وڌيو آهي بلڪ اُن جو ٺي عملي طور هڪ نتيجو آهي.

وچ ۾، اشاري طور، ائين چوڻ به مناسب آهي ته مطالعي ۾ هيءُ ڪنڊيل موضوعن کي 'چنڊ' ۽ 'الڳ ڪري چڏڻ' جو ڊنگ مابعدطبيعاتي رخ جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن رخ کي سڄاڻڻ ۽ جنهن کان جند ڇڏائڻ جي مٿي اسين ڪافي گهڻي ڪوشش ڪري آيا آهيون! ان سلسلي ۾، اسان کي وري به هيءُ نڪتو ياد رکڻ کپي ته جيتري قدر به اسين شين کي ڇني الڳ ڪنداسين يا آنهن جو يڪطرفي ڊنگ سان مطالعو ڪنداسين، اوتري قدر ٺي خود آنهن جي ۽ پڻ سچيءَ ڳالهه جي سمجهڻ ۾ غلطيون ڪنداسين.

www.sindhsalamat.com

اِئين، مارڪسزم جون هلڪيون ۽ غلط تشريحون، تاريخ ۽ زندگيءَ ۾ نظرين جي ڪردار جي اهميت ڪي نه سڃاڻي يا پوريءَ ريت نه سڃاڻي ڪري، اٽن ٿيون. نظرين کي مارڪسزم کان ڇني الڳ ڪيو ويو آهي، ۽ ائين ڪرڻ سان مارڪسزم کي جدلياتي ماديت کان — ڇڻ پنهنجي پاڻ کان — الڳ ڪيو ويو آهي!

٢. نظريو ڇا آهي؟ نظريي جو اصل ڇا آهي ۽ نظريي جا روپ ڇا آهن؟

اسين هيءُ باب، جيڪو نظرين جي ڪردار بابت آهي، ٿورين وصفن جي بيان سان شروع ڪريون ٿا.

جنهن کي اسين نظريو سڏيون ٿا، سو ڇا آهي؟ نظريي جي معنيٰ، سڀ کان اول ”نظر“ (= پرک، شناخت، فڪر، اندازو) آهي، تصور آهي، خيال آهي. نظريو خيالن جو هڪ ميڙ يا ڳُٽڪو آهي، جيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ پورو ’فڪر‘ آهي، هڪ متُ، يا، بعضي، فقط ذهن جي هڪ ڪيفيت به.

ائين مارڪسزم به هڪ نظريو آهي، جيڪو هڪ پورو ’فڪر‘ آهي ۽ جيڪو سيني مسئلن جي حل جو هڪ طريقو پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ جمهوري نظريو اُنهن خيالن جو ميڙ آهي جيڪي هڪ جمهوري ذهن ۾ موجود هوندا آهن.

پر هڪ نظريو خالص ڪن خيالن جو ئي رکيو هڪ ميڙ ڪونهي، جيڪي امنگن ۽ احساسن کان ڪٽيل هجن يا اُنهن کان خالي هجن (نظريي بابت اِهو هڪ مابعدطبيعي تصور ٿي سگهي ٿو)؛ هڪ نظريي سان لازمي طرح جذبا، جوش، همدرديون، ويرَ، اميدون، خوفَ، وغيره، به شامل هجن ٿا. پورهيت پسند نظريي ۾ (سرمايه پسند نظريي جي ابتڙ) اسان کي طبقاتي جدوجهد جا تصور ملن ٿا. اُن ۾ اسين سرمايه داريءَ جي هٿان ڦُريل ۽ ستايل ماڻهن سان ۽ اُن جي پرماريت خلاف وڙهندڙ ڦيدين سان، شهيدن

www.sindhsalamat.com

سان، همدرديون ۽ دلبنديون، باغي اڏما ۽ گرمجوشيون به موجود ڏسون ٿا.... اهي سڀ ڳالهيون ملي آهو نظريو ٺاهين ٿيون.

هاڻي اچو ته ڏسون ته نظريي جو اصل ڇا آهي؟ نظريي جو اصل نظريي جي اها ڳالهه، آهو گرُ آهي، جيڪو عمل جو ڪارڻ يا عمل جي حرارت بنجي ٿو، جيڪو ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۽ کين متحرڪ ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو نظريي جي اصل جي، اُن جي شعلي جي ڳالهه ڪندا آهن. مثال طور، مذهبَ تصوري نظرين جا اصل آهن، جن جو اسان کي لازمي طرح خيال رکڻ کپي: اُنهن کي هڪ اخلاقي قوت آهي، جيڪا اڄ به هڪ اهم ۽ بي‌انداز طريقي سان ڪم ڪري ٿي.

نظريي جي روپَ يا سٽاءَ جو ڇا مطلب آهي؟ مخصوص خيالن جي هڪ ترتيب ۽ ميڙ کي نظريي جو روپ يا سٽاءُ سڏجي ٿو، جيڪي خيال ڪنهن مخصوص دائري سان واسطو رکندڙ هجن. مذهبُ پنهنجي سيني خيالن، اخلاقيات ۽ ڪرياڪرمي ضابطن وغيره سان نظريي جو سٽاءَ آهي، ۽ اِها ساڳي ڳالهه پنهنجي پنهنجي نوع سان سائنس، فلسفي، ادب، فن، شعر لاءِ به صحيح آهي.

٣. اقتصادي نظام ۽ نظرياتي نظام

اسين جڏهن تاريخي ماديت جو مطالعو ڪري رهيا هئاسون، تڏهن اسان ڏٺو ته سماجن جي تاريخ کي هيئن سمجهائي سگهجي ٿو ته — ماڻهو تاريخ پنهنجي عمل سان ٺاهين ٿا، جيڪو سندن ارادي جو اظهار آهي، ۽ سندن ارادو سندن خيالن جو نتيجو آهي. اسان پوءِ هيءَ ڏٺو ته ماڻهن جو نظريو، سندن خيالُ، سندن سماجي ماحول جو عڪس آهي، جنهن ۾ ماڻهو طبقن ۾ ورهايل هجن ٿا، جيڪي وري اقتصادي حقيقت جا نتيجا ٿين ٿا، يعني، ڳالهه جي بنياد ۾ وينديءَ، مروج پيداواري دستور جاء.

اسين اٿين به ڏسي آيا آهيون ته نظرياتي حقيقت ۽ سماجي حقيقت جي وچ ۾ سياسي حقيقت ڪارفرما ڏسجي ٿي جيڪا

www.sindhsalamat.com

پاڻ ڪي سماجي ڪشمڪش جي اظهار طور نظرياتي ڪشمڪش جي صورت ۾ پڌرو ڪري ٿي.

اسين ڏسون ٿا ته، ماديت جو فڪرُ نظرياتي سٽاءَ کي سڄيءَ سماجي اڏاوت جي چوٽي، اُن جو ڇيهه، سمجهي ٿو؛ پر تصوريت جو فڪر اُن کي بنياد سمجهي ٿو.

”پيداوار يا اُپت جي سلسلي ۾، جنهن ۾ ماڻهو سماجي طور رڌل هجن ٿا، هو پاڻ ۾ ڪي غيرمبهم ۽ قطعي تعلقات قائم ڪن ٿا، جيڪي هنن لاءِ ضروري بلڪ اٽل ۽ اڻ سَرندا آهن ۽ اُهي هنن جي ارادي جا محتاج به نه هوندا آهن. هي ’پيداواري تعلقات‘ سندن پيداوار جي مادي قوتن جي واڌاري جي موجود ۽ قطعي منزل سان ٺهڪندڙ ۽ اُن جي عين مناسبت سان هوندا آهن. هنن پيداواري تعلقات جي مجموعي صورتحال ڪي ئي سماج جو اقتصادي سٽاءُ (نظام) چئجي ٿو— جيڪو ئي سچوپچو بنياد آهي، جنهن تي قانوني ۽ سياسي مٿيان سٽاءَ (نظامَ) بيهاريل هوندا آهن، جن سان ئي سماجي شعور جا مخصوص روپ [يعني، نظريي جا روپ] ٺهڪندڙ هوندا آهن. مادي زندگيءَ ۾ پيداواري دستور تي ئي زندگيءَ جي سماجي، سياسي ۽ روحاني سلسلن جو دارومدار هجي ٿو، بلڪ اُهي نتيجو ئي اُن دستور جا هوندا آهن.“ (ڪارل مارڪس، Preface to the Critique of Political Economy).

انهيءَ طرح اسين ڏسون ٿا ته اقتصادي سٽاءُ ئي سماج جو بنياد آهي. اُن کي سڄي سماجي ماندياڻ جو پهريون يا هيٺيون سٽاءُ به چئبو آهي.

نظريو، جنهن ۾ خيالن جا سيئي روپ شامل آهن — اخلاقيات، مذهب، سائنس، شعر، فن، ادب — سڀ ڪان مٿيون، يعني چوٽيءَ جو، ڇيهه وارو، سٽاءُ آهي.

www.sindhsalamat.com

۽ اهو ڄاڻندي (جيئن ماديت جو فڪر اسان کي پڙائي ٿو) تہ خيالَ شين جو عڪس آهن، ۽ پڻ هيءَ تہ اسان جو سماجي وجود ئي اسان جي شعور جي تشڪيل ڪري ٿو، اسين پوءِ چئون ٿا تہ آهو متيون، بالائي، سٽاءَ هيٺئين يا زيرين سٽاءَ جو، اقتصادي سٽاءَ جو، عڪس آهي.

اينگلس اها ڳالهہ اسان کي صاف صاف هيٺين لفظن ۾ پڙائي ٿو:

"ڪالون جو عقيدو سندس وقت جي سڀ کان دلير سرمايہ دوست ماڻهن لاءِ عين پورو ۽ مناسب هو. هن جو اڳ-ليکڻي يا تقدير جو عقيدو اُن حقيقت جو هڪ مذهبي اظهار هو تہ مقابلي جي تجارتي دنيا ۾، جيت يا هار جي ڳالهہ ماڻهوءَ جي ڪارڪردگيءَ يا هوشياريءَ تي نہ پر حالات تي منحصر هئي، جيڪي هن جي وس ۾ نہ هئا. ماڻهو پاڻ ڪونہ هو جنهن ارادو ٿي ڪيو، ۽ نہ ماڻهو پاڻ هو جنهن ڪجهہ ڪيو ٿي، پر آهو اڻ ڄاتل اعليٰ اقتصادي قوتن جو فضل ۽ ڪرم هو، جو اهو سڀڪجهہ پئي ٿيو؛ ۽ اها صورت خاص طرح اُن اقتصادي انقلاب جي دؤر ۾ نيڪ نيڪ ٿي لڳي، جو هندستان ۽ آمريڪا جا دروازا دنيا لاءِ کلي پيا هئا، ۽ تجارتي ايمان جا سڀ کان مقدس اقتصادي فقرا — يعني سون ۽ چانديءَ جا نرخ — بہ پئي ڪِريا ۽ ٽُٽي اچي پٽ پيا هئا؟" (اينگلس، Preface to Socialism Utopian and Scientific.)

اقتصادي زندگيءَ جي حقيقت ۾ واپارين سان ڇا ٿو پيش اچي؟ هي واپاري، سرمايہ دوست، سڀ مقابلي جي ميدان ۾ آهن، ۽ هو مقابلي جو پورو پورو تجربو رکن ٿا — سڀني وچ ۾ فاتح بہ آهن ۽ مفتوح بہ. پر اڪثر ڪري، منجهائن تيز ۾ تيز ۽ سڀ کان وڌ هوشمندَ بہ مقابلي ۾ هارائي ويهن ٿا — هڪڙي ئي اهڙي تجارتي گهوٽاليءَ جي آڌو هو ڊهي پون ٿا، جيڪو وچ ۾

www.sindhsalamat.com

ڪتان ايري اچي دخل انداز ٿئي ٿو ۽ هو دسجي پون ٿا. هي گهوٽالو هنن لاءِ هڪ اڻ ڪٿيل ۽ اندازي کان بالاتر حادثو آهي: ايتري قدر، جو آهو هنن کي تضا جو اوچتو هڪ ڏک محسوس ٿئي ٿو؛ ۽ ائين هيءُ خيال ته ڪڏهن منجهانئن سڀ کان گهڻ سمجهدار ۽ اڪلباز ماڻهو به، بنان ڪنهن سبب جي، گهوٽالي ۾ ٻڃي وڃن ٿا، سندن عيسائي مذهب جي پروٽيسٽنٽ شريعت ۾ ايمان جي هڪ رڪن طور شامل ٿي وڃي ٿو، ۽ اهو مشاهدو به ته ڪيئي ماڻهو اتفاق سان ڪامياب ٿين ٿا، سندن تقدير جي شرعي خيال کي ٽيڪو ڏئي ٿو، جنهن مطابق ماڻهن کي ابد تائين تقدير جو مقرر ڪيل پنهنجو پنهنجو انگ يا ليکيو پوڳڻو ٿو پوي!

اقتصادي حالتن جي عڪس جي هن مثال ۾ اسين ڏسون ٿا ته خيال ۽ مجتا جو متيون سٽاءُ هيٺئين اقتصادي سٽاءَ جو ڪهڙي نموني عڪس هجي ٿو.

اُنهيءَ قسم جو هيءُ هڪڙو ٻيو مثال آهي: ٻن مزدورن جي ذهنيت کي وٺو، جيڪي ٽريڊ يونين جا ميمبر نه آهن ۽ انهيءَ ڪري سياسي طور پختا نه آهن. هڪڙو اُنهن مان هڪڙي تمام وڏي ڪارخاني ۾ ڪم ڪري ٿو، جتي ڪم کي پوريءَ طرح رٿيو ۽ منظم ڪيو ويو آهي، ۽ ٻيو هڪڙي ننڍي اِڪاريگر وٽ مزوري ڪري ٿو. پڪ آهي ته پنهنجي ’مالڪ‘ بابت ٻنهي جو خيال جدا جدا هوندو. هڪڙي لاءِ، مالڪ هڪڙو ٽارڏي قسم جو، سنگدل، ڏورانهون استحصالي هوندو جيڪو سرمايہ داريءَ جو هڪ پورو پورو مثال هجي سگهي ٿو؛ ٻيو پنهنجي مالڪ کي، پاڻ جهڙو هڪ مزدور ٿي سمجهندو جيڪو واقعي هڪ سٺيو ماڻهو پر وري به هڪ مزدور هو ۽ نه هڪ ظالم، ڦورو يا پرمار.

هيءُ واقعي ٻنهي مزدورن جي ڪم جي حالتن جو عڪس ڏئي آهي، جو ٻنهي جو خيال مالڪ قسم جي طبقي لاءِ جدا جدا آهي.

www.sindhsalamat.com

هي مثال، جيڪو هڪ اهم مثال آهي، اسان کي ڪن راين رکڻ ۽ پيش ڪرڻ جو حق ڏئي ٿو.

٤. صحيح شعور ۽ غلط شعور

اسين مٿي ڇڏي آيا آهيون ته نظريا سماج جي مادي حالتن جو عڪس هوندا آهن، ۽ سماجي وجود ئي سماجي شعور بنائي ٿو. ان مان هي به نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته هڪ پورهيت جو نظريو لازمي طرح ۽ خودبخود پورهيت پسند نظريو هجي ٿو. هيءُ اندازو حقيقت جي مطابق ڪونهي، ڇو ته اسين ڏسون ٿا ته ڪيئي مزدور آهن جن کي آهو هڪ مزدور جو شعور ڪونهي.

انهن ڳالهه جو هيءُ فرق ضرور سامهون رکڻو آهي: ماڻهو ڪن خاص حالتن ۾ رهي سگهن ٿا پر آن بابت سندن شعور حقيقت سان ٺهڪندڙ نه به ٿي سگهي ٿو. انهيءَ صورت کي اينگلس ماڻهوءَ جو "غلط شعور" سڏيو آهي.

مثال: ڪي مزدور ۽ ڪاسبي "ڪاريگرن جي جٿيبنديءَ" جي اثر هيٺ هوندا آهن، جيڪا ڳالهه گذري ويل وقت دؤرن ڏانهن، دستڪاريءَ جي دؤر ڏانهن، موٽڻ جي برابر آهي. هن حالت ۾ انهن ۾ مزدورن ۽ ڪاسبين جي غريبيءَ جو شعور ته آهي، پر آهو هڪ صحيح ۽ سالم شعور نه آهي. هتي نظريو واقعي سماجي زندگيءَ جي حالتن جو عڪس ته آهي، پر آهو هڪ پورو ۽ سچو عڪس نه آهي.

ماڻهن جي شعور ۾، اڪثر جيڪو عڪس هجي ٿو آهو "ابتو" هجي ٿو. غريبيءَ جي حقيقت جو مشاهدو سماجي حالتن جو هڪڙو عڪس آهي، پر جڏهن سوچجي ٿو ته "جٿيبنديءَ" ڏانهن موٽڻ سان مسئلو حل ٿي ويندو تڏهن آهو عڪس غلط ۽ ڪوڙو عڪس بڻجي وڃي ٿو. آن حالت ۾ اسين شعور جو ڪجهه قدر صحيح ۽ ڪجهه قدر غلط عڪس ڏسون ٿا.

www.sindhsalamat.com

هڪڙو مزدور جيڪو بادشاهه پسند آهي، اُن جو شعور به ساڳئي وقت غلط به آهي ۽ صحيح به آهي. صحيح انهيءَ طرح، جو هو ملڪ ۾ جيڪا غربت ڏسي ٿو، اُها هو ڪيڏڻ گهري ٿو؛ غلط انهيءَ طرح، جو هو سمجهي ٿو ته بادشاهه اُئين ڪري سگهي ٿو. ۽ رڳو انهيءَ ڪري، جو هُن ٺيڪ نه سوچيو آهي، ڇاڪاڻ ته هُن پنهنجو نظريو صحيح منتخب نه ڪيو آهي، هيءُ مزدور، جيتوڻيڪ اسان جي طبقي جو آهي، پر اسان لاءِ اسان جي طبقي جو دشمن بڻجي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري غلط شعور رکڻ جي معنيٰ آهي پاڻ کي ٺڳڻ يا پنهنجي سچ پچ جي حالت بابت ٺڳجي وڃڻ.

انهيءَ ڪري، اسين چونداسين ته نظريو وجود جي حالات جو عڪس آهي، پر آهو ڪو هڪُ اڳي کان ڏهيل يا مقرر ٿيل عڪس ڪونهي.

تنهن کان سواءِ اسان لاءِ اِن ڳالهه جو خيال رکڻ به ضروري آهي ته رواجي طور هر ممڪن ڪوشش ورتي ٿي وڃي ته اسان کي حالات جو غلط شعور ڏنو وڃي ۽ مجبور ۽ محروم طبقن تي حڪمران طبقن جي نظريي جي اثر کي محڪم ۽ مضبوط بڻايو وڃي. زندگيءَ جي تصور جا پهريان پهريان عنصر جيڪي اسين حاصل ڪريون ٿا، تعليم جيڪا اسان کي ڏني وڃي ٿي ۽ هدايتڪاري جيڪا اسان جي ڪئي وڃي ٿي، اُن سان اسان جي ذهن ۾ هڪ غلط شعور چنبڙايو وڃي ٿو. زندگيءَ سان اسان جا لاڳاپا، اسان مان ڪن جو پهراڙيءَ جو پس منظر، پروپيگنڊا، پريس، ريڊيو، وغيره، اڪثر طور اسان جي شعور کي اڳي ئي اونڌو ڪيو، بگاڙيو ۽ غلط بڻايو ڇڏين ٿا.

انهيءَ ڪري اسين جيڪي مارڪس وادي آهيون، تن لاءِ نظرياتي ڪم تمام وڏيءَ اهميت جو ڪم آهي. غلط شعور کي هر طرح ختم ٿيڻ گهرجي، ته جيئن صحيح شعور اُن جي جاءِ وٺي، ۽ نظرياتي ڪم کان سواءِ هيءَ تبديل حاصل ٿي نٿي سگهي.

www.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪري، جيڪي ائين ڀانئين ٿا ۽ چون ٿا ته مارڪسزم هڪ ”تقرير پسند“ عقيدو آهي، اهي غلط آهن، ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ اسين ائين ڄڃون ٿا ته نظريا سماج ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ بيحد ضروري آهي ته هيءَ فلسفو سمڪاريو وڃي ۽ سکيو وڃي ته جيئن اهو هڪ اثرائتو هٿيار ۽ ڪارائتو اوزار ثابت ٿي سگهي.

٥. نظرياتي عنصرن جو (ڳالهين جو) عمل ۽ ردعمل

صحيح ۽ غلط شعور جي مثالن مان اسان ڏٺو ته اسان کي سدائين اهڙا خواهش نه رکڻ گهرجي ته خيالن جي سمجهاڻي اقتصادي حقيقتن جي وسيلي ئي ڏيڻ ضروري آهي ۽ ائين خيالن جي اثر کان بلڪل ئي انڪار ڪري ڇڏيون. ائين ڪرڻ مارڪسزم کي هڪ غلط نموني پيش ڪرڻ ٿيندو. خيال، پهرينءَ نگاهه ۾، ته واقعي اقتصادي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سمجهائجن ٿا، پر انهن جو عمل انهن جي پنهنجي طريقي سان به ٿئي ٿو.

”تاريخ جي مادي تصور مطابق تاريخ ۾ آخري طور فيصلہ ڪن عنصر سچيءَ زندگيءَ جو قلجڻ قولجڻ، يعني قل مان قل ڏيڻ، آهي. ان کان وڌيڪ نه مارڪس ۽ نه مون ڪڏهن ڪجهه چيو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو ان کي موڙي مروڙي ائين چوي ٿو ته اقتصادي عنصر هڪڙو ئي فيصلہ ڪن عنصر آهي، ته هو ان ڳالهه کي بدلائي هڪ بي معني، هوائي قسم جو ۽ غير معقول اصطلاح بڻائي ٿو ڇڏي. اقتصادي ڳالهه بنياد آهي، پر بالائي سٽاءَ جي مختلف نمونن جا عنصر پڻ تاريخي جدوجهدن جي سلسلن ۽ رخن تي پنهنجو اثر وجهن ٿا ۽ ڪيترين حالتن ۾ ته انهن جي مرتب ڪرڻ ۾ سڀنوالو دخل رکن ٿا. هنن سڀني عنصرن جو باهمي عمل موجود رهي ٿو، جنهن ۾، سڀني قسم قسم جي امڪانن ۽ اتفاقن جي وچ ۾ آخري طور اقتصادي هلچل،

www.sindhsalamat.com

پنهنجي اثر ۾ لازمي عنصر طور موجود رهي ٿي."
(اينگلس جو خط جي. بلوخ ڏانهن Letter to J. Bloch by F. Engles.)

ته اها ڳالهه بلڪل ضروري آهي ته اقتصادي حالتن جي جائزي وٺڻ کان اڳ سيني پيڻ شين جي جانچ جونچ ڪئي وڃي، ۽ جيڪڏهن اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ته، آخري توڙتڪ جي روشنيءَ ۾، اهي سببُ آهن، ته به اسان کي ياد رکڻ کپي ته اهي ئي هڪڙو سببُ نه آهن.

نظريا اقتصادي حالتن جا عڪس ۽ نتيجا آهن، پر نظرين ۽ اقتصادي حالتن جي تعلق جي ڳالهه سادي ڳالهه ڪانهي ڇاڪاڻ ته اسين خود بنيادي سطاءَ تي نظرين جي موٽ جو عمل به ڏسون ٿا.

اِن حقيقت جو عمل، فبروري ٦، ١٩٣٤ع کان پوءِ فرانس ۾ جيڪا تحريڪ وڌي هئي، اُن ۾ اسان ڏٺو. اُن جو مطالعو اڄ به ڪم از ڪم ٻن رخن کان ڪري سگهجي ٿو:

(١) ڪي اِن لهر جي سمجهاڻي ڏيندي چون ٿا ته ملڪ جو اقتصادي گهوٽالو اُن جو سبب هو. اِها مادي سمجهاڻي آهي، پر هڪطرفي آهي. هيءَ سمجهاڻي فقط هڪ عنصر کي خيال ۾ آڻي ٿي — يعني هن حالت ۾ اقتصادي عنصر کي، اقتصادي گهوٽالي کي.

(٢) اِنهيءَ طرح، هيءَ سوچ هڪ حد تائين صحيح آهي، پر هِن سمجهاڻيءَ ۾ ٻئي هڪ عنصر جو ملائڻ به ضروري آهي، ۽ اُهو هيءَ ته ماڻهو ڇا پيا سوچين، يعني نظريي جو عنصر. هِن عوامي تحريڪ ۾ ماڻهو فسطائيت ـ دشمن هئا. اِهو نظرياتي عنصر آهي. ۽ ماڻهو جيڪڏهن فسطائيت ـ دشمن هئا، ته اُهو اِنهيءَ ڪري، جو پروپيگنڊا جي وسيلي "پاپيولر فرنٽ" (عوام پسند محاذ) قائم ڪيو ويو هو. پر خود اِن پروپيگنڊا جي ڪاميابيءَ لاءِ سازگار زمين گهربل هئي. جيڪي ڪجهه ١٩٣٦ع ۾

www.sindhsalamat.com

ٿي سگهيو هو، سو ۱۹۳۲ع ۾ ممڪن نه هو. آخر ۾، اسان کي خبر آهي ته پنهنجي نتيجي طور هن عوامي تحريڪ جيڪو طبقاتي جدوجهد ممڪن بنايو، آن وسيلي، خود آن پاڻ به اقتصادي حالتن تي وڏا اثر مرتب ڪيا. انهيءَ طرح، هن مثال مان اسين ڏسون ٿا ته هڪ نظريو، جيڪو سماجي حالتن جو عڪس آهي، پنهنجي پيري پاڻ ئي واقعن ۽ حالتن جو سبب بڻجي پوي ٿو.

”سياسي، قانوني، فيلاسوفي، مذهبي، ادبي، فني، وغيره تعمير ۽ واڌارو اقتصادي تعمير ۽ واڌاري تي بڌل آهي. پر اهي سڀئي هڪٻئي تي ۽ پڻ اقتصادي بنياد تي اثرانداز ٿين ٿا. ائين ڪونهي ته اقتصادي حالت ئي سبب آهي ۽ اڪيلي سر فعال آهي، ۽ ٻي هرڪا شيءِ فقط هڪ خاموش اثر يا نتيجو آهي. حقيقت اصل ۾ هيءَ آهي ته اقتصادي ضرورت جي بنياد تي باهمي اثراندازيءَ جي عمل ۽ ردعمل جو هڪ سلسلو آهي، ۽ آخرڪار اهو ئي ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ پاڻ مڃائي ٿو.“ (اينگلس جو خط، ايچ اسٽارڪينبرگ ڏانهن Letter to H. Starkenburg by F. Engles.)

انهيءَ طرح ٻي، مثلاً، اهو آهي، جو —

”وراثت جي قانون جو بنياد — بشرطيڪ فرض ڪري ٿا وٺون ته، ’ڪٽنب‘ جو سرشتو اوسر جون منزلون مساوي طور تي طئي ڪري چڪو آهي — اقتصادي آهي. پر اها ڳالهه، مثال طور، ثابت ڪرڻ مشڪل ٿيندي ته انگلنڊ ۾ وصيت ڪندڙ جي پوري آزادي ۽ فرانس ۾ آن تي لڳل سخت پابنديون، پنهنجي هر تفصيل جي حد تائين، رڳو اقتصادي سببن جي ڪري آهن. اهي ٻئي صورتون، يعني انگلنڊ ۽ فرانس جون الڳ الڳ، بهرحال، وري به اصل ۾ ۽ بنيادي طور، تمام گهڻيءَ حد تائين، اقتصادي دائري جون ئي صورتون آهن ۽ آن سان ئي واسطو رکن ٿيون، ڇاڪاڻ ته

www.sindhsalamat.com

آهي ملڪيت جي ورهاست تي ئي اثرانداز ٿين ٿيون.“
(اينگلس جو خط ڪانريڊ شمڊ ڏانهن Letter to Conrad Schmid by F. Engles.)

اچو ته پيو هڪڙو ويجهو مثال وٺون — محصولن جو. محصولن بابت اسان سڀني جا پنهنجا پنهنجا رايا آهن. شاهوڪار اُنهن کان بچڻ گهرن ٿا، انهيءَ ڪري آهي اڻ سڌن محصولن جا حامي آهن؛ مزدور ۽ وچين طبقي جا ماڻهو، اُن جي ابتڙ، محصولن جو هڪ اهڙو سرشتو چاهين ٿا، جيڪو سڌيءَ ۽ وڌندڙ محصول بازيءَ (يعني انڪم ٽئڪس تي) ٻيٺل هجي.

اِن جي معنيٰ ته ”محصولن بابت اسان جا جيڪي خيال آهن — ۽ آهي نظرياتي عنصر ئي آهن — اُنهن جي پاڙ اسان جي اقتصادي صورتحال ۾ ئي موجود هجي ٿي، جيڪا سرمايه داريءَ جي پيدا ڪيل ۽ اسان تي مڙهيل آهي. شاهوڪارَ چاهين ٿا ته سندن رعايتون بحال رهن ۽ هو محصولن جو موجوده سرشتو قائم رکڻ گهرن ٿا ۽ چاهين ٿا ته اُن مقصد لاءِ ضروري قانونَ مضبوط رکيا وڃن. اهي قانون، جيڪي خيالن جو نتيجو آهن، موٽي وري اقتصادي حالتن تي پنهنجو اثر وجهن ٿا، ڇاڪاڻ ته آهي ننڍي ريزڪي واپار ۽ ننڍين ربزڪي واپارين کي اپڙڻ نٿا ڏين ۽ سرمايه داريءَ جي ميڙ ميڙان ۽ هم مرڪزيت کي ئي وڌائين ٿا ۽ تيز ڪن ٿا.

اِن مان اسين ڏسون ٿا ته اقتصادي حالتون خيالن کي جنم ڏين ٿيون. پر خيال پڻ اقتصادي حالتن ۾ تبديلين کي جنم ڏين ٿا؛ اقتصادي حالتن ۽ خيالن ٻنهي جي انهيءَ **باهمي ڏي وٺ جي لاڳاپن** کي سامهون رکڻ سان ئي اسان کي نظرين، سڀني نظرين، جي تحقيق ڪرڻ گهرجي؛ ۽ فقط آخري ڇنڊڇاڻ جي حالت ۾ ئي بنيادي طور اسين ڏسون ٿا ته اقتصادي ضرورت آهي جيڪا هميشه غالب رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com

اسان کي خبر آهي ته مفڪر ۽ ليکڪ ٿي آهن، جن کي نظرين جي بچاءَ جو نه، ته به پکيڙڻ جو ڪم سونپيل هوندو آهي. هنن جا خيال ۽ هنن جون لکڻيون اِنهيءَ ڳالهه ۾ هميشه کليل ۽ صاف نه هونديون آهن، پر، اصل ۾، آهي لکيتون به جيڪي ظاهر ۾ فقط سادا افسانا ۽ قصا لڳندا آهن، اُنهن جي به تورتڪ ڪجي ته اُنهن ۾ به نظرين جو اظهار معلوم ٿيندو. هيءَ تورتڪ ڏاڍو هڪ نازڪ ڪم ٿئي ٿو ۽ اُها پوريءَ ذميداريءَ سان ڪرڻ ضروري آهي. اسين هڪڙو جدلياتي تورتڪ جي طريقي جو خاڪو هيٺ ڏيون ٿا جيڪو اِن ۾ ڪافي فائديمند ثابت ٿيندو؛ پر اِن کي ميڪانيڪي طور استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽، جيڪي شيون سمجهائڻ کان ٻاهر هجن، اُنهن کي اِنهيءَ ئي طرح سمجهائڻ جي ڪوشش کان بچڻ ڪپي.

٦. جدلياتي تورتڪ جو طريقو

جدلياتي طريقي جي مناسب استعمال لاءِ ڪافي ڄاڻ جي ضرورت آهي، ۽ جيڪڏهن زير نظر موضوع جي ڄاڻ نه هجي، ته پهرين اُن جو پورو مطالعو ڪرڻ گهرجي، نه ته نتيجي طور جيڪو رايو مرتب ٿيندو آهو هڪ عبث ۽ توائي خيال کان گهٽ نه هوندو.

ڪنهن ڪتاب يا ادبي ڳالهه جي جدلياتي تورتڪ لاءِ اسين هڪڙي طريقي جو خاڪو هيٺ ڏيون ٿا، جيڪو پين موضوعن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

(١) جنهن ڪتاب يا ڳالهه جي تورتڪ ڪرڻي هجي، اول اول اُن جي مولن تي ڌيان ڏيڻ کپي يعني اُن ۾ ڇا چيو ويو آهي اُن تي. پهريائين اُن کي سيڌي سماجي سوالن ۽ ڳالهين کان پري رکي، اُن جي ڇڪاس ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هر ڳالهه جي ابتدا طبقاتي ڪشمڪش ۽ اقتصادي حالتن سان ڪانه ٿي ٿئي.

www.sindhsalamat.com

ادبي دنيا ۾ ادبي اثر ٿين ٿا، ۽ اسان کي اهي ڌيان ۾ رکڻ کپن. ڪوشش ڪري ڏسجي ته زير نظر لکيت ڪهڙي ”ادبي مڪتب“ سان واسطو رکندڙ آهي. ادبي ۽ علمي دنيا ۾ مروج نظرين جي اندروني واڌ جي صورتحال کي به خيال ۾ آڻڻ کپي. عملي طور ائين بهتر ٿيندو ته زير نظر تصنيف جو هڪ اختصار تيار ڪيو وڃي، ۽ ان جي سڀ کان زياده ڌيان ڇڪيندڙ ڳالهين کي خاص طرح سامهون رکيو وڃي.

(٢) اُن کان پوءِ سماجي ڪردارن جا نمونا جيڪي ڳالهه جي سٽاءَ ۾ پيش ڪيل هجن، اُنهن کي ڇڪاسجي. ڏسجي ته **ڪهڙي طبقي** سان اُنهن جو تعلق آهي، ۽ پوءِ، اُنهن جي پيش ڪيل هلت چلت ۽ ڪم ڪار جي ڇڪاس ڪجي، ۽ ڏسجي ته جو ناول ۾ ڏيکاريل آهي، اُن کي ڪنهن به رستي هڪ سماجي نقطي نگاهه سان ملائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن ائين ڪرڻ ناممڪن هجي، جيڪڏهن معقول نموني ائين ٿي ئي نه سگهي، ته بهتر ٿيندو ته تورتڪ جي ڪوشش ڇڏي ڏجي، اِن کان جو هٿراڌيون ڳالهيون ويهي اٽارجن. ڪنهن به ڳالهه جي سمجهاڻي يا تشريح هٿراڌو **ڪڏهن** به نه ڏاهجي.

(٣) جڏهن اِهو معلوم ٿي وڃي ته ڳالهه ۾ ڪهڙا طبقا آڏو آيل آهن، ته ڳالهه جي اقتصادي بنياد جي دريافت ڪجي، يعني هن ڳالهه جي ته جنهن دور سان ڪتاب جي ڳالهه جو واسطو آهي، اُن دور جا پيداواري ذريعا ڪهڙا آهن ۽ اُن جو پيداواري دستور ڪهڙو آهي.

مثال طور، جيڪڏهن ڳالهه جو عمل اسان جي ئي دور جو پيش ٿيل آهي، ته سرمايه داري اُن جو اقتصادي بنياد آهي. اڄوڪي وقت ۾ ڪيترا ئي افسانا ۽ ناول نڪرندا رهن ٿا، جيڪي سرمايه داريءَ کي للڪارين ٿا ۽ اُن کي تنقيد جو نشانو بڻائين ٿا. بهرحال، سرمايه داريءَ سان مقابلي ڪرڻ جا به رستا آهن:

١– هڪ انقلابيءَ وانگر، جيڪو قدم وڌائي، اڳتي اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com

۲- هڪ رجعتيءَ وانگر، جيڪو ماضيءَ ڏانهن موٽڻ چاهي ٿو، ۽ اڪثر اهو ئي روپ آهي جيڪو جديد ناولن ۾ اختيار ٿيل ڏسجي ٿو: آنهن ۾ گذريل وقتن جو ماتم ڪيل هوندو آهي.

(۴) جڏهن ٽئين نموني سان ڪيل چڪاس جا نتيجا اسان جي آڏو هجن، ته پوءِ اسان کي ڳالهه جي نظريي کي ڏسڻ گهرجي، يعني مصنف جيڪي خيال ۽ جيڪي امنگ پيش ڪيا آهن، تن کي مصنف جي سوچ جي دستور ۽ رخ ڪي. پوءِ نظريي تي ائين ويچار ٿيڻ کپي، ته ڪتاب ۾ آن کان ڪهڙو ڪم ورتو ويو آهي، يعني پڙهندڙ جي ذهن تي آن جي ڪهڙي ۽ ڪيتري اثر قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

(۵) ان کان پوءِ، هاڻي، اسين پنهنجي سڄيءَ تورتڪ، پنهنجي سڄيءَ ڇنڊڇاڻ، جا نتيجا پيش ڪري سگهنداسين، يعني ائين چئي سگهنداسين ته ڇو هن قسم جو افسانو يا ناول اهڙي هڪ دور ۾ لکيو ويو آهي.

تورتڪ جو هيءُ طريقو فقط تڏهن اثرائتو ۽ مفيد ثابت ٿيندو، جڏهن آن جي استعمال ڪندي، آهي سڀ ڳالهيون ياد رکيون وڃن، جيڪي مٿي آيل بابن ۾ چيون ويون آهن. اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن جدليات شين متعلق سوچڻ جو هڪ نئون رستو اسان کي ڏسي ٿي، ته شين بابت پوري ڄاڻ رکڻ جي تقاضا پڻ آها اسان کان ڪري ٿي، ۽ جيڪڏهن اسان کي شين بابت ڳالهائڻو آهي ۽ آنهن جي اسان کي تورتڪ به ڪرڻي آهي ته آن لاءِ آنهن جي ڄاڻ اسان واسطي هڪ آڻ-سرندو ۽ بنهه پهريون شرط آهي. اِنهيءَ ڪري، هاڻي، جو اسان ڏٺو ته اسان جو طريقو ڪهڙو آهي، اسان لاءِ ازحد ضروري آهي ته اسين پنهنجن مطالعن ۾، پنهنجي سرگرم ۽ ذاتي زندگيءَ ۾، شين کي ائين ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون، جيئن اصل ۾ آهي آهن — يعني متحرڪ ۽ تبديل ۾ مصروف، ۽ نه يڪجا ڄميل ۽ بيٺل حالت ۾: آنهن کي آنهن جي ڪنهن هڪ ئي پاسي کان نه پر سڀني پاسن

www.sindhsalamat.com

ڪان ڏسون ۽ اڳين ڏي آنهن جو مطالعو ڪريون. مطلب ته اسان کي هرهنڌ ۽ هميشه، پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ جدلياتي اصول جي روشني ڏي پنهنجي سامهون موجود رکڻ گهرجي.

٧. نظرياتي جدوجهد جي ضرورت

هاڻي اسين جدلياتي ماديت کي بهتر طور تي ڄاڻي سگهيا آهيون، جيڪا ماديت جو جديد روپ آهي ۽ جنهن جا باني مارڪس ۽ اينگلس هئا ۽ جنهن کي لينن پنهنجي فڪر ۽ مطالعي سان وڌايو ۽ پختو بڻايو. هن ڪتاب ۾ اسان گهڻي قدر مارڪس ۽ اينگلس جي ڪتابن ۽ لکڻين جا حوالا ڏنا آهن؛ فلسفي جي هن مطالعي کي هتي ختم ڪرڻ کان اڳ اسان لاءِ لينن جي فڪري تحقيق ۽ ڪاوش جو خصوصي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جو ته جدلياتي ماديت جي تعمير ۾ عظيم لينن جو وڏو حصو رهيو آهي. انهيءَ ڪري ڏي، هن سلسلي ۾ هاڻي مارڪسزم-لينينزم، يعني مارڪس ۽ لينن جي فڪر، جو ذڪر ٿئي ٿو.

مارڪسزم-لينينزم ۽ جدلياتي ماديت الوٽ نمونې هڪ آهن. جدلياتي ماديت جي ڄاڻ سان ڏي فقط اسان کي پوريءَ طرح مارڪسزم-لينينزم جي فڪري وسعت ۽ رسائيءَ جو اندازو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري ڏي اسان کي لازمي طور اڃا چوڻو پوي ٿو ته ايستائين ڪوبه سرگرم انقلابي پاڻ کي نظرياتي طور پورو هٿياربند نٿو چئي سگهي، جيستائين هو مارڪسزم-لينينزم جي، فلسفي ۽ دستور جي صورت ۾، پوري ڄاڻ نٿو رکي.

سرمايه دوست جيڪي ان ڳالهه کي خوب سمجهن ٿا، هرممڪن طريقو استعمال ڪن ٿا، هرممڪن ڪوشش ڪن ٿا، ته مزدورن جي شعور ۾ هو پنهنجي نظريي کي داخل ڪن. اها ڪين چڱيءَ طرح خبر آهي ته مارڪسزم-لينينزم جي بين سيني

www.sindhsalamat.com

ڳالهين منجهان جدلياتي ماديت ئي آهي، جيڪا سندن دليا ۽ درحقيقت گهٽ ۾ گهٽ قائل آهي — جو ته هنن آن خلاف خاموشيءَ جي هڪ منظم سازش قائم ڪري رکي آهي. نهايت ڏک جي ڳالهه آهي، جو سرڪاري تعليم جدلياتي ماديت کي ڪُلي طور نظرانداز ڪري ڇڏي ۽ اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ اڄ به فلسفي جي سکيا آهڙي ئي هڪ سؤ سال اڳ واري نموني جي هلندي رهي ٿي.

جيڪڏهن اڳين وقتن ۾ سوچ ويچار جي مابعدطبيعاتي طريقي کي ماديءَ طريقي تي برتري هوندي هئي، ته آها، جيئن اسان ڏٺو، حالتن جي اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري هوندي هئي. اڄ سائنس اسان کي انهيءَ حقيقت جي ڏسڻ جا ذريعا ڏنا آهن ته جدلياتي طريقو ئي آهي، جيڪو سائنسي تحقيق ۽ کوجنا لاءِ استعمال ڪرڻ مناسب آهي، ۽ انهيءَ ڪري اها بنهه هڪ فضول ڳالهه آهي، جو اسان جا ٻار اڄ به انهيءَ ئي طريقي پٺاندر پڙهندا رهن، سکندا رهن، جيڪو جهالت تي ٻڌل هو ۽ جهالت مان نڪتل هو.

جيتوڻيڪ سائنسدان پنهنجن پنهنجن خاص موضوعن تي، سائنسن جي ڪڙو ڪڙي ۾ مليل علمن جي آثار ڪان سواءِ، پنهنجو ڪو به تحقيقي ڪم اڳتي وڌائي نٿا سگهن، ۽ انهن هو غيرشعوري طور جدليات جو ئي هڪ حد تائين استعمال ڪن ٿا، ته به هو اڃا پنهنجي ڪم ۾ اڪثر آهو ئي پنهنجو ذهني رخ اختيار ڪندا اچن ٿا، جنهن ۾ هنن کي تربيت مليل آهي، ۽ آهو سندن رخ مابعدطبيعاتي رخ هجي ٿو.

آهي عظيم سائنسدان، جن بني نوع انسان کي هيترو ڪجهه ڏنو آهي — مثلاً پاسٽيئر (Pasteur) ۽ برنلي (Branly)، جيڪي تصوري هئا، عقيدائي هئا — آهي جيڪڏهن تحقيق جي جدلياتي طريقي جا ڄاڻو ۽ تربيت يافته هجن ها، ته ڪيتريون نه وڌيڪ ترقيءَ جون منزلون هو طيءِ ڪري سگهن ها، ڪيتريون نه علم جون اڃان ئي وڌيون اوچايون هو سر ڪري سگهن ها!

www.sindhsalamat.com

پر مارڪسزم خلاف اُن "خاموشيءَ جي سازش" کان به وڌيڪ هڪ ٻي خطرناڪ عداوت آهي، جنهن ڪا پنهنجو زهريلو ڪم ڪري رهي آهي، ۽ اُها آهي پورهيت طبقي جي تحريڪ ۾ ڪوڙن، اڌ ڪوڙن، ۽ "هٿراڙو تهمتن اٿارڻ ۽ پکيڙڻ جو عمل. اڄ اسين ڪيترا ئي "عالم، محقق ۽ اديب" ۽ "نظريي باز" ڏسون ٿا، جيڪي پاڻ کي "مارڪسوادي" سڏائين ٿا ۽ دعوا ڪن ٿا ته هو مارڪسزم کي "نئون ٿا ڪن"، اُن ۾ "نئون ساهه ٿا وجهن"، اُن کي "مهذب ٿا بڻائين". اِن قسم جون ڪوششون اڪثر پنهنجن حملن جو نشان مارڪسزم جي گهٽ ڄاتل پاسن، خاص طرح جدلياتي ماديت جي ڳالهين، کي بڻائين ٿيون.

اِهيءَ طرح، مثلاً، ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي دعوا ڪن ٿا ته هو مارڪسزم کي انقلابي عمل لاءِ، بطور هڪ تصور جي، قبول ڪن ٿا، پر ڪائنات جي هڪ عمومي تصور يا نظريي جي صورت ۾ نه. هو چون ٿا ته مارڪسزم جي مادي فلسفي کي مڃڻ کان سواءِ به هو پڪا مارڪسوادي ٿي سگهن ٿا. پنهنجي اِهيءَ رخ ۽ انهن ڳالهين جي عين مطابق، ڪيترا ئي "خيال" هو سمگل ڪري، مارڪسزم ۾ آڻي گهڙن ٿا، جيڪي خود اُن جي بنيادن سان يعني ماديت جي فلسفي سان اَڻ-ٺهڪندڙ آهن. هن قسم جون ڪوششون ماضيءَ ۾ به ٿينديون رهيون آهن، ۽ اُنهن جي ئي رد ۾ لينن پنهنجو ڪتاب Materialism and Empirio-Criticism لکيو هو. اڄڪلهه، اهڙين ئي ساڳين ڪوششن کي وري جاڳايو ۽ تيز ڪيو پيو وڃي، جيڪي مارڪسزم تي اُن جي فلسفي واري پاسي کان حملا ڪن ٿا. اُنهن کي تيسين ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي سگهڻ ممڪن ڪونهي، جيسين اسين مارڪسزم جي اصلي فلسفي جو اونهو مطالعو نه ڪنداسين ۽ اُن جي پوري ڄاڻ حاصل نه ڪنداسين.

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

٨. نتيجو

خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو ڪن سالن کان، هاڻي، مارڪسزم جي جامع مطالعي جو ڀرپور ذوق، خاص طرح، پورهيت طبقي ۾، جاڳندي ۽ وڌندي ڏٺو ويو آهي، ۽ ان جي عين مطابقت ۾، ماديت جي فلسفي ڏانهن لاڙو ۽ ان ۾ دلچسپي پڻ ڪافي وڌيل پئي ڏسجي. هيءَ موجوده صورتحال هڪڙي نشاني آهي انهيءَ ڳالهه جي ته پورهيت طبقي هاڻي محسوس ڪيو آهي ته ماديت جي فلسفي جو مطالعو سندن پنهنجي نجات لاءِ ڪهن روشنيءَ جو ۽ راهه جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو. مزدورن ۽ ٻين پورهيتن پنهنجي تجربي مان سکيو آهي ته سندن طبقاتي جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ علم ۽ عمل جو ميل ڪيترو نه ضروري آهي ۽ انهيءَ ڪري پنهنجو نظرياتي مطالعو هو جيتري قدر وڌائي، تيز ۽ اونهو ڪري سگهندا، اوترو ان ۾ هنن جو پنهنجو فائدو آهي. انهيءَ ڪري هن دور ۾ هر ديانتدار سرگرم انقلابي ڪارڪن جو اهو پهريون فرض آهي ته هو ان لاڙي کي، ان رخ کي، وڌيڪ همٿائي، زور وٺائي، ان جي رهبري ڪري ۽ ان ۾ مقداري توڙي معياري واڌ آڻڻ لاءِ پنهنجي سعي ۽ عمل کي هر طرح تيز ڪري.
اسان کي خوشي آهي ته پيرس جي مزدور يونيورسٽيءَ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ۽ ان جي ڪوشش سان ڪئي هزار ماڻهو مادي فلسفي جو مطالعو ڪري چڪا آهن، ۽ پوريءَ ريت هو ڄاڻي سگهيا آهن ته ماديت جو فلسفو ئي سرمايه داريءَ جي خلاف سندن جدوجهد کي پورو هڪ علمي بنياد مهيا ڪري ٿو ۽ پوريءَ چٽائيءَ سان کين ظاهر ڪري ڏيکاري ٿو ته هن جدوجهد ۾ سائنس سرمايه داريءَ جي پاسي نه پر سندن پنهنجي پاسي بيٺل آهي. ۽ ان مان سندن هڪ فرض به نڪري، نروار ٿئي، سندن آڏو اچي بيهي ٿو ۽ کين للڪاري ٿو: مطالعو، مطالعو! اڀياس، اڀياس! مارڪسزم کي ڄاڻڻ ۽ ان جي ڄاڻ کي عام ڪرڻ

جو فرض، جدوجهد جي ميدانن تي، گهٽين ۾ ۽ ڪارخانن ۾، عمل جي سرگرمي ڏيکارڻ سان گڏ، انقلابي اڳواڻن کي نظرياتي جدوجهد جي اڳواڻي ڪرڻي آهي. اُنهن جو فرض آهي ته هر طرح جي حملي کان پنهنجي نظريي جو بچاءُ ڪن ۽ ساڳئي وقت، جوابي حملي طور، اڳتي وڌي، سرمايه دوست نظريي جي هر اثر کان مزدورن ۽ پورهيتن جي ذهن کي آزاد ڪن. جدوجهد جي سڀ پاسائين فرض ۽ ذميداريءَ جي ادائگيءَ لاءِ ماڻهوءَ کي پوريءَ طرح تيار رهڻو آهي. اِنهيءَ معنيٰ ۾، هڪ سرگرم انقلابي ڪارڪن فقط ۽ فقط جدلياتي ماديت جي ڄاڻ سان ئي پاڻ کي سچ پچ تيار رکي سگهي ٿو. هيءَ اسان جي فرض جو هڪ لازمي حصو آهي — ۽ اهو ٿيسس اسان کي پورو ڪرڻو آهي جيئن اسين هڪ اهڙو غيرطبقاتي انساني سماج قائم ڪري سگهون، جنهن ۾ سائنس جي ترقيءَ جي اڳيان ڪا به رڪاوٽ باقي نه رهي سگهندي.

---

www.sindhsalamat.com

غلط نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۴۲	۱۳	پوه	پُوهه
۴۴	۲۳	جتهل يا من مهڻائي	جهتل يا سامهڻائي
۴۵	۱۳	استدلائي	استدلالي
۴۸	۲۰	۾	ته
۵۹	آخري	ڏ کي	ڏيکي
۷۳	۱۰	نچير	نيچر
۸۳	۸	۾	ته
۸۵	۱۹	(وقت ۽ مڪان، جاه)	(وقت) ۽ مڪان (جاه)
۱۱۷	۱۳	دوام	مواد
۱۲۱	۱۵	سائنس — مخالف	سائنس - مخالف
۱۲۲	۱۳	طبقو	طريقو
۱۳۹	۷	"هميشه ڪاز رهيا آهن."	(*)
۱۴۴	۱۹	ميڪاڪينيت	ميڪانيت
۱۴۷	۷	ڪجهه پاسي	ڪجهه وقت
۱۵۳	۱۰	فيٽ	فيٽ
″	۲۵	ڏنيون	ڏنيون
۱۶۳	۱۲	Eleaties	Eleatics (**)
۱۷۱	۲۱	۽	ته
۱۸۴	۲۴	موجرد	موجود

www.sindhsalamat.com

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٩٧	٢	اٿين	اڏين
١٩٩	١٤	ڇهڪو	ڇڪهو
٢٠٥	٢١	طفيل	طفيل،
٢٠٦	١	جو ڪڙو- ڪڙي	جو، ڪڙو- ڪڙي
٢٠٧	١	شهن، جي	شهن جي،
٢١٠	٢٤	مطلق جهالت	مطلق جهالت،
٢١١	٣	مطلق علم	مطلق علم،
٢١١	٤	سڀ سائنس	سڀ سائنس،
٢١٨	٢	ٽبديل	تبديل
٢٢٢	١٤	ختم	ختم
٢٤٧	٩	آڻي،	آڻي،
٢٤٧	١٤-١٥	پيداوار جي بن حصن ۾ ورهاست — زراعت ۽ دستڪاريءَ —	(**)
٢٥١	٢٥	سڪهن	سکهجن

(*) لفظن جي هيءَ ترڪيب جملي ۾ هڪ پيرو پڙهبي.

(**) ٦-٥ صدي ق.م ۾ ڏکڻ اٽليءَ جي شهر ايليا (Elea) ۾ يوناني فلسفي جي تصوريت جو هڪ قديم مڪتب موجود هو، جنهن جا مک ترجمان زينوفينس، پرمينائيڊس، خود ايليا جو زينو ۽ ٻيا هئا، جن جي تعليم هئي ته وجود حقيقيءَ جو جوهر ناقابل تبديل هو، انهيءَ ڪري ظاهري سڀ تبديليون سڀ ڏسڻ جو وهم ۽ ماياڻي ڏيک هو.

www.sindhsalamat.com